

جي تند برابر توريان



شيخ اياز



جي تند برابر توريان

ليکڪ
شيخ اياز

سهيڙيندڙ
ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو

سنڌ ادبي اڪيڊمي ڪراچي

سؤ سرِن پائي، جي تند برابر توربان،
اُتل اوڏانهين ٽئي، جيڏانهن پيجل پرائي.
(شاهه)

جي تند برابر توريان

جملي حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: جي تند برابر توريان
ليکڪ: شيخ اياز
مرتب: ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو
ڪتاب نمبر: ۷
ڇاڻيتو: پنج سؤ
ڇپائيءَ جو سال: نومبر ۱۹۹۸ع
ڪمپوزرس: پيس ڪمپوزرس - ڪراچي
ڇپائيندڙ: سنڌ ادبي اڪيڊمي
۵۴۲-سي، سينٽرل ڪمرشل ايريا
پي. اي. سي. ايڇ. ايس، ڪراچي.
ڇاپيندڙ: الجنت پريس ڪراچي
فون: 7773380 - 7771320
قيمت: 100 رپيا

SINDH ADABI ACADEMY

ترتيب

پيش لفظ	ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو	۷
بي چين اڏما	جمال ابڙو	۱۰
خيال احساس اُمنگ	شيخ ايار	۱۱
لفظن جا هار پوئيندڙ ليکڪ	ستار	۱۴
ڪهاڻيءَ جي تواريخ	شيخ ايار	۴۲
سنڌيءَ جو بنيادي ڪهاڻيڪار	ڊاڪٽر قاضي خادم	۵۲

شانتا	۵۹
رفيق	۶۴
ڪلٽي	۶۹
ڪارو رنگ	۷۴
سهڻي سير ۾	۷۹
نوران	۸۱
پهريون ۽ پويون خط	۸۷
پروچڪي رت	۹۰
هڪ شمع ۽ پروانا	۹۶
هي هاري	۱۰۰
جي تند برابر توريان	۱۰۵
چار ايڪڙ ٻني	۱۱۵
رولو	۱۲۱
شرابي	۱۲۷

نظيران	۱۳۲
سفيد وحشي	۱۳۷
واچ جا ڪانڊا	۱۴۳
پاڙيسري	۱۴۷
هي شاعر	۱۵۳
مسافر مڪراني	۱۵۷
پنهل ڪان پوءِ	۱۶۱
مشير نامو	۱۷۷
موتي آءُ	۱۷۹
اسان جي سنڌ	۱۸۴

پيش لفظ

سنڌي ٻوليءَ جي ادب ۾ ڪهاڻي يا افساني جو حقيقت نگاريءَ وارو دؤر "سنڌو" رسالي جي اجراءَ کان پوءِ شروع ٿيو، جو اڳتي هلي سن ۱۹۳۷ع کان ۱۹۴۷ع واري ڏهاڪي ۾ ترقيءَ جون منزلون طئ ڪرڻ لڳو. سنڌي ڪهاڻي يا افسانو نہ رڳو هيئت، فني تجربي، فڪري وشالتا، ٻوليءَ ۽ جمالياتي لحاظ کان خوبصورت ٿي پاڻ ۾ پرو ٻڌيو، ۽ پنهنجي وجود ۾ سماج جا سور ۽ ماحول جا مامرا به سمائڻ لڳو. ڪهاڻيڪار ۽ افسانہ نگار نون کان نون سماجي موضوعن ڏانهن راغب ٿيڻ لڳا. سندن مرغوب موضوع سماج هو، جنهن ۾ ٿيندڙ ناانصافي ۽ پرماريت خلاف قلمي جهاد ۽ جدوجهد ڪرڻ سندن اولين مول هو. گهڻن سماجي مسئلن تي مبني موضوعن کي ٿوري عرصي ۾ سميٽي سنڌي ڪهاڻي/ افسانو نہ رڳو ادبي حلقن لاءِ رغبت جو موضوع ۽ باعث بڻي، پر عام پڙهندڙ جي مطالعي تائين به رسائي حاصل ڪري ويئي ڇو تہ ان دؤر تي نگاهہ وجهبي تہ معلوم ٿيندو تہ عام جنتا ۽ پڙهندڙ طبقو ناٽڪ منڊيلن ۽ ناولن ڏانهن اڪيون موهڙ ڪريو ويٺو هو، جنهن کي ڪهاڻي ڪَرُ ڪٿي پاڻ ڏانهن متوجهہ ڪرايو. "پنج" (عثمان علي انصاري)، "سرد آهون" (گوبند پنجابي)، "سنڌي ڪهاڻيون" (ٻهاري لال چاهڙيا) ۽ "اسانجي سنڌ" (شيخ ايياز) جهڙن ڪهاڻين جي مجموعن هڪ دم پنهنجو اثر ظاهر ڪري ڪايا پلٽ ڪري ڇڏڻ وارو ڪم ڪري ڏيکاريو. جيڪا ٿوري گهڻي تشنگي باقي رهي، تنهن کي "سنڌو" رسالي پورو ڪيو. ڇٻيڙام وليجا جي "سريت جو خون"، شيخ جي ايياز جي "ٻروچڪي رت"، بي. ڊي. هيرانندانيءَ جي "شاعر جي جائداد" سڳن آهوجا جي "ٻهار ۽ بنگال" ۽ ڪرشن هميراجاڻي جي "عمدو دان" جهڙيون ڪهاڻيون "سنڌو"

جي صفحن جي ڪنڊن تي اپريون. "سنڌو" جو آخري پرچو (جولاءِ-آگسٽ ۱۹۴۷ع) "خاص ڪهاڻي نمبر" ٿي نڪتو. جنهن ۾ بولچند آشا، ماڏو آچاريه، جيوت لالواڻي ۽ موتي چابڙيا جون بهترين ڪهاڻيون ڇپيون.

ان دؤر ۾ ادب ۾ نوان لاڙا رونما ٿيا. حقيقت نگاري، جدت پسنديءِ ۽ ترقي پسنديءَ جي روپ ۾ سامهون اچڻ لڳي ۽ ليڪڪ ادب براءِ ادب جي نظريي کان بغاوت ڪري. ادب کي زندگي جو آئينو ڄاڻي هڪ تحريڪ ٿي اپريا ۽ اٿيا جو ادب جي افق تي سج جيان چمڪڻ لڳا. ٿوري عرصي اندر شيخ اياز جي ڪهاڻين جو مجموعو "سفيد وحشي" منظر عام تي آيو. جنهن نندڙي شعور جي ڳنڍڙي، ڪيترن جا ڪاپاٽ کولي ڇڏيا. ادب جي ان "ترقي پسند تحريڪ" جي عمل اچان وک ئي مس ڪنئي تہ ہ قومي نظريي تحت ملڪي نقشي ۾ ڏار پيو. نتيجي ۾ هندستان ۽ پاڪستان وجود ۾ آيا. پاڪستان قائم ٿيڻ سبب سنڌ جا سنڌي هندو اديب پنهنجي جيجل جنم پوميءَ تان اباڻا ڪک ۽ پرين جا پد ڇڏي جلا وطن ٿيا. ٻولي ۽ ادب جي ترقي ٻيهي ويئي. لڏ پلاڻ ۽ افراتفريءَ سبب ادبي دنيا ۾ راکاس گهمي ويو ۽ پنج- ڇهه سال ساندهه تخليق جو عمل تکڙو ٿي نہ سگهيو. ان علمي، ادبي ماڻار کي محسوس ڪندي، اهي ئي نئين نظريي جا علمبردار اديب اڳتي وڌيا. "باغي آهيان، باغي آهيان تنهنجو آءُ سماج!" جا نعرا هٺندا، نوان نيارا رستا ولي اڳتي وڌيا. ان وقت اهڙو ڪوبہ سرڪاري ادارو ڪونہ هو، جو ادب جي سرپرستي ڪري سگهي. ان کوٽ کي پورو ڪرڻ لاءِ "اڳتي قدم" پبليڪيشن شڪارپور ۽ "حبيب پبليڪيشن" سکر جهڙا خانگي ادارا وجود ۾ آيا. جي پنهنجي مدد پاڻ جي اصول تي منقطع ٿيل ادبي اشاعتي سلسلي کي ڳنڍي اڳتي وڌائڻ لڳا. شڪارپور مان "اڳتي قدم" نالي ماهوار رسالو جاري ٿيو. جنهن عمومي طور تي ادب جي هر هڪ صنف ۽ خصوصي طور ڪهاڻي يا افساني کي تقويت ڏني. "حبيب پبليڪيشن" سکر پاران وري ڪتابن ڇپائڻ جو سلسلو جاري ڪيو ويو. سن ۱۹۸۴ع ۾ شيخ اياز جي ڪهاڻين جو مجموعو "پنهل کان پوءِ" جي نالي سان شايع ٿيو.

شيخ اياز جي مٿين ٻنهي مجموعن ۾ اياز جون منتخب ڪهاڻيون پڙيون ٿيندیون رهيون. انهن ڪهاڻين کان سواءِ هن مختلف ڪتابي سلسلن ۽ "اڳتي

قدر" جي پرچن کان سواءِ "سنڌو" رسالي ۾ به کهاڻيون لکيون. جي نه رڳو اياز جون بهترين کهاڻين آهن، پر سنڌي هوليءَ جي ادب جو به اڻ مٽ سرمايو آهن. اهي کهاڻيون هڪ پيرو ڇپجڻ کان پوءِ وري ٻيهر کوڻ ڇپيون، جو اها مجتا حاصل ڪري سگهن ها يا ادبي تاريخ جي محققن ۽ نقادن آڏو مقام پائي سگهن ها. مون کوشش ڪري شيخ ايار جون اهي سڀئي کهاڻيون هٽ ڪري هن مجموعي ۾ شامل ڪيون آهن.

کهاڻين کان پوءِ ايياس واري پاڳي ۾ ايار جي ترتيب ڏنل ڪتاب اسانجي سنڌ جو پيش لفظ ڏجي ٿو. "اسانجي سنڌ" جو پهريون ڇاپو جون ۱۹۴۷ع ۾ "هندستاني ساهتيه آستان" ڪراچيءَ پاران پڌرو ڪيو ويو هو ۽ ان جو ٻيو ڇاپو اپريل ۱۹۷۲ع ۾ "سهڻي پبليڪيشن" حيدرآباد پاران ڇپائي پڌرو ڪيو ويو هو. ان کان علاوه شيخ ايار جي کهاڻين تي شايع ٿيل تنقيدي مقالن مان محترم ڊاڪٽر قاضي خادم جو مقالو: " شيخ ايار- سنڌي ادب جو بنيادي کهاڻيڪار" ۽ محترم ستار پيرزادي جو مقالو: "لفظن جا هار پوئيندڙ ليکڪ" سندن ٿورن سان شايع ڪجن ٿا.

آخر ۾ محترم ستار پيرزادي جا ٿورا مڃان ٿو، جنهن "سنڌ ادبي اڪيڊمي" ڪراچيءَ پاران هن ڪتاب جي اشاعت ۾ خاص دلچسپي ورتي ۽ مسودي لاءِ گهٽو وقت اوسيڙو ڪيو. گڏوگڏ سنڌ جي عظيم شاعر شيخ ايار جو احسان مند آهيان، جنهن پنهنجي هن املهه کهاڻين جي اشاعت جي ڪلي دل سان اجازت عنايت ڪئي ۽ ڪتاب نظر مان ڪيو ۽ اکر لکيائون.

اميد اٿم ته اسانجي محنت پڙهندڙن آڏو مان لهندي.

ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو

اعوان محلو شڪارپور
تاريخ ۲۲ جنوري ۱۹۹۷ع

بي چين اڏما

شيخ اياز جهڙي وڏي اديب، اسڪالر، شاعر ۽ فلسفيءَ تي ڪجهه لکڻ لاءِ به ايڏي لياقت ۽ اهليت کپي ٿي، جيترو هو پاڻ عظيم هو. مان ته سندس پيرن جي نشان مثل به نه آهيان. محترم عبدالستار پيرزادي مون تي اهو بار رکيو ته مان شيخ صاحب جي ڪهاڻين متعلق ڪجهه لکان. شيخ صاحب جيترو عظيم شاعر هئو، اوترو ئي عظيم نثر نويس به هئو. سندس نثر ۾ به سندس شاعريءَ واري جهلڪ نظر ايندي. حقيقت ۾ سندس نثر به شاعريءَ جهڙو آهي، اهوئي سوزوگداز اهائي نفاست ۽ لطيف جذبا ۽ اهيئي منظر بندشون، محاورا ۽ نفيس جذبا، بي چين اڏما.

سندس عظيم شاعريءَ جي ڪري، سندس افسانه نويسيءَ وارو پهلو، ماڻهن کان اوجهل رهيو. مون کي موجوده دؤر جي ڪهاڻيءَ جو ابو سمجهيو يا سڏيو وڃي ٿو. حقيقت ۾ اهو سهرو به شيخ اياز تي آهي. مون ڪاليج وارن ڏينهن ۾ 1941ع کان 1947ع دوران سندس ڪهاڻيون، "سفيد وحشي"، "ڪلٽي"، وغيره پڙهيون جن مون تي اهڙا اٽمٽ نقش ڇڏيا جو اڄ تائين، اڌ صدي گذرڻ بعد به نه مٽيا آهن.

اياز جهڙو پاڻ نفيس، مخلص، هڏوڪي ۽ گوندر ڪڍيو هئو، اهڙائي سندس جذبا لطيف، نفيس ۽ اخلاص سان ڀرپور آهن. شاباس هجي سندس مداحن کي جو سندس ڪهاڻين جو مجموعو ڇپائين پيا، پاڻ پڙهي ڏسو، پاڻ ئي فتويٰ ڏيو.

منهنجيون سڀ ڪهاڻيون، اياز جو هڪڙو "مشير نامو."

جمال ابڙو

70/1 فيز-5
خيابانِ بادبان
ڊي.ايڇ.اي ڪراچي
24 فيبروري 1998ع

خيال احساس اُمنگ

مان نہ پاکستاني آهيان، نہ اکنڊ هندستاني، نہ سماج جي سطحي رسم ۽ رواج جو پابند، نہ انقلابي طبقي جي اجائي جوش سان شامل، نہ ساهتيہ جي جهوني، يکرنگي تصوير جو قائل، نہ ڏونگي ترقي پسندن جي جنسي (Sexual) اگهاڙپ جو مشتاق.

منهنجي راهہ الگ آهي، منهنجو سياسي ۽ سماجي تصور علحدو آهي، منهنجا خيال ۽ احساس، امنگ ۽ اُڏما هر ڪنهن رڪاوٽ کي ٽڪرائيندا پنهنجو رستو تلاش ڪندا آهن ۽ جي اها نہ هٿندي آهي تہ منهن جي بغاوت ہہ رتيون زور ٿي ويندي آهي پوءِ اها رڪاوٽ سماج هجي يا سياسي طاقت، مذهب هجي يا رسمون روايتون، ترقي پسند يا غير ترقي پسند.

سنڌي اديب ۽ شاعر، ساهتڪار ۽ ڪلاڪار جڏ تہ غير سنڌي آهي. هو سنڌي وايو منڊل، تهذيب، رهٽي ڪرٽي، ٻول چال، اُٺ ويهہ، ريتن رسمن، خامين خوبين کان ہہ غير واقف آهن يا تہ نفرت ڪن ٿا. ڪائي ہہ سنڌي ڪهاڻي ڪٿو لکندو ۽ مهارشٽرا ۽ بينگال جي پس منظر ۾ نظر ايندي. ايتري قدر جو اداڪارن جا نالا ہہ سنڌي ناهن. مون اها ڪمي پوري ڪئي آهي. منهنجي نظر ۾ سنڌي هڪ جدا قوم آهن. سندن زندگي، سيپيتا، روايتون، ٻولي، نالا، مطلب تہ سيڪجهہ هندستان جي ٻين پرڳڻن کان علحدو آهي. جي ساهتيہ تي اثر آهي ٻاهرين ماحول جو، ليڪڪ جي اندرين جذبن ۽ احساسن تي، تہ سنڌ جو ادب ہہ هڪ خاص شخصيت رکندو، هڪ خاص رنگ ۽ ادا جو مالڪ ٿيندو ۽ جي اُها خصوصيت ۽ رنگ ڪنهن ڪهاڻيءَ ۾ نہ هوندي تہ اها ڪهاڻي ڪانو جڏن مور جي رفتار ڏسي پنهنجي چال وساري ويهڻ جي مثال ٿيندي.

هن ڪتاب جو مضمون رولو (جو ڪهاڻي نہ ہہ چئجي) سنڌ جي انهيءَ محبت سان پر آهي. سندم اداڪار "رولو" پنهنجي وطن جي ڪنڊ

کڙڇ سان دلچسپي رکي ٿو، سندس نظر تنگ يا محدود نہ آهي، پر ان حب الوطنيءَ جي جذبي جي پيدائش آهي، جو ڏسي رهيو آهي تہ مادرِ وطن هڪ ڦير گهير جي دؤر مان لنگهي رهي آهي ۽ ممڪن آهي تہ ان ڦير گهير ۾ سندس شخصيت باقي نہ رهي، سندس هولي هندي ۽ اردوءَ جي جهڳڙي ۾ ناحق ناس ٿي وڃي، سندس سرسبز ڪيت، پاڪستان هندستان جي سوال تي پنجابين بهارين جو نڏرانو ٿي وڃن.

سنڌ ۾ رايل انڊين نيوي جو مظاهرو ۽ قرباني هندستان جي ايندڙ انقلاب جو شروعاتي قدم هيو.سنڌ کي فخر آهي تہ غير جي چنبي مان پاڻ ڇڏائڻ لاءِ پهريون ڦٽڪو سنڌين کاڏو آهي. جنگ کان پوءِ سنڌي جنتا جي جاڳرتا جو نظارو مون "سفيد وحشيءَ" ۾ ڏيو آهي. عوام سياسي معاملن جي مونجهارن مان نہ ڇاڻي، هن جي سمجهہ سڌي سنئين آهي تہ اسان جي پيٽ تي لت اچي رهي آهي ۽ لڄا لتجي رهي آهي. ان سادي پر سخت بناوتي احساس جي تصوير آهي، "سفيد وحشي."

مون کي افسوس سان لکڻو ٿو پوي تہ منهنجا هندو دوست، مسلمان جي زندگي، سندن مقامي مسئلن، (Local problems)، سندن سماجي پستي، سندن اوڻاين، اوچاين، ڏک سک کي ڪاڻين ۾ نہ ٿا آڻين. مون تہ جيڪا ڪهاڻي ڏني آهي، سا هندن جي ڏيتي ليتي جي مسئلي تي هوندي آهي. آسانند مامتوراءِ ان لاءِ ڪيرون لهٽيون، هن جي ڪهاڻي "ڪاري" سنڌي ساهتيہ ۾ هڪ نئين ڀالهہ هئي. "غفور منشي" (نظيران) سنڌي مسلمان جي هينئين وچولي طبقي (Lower middle class) جي سماجي جيون جو واقعو آهي. اڻ پڙهيل، غريب مسلمان چوڪرين جو عام وکرو ٿي رهيو آهي. روز هڪ نہ ٻي صديقي جي ٻکري پيٽ چڙهائي ٿي وڃي، نہ رڳو اهو، پر عورتن سان حد درجي جي بي رحمي وارو سلوڪ ڪيو ٿو وڃي. عورت کي ٻوهاري ٽانوءَ، ٽپي، مانيءَ نيپاج لاءِ بيدرديءَ سان وهايو وڃي ٿو، سو تہ ڏهيو، پر متن گاهہ بيگاهہ مار موچڙو، ٽڪ لعنت انسان کي ڪيترو نہ انسانيت تان ڪيرائي ٿي، اهو ڏيکاريو آهي مون "غفور مُنشي" جي ڪردار ۾ ۽ اها آهي منهنجي ترقي پسنديٰ

پر.....

ليڪ جي دل جي دنيا سندس باهرين دنيا کان زياده وسيع آهي. سندس ڪائنات کي انت آد نہ آهي، سندن جذبات تي روڪ ٽوڪ نہ آهي، سندس تجربن تي جهل پل نہ آهي. منهنجي جذبن جي رواني منهنجي احساسن جي پٽ، منهنجي ڳوڙهن، گاڏڙ ڪل، منهنجو زندگيءَ جي رڳ رڳ ۾ ڏوڙو، منهنجو انسان جي اچيت (Un conscious) خيالن جو ڇيڙ، منهنجو ڪائنات جو تصور ڪٽي ڪٽي مون کي پنهنجي ترقي پسند همعصرن (Contemporaries) کان گهٽو اڳتي ڪيو وجي ٿو (ڪوئي به ڇئي سگهي ٿو ته پوئتي ڇڏي وجي ٿو.)

منهنجون باقي به ڪهاڻيون "ڪارو رنگ" ۽ "شرابي" ان ادب جو مثال آهي، جنهن کي يورپ ۾ سوريئلزم (Surrealism) يا "حقيقت کان دوري" چيو وجي ٿو.

شرابي هڪ غير معمولي شخصيت جي سياءَ جي ترجماني آهي. دنيا جي "اونده جو ڳولائو ۽ روشنيءَ جو ياڃوڪڙ."

"ڪارو رنگ" هڪ ڪهڙ معمولي (Sub normal) انسان جي طبيعت جي ڦير ڳهير جو نہ وسرندڙ احساس آهي. انهيءَ ڪهاڻيءَ کي ڪنهن غير ترقي پسندي، ذهن جي بي معنيٰ قلابازي، وهم جي ميرانجهڙي تصوير ڪوٺيو ته مون کي ڪو عجب نہ لڳندو، پر مون اها لکي آهي، نہ رڳو لکي آهي، پر ڏني آهي ۽ منهنجي شاهديءَ کي ڪوئي روڪي ٽوڪي، جهلي پلي نہ ٿو سگهي، پوءِ اها ترقي پسندي هجي يا غير ترقي پسندي.

مان پنهنجي بيان، ٻولي، محاوري تي ڪجهه لکڻ نہ ٿو چاهيان. اها ڪمي ٻيا پوري ڪندا، پر انهن ۾ خامي آهي يا خوبي، پستي يا بلندي، اجائي نوائي يا سجائي سجاڪي، گهڙ ۾ گهڙ مون کي ايترو فخر آهي ته مون سنڌ اڳيان سنڌي ڪهاڻيون رکيون آهن.

شيخ اياز

ستار پيرزادو

لفظن جا هار پوئيندڙ ليکڪ

سنڌي ادب، هن وقت جنهن دورمان گذري رهيو آهي، يا سنڌي ادب، اڄ جنهن مقام تي پهتو آهي، ان مقام تي پهچائڻ وارن جي هڪ وڏي ڪيپ آهي، جنهن پنهنجي ذات، ڏاڻ، فني فڪر، دانشمندي ۽ سياسي مثبت خيالن جي ڪري، ادب کي ڪهني فڪر مان ڪڍي، سنواري سڌاري، اسان تائين پهچايو آهي، انهن ۾ ڪيترن ئي اديبن، شاعرن، دانشورن، مفڪرن ۽ محققن، پنهنجي پوريءَ سگهه سان جاکوڙ ڪئي آهي. انهن دانشورن جي، سنڌ ۽ سنڌي عوام ۽ سنڌي ٻوليءَ تي گهري نظر هئي. هو پنهنجي ڄاڻ مطابق، سنڌ جي مسئلن تي گهري ۽ ڳوڙهي سوچ ويچار ڪندڙ، سڌ جا سڃاڻ ۽ هڏ ڏوکي آهن. جن پنهنجي پنهنجي فڪر ۽ ڄاڻ کي عام ماڻهوءَ تائين نه صرف جيئن جو تيئن پهچايو آهي. پر ڪافي جاين تي سندن سياسي رهنمائي پڻ ڪئي آهي، ڪين پنهنجي مسئلن کان آگاهه ڀئي ڪيو آهي ۽ مسئلن جي حل لاءِ مثبت واٽون پڻ ڏسيون آهن.

اهڙن گهٽگهرن اديبن، شاعرن، دانشورن ۽ محققن جي هڪ ڊگهي قطار آهي ۽ ان قطار ۾ اڄ ڪلهه نمايان طور نظر ايندڙ شخص محترم شيخ ايياز آهي. جنهن پنهنجي ذهني، مطالعاتي، مشاهداتي ۽ قلم جي حاصلات سان سنڌي ٻوليءَ جي جهوليءَ ۾ ڪيئي گوهر وجهي سنڌي ٻوليءَ کي مالا مال ڪري ڇڏيو آهي. سندس هر لکڻي، ادب ۽ فن، فڪر ۽ مسئلي تي گهري نظر جي شهڪار هوندي آهي. پوءِ اها شاعريءَ جي ڪائي صنف هجي، ڪهاڻي هجي، مضمون يا مقالو هجي يا ڪٽي سندس ذهن جي تهه خانن مان هرڻي جيان ڇال ڏيندڙ کي يادون هجن. هن جنهن ۾ صنف تي قلم کنيو، ان سان ڀرپور نباهه ڪيو. سندس هر لکڻيءَ ۾ جيڪڏهن تاجي فن آهي ته پيڙي ۾ فڪر ۽ مسئلي جي گهرائي ۽ ان جا کي حل شامل ضرور هوندا آهن.

هو جڏهن نثر جي صنف کهاڻيءَ تي لکڻ ويهي ٿو تہ "پنهل کانپوءَ" جهڙو شاهکار جڙي راس ٿئي ٿو. جنهن ۾ جتي "کلثي" جو کردار آهي تہ اتي "سفيد وحشيءَ" ۾ صديق مهاڻي جوکردار ب آهي. جتي "مسافر مکرانيءَ" جو کردار آهي، اتي "هي شاعر." جو کردار، ان دؤر جي شاعرن جي حالت جي عڪاسي ٿو ڪري. آءٌ سندس انهيءَ ڪتاب جو اپياس پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس ۽ دوستن کي شيخ اياز جي لفظن ۾ ڪيل عڪاسيءَ جي ٿوري جهلڪ ڏيکاريندس. هن کهاڻين بابت شيخ اياز، پنهنجي ليکي لکي ٿو تہ: "مان هن وقت انهن کهاڻين کي کائي اهميت نہ ٿو ڏيان، ڇو تہ اهي منهنجي ادبي زندگيءَ جي ان دؤر جون لکيل آهن، جڏهن مون نثر ۾ لکڻ جي ابتدا ڪئي هئي." اڳتي لکي ٿو تہ: "ممڪن آهي تہ انهن جو مطالعو منهن جي ذهني ۽ ادبي اوسر جي جائزي ۾ مدد گار ثابت ٿئي."

"پنهل کانپوءَ" ڪتاب جي پهرين کهاڻي، "نوران" آهي. هن کهاڻيءَ ۾ ٽي مکيہ ڪردار آهن، جن تي کهاڻي ڦري آهي، جيڪا سڄي بيانيا انداز ۾ لکي وئي آهي. شيخ اياز هونءَ تہ لفظن جو صراف آهي. موتين جهڙا لفظ، مالهائن ۾ پوئڻ جو ڏانءُ، هن وٽ ڇڻ ڏنگ آهي. هيءَ کهاڻي بن نوجوانن امنگن جي کهاڻي آهي. جهن وٽ محرومين جا مڙ مقدر ۾ لکيل آهن، رضيہ چاهيندي ب عزيز جي بڇجي نہ سگهي ۽ عزيز جي من جي مراد کڏهن ب پوري نہ ٿي سگهي. هن بيانيا جملا ڪيڏا نہ تز ۽ دل تي اثر ڪندڙ، حقيقت تي مبني ڪتب آهن. هڪ هنڌ لکي ٿو. "پيار ٻنڌڻن ۾ نہ ٻڌبو آهي. دنيوي رسم رواج بن دلين جي وچ ۾ ديوارون کڙيون ڪندا آهن، پر پيار جهل پل نہ ڏيندو آهي. ان تي ڪائي روک ٽوک نہ آهي."

سندس مرداڻي ذهنيت جي مشاهدي جي پرک ۽ عورت جي عورت پڻي ۾، ماءُ بڇڙ جي تمنا جو ڪهڙي نہ پياري ريت اظهار ڪيو اٿس تہ: "ائين ڇو آهي تہ مرد شاديءَ جي برخلاف هوندا آهن ۽ عورت شاديءَ جي فائدي ۾ مرد پؤنر وانگر هوندا آهن ۽ گل گل جو واس وٺي رمندا رهندا آهن ۽ عورتون چاهيندیون آهن..... الائي جي ڇاڇا چاهيندیون آهن."

ان ٽي کهاڻي ۾ عورت جي فطرت کي ذهن ۾ رکي، جيڪا تشبيہ عورت لاءِ چونڊي اٿس، اها کيڏي نہ دل ڪش آهي تہ: "سڀ عورتون گهريتڙيون ٿيندیون آهن." هن کهاڻيءَ ۾ ب سنڌ جي روايتي ماحول مطابق عزيز، رضيہ سان بيحد چاهت هوندي ب ڪيس ماڻي نہ ٿو سگهي پر هن ۾ "اياز" هڪ نواڻ اها تخليق ڪئي آهي تہ نوران، جا اڳ عزيز کي چيئپيندي هئي، اها اسلم جي اچڻ کري، عزيز ڏانهن رويو نرم ڪري وئي. اسلم جي رضيہ سان شاديءَ جي مخالف بڇجي وئي ۽ رضيہ کي سمجهائڻ لڳي تہ: "ترس عزيز موتي ايندو. هن جي روح توسان لاڳون لڳيون آهن. تون هن کان ڪڏهن ب وسري نہ ٿي سگهين." ها نوران کي پڪ هئي ۽ نوران عزيز جي اکين ۾ جو ڪجهہ ڏٺو هو، ان هن جي روح کي ريجهائي وڌو

هو. باقي سامهون ٿ هوءَ روايتي پوڙهي ۽ ماءُ جي حيثيت ۾ رضيہ تي ان طرح پنهنجي وڃائپ جورعب ويهاريندي هئي. جيئن ٿ شيخ اياز، بنيادي طور تي شاعر آهي. هن جي سوچ ۾، ذهن ۾، ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾، هميشہ موزو نيت بکندي رهندي آهي. هنجي واتان لفظ، خود بخود موزون ٿيندا نکرندا آهن ۽ جڏهن اهي لفظ سندس قلم جي نوڪ مان روشنيءَ جي ڪرڻن جيان نڪري، پني تي اکيرجي، پڙهندڙ جي سامهون ايندا آهن ٿ انهن لفظن ۾ ساهہ پئجي ويندو آهي. پڙهندڙ ڪيڏي بہ توائي هئڻ ڪري انهن لفظن جي جهرمٽن ۾، لفظن کي پاڻ سان سرگوشيون ڪندي، ڪڏهن وڏي واڪ، ڪڏهن ٽهڪن ۾، ڪڏهن مرڪن ۽ مينڊن ۾، ڪڏهن ڪڏهن لهجي ۾، ٿ ڪڏهن خوشيءَ جي عالم ۾، هن سان مخاطب ٿيندا آهن. سندس لفظن جي روپ ۾ ڪم آندل اشارا، محاورا هر ڪوپاڻ ڏانهن ۽ پنهنجي پاران پائيندو آهي. اهڙي ئي ٻولي، منظر نگاري، اهڙا اشارا ۽ ڪنايا، هن پنهنجي ڪهاڻي "ڪلڻي" ۾ بہ خوب ڪتب آندا آهن، شيخ اياز "ڪلڻي" جو اهڙو ڪردار خلقيو آهي، جيڪو سنڌي ادب ۾ شايد ئي وري تخليق ٿي سگهيو آهي. هيءَ ڪهاڻيءَ جيڪڏهن حقيقت ڪري ڄاڻجي، ٿ ان تي پورو پورو گمان ٿئي ٿو.

"ڪلڻي" جي ڪردار نگاري ڪندي شيخ اياز هن ڪهاڻيءَ جي شروعات ئي ڪيڏن خوبصورت ۽ دل تي گهرو اثر ڪندڙ جملن سان ڪئي آهي. "هن جي سادگيءَ ۾ چالاڪي هئي، چالاڪيءَ ۾ سادگي." اهو جملو پڙهڻ سان ئي ڪهاڻي پڙهڻ جواشتياق وڌي ٿو. ۽ جڏهن، پڙهندڙ اها ڪهاڻي پڙهي ٿو ٿ سندس لفظن ۽ جملن جي جادوءَ ۾ فيِ الحال پاڻ وڃائي، ان ڪلڻيءَ جي ڪل ۾ڪوئجي ٿو وڃي. هن ان ڪلڻي جي ڪل ۾ زندگي ۽ زندهہ دلي سمائي ڇڏي. هوءَ جا هميشہ ڪلندي ئي هئي. هروقت ڪل سندس مڪ ٿ هوندي هئي، ان ڪل جي تعريف ڪندي ڏسو ٿ اياز ڇا ٿو لکي. " هوءَ هميشہ ڪلندي هئي ۽ سندس ڪل ۾ ڇڻ سچي دنيا جي سنگيت سمائجي ويندي هئي. سندس ٽهڪيہ ڇڻ معصوميت ۽ شرارت هٿ ۾ هٿ ڏئي، نچنديون غائب ٿي ويندیون هيون." اهڙي ڪردار سان سچ پچ ٿ هر ڪنهن کي محبت ٿي وڃي ۽ اياز بہ ان کان رهي نہ سگهيو. لکي ٿو: " مان ٿ ساڻس نفرت ڪندو هوس، جو مون کي هن سان محبت هئي ۽ محبت انڪري ڪندو هوس جومون کي هن سان نفرت هئي." جنهن چوڪري جي لڙڪن ۾ بہ ٽهڪ شامل هجن ۽ ٽهڪن۾ لڙڪ، ٿ ڪهڙو ڪافر آهي، جيڪو اهڙي ڪردار تي اکن ڇڪن نہ ٿئي. پر اها ٿ سنڌي معاشري جي بدقسمتي آهي، جنهن ۾ پيار ڪندڙ دليون ورلي ڪو پاڻ ۾ ملنديون آهن.

ڪهاڻي جي پڇاڻيءَ ۾ ان ڪردار کي، اياز جي ٻارڙي جي ماءُ سڏائڻ جي خواهش جا هن جي من ۾ لکل هئي، اها سندس، هن کي، ٻار جي پڻي سڏڻ تي، سندس، منهن لڪائي سڏڪا ٻرڻ مان نمايان ٿيو پوي. اياز لکي ٿوتہ : "اڄ شايد

پهريون پيرو هو، جو ٽهڪ ۽ لڙڪ دوستي ۾ جدا ٿيا هئا. زندگي ڪل جو سهارو ولي نه سگهي هئي ۽ ڳوڙها ان تي قابو پائي ويا هئا. خوشي غم ڪي چميون ڏئي الوداع ڪئي هئي." سندس انهن چرچي طور چيل لفظن ۾ ڏسو ته ڪيڏو نه غم آهي. ڪيڏي نه چاهت آهي، جڏهن هو" مٽائي ڪاراءِ!" ۽ پوءِ وري "هل سجا تون ڇا ڪارائيندين." چئي، ۽ پڇي وڃي ٿي.

انسان ۾ جيڪي خصلتون هونديون آهن، اهي ئي ڪيس ڇڪو يا مٽو بٽائيندڙ آهن. ماڻهو انهن خصلتن جي ڪري ادنيٰ مان اعليٰ ۽ اعليٰ مان ادنيٰ بڻجي ويندو آهي. ظاهري رنگت يا ڏيک ويک ۽ ڊيل ڊول ۾ ڪڏهن متاثر ڪندڙ ضرور ٿيندا آهن، پر عام چوٽي آهي ته : "سهڻا ٿوهه، پٽن تي پيا آهن." " ٿوهه" واقعي ڏسڻ ۾ سهڻو لڳندوآهي، پر ان جو تاثير، ماڻهو جي برداشت کان ٻاهر هوندو آهي. "ڪارو رنگ" ڪهاڻي جو دارو مدار، جڙ ان چوٽيءَ کي واضح ڪرڻ لاءِ لکي وئي آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ هڪ ئي مکيه ڪردار آهي. جنهن جو به "ڪلٽيءَ" جي ڪردار جيان کو به نالو ناهي. هوءَ صرف ڪاري آهي. يا ڪوئل. هن ڪردار سان شيخ ايياز کي تيسين چاهت آهي يا هن جي دل ۾ ڪاريءَ لاءِ، ڪاري رنگ هڻڻ ڪري، ڪنهن به قسم جي نفرت يا ڏڪار ناهي. هن جي خاموشيءَ، هن جي نماڻائي هن جو گهٽ ۾ سريلو ڳالهائڻ ۽ ڳائڻ، ايياز جهري ماڻهوءَ جي من۾ پيهي ٿو وڃي ۽ هن جي ان ڪاري رنگت ۾ به هڪ مخصوص قسم جي خوبصورتي نظر ٿي اچي. لکي ٿو ته: "مان هن کي خوبصورت سمجهندو هوس. اهو چئي نه ٿو سگهان ته هن جي خاموشيءَ ۾ خوبصورتي هئي يا خوبصورتي ۾ خاموشي. پوءِ پل ته پوري دنيا ڪيس بدصورت سمجهندي هجي." هر من، هر انسان جي مت نرالي ٿيندي آهي. اسان جي سنڌ جي معاشري مطابق، اها ئي عورت، جنهن لاءِ شيخ ايياز خوبصورت لکي آيو آهي، پر اها ئي عورت جڏهن معاشري ۾ اخلاق جي بلنديءَ تان ڪري ٿي ۽ خاموشيءَ ۽ سانتيڪي طبيعت مان بدلجي، ٽهڪ ڏيندڙ، ڏاڍيان ڳالهائيندڙ ۽ تنگ وڃو پهريندڙ هڪ عورت ٿي بنجي، جيڪا پنهنجي خواهشن جي ڪري پاڙي جي ڪنهن مرد سان لاڳاپا رکي ٿي ته ان ئي ڪردار لاءِ ايياز لکي ٿو ته: "هن مون ڏي ڏسي مرڪيو. ڪارو رنگ، پهريون پيرو بدصورت لڳو."

هيءَ ڪهاڻي ايڏي متاثر ڪندڙ ناهي، پوءِ به معاشري جي هڪ برائيءَ کي برائي ڪري ظاهر ڪيو اٿس ۽ اهوڃاڻائڻ ۾ ڪامياب ويو آهي ته صورت ئي سڀ ڪجهه ناهي، پر سنڌ ۾ سيرت جو وڏو مان آهي. سنڌ ۾ ايڏا به ڪيترائي ماڻهو اهڙا هوندا، جيڪي جانورن سان پيار ڪندا رهندا آهن، پر شيخ ايياز جو هي ڪردار، جيڪو "شرابي" ۾ چٽيو ويو آهي، انهيءَ کي صرف ۽ صرف هڪ ٻليءَ جي پونگڙي سان ئي محبت آهي ۽ ٻي ٻي جان شراب سان، جنهن لاءِ لکي ٿو ته: " هو پئيندو هوته جيئندو هوته ته سندس زندگي موت جيئن خاموش هوندي هئي." عجيب قسم جو ڪردار آهي، جنهن کي هونءَ زندگي جي هر خوبصورتيءَ سان

کو لڳاءُ ناهي. ڪنهن ۾ مائل ڪرڻ واري شيءَ کان ونءُ ٿو وڃي. پر اهوئي ڪردار جڏهن شراب پي ڏت ٿو ٿئي ته ڪيس گيت جا ٻول، سنگيت جا سر ۽ عورت جو حسن پاڻ ڏانهن ڇڪي ٿو. اها سندس لاشعوري ڇڪ چئجي يا شراب جي نشي ۾ بي هوشيءَ جي حالت ۾ هو بي قابو ٿي عجيب حرڪتون ڪندو آهي.

هونءَ ته سندس زندگي صرف ٻن شين جي چوڳرد ڦرندي هئي پر جڏهن هو پي، ڪنهن خماريل ڪيپ ۾ اچي ويندو ته:" سندس دل ٿيندي هئي ته وڃي سمنڊ جي ڪناري تي ڊوڙو پايان. صبح جو پوئين رنگ جي جهلڪ ڇني ونان، جهولان، لهرايان ۽ ناچ ڪريان." شراب ۾ اها ڪهڙي ڪيفيت هئي جا، هن جي من ۾ ڪر ڪٽندي هئي؛ جو هو پنهنجي حقيقي زندگيءَ ڏانهن موٽي ايندو هو. ڪيس شراب خانا خراب کان وڌيڪ هيءَ انياءُ واري دنيا، نا انصافيءَ واري دنيا ۽ بد انتظاميءَ واري دنيا خراب لڳندي هئي.

ڪهاڻيءَ جو اهو ڪردار، جنهن کي دنيا ۾ هليءَ جي پونگڙي ۽ شراب کانسواءِ ڪنهن سان ۾ دلچسپي نه هئي، ان ۾ اچانڪ شراب جو واهپو ڳهتائڻ جو خيال اچي ويو. بنا ڪنهن اهڙي اتفاق جي، بنا ڪنهن اهڙي سوچ جي، جو هو شراب مان جند ڇڏائڻ لاءِ آماده ٿي ويو. جڏهن ته هن جي آس پاس ٻيو اهڙوڪو ۾ ڪردار ايارين ٿي نه ويو آهي، جنهن جي ڪري هن شراب پيئڻ کان پاسوڪيو ۽ آهستي آهستي شراب جو واهپو ڳهتائيندو ويو. هڪ بوتل، چار پيگ، ۾ پيگ، هڪ پيگ ۽ پوءِ ڪيس دنيا ۾ حسن، شعر ۽ فن ۾ خوبصورتي محسوس ٿيڻ لڳي. ان ڳالهه جو ڪو ۾، اڻ لکو ۾، ڪو حوالو نه آيو آهي. وري، اهو ڪردار، جنهن کي پاڻ کان وڌيڪ هليءَ جي پونگڙي جي اون هجي ۽ ان کي ڦٽيل ۽ رتو رت ٿيل ڏسي، هن ڪو ۾ رد عمل جو اظهار ۾ نه ڪيو هجي. ڪهاڻي، اچانڪ ٿي پوري ٿيو وڃي ۽ پڙهندڙ جي پياس رهجيو وڃي.

سنڌ ۾ ته ڇا، سڄي اکنڊ پارت ۾، ايا ۾ پوري دنيا ۾، مرد ۽ عورت جو گهر ۾ هلڪو ڦلڪو ۽ ڪڏهن ڪنهين جهيڙو عام مشهور آهي. ان تي سون جو سهاڳو وري اهڙين عورتن سان ڪجهه وڌيڪ ٿي ٿيندو آهي، جيڪي يا ته ڏي وٺ جي حساب سان پرٽيل هجن، يا وري انهن کان وڌ ته جيڪي ننديءَ وهيءَ ۾ ٿي چوريون چنيون ٿي ويون هجن ۽ انهن لاءِ ۾ محشر هوندو آهي، جيڪي ٽڪن تي آيون هجن.

شيخ ايار جي ڪهاڻي "نظيران" جو مکيه ڪردار نظيران، جيتوٽيڪ غفور جي سگ ۾ سوٽ هئي. جنهن سان هو ٻالاپڻ ۾ کيڏيو ۾ هجي. پر جڏهن هو سندس گهر ۾ آئي آهي ته چوري چني ٿيڻ کانپوءِ غفور جي رويي ۾ جيڪا تبدلي آئي آهي، اها آهي وات جي ڪڙائي ۽ هٿ جي ڇوهائي. نظيران جيتوٽيڪ ساڻس بيحد پيار ۾ ڪري ٿي، ان حد تائين جو سندس ٻي وڳي رات تائين بنا کاڌي انتظار ڪندي رهي ٿي. سونهن ۾ ۾ ساڻس ورلي کا برميچي اچي ٿي. ان جي

باوجود ب، غفور جو هن کي مارڻ، ان جو ثبوت آهي ته کيس چوڻ وارو، يا نظيران جي پر ولندڙ، پرجهلو، هن دنيا ۾ باقي نه رهيو آهي. ماڻهوءَ کي، هوش تڏهن ايندو آهي، جڏهن يا ويل ٽري ويندي آهي يا اهو ماڻهو، جنهن سان زيادتيون ڪيون وڃن، اهو دنيا ۾ باقي نه رهندوآهي. غفور کي، نظيران جي ياد، جيءَ ۾ جهوراڻا وجهي ٽي ڇڏي ۽ ان سان ڪيل زيادتين کي ساري، پشيمان ٿيندي، سوچي ٿو ته ٿو: " جيڪڏهن هاڻ نظيران هجي ته کيس اصل نه ماريان." پر وقت سندس هٿن مان وڃي چڪو هو، هاڻ گهڻي دير ٿي چڪي هئي. هيءَ ڪهاڻيءَ ب بيانيا انداز ۾، ٽردپرسن ۾، لکيل آهي. غفور جهڙا ڪردار، اڄ ب جيئرا جاڳندا اسان وٽ موجود آهن. جيڪي پنهنجي ڪيل زيادتيءَ جو ان وقت، ڪو نه ڪو جواز ڳولي ولندا آهن ۽ پڇتائيندا تڏهن آهن، جڏهن نظيران جهڙا ڪردار، سندس زيادتيون برداشت ڪري، ڪائنڊ دور دور، ايترو دور هليا ويندا آهن، جو سندن خيال ب اوستائين پهچي نه سگهندو آهي. هر ظلم ۽ زيادتيءَ جو انت، پڇتاءُ تي ٿيندو آهي ۽ آخر غفور ب پنهنجي زيادتي ۽ نظيران کي ياد ڪري چوي ٿو ته: "نظيران جي سونهن ته نهيو، پر سياڻ ته ڏسا ويچاري ب سڏ ڪا ڀري، نڪ سٽڪي، ڪم ڪار ۾ لڳي ويندي هئي." ڇاڪاڻ جو هن جو ڪوئي پرجهلو هن دنيا ۾ باقي نه رهيو هو.

ايان لفظن جو جادوگر آهي. هن وٽ لفظ قطار در قطار، سندس قلم رستي، پني تي لکبا آهن ته ذهن ۾ هلچل مچائي ڏيندا آهن. دلين کي گرمائي ڇڏيندا آهن ۽ جسمن ۾ هڪ نئون ساهه ڦوڪي ڇڏيندا آهن. سندس تشبيهون تز، ٽهڪندڙ، وقتائتيون ۽ ڪردارن سان جوڙ ڪائيندڙ هوندڀون آهن. سندس هيءُ تشبيهه ته ڏسو: "جيئن لنگر ٻيڙيءَ مان اڇلبو آهي ۽ وڃي واريءَ ۾ڪپندو آهي، تيئن گلان سندس دل ۾ ڪپي وئي هئي." "سفيد وحشي" ڪهاڻي، ان دؤر جي ڪهاڻيءَ آهي، جڏهن انگريزن جي خلاف هندستان جي عوام ۾ نفرت، پنهنجي چوٽيءَ ڏانهن وڌي رهي هئي. اها نفرت جي باهه هوريان هوريان، پڙهيل ۽ چسن ماڻهن جي دلين ڏانهن منتقل ٿيندي ٽي وئي. پهرين ٿيندڙ زيادتين جو ايترو نوٽيس ورتو ئي نه ويندو هو، جيترو پوءِ ورتو وڃڻ لڳو. ماڻهوءَ کي جيسين خبر نه هوندي، تيسين هو گهٽو ڪجهه برداشت ڪندو آهي، پر جڏهن کيس اها هاڻ پُڄي وڃي ته هاڻ ساڻس زيادتي ٽي رهي آهي ته پوءِ، سندس رت ۾ ولوڙ پوڻ شروع ٿيندي آهي.

هن ڪهاڻيءَ جو مکيه ڪردار، صديق ب جيسين اڻ هاڻ هو، تيسين صرف حسن جي ادائن ۾ ڪويل هو. ڪيس گلان، ڪنهن نندي سرمئي مڇيءَ جيان، چلڪندڙ ۽ لڇڪندڙ محسوس ٿيندي هئي ۽ هو ان کي پائي، پنهنجي دنيا آباد ڪرڻ گهرندو هو ۽ کيس گلان سان گهرائي، هنجي تنهائي پسند طبيعت مان اباٽڪائي ۽ اڪيلائيءَ جي احساس کي ڀڃائي ڇڏيو ۽ هو پوءِ پنهنجي نئين نسل لاءِ سوچڻ تي مجبور ٿيو.

اچانڪ هن کان هڪ وڏو ڏوهه سرزد ٿيو ۽ ان جو جواز هن جي سامهون

جڙي آيو. جنهن جي لاءِ هو جاڳندي خواب ڏسندو هو. جنهن سان هن پنهنجي زندگي گذارڻ جو پڪو پهه ڪيو هو. جنهن جي هر ادا هن جي من جي گهراين ۾ پيهي وئي هئي. انهيءَ کي پنهنجي اکين سان، ٻين جي هٿ وڪجندو ڏسي، هن جي غيرت پڙڪا ڏئي، ڇيون ڪري هن کي ساڙي پسم ڪري ڇڏيو ۽ هو بي اختيار چاقوءَ جا وار ڪري هڪ گوري سپاهيءَ کي ڪيرائي ٽو رکي. ڪيس اها باهه ان ڪري بہ شدت سان وکوڙي وئي جو هو ايجا ان مهل عيد گاهه ميدان ۾ گورن خلاف نفرت پريل نعرا ۽ سندن زيادتين بابت تقريرون ٻڌي موٽيو هو.

ان نفرت سان گڏوگڏ هيءَ کهاڻيءَ ان دور جي اقتصادي حالت ڏانهن پڻ اشاروکري ٿي. گلان جو پيءُ کلفٽن تي کوڏ وکٽندو آهي ۽ چار اٺ آنا کمائيندو آهي. انهن مان ٽن ياتين جوکهڙو گذر ٿيندو هوندو. انهيءَ پيٽ جي دوزخ کي اجهائڻ جي لاءِ نہ ڄاڻ ڪيتريون گلان، گورن جي وحشت جي ور چڙهيون هونديون، صرف پنجن رپين ڏهن رپين جي عيوض، هيءَ کهاڻي ان دؤر جي تاريخ جو هڪ باب آهي. هيءَ کهاڻي نفرت ۽ محبت جو ميلاپ آهي.

"واچ جا کانتا" ٻن پيار ڪندڙ دلين جو داستان آهي. ان ۾ ڪو بہ شڪ ناهي تہ عشق انڌو ٿيندو آهي. محبت ۾ گهٽو ڪجهه جائز ٻڌايو ويو آهي. هن کهاڻيءَ جو پلاٽ حقيقت ۾ ان ئي محبت تي ٻڌل آهي. تمام گهٽ پگهاردار ڪلارڪ جي کهاڻي، جيڪو پنهنجي محبت ۾ رت جا رشتا، جيڪي اٽوٽ رشتا ٿيندا آهن. جن لاءِ چيو ويو آهي تہ رت دانگيءَ تي بہ ورندو آهي. پر نظير، عجيب قسم جو ڪردار آهي، جيڪو پنهنجي محبت ۽ پيار تي پيءُ ماءُ ۽ پيٽ جهڙا رشتا بہ ڇڏڻ لاءِ سوچي ٿو. ايملي، پل تہ ڪرستان آهي، پوءِ بہ هو پنهنجي سيڪيولر خيالن جي آڌار، ان سان پنهنجي زندگي وابستہ ڪرڻ لاءِ ڪوشان آهي ۽ پنهنجي خاندان جي غربت جو خيال بہ ذهن تان ميسارڻ جو سوچي ٿو.

عشق ۽ محبت، انسان جو بنيادي حق آهي. انهيءَ کان ڪنهن کي بہ انڪار ناهي، پر ان جو اهو بہ مقصد ناهي تہ انسان پاڻ تي رکيل اخلاقي ۽ معاشرتي حقن کي پٺي ڏئي ڇڏي. انسان کي جن پيدا ڪري هي ڏيهه ڏيکاريو آهي، جن جي رات ڏينهن نندون، سک ڇڏي، هڪ گڏي جيتري پيدا ٿيل ٻار کي، پنهنجي پيٽ تي پٿر رکي پالي، وڏو ڪري ۽ سوچڻ سمجهڻ جي لائق بڻائي. ڇا ان تي ايترو بہ انهن والدين جو حق ناهي تہ کين ٻن ويلن جيترو ڏئي. جيڪڏهن ائين هجي ها تہ پوءِ ڪا بہ ماءُ ۽ دنيا جو ڪو بہ پيءُ، اولاد جي تمنا دل مان ڪڍي ڇڏي. هڪ ڪلارڪ جيڪو نوي رپيا يا ڪيترو بہ ڪمائيندو هجي. اهو سگريٽ ڇڪڻ، چانهه پيئڻ ۽ سئينما ڏسڻ کي، پنهنجو حق ٽو ڄاڻي تہ اهو ڪيئن ٽو وساري ويهي تي ان ماءُ جنهن نو مهينا پنهنجي پيٽ ۾ رکيو هجيس ۽ پوءِ سندس وڏي ٿيڻ تائين پنهنجي رت ست مان پيدا ٿيندڙ ڪير پيارينڊ هجيس ۽ سندس هر اهنج ايذاءَ تي پاڻ تڙپي پوندي هجي، ان لاءِ هو سوچڻ ڇڏي ڏئي ۽ هڪ جسم لاءِ ڇڪ ۽ پياس لاءِ ماءُ جي

مامتا ۾ قربان ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃي.

ڪو ۾ سوشلسٽ، ڪو ۾ اشتراڪي، دنيا کي بدلائيندڙ خيالن جو حامي ڪردار، ڪڏهن ۾ پنهنجي والدين کان بي نياز ۽ بي خبر رهڻ پسند نه ڪندو آهي. اها ٻي ڳالهه آهي ته ڪي مجبوريون هن کي انهن کان پري رکن. هن ڪهاڻيءَ ۾ شيخ ايياز نظير کي والد جي وفات جي تار ملڻ کان پوءِ ڪيس والد جي موت تي ڪو ڏک جو احساس نه ٿو ٻاري، ان جي ٻيٽ ۾ ڪيس ايملي کي اطلاع ڏيڻ بنا ڳوٺ وڃڻ وڌيڪ سوچڻ تي مجبور ٿو ڪري ۽ انهن ئي خيالن ۾ سندس ايڪسيڊنٽ ٿو ٿئي. اهڙي ڪردار لاءِ شيخ ايياز، پڙهندڙ جي ذهن کي هن سان همدردي ڪرڻ لاءِ آماده ڪرڻ ۾ ناڪام رهيو آهي.

باوجود ان جي، هو پيار وندينڊڙ دلين جي ميلاپ بابت جيڪا هنن جي ذهني ڪيفيت چٽي آهي، اها دل کي لپائيندڙ آهي. ٻئي هٽ ۾ هٽ ڏئي، لهرن ۾ اڏامندا ٿي ويا. ۾ فطرت جا جزا ۾ سپون، دنيا جي دک درد کان پري، پور هئي ۽ پگهر کان دور ۾ روح، اسم جسم کان آزاد، ناهه نوهه کان آجا، رسم رواج کان بي نيازا ڪراچيءَ ۾ مڪراني هڪ ڏکهي عرصي کان آباد آهن. سندن معاشي حالتن ۾ سڌارو ۾ انهيءَ ڏکهي عرصي کان اچي نه سگهيو آهي. جيتوڻيڪ سندن خاندان، زالين مڙسين محنت مزدوري ڪندا اچن. شيخ ايياز، "مسافر مڪراني"، ڪهاڻي ۾ انهن جي زندگيءَ جي هڪڙي جهلڪ تي لکي آهي. نندڙو مسافر(هي ٻار جو نالو آهي) هڪ اهڙي ماڻهوءَ کي ڏسي حيران ٿيندي، هن ناهه نوهه ۽ اڌنبر کان متاثر ٿيڻ جي بجاءِ، هن تي نئولي طور "اوسالي بابو جي" چئي پنهنجي روايتي انداز ۾هن کي چيڙائڻ ٿو چاهي. ۽ سندس اهو انداز کيس ايترو ته وٹي ٿو وڃي، جو هو، ٻيهي سندس اهو مور جيان بود ۾ پرجي نچڻ ڏسڻ ٿو ٻيهي. انهيءَ مان سندس ٻارن لاءِ پيار جي پروڙ پوي ٿي. ٻار جون هنبو شيون، هن جو قيريون پائڻ ۽ ٻاتڙو ڳائڻ، سندس دل تي غصي بدران هن لاءِ پيار پيدا ٿو ڪري. هن جا گهنڊڙيون وار، هن جا ٻريل ڳل، ڦنڊيل ناسون ۽ ڪنڊڙيل چهڪون، سندس دل تي هڪ عجب قسم جو اثر ڪن ٿا ۽ هو هن ڏانهن هٽ ٿو وڌائي، سلام ٿوڪري، غصي بدران، پيار ٻرين نظرن سان ٿو ڏسي ۽ ڪيسي مان هڪ آنو ڪڍي ٿو ڏئي ته ٻار ۾ سندس ان عجيب روش تي حيران ٿيو وڃي. ڇاڪاڻ ته مسافر ۾ سندس اهڙي روش جي اميد ئي نه ٻڌي رکي سگهيو.

شيخ ايياز، مڪرانيءَ جو جيڪو نقشو چٽيو آهي، جيڪي هن جا وصف بيان ڪيا آهن، اهي هر پڙهندڙ کي اهڙي ٻار ڏانهن مائل ٿا ڪن. سندس مڪ جي مرڪ، هن جي معاشي بدحاليءَ تي فتح هئي. سندس ماءُ پاران ڏڪو داب ۽ چڙٻ جي شڪست هو سندس ناچ.

مسافر مڪرانيءَ سان سندس اها پيار ٻري روش، ان ڏڪريل ۽ معاشي بدحاليءَ واري ماحول کي متائڻ جي هڪ ڏهيل ڏهيل تمنا هئي. جنهن کيس

ان ڏانهن مقناطيس جيان ڇڪي نيو ۽ پوءِ ڪيس انسان ذات جا ابهر نظر اچڻ لڳا. پيارا پيارا هار، قدرت جا مٺڙا مٺڙا ميوا ياسڻ لڳا.

پر جڏهن، هو اها خبر ٻڌي ٿو ته "مسافر" کي نمونيا ٿي پئي آهي ته سندس دل کهڪاءَ کان پڄي ٿي پوي ۽ هو پهريون پيرو سندس گهر ڪيس ڏسڻ ٿو ويڃي. سندس ڏسڻ، سندس ڳالهائڻ، هن جي لاءِ زندگيءَ جي ياد ٻڌجي ٿو ويڃي.

هن کهاڻي ۾ شيخ ايازِ جڙ ته بنهه شاعري ڪئي آهي. سندس لفظ، جملا ۽ پئرا گراف، جڙ ته شاعريءَ جا نظر ٿا ياسن. هن کهاڻيءَ ۾، نثر ۽ نظم جو جيڪو گڏيل چس آهي، اهو من تي گهرو اثر ٿو ڇڏي. عورتن جي ڪم ۽ اڻ پوري مزدوري کي ڏسي، هن کي جيڪو خيال ٿو اچي، ڏسو ته کهڙن لفظن ۾ بيان ٿو ڪري:" پوٽي پوٽي اڌايان، ڳوٽي ڳوٽي جلايان." ان زيادتيءَ تي سوچيندي لکي ٿو ته: "ساري دنيا هڪ گدام آهي، جنهن ۾ ڪپهه جون پوٽيون پکڙيل آهن، بس هڪڙي چٽنگ، هڪڙي تيليءَ جي ضرورت آهي ۽ پوءِ ڇيڻيون جرڪنديون نظر ايندينون. دنيا جرڪندي نظر ايندي. انسانيت مرڪندي نظر ايندي." انهن انگ اگهاڙن ۽ پيٽ بکين کي اياري ٿو ته اٿو، اٿي انهن گودامن ۽ ڪرن تي قبضو ڪريو، توهان جو انهن تي حق آهي.

هونءَ ته تاريخ ٻڌائي ٿي ته سنڌ انگريزن جي اچڻ کان اڳ تائين سکي ستابي هوندي هئي. جنهن جو وڏي ۾ وڏو مثال سنڌ جي مهمان نوازي آهي. عام طور تي، اهي ماڻهو يا قومون وڏيڪ مهمان نواز ٿيندينون آهن جيڪي معاشي طور مستحڪم هونديون آهن. سنڌ کي تاريخ ۾ سون جي چڙيا جي نالي سان پڻ ياد ڪيو ويو آهي. سنڌ تي مختلف قومن جون ڪاهون نه رڳو.... سنڌو درياءَ جي ڪري، هميشه سکي ستابي، سونا سونا سنگ اپائيندڙ رهي آهي ۽ ان ڳالهه ڏارين کي ڪاهون ڪري، سنڌ جي زمين ۽ مال ملڪيت تي قبضي جي لالچ، ڪين سنڌ تي هلان ڪري اچڻ لاءِ پئي للچايو آهي. " هي شاعر"، ان دؤر جي ڪهاڻي آهي، جڏهن انگريزن سنڌ فتح ڪئي ۽ سنڌ جي سمورن قدرتي وسيلن تي يا ته سڌو سنئون انگريز بهادر جو قبضو هو، يا وري رهيل کهيل حصو، پنهنجي وفادارن يا ڪٺي اٽين چٽجي ته سنڌين سان غداري ڪرڻ وارن کي جاگيرن طور زمينون انعام ۾ ڏنيون ويون. ان سان عام ماڻهو بدحال ٿيندو ويو ۽ صورتحال اها وڃي بيٺي جو، ماڻهن کي کڏهن ويلو کائڻ لاءِ به يا نصيب. اهڙي هڪ ماڻهوءَ جي هيءَ کهاڻي آهي. بدقسمتي اها جو هو شاعر به آهي ۽ سندس شاعريءَ جو هڪ ڪتاب ڇپجي چڪو آهي. هر شاعر، روايتي طور، ڪنهن نه ڪنهن ناريءَ جي عشق ۾ مبتلا هوندو آهي. هاڻ هن کهاڻيءَ جي مکيه ڪردار سان جنهن عورت بي وفائي ڪئي آهي، اها سندس ڪم عقلي ڇٽجي يا عقلمندي. ظاهر آهي، عورت کي سماجي تجربي سان گڏوگڏ، معاشي چڪ پلائي پڻ درڪار هوندي آهي پيٽ ڏيڊ خدا آهي. جنهن جي دوزخ ۾ مسجد جي هانگ ۽ گرجا جا گهنڊ به سڙي ٻسر ٿيو وڃن،

اهڙي حالت ۾ ڪائي عورت، فقط ٻن پيار جي ٻولن خاطر، زندگي ٻکي ڏکي نه ٿي گهاري سگهي. اهڙيءَ حالت ۾ عورت کي بي وفا چوڻ، هن سان انصاف نه ٿيندو. شاعر، جيڪو بک جي آڌ مانڊ ۾، منتشر ٿيل خيال، هڪ طرفو سوچي رهيو آهي، اهو چوي ٿو ته: "چاندي چاندي آهي ۽ شعر شعر آهي، سڪي کي سو سلام ۽ صفحي تي لک لعنت."

ڪيس جڏهن ذهن جي پردي تي پنهنجي محبوبہ سان گهاريل گهڙيون، سهانيون شامون ياد ٿيو پون، هن انهن لمحن کي پنهنجين ئي نظمن ۾ قيد ڪيو هو. اڄ اهي نظم ڏسي، ڪيس پنهنجي بدحاليءَ بدران، انهن نظمن تي ڪاوڙ کي، هو نظمن ۽ ان ڪتاب جي صفحن کي ڦاڙي، ڪچهه جهڪو ٿو ڪرڻ چاهي. هن ان محبوبہ جي ياد ۾ چيل پهريون لفظ پڙهي ٽهڪ ڏنو، ڪڙو، ڪجسو ٽهڪ ۽ پوءِ پنو ڦاڙي ڦٽي ڪيو، پر ان سان سندس حالت ۽ پيٽ جي بک ۾ ڪنهن بہ قسر جو گهاٽو نہ ٿو ٿئي. سڄو ڪتاب ڦاڙي ٿو وڃي پوءِ بہ سندس پيٽ، ائين خالي ۽ بکايل ٿو رهي. سندس خيال وري ان تي ٿو اچي ته: "مون جيان ٻيا بہ ته بکايل آهن. انهن جي بک جو سبب شاعري ته ناهي." ان جي باوجود بہ هو ڪچهه ڪرڻ جو نٿو سوچي. جيتوڻيڪ، سندس محبت نفرت، ڏک سک، پيار پيڃتاءَ جا شعر، سندس روح جو ساڻ سهارو ناس ٿيو پوي. پوءِ بہ نہ سندس بک اجهائي ۽ نہ ئي ڪنهن بکئي جي پيٽ ۾رجڻ جو ڪو آسرو مليو. اڪنڊ پارت ۾ ٻن قومن جي نظرئي ۽ انگريز بهادر جي چال، جڏهن هٿي وڃي هنڊ ڪيو ته ماڻهن جي ذهن ۾ عجيب سوال ڪر ڪٽڻ لڳا. سنڊ ۾ جنهن عوام جي دلين تي صوفين جي ڪهري ڇاپ هئي، انهن تڏهن سوچڻ شروع ڪيو، جڏهن پارت جي مختلف علائقن ۾، هندو مسلم فسادن ڪر ڪنيو ۽ اهي اخبارن رستي، سنڊي ماڻهن تائين پهتا. تڏهن، هندو مسلم، الڳ ٿلڳ نہ هوندي بہ، اوڙي پاڙي پاڙي ۾، جندو جندي ۾ هوندي بہ، هڪ ٻئي جي اهنجن ايذائن، خوشين ۽ شادمانين ۾ گڏجي رهڻ جي باوجود بہ سندن ذهن ۾ ڪجهه سوالن، جوابن جي ڳولا شروع ڪري ڏني. پوءِ اهي سوال، مختلف وقتن تي، مختلف هنڌن تي، دڪانن ۽ دربائن تي، اوطاقن ۽ ڪچهرين ۾، هڪ ٻئي کان پڇيا رهيا. هر ڪو پنهنجي پنهنجي سمجهه آهر سوال ڪندو ۽ جواب ڏيندو ونڊندو رهيو. اهڙن ئي ڪردارن جي ڪهاڻي آهي" پاڙيسري" اصل ۾ هن ڪهاڻي جا مکيہ بہ ڪردار آهن. خانو حجم ۽ سيٺ شامنداس، سيٺ، جيڪو خانوءَ کان سيرب ٿهرائڻ واسطي آيو آهي، اهو خدائي خدمتگارن جي پريد ڏسي، هيسجي ٿو وڃي ۽ هڪ سوال هن جي ذهن ۾، زمين جي ٻوٽي جيان ايري ٿو اچي ته: "ا هي فساد ٻساد ته نہ ڪندا؟" اهوسوال هن جي ذهن ۾ اچڻ بي معنيٰ نہ آهي، ڇاڪاڻ جو ان دور ۾ هندستان جي ڏورانهن علائقن ۾ هندو مسلم فساد ڇڙي چڪا هئا. هندن جي اڪثريت وارن علائقن ۾ هندن مسلمانن کان نفرت جو اظهار ڪندي، ڪين پنهنجي جنم يوميءَ تي تنگ ڪري، قتل وغارتگري مچائي ڏني هئي. ان ڪري، هتي

سنڌ جي هندو، خاص ڪري سيڻئي ۽ زميندارن جيڪي اڀوجھ، اڻ پڙھيل مسلمان سنڌين سان ويل وھايا ھئا، انھن مان ڪين خوف ٿيڻ لازمي امر ھو، پر سنڌ جو سنڌي ڇڻ، جنھن کي صوفي بزرگن جو، ھندو مسلم پائيچاري وارو سبق برزيان ياد ھو، انھن جي دلين ۾ ھن لاءِ وري بہ محبت جا ڪٽا موجود ھئا. انھيءَ ڪري ئي خانو حجر جي سوچ ھن ريت ٿي ڪم ڪري تہ: " ڇا اسان بھاري مسلمانن جي خون جو بدلو ونڊاسون؟ مثال طور مان ھن سيڻ جو پاڪيءَ سان گلو لاھي ڇڏيندس؟ اھو خيال ايندي ئي خانوءَ جي بدن ۾ ڌھڑڻي ايري وئي. " ان وقت بہ سنڌي مسلمان ايترو بي حياءُ ۽ بي رحم ٻڌجي نہ سگھيو ھوجيترو پنجاب جو پنجابي مسلمان. انھيءَ ڪري خانو حجر کي، ان سامياد ھندوءَ جا اھي لفظ ذھن تي گھرو اثر ڏا ڇڏين تہ "مان اڈيپور ۽ جئپور جي ھندن سان گڏ رھڻ بدران، سنڌي مسلمان پائن جي ھٿان مرڻ وڌيڪ پسند ڪندس. منھنجون ھن ديس سان روح جون ڳنڍيون آھن. ھتي جي ڪنڊ ڪڙڇ رستو رستو، ڏس، گس، ٻٽ باغيچا منھنجي روح ۾ رمي ويا آھن. منھنجي ھستي سنڌ کانسواءِ موت برابر آھي."

جڏھن، سندن پاڙيسرڑ، پيسوءَ ماءُ، ھن کي پاڻ وٽ پناھ ڏيڻ لاءِ چوي ٿي ۽ ھو کيس مذاق طور اھو ٿو چوي ٿو تہ مان مسلم ليگي آھيان تہ ھوءَ کيس ڪيڏيءَ نہ پڪ مان ٿي چوي تہ: "تون لک ڪٽي مسلم ليگي ھجين تہ بہ اسان لاءِ اھو ئي پائو خانو آھين. اسان کي ڪيئن مارئيندؤ؟" ان "ڪيئن" ۾ ھڪ پختي آس آھي ھڪ آسيس آھي ۽ خانو کي جڏھن اھو ٿي چوي تہ: " پر جي ميس تہ گھوريس، توھانجي ھٿان تہ مرنديس نہ." تنھن مھل خانوءَ جو ذھن ضرور ڇڪرائجي ويو ھوندو ۽ ھو سوچي ٿو تہ: " ڇا، عورت سندس اجھو طلبي رھي آھي، تنھن کي ھو ماريندو؟" تڏھن ، ھن جي اندر جي ڪنھن گھرائيءَ ۾، ذھن جي ڪنھن پراھين پردي مان پٽائي ۽ سڄل سرمست جو پيغام نڪري نروار ٿو ٿئي. سنڌي ماڻھوءَ لاءِ، انسانيت اول ۽ مذھب پوئين حيثيت رکندو آھي.

مان مٿي بہ لکي آيو آھيان تہ شيخ اياز لفظن جو شھنشاھ آھي. ھن لاءِ گونگا لفظ ڳالھائڻ شروع ڪندا آھن ۽ جڏھن، ھو پنھنجي جادوگريءَ سان لفظن کان ڳالھرائيندو آھي تہ پڙھندڙ جو ذھن ۽ من اچلون ڏيڻ لڳندا آھن. اھڙا جادوءَ پريل لفظ، جملا ۽ پئراگراف ھن جي ڪھاڻي "جي تند برابر توريان" جا آھن. ھيءَ ڪھاڻي پڙھڻ ڪانپوءِ شيخ اياز جي نثر تي سؤ سيڪڙو نظم جو گمان ٿو ٿئي ۽ سندس جملا بي ترتيب نظم جا خيال ڏا پاسن." راڳ جون چوليون چوھ مان آيون ۽ چر ۾ بدلجي ويون." اھي بہ جملا، جنجي وچ مان ۽ ڪيڏي ڇڏجي تہ ڪير چوندوتہ انھن ۾ نظم جي موسيقي رچيل ناھي. شيخ اياز وٽ، تشبيھن جي ڪوٽ ناھي، سندس تشبيھون دل ۾ تيرن جيان چپنديون آھن ۽ دماغ تي گھرو اثر ڪنديون آھن. ھن ڪھاڻيءَ ۾ ڪجھ تشبيھون ھن ريت آھن: "جوڙيون فرش تي ترڪنديون، رقص ڪنديون، ائين ٿي ويون، گويا ھنج پاڻيءَ تي لھوارا وڄي رھيا

هئا." "سج کي پاڻيءَ ۾ پنهنجو پاڇو ايترو ته وڻيو جو ان کي آغوش ۾ آڻڻ لاءِ پاڻي ۾ غوطو هنيائين ۽ پنهنجي پاڇي سميت ٻڏي ويو."

"هن شمع کي قريب آڻي. هن جي اکين کي ڇهيو. ۽ سهڻا سرد ڪنول ڪنهن سرور ۾ ٻوڙجي ويا." "شمع جي چهري تي ڪجهه اداسي ڇانيل هئي. گويا هوءَ پهرئين پهر ۾ پندرهين جي چنڊ وانگر ٿي لڳي." "۽ پهري ڪنهن ڳيرو مهاڻي وانگر جهڙ کي جهاڳي رهي هئي ۽ ننڍڙيون ڪکريون چوڌاري ڇارين کارين وانگر پکڙيل هيون. اوچتو کجهه گيڙو رنگ جا ڪکر آسمان ۾ ائين ڏوکيندا آيا، جڏ ڪنهن جوڳيءَ جي من جا امنگ." هي ڪجه تشبيهون آهن، جن تي مون کي همیشه نظم جو گمان ٿيندو رهيو آهي. رقص ڪندڙ جوڙين کي پاڻيءَ تي لهوراو ترندڙ هنجن سان پيٽ ڏيڻ، اها شيخ اياز جي مشاهدي جي سراڻ آهي. جيڪا لفظن ۽ جملن کي گهڙي گهتي، ٺاهي ٽوڪي، جڏهن سيني تي اکيريندو آهي ته ساري ڪائنات هن جي آغوش ۾ هلي ايندي آهي. ڪيس لفظ ايلاز ڪندا آهن ته:" اي شاعر! اي ڪائنات جا پارکو، امين، اسان سان انصاف ڪر ۽ اسان کي اهڙن جملن ۾ جڙي ڇڏ، جتي سدائين لاءِ امر بڻجي وڃون" ۽ هو سندن صدائن کي سڻي، جڏهن هن سان ڀرپور انصاف ڪندو آهي ته اهي لفظ هڪڙن جملن جو روپ ڌارينداآهن: "ماضي، حال ۽ مستقبل ٽئي زندگيءَ جي تاجي پيٽي ۾ ڳتيل آهن. باقي ائين ضرور آهي ته زندگي اهڙي ست جو تاجي پيٽو آهي جنهن ۾ ڪٿي ڪٿي ماضيءَ جي پٽ جون تارون آهن." "مشاعريءَ کي ڏسڻ لاءِ واقعي هي اکيون ضروري نه آهن مون شاعريءَ کي بنا ڏسڻ جي ڏسي ورتو."

هن ڪهاڻيءَ جو حقيقي ڪردار، سنڌيءَ جو برڪ شاعر آهي، جيڪو وڪالت بہ پاس ڪري چڪو آهي. پر هو وڪالت جي بدران، شاعري ۾ پنهنجو روزگار تلاش ڪرڻ ٿو گهري چاڪاڻ جو سندس خيال آهي ته: "جيڪڏهن شاعريءَ ۾ دولت ناهي ته دولت ۾ بہ ته شاعري ناهي." جنهنجو فلسفو چوي ٿو ته: "خوشي حسن آهي ۽ حسن خوشي آهي؟"

هڪ ڏکهي عرصي کان شاعر، اديب، دانشور ۽ فلسفي، شراب واپرائڻ جا عادي رهيا آهن. يا ايا بہ ڪٽي ائين چئجي ته آڪاٽي دؤر کان اڄ تائين شاعرن جو شراب واپرائڻ ڪنهن حد تائين فيشن رهيو آهي. انهيءَ حساب سان، هن ڪهاڻيءَ جو ڪردار بہ شراب پيئڻ خاطر بار ۾ آهي. جتي نشي جي سرور ۾، ڪيس پنهنجا پراڻا پيار پريائڻ لاءِ آتا آهن. هو جڏهن بہ پيئندو هو تڏهن هن کي دور دور جون صدائون ايندیون هيون، ڪائنات جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ناد وجندا هئا، هن جا خيال ديوداسين وانگر رقص ڪندا هئا ۽ هن جو من- مندر جهونين مورتين سان سجايو ويندو هو. هن جا دوست جهومندا ۽ نچندا هئا ۽ پنهنجي پنهنجي جوڙيدار جا جسم چاهيندا هئا. هو پيئندا هئا. جيئندا هئا ۽ انهيءَ شراب جي نشي جي سرور ۽ جام جي چولين جي ڏولين ۾، سندن ذهن جي گهري کان گهري ڪنڊ جي وکڙ

مان، ڪائي مورتي، جام مان نيٺ ڪيڊي نهارڻ لڳندي هئي. اهڙي حالت طاري ٿيڻ ڪانپوءِ، سندس ذهن ڪجهہ ٻيو هجڻ ۽ ڪنهن ٻئي هنڌ هجڻ لاءِ سوچيندو هو. "شراب، پل ڪٽي ڪيترو ب برو هجي، پر ڪنهن دؤر ۾، ڪنهن ب شاعر، ان کي برو نہ سڏيو آهي. شراب پيئڻ کي (جواز) Justify ڪرڻ لاءِ هن لکيو آهي ت:

" هو غم ڪان نجات پائڻ لاءِ شراب پيئندو هو. پر شراب ڪيس وڌيڪ غمگين ڪري وجهندو هو. هن هڪ ٻيري لکيو هو ت: "جڏهن خدا ڪائنات خلقي؛ خوشي ۽ غم پيدا ڪيو. تڏهن ٻنهي کي چيائين ت پنهنجا پنهنجا دوست چونڊيو. هن جو ايترو چوڻ ۽ ساري مخلوق جو خوشيءَ سان ساڻ ڏيڻ. هر ڪوئي وڃي خوشيءَ جي پاسي ۾ بيٺو ۽ ٻئي طرف غم ويچارو اڪيلو رهجي ويو. خدا فيصلوڪيو ت غم جي قسمت ۾ تنهائي آهي. جڏهن سڀ مخلوق ٽڙي پکڙي وئي ت چوريءَ چوريءَ شراب غم جي ويجهو آيو ۽ هن کي سس پَس ڪري چيائين ت تون غم نہ ڪر، مان ظاهري طرح ت خوشي سان آهيان، پر دلي طرح توسان آهيان. اڄ هن جي زندگيءَ ۾ شراب غم سان اهو ازلي قول نباهي رهيو هو."

شيخ اياز جي، هن ڪتاب جي، يا سندس سيني ڪهاڻين مان " جي تند برابر توريان، " ڪهاڻين جي راڻي آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ شيخ اياز، شاعري، فسلفو، پيار ۽ پاڻهہ جي جيڪا پالوٽ ڪئي آهي، انهيءَ جو مثال سنڌي ادب ۾ ورلي ڪو ملي سگهندو. هن ڪهاڻيءَ جو اهڙو ڪو ب جملو مونکي نٿو ملي، جنهن لاءِ ڪٽي ائين لکجي ت هي جملو هي لفظ هي ڊائلاگ، هي منظر يا هيءَ تشبيهہ هتي درست ناهي.

گوبند مالهيءَ پنهنجي آتم ڪٿا جي ٻئي ڀاڱي "سنڌڙي منهن جي جندڙيءَ" ۾ شيخ اياز جو ذڪر هن جملن سان ڪيو آهي. "شيخ اياز، مبارڪ علي شيخ جي نالي سان پهرين ڪان شڪارپور ۾ لکندو هو. شعر، مون هن جو "ساورڪر" تي ب شعر پڙهيو هو. "ريگستاني ڦول" ۾ شايع ٿيڻ ڪان پوءِ، اياز ۽ هن جو دوست "راز" جو ب شيخ هو، مون وٽ آيا، عبدالستار جي نالي شايد رنگ ڏيکاريو. اياز پنهنجا انقلابي شعر، وزن ڪان مٿي پڙهي ٻڌايا. مان ڪافي متاثر ٿيس. هن مون کي مسلني ٽائيپ اصلوڪين ڪهاڻين، مضمونن ۽ شعرن ڇپائڻ جي صلاح ڏني. سويو، اياز جا شعر ٻڌي ڪيڙن ۾ نہ پيو ماپي، هن ب اياز جي صلاح جي تائيد ڪئي. مان پانيان ٿو، "پرهہ ڦٽي"، مجموعي جي شروعات ئي اياز جي انقلابي گيتن سان ٿي. اياز ادبي ڪلاسن جو ب. مک انگ بڻجي ويو، "راز" جا شعر ب ڇپيا، شايد "ارجن شاد" جا ب، شاد ب ان زماني ۾ اسان جي ويجهو آيو. هُو ۽ اياز، سويي ۽ ابراهيم جويو جي صحبت ۾ باشعور ٿيندا ويا. جويو، ايم. اين. راءِ

جي ويچارن جو هو. اياز خاص طور انهن ويچارن سان همراهه ٿيندو ويو."

گوبند مالهيءَ جنهن دؤر جو ذڪر ڪيو آهي، اهو دؤر ۱۹۴۰ع کان ۱۹۴۲ع جو هو. جنهن زماني ۾ شيخ ايياز ظاهر آهي تہ نوجوانيءَ ۾ پير پائي چڪو هو، يعني شيخ ايياز ان وقت ۱۸ کان ويهہ سالن جي پيشتي ۾ هوندو. جڏهن تہ سوپو، گوبند مالهي ۽ ابراهيم جويو، شيخ ايياز کان ڪجهہ سال وڏا ضرور هئا. انهن ڏينهن ۾ سوپو گيانچنداڻي هڪ ڪهاڻي "حليما" نالي لکي، جيڪا "ريگستاني قول" ۾ عبدالستار شيخ جي نالي سان ڇپي. انهيءَ دؤر ۾ شيخ ايياز ڪهاڻيون بہ لکڻ شروع ڪيون. سندس شاعريءَ کي تہ "نئين دنيا" ۾ جاءِ ضرور ملندي هئي، پر پوءِ هن جون ڪهاڻيون بہ ڇپجڻ لڳيون. انهيءَ ئي دؤر جي هڪ ڪهاڻي آهي، "شانتا."

"شانتا" حقيقت ۾ هڪ وڻندڙ جي ڪهاڻي آهي. وڻندڙ هن مهذب سماج جي ناسورن مان هڪ ناسور آهي. معاشري جي اڻ برابري ۽ انياءَ جو جيئرو جاڳندو مثال آهي. هي معاشرو، ڪيترو بہ ڪٽي پاڻ کي مهذب سڏائي پر هو پاڻ وٽ وڻندڙ کي ڪڏهن بہ جوڳي جاءِ ڏئي نہ سگهيو آهي. هن کي ڪڏهن بہ عزت جي نظر سان ڏسڻ لاءِ تيار نہ آهي. ڇاڪاڻ جو هي معاشرو مردن جو معاشرو آهي، هُو عورت کي مجبور ڪري ۽ وڻندڙ بڻائي ٿو ۽ پوءِ پاڻ کان پاڻ نفرت ڪرڻ بجاءِ ان عورت سان نفرت ڪرڻ لڳي ٿو، جنهن کي ڪالهہ هن پاڻ ئي، اهڙيون حالتون پيدا ڪري، ان جاءِ تي پهچايو هو.

هڪ نوجوان عورت، جنهن جو مڙس، هڪ ڀار ٿيڻ کان پوءِ فوت ٿي ويو، ان لاءِ هن معاشري ۾ عزت جو گذارڻ ڪيڏو ڪٺن آهي، ان جي پوري وارتا شيخ ايياز هن ڪهاڻيءَ ۾ ڇڻي آهي. هيءَ عورت، يعني "شانتا" جنهن جي والده کي سندس ٻيءُ ڇڏي ويو ۽ ويو ڪنهن ٻي ڪرسچن ڇوڪريءَ جي ڪڇ گرم ڪرڻ لڳو تہ سندس والده وٽ ان کان سواءِ ڪو چارو بہ نہ رهيو تہ هُوءَ پيشو ڪري ۽ پنهنجو ۽ شانتا جي پيٽ جي دوزخ کي ڪن گرهن جا چنڊا هٿي سگهي. جنهن لاءِ شيخ ايياز لکي ٿو تہ: "سندس ماءُ کي پهرين لوڪ لڄا جو خيال ٿيندو هو ۽ چوريءَ ڇپيءَ عصمت وڪڻندي هئي." هڪ پاڪستاني پنجابي فلم "لائسنس" ۾، هڪ عورت پنهنجي روزي ڪمائڻ لاءِ تانگو ٽي هلائي تہ ڪيس ڇيو ٿو وڃي تہ:

"توکي کوئي تي ويهڻ جو لائسنس ته ملي سگهي ٿو پر ٽانگي هلائڻ جو نه." مرداڻي معاشري ۾ اڪيلي عورت جي جياپي جو واحد طريقو "کوٽو" آهي ۽ پوءِ جڏهن کا عورت، کنهن مجبوريءَ هيٺ، کنهن بک جي بيحاليءَ ڪري، "کوٽو" وسائي ٿي ته معاشرو هن ڏانهن آڱر به کڻي ٿو ۽ هن وٽ وڃي پنهنجي جنسي بک به ڀڃائي ٿو.

شانتا ۾ شيخ اياز واهه جي فنڪاري ڏيکاري آهي. هن ۾ خوب تشبيهون ڏنيون آهن ۽ معاشري ۾ پنهنجي پيدا ڪيل ڪنهن برائيءَ کي پڌرو ڪري ڏيکاريو آهي. هيءَ تشبيهه ته ڏسو: "صبح جو اڃي هُوءَ ٽڏي پاڻي سان منهن ڏوئيندي هئي ته ڇڻ سڃي رات جو گناهه ۽ گندگي ڏوپي ويندو هوس."

وٺشيا وٽ ڇا هوندو، قوال، ڏڪڙ، گهنگهرو، شراب، ناز، نخرا ۽ گاهڪ. گراهڪ جن جي اکين ۾ انبور هوندا آهن ۽ وٺشيا جي ٻوٽي ٻوٽي ڇهاڙي ڪائڻ لاءِ آتا هوندا آهن ۽ ٻين جي منهن تي ٿو ٿو ڪندا ۽ توبهه توبهه، ڪندا، پاڻ کي عزتدارن جي پهرين صف ۾ بيهارڻ جي ڪوشش ڪندا آهن.

هڪ ڏينهن ان شانتا کي، ان وٺشيا کي، پنهنجي ڪِرت ڪان نفرت ٿيڻ لڳي تي ۽ هڪ ٻنگيءَ تي هن جي دل اچي ٿي وڃي ۽ پاڻ هن سان ڀڃي وڃڻ لاءِ ۽ ان روز جي نفرت آميز زندگيءَ مان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ جو سوچي ٿي. ان لاءِ هُوءَ رامون کي هر روز بچيل مٺائي ڏيندي، رامونءَ واتان "چندا ديس ٻيا ڪي جا" ٻڌندي هن تي دل ٿي اچي وڃي. جڏهن هُوءَ رامون کان سندس نالو ٿي پڇي ۽ هو نالو ٻڌائي، ڪنڌ جهڪائي، مٺائي ونڊي رمندو ٿو رهي ته: "سندس دل ۾ خوشي ۽ غم لامارا ڏئي رهيا هئا. هڪ عجيب، انوکي، بي معنيٰ، چورا ڪورا ڪيس بيتاب بڻائي رهي هئي ۽ هن وهاڻي ۾ ڪٽي مهن لڪايو. جڏهن اڃي ته سڃي سيراندي آلي ٿي پئي هئي." اها ڪهڙي ڪيفيت چئي سگهجي ٿي، هڪ عورت جي لاءِ، ڪنهن مرد کان ڪو سوال ڪرڻ کان پوءِ؟ انهيءَ جو ڪو نالو ڏئي سگهجي ٿو. جيڪڏهن ها، ته پوءِ ان کي پيار يا محبت جو نالو ئي سونهندو.

"ڪارو ڪنوارو هانءُ، جهن ۾ نينهن ٽيو پرگهٽ" ۽ پوءِ "سارو ڏينهن

بي چينيءَ ۾ گذريس ۽ رات به ناچ کان کيهايائين پئي." جڏهن دل جهلي، هڪ پيري رامونءَ کي پڇي هلڻ لاءِ چيائين ته رامونءَ وراڻيس ته: "مان غريب توکي کٽان پالي سگهندس. پيو مون کي نيات وارا ڇا چوندا." هن جي من کي هڪ ڏوڏو آيو. هن جي ذهن ۾ مانڊاڻ ۽ من ۾ زلزلو اچي ويو، جڙ کيئي جوالامکي هڪ وقت ڏماکي سان ڦاٽي پيا. هن سوچيو: "هن کي نيات وارا ڇا چوندا؟ هن کي نيات وارا چوندا ته تو وئشيا آندي آهي، کميني، ذليل، وئشيا! هي پنگي جنهن کي ساري کائنات اڇوت ٿي سمجهي، سوبه مون سان چوت چات پيو ڪري، مان پنگيءَ کان به خراب آهيان." ڪڏهن ڪڏهن انسان پنهنجي نظرن ۾ پاڻ ئي ڪري پوندو آهي ۽ ڪڏهن ڪنهن جي چيل هڪ جملي تي پاڻ تي جڪ کائڻ لڳندو آهي. اها حالت ان وقت شانتا جي ٿي هئي.

ننڍي کنڊ جي ورهاڱي کان اڳ، ملڪ ۾ جيڪي سياسي ڏريون ملڪ جي آزاديءَ لاءِ ڪم ڪنديون هيون، انهن ۾ اهڙيون ڏريون به هيون جيڪي ملڪ ۾ سوشلسٽ نظام لاءِ جاکوڙي رهيون هيون. اهڙين ڏرين جي هڪ ڏر جي ٻن ڪارڪنن جي ذهني هڪجهڙائيءَ تي ٻڌل نه صرف سياسي جاکوڙ پر ٻن ذهنن ۽ دلين جي پيار کهاڙي آهي "رفيق". هن کهاڙيءَ ۾ شيخ ايياز اهو ڏيکارڻ جي کوشش ڪئي آهي ته ڪيئن سياسي ڪارڪن ڪم ڪندا هئا. جن ۾ مرد ۽ عورتون، پرولتاري انقلاب لاءِ گڏجي سڏجي ڪم ڪندا هئا. جن ۾ هندو ۽ مسلم، مرد ۽ عورتون گڏ ڪم ڪندا هئا. انهن مان موهن ۽ نجما جو نه صرف سياسي سُٻنڌ هو، پر سندن دلين جو سٻنڌ تنهان ئي پختو ٻڌجي ويو هو، پر ٻنهي جي بدقسمتي اها هئي ته هڪ هندو ٻيو مسلم. نجما، هڪ اهڙي خاندان جي پڙهيل ۽ شاگرد پيشي چوڪري هئي. جيڪي ان دؤر ۾ عورت کي ايتري آزادي نه ڏئي پئي سگهيا ته اها کنهن ڪاليج ۾ پڙهي، پر کنهن چوڪري سان هن جو ڏينهن جو ملڻ جلڻ، يا سياسي ڪمن کارين ۽ گڏجاڻين ڪري راتين جو ملڻ ته بنهه پسند نه هو. چوڪريءَ جي ماءُ کنهن حد تائين نرم دل ته رکي پئي، پر سندس پاءُ، جيڪو نوجوان هو، اهو اها ڳالهه برداشت نه پئي ڪري سگهيو ته ڪو نجما، کنهن هندو چوڪري سان ايترو رائل مائل ٿي هلي. جو هُو جڏهن

قانوني گرفت جي ڪري جيل ۾ هو تڏهن ۾ نجما ڪيس ملڻ لاءِ ويندي رهندي هئي. هن ڪهاڻيءَ تي، نجما جو موهن سان دلي سُهڻ واضح ڪندي شيخ اياز لکي ٿو ته: "هي جيل جون شيخون تنهن جي منهنجي وچ ۾ اچي نه سگهنديون، مان جڏهن ۾ تنهنجو تصور ڪندو آهيان، تڏهن تون منهنجي اکين اڳيان هوندي آهين." هي پيار، اها چاهت ۽ اها جسم جي جسم کي چڪ، رڳو موهن نه، پر نجما ۾ محسوس ڪندي هئي. هن هڪ پيري موهن جي هٿ کي زور ڏيندي ۽ ٻگهن کي اڏامندي ڏسي، چيو هوس ته: "هل ته اسين ۾ هلون، هن فاقه ڪشي ۽ عصمت فروشيءَ جي دنيا کان دور!" جنهن جو مقصد هو ته ٻئي پاڻ ۾ شادي ڪن. پر نه صرف ان دؤر ۾، پر اڄ ۾ اهو ڪٿي ممڪن آهي ته هڪ مسلم ڇوڪريءَ جا والدين ان ڳالهه تي راضي ٿي وڃن ته پل اها پنهنجي چاهت جي لحاظ ڪري ڪنهن هندو ڇوڪري سان شادي ڪري. ايئن ڪرڻ سان نه ڄاڻ ڇا ڇا خطري ۾ پئجي ويندو. پوءِ پل ته ٻئي ڪيترا ۾ وچن ڪري چڪا هجن، ڪيتري ۾ محبت هن جي دلين ۾ موجزن هجي. اهو ته مسلمانن جي ٻن ذاتين لاءِ ئي ڪٿي ڪٿي مسئلي جو سبب بڻجيو پوي.

ان ڪهاڻيءَ ۾ شيخ اياز جتي نجما ۽ موهن جي ذهني ڳانڍاپي جي واکاڻ ڪئي آهي، اتي ٻنهي جي حُسن جي پڻ تعريف ڪئي آهي. جتي موهن ۾ مرداڻي سونهن هئي اتي نجم ۾ عورتاڻي خوبصورتيءَ جو مجسمو ڏيکاري اٿس. ڪهاڻيءَ ۾ منظر نگاري، موهن جي انقلابي سوچ ۽ ملڪ جي آزاديءَ سان گڏوگڏ مزدور طبقي جي خوشحاليءَ لاءِ تڙپ جو ۾ خاصو نباهه ٿيل آهي. پر آخر ۾ نجم جي ياءُ ياران، موهن ۽ نجم کان انتقام وٺڻ ۽ نجم کي گهر مان نڪرڻ کان جهلڻ جو انتهائي هيٺيون طريقو استعمال ڪيل لڳي ٿو، جيڪو سونهندڙ نه ٿو لڳي. نجم، موهن وٽ علي الصباح آئي ۽ هن کي روئندي پنهنجو مٿو ڏيکاريو ته ڪيئن سندس ياءُ هن جا وار ڪتري ڇڏيا "رات منهنجي ياءُ نند ۾ منهنجا وار ڪتري ڇڏيا." ان جي باوجود موهن هن کي پنهنجو پيار ٿو سمجهي ۽ چوي ٿو: "نجمي تون منهنجي زندگيءَ جي رفيق آهين، منهنجي محبت جو بنياد تنهنجي رفاقت تي آهي ۽ نه تنهن جي سونهن تي."

وقت وقت جي ڳالهه آهي. ان دؤر ۾ اهڙي روئداد جو هجڻ ۽ پيش اچڻ سياويڪ ۾ آهي، پوءِ ۾ ڪهاڻيءَ ۾ اهڙو چس ناهي، هي ڪهاڻيون، شيخ ايياز جون اوائلي لکيل آهن، ايان ۾ جڏهن سنڌ ۾ ايترا گهٽا ڪهاڻيڪار ۾ نه هئا. هي سندس شروعاتي ڪهاڻين مان هڪ آهي.

جڏهن لکندڙ کي اها پڪ هجي ته هُو جنهن شخصيت تي لکي رهيو آهي، اهو ڄاڻ جو سمنڊ آهي ۽ پاڻ (لکندڙ) قطري سمان، ته اِن مهل لکڻ ۾ ڏاڍي ڏکيائي ٿيندي آهي. قلم هلندي هلندي، بيهي ويندو آهي ۽ سوچ هوساڻجي ويندي آهي. اهو حال آهي مون سان شيخ ايياز تي لکڻ ويل. مان مٿي لکي آيو آهيان ته شيخ ايياز جون هن ڪتاب ۾ آيل اڪثر ڪهاڻيون ورهاڱي کان اڳ جون لکيل آهن. ان وقت شيخ ايياز اڃا ڄمڻ ۾ هو، ان هوندي ۾ سندس سوچ، ڄاڻ ۽ مشاهدي ۾ ڪافي پختگي ته آهي. باقي ڪجهه ڪهاڻين ۾ اوترو چس رس پري نه سگهيو آهي. ماڻهو جيئن جيئن عمر ۾ وڌندو آهي، دنيا ۽ ديس جي همعصرن ۽ پاڻ کان اڳ جي ڏاهن ۽ دانشورن، شاعرن ۽ اديبن جو مطالعو ڪندو آهي. پنهنجي ديس ۽ دنيا جي ملڪن جو مشاهدو ماڻيندو آهي، تيئن تيئن سندس سوچ سگهاري ٿيندي ويندي آهي. اها سگهاري سوچ اوهان کي شيخ ايياز جي ڪهاڻي "جي تند برابر توريان" ۾ خوب ملندي. هيءَ ڪهاڻي، "سهڻي سير ۾"، شيخ ايياز جي مطالعي جي ميراث مان جڙي آهي. جڏهن هن پٽائيءَ کي پڙهيو ۽ پٽائيءَ جي دؤر جي ديسي شاعرن جو مطالعو ڪيو. سڪر ۽ روهڙيءَ وٽان درياهه شاهه جي دهشت ڏني، شڪارپور ۾ سنڌ واهه ۾ تڙڪيو، تريو ۽ ٽپيون ڏني، پاٽيءَ جي زوراوريءَ جو بذاتِ خود مشاهدو ماڻيو، ته ڪانئس "سهڻي سير ۾" لکجي وئي.

شيخ ايياز جي مشاهدي جي هڪ جهلڪ هن ڪهاڻيءَ ۾ به خوب آهي. ڀهراڙيءَ جي هڪ سرد انڌيري رات جو منظر هن نموني چٽي ٿو: "اٽڪيهين اونداهي هئي، آسمان تي تارا هڪ ٻئي کي عشق جا اشارا ڪري رهيا هئا. زمين تي ٽانڊاٽا تاريڪيءَ ۾ ٽمڪيا ٿي، جيئن ڪنهن نازنين جي ڪاري پوتيءَ تي ستارا." يا وري درياهه ڪناري سرديءَ جي روئداد هن ريت بيان ڪئي اٿس ته: "سردي ۾ چوي اڄ نه پوان ته ڪڏهن پوان. ڏند ٻئي

کڑکيا، لونءَ لونءَ پئي کانڌاري، لَون ۽ لاٽن مان هوا سوسات پئي کيا. رکي رکي بدن مان سيسڙاٽ پئي نڪتا." اهي ٻئي منظر اسان جي شهري شهزادن لاءِ ته بنهه نوان هوندا پر ٻهراڙيءَ جو ٻار ٻار ٻه ان مان واقف هوندو. ان تي صرف سوچڻ سان ئي بدن مان سياندو ٿو نڪري وڃي.

"سهڻي ۽ مهيار" جي ڪلاسيڪي داستان کان ڪير واقف نه هوندو. "سهڻي ميهار" جو اهو داستان، سنڌ ۽ پنجاب ۾ هڪ جيترو مقبول آهي. سنڌي ۽ پنجابي ان داستان کي پنهنجي پنهنجي ڍرتيءَ جو داستان سمجهندا آهن. ان داستان جي پس منظر ۾ وڃڻ ۽ ان جي ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ جو مون تي ڪيڏو نه ناهي، پر ايترو ضرور چوندس ته جيڪڏهن پٽائيءَ جي "سر سهڻي" ۾، سهڻيءَ جي مڙس جو نالو "ڏم" ڏيکاريو ويو آهي، ته پوءِ اهو نالو پنجاب جو ٿي نٿو سگهي، "ڏم ڏيهاڙي ڏکندو، سنگهر وٽ سنگهار." يا وري: "ڏهه ڏهه پيرا ڏينهن ۾، ڏئي ڏوراپا ڏم."

هيءَ ڪهاڻي انتهائي مختصر آهي، پر ان جي منظر نگاري ئي هن ڪهاڻيءَ جي خوبي آهي. باقي تمام ٿورا مڪالما آهن. جن مان هڪ هي مڪالمو ڏسو، سهڻيءَ کي سرتيون سمجهائي ۽ ڏم جو غصو ۽ غيرت ياد ڏياري رهيون آهن: "ڏم کي ڏاهه پيئي ته نڙيءَ تي ننهن ڏيندءِ." پر سهڻيءَ جواب ڏنو: "پرواهه ناهي، ساجن لاءِ سر ويو ته ڪهريو." عاشق جو قول نه ٽٽڻ ڪيي. ان تان جان جُسو قربان ٿيو ته چگو ٿيو: شاهه عنايت شهيد چواڻي:

"سر درِ يار فدا شد چه بجا شد
اين بار گران حق ادا شدچه بجدشد."
(يار جي در تي سر فدا ٿي ويو ته چگو ٿيو.)
ائين هر هر ڪرڻ سان حق (فرض) ادا ٿيو ته چگو ٿيو.)

"هڪ شمع ۽ پروانا" ۽ شيخ ايياز جي مطالعي جي ميراث آهي. شهزادو سليم ۽ انارڪلي يا مهرالنساءِ جو قصو هندو پاڪ جي تاريخ جو اڻ وسرندڙ حصو آهي. هيءَ ڪهاڻي ان قصي تي منحصر آهي. جنهن ۾ ڏيکاريو ويو آهي ته شهزادي سليم جو حقيقت ۾ عشق مهرالنساءِ سان هو پر انارڪلي، جا هونءَ ته سندن ٻانهي هئي ۽ مهرالنساءِ ۽ سليم جي وچ ۾ ريپارٽ جو ڪم ڏيندي هئي. هونءَ سندس سونهن ۽ جواني ۾ ۽ به خوب ڪشش هئي.

شهزادو سليم، هڪ ته شهزادو هو، ٻيو مرداڻي سونهن هن جي جوانيءَ تي چار چنڊ لڳايا هئا. هي ٻه تاريخي قصو ۽ حقيقت تي مبني واقعو آهي، جنهن کي شيخ ايار پنهنجي قلم جي نوڪ مان ڪڍيو آهي.

هن ڪهاڻيءَ ۾ ٻه شيخ ايار جي مشاهدي ۽ مطالعي جو امتزاج آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ هن تشبيهه سان ٻه خوب نباهه ڪيو آهي. "شاهي سڙڪ جي ٻنهي پاسن تي جوئر ۽ ٻاجهريءَ جا ڇوڪ ڪنهن خوبصورت رقاص جيان هوا ۾ لڏي لمي رهيا هئا."

هن ڪهاڻيءَ ۾ شيخ ايار ٻن عورتن جو عشق هڪ مرد سان ڏيکاريو آهي. هڪ مرد جي من ۾ ٻنهي عورتن لاءِ ڪافي نرم گوشو ڏيکاريو آهي. "هو پريت جو پياسي، ڪنهن چنڊ تي چريو هو، سو ڪٿي ٿو گوش ڏئي. مهرالنساء جي زلفن جي زنجير ڪيس قرب ۾ اهڙو قابو ڪيو هو جو هُوءَ ڪائنس هڪ پل ٻه نه ٿي وسري. ٻلا وسري ٻه ڪيئن!" ٻي ٻُرا ۾ انارڪليءَ جي محبت جي ڪليءَ جي سڱنڌ تي ٻه هن جو ڀؤنرو من پنيلجي ٿو ۽ ايار لکي ٿو: "ڪڏهن ڪڏهن سليم جي ٻي تاب دل ۾ انارڪليءَ جي الفت جي ياد ٻه چٽنگ جيان تڙپي، وسامي ويندي هئي."

شيخ ايار پاڻ ٻه هن دنيا جي انساني باغ جي گل گل جو واس ورتو آهي. هُو ٻه پنهنجي وقت ۾ شزادي سليم کان گهٽ نه رهيو آهي. شهزادو سليم ته هڪ وقت ٻن جي محبت ۾ مگن هو ۾ شيخ ايار تي هڪ ئي وقت نه ڇاڻ ڪيترين ئي پيورين پيرا ڏيندين رهنديون هيون. جن جو ذڪر هن جي آتم ڪهاڻيءَ ۾ بار بار آيو آهي. هن ڪهاڻين ۾ شيخ ايار تاريخي حقيقت نگاريءَ سان گڏ جيڪا منظر نگاري ڪئي آهي، تنهن جو جواب ناهي. هن ڪهاڻيءَ جي پڇاڙيءَ ۾ انارڪليءَ کي اڪبر بادشاهه جيئري ديوار ۾ مڙهائي ڇڏيو. ان وقت جلاد يا جلاد نما رازي هن کان سندس آخري خواهش پڇي ته "هن سرد ساهه ڪنيو ۽ چيو "هڪ وار سليم کي ڏسان ٻه ڳوڙها سندس ڳلن تان ڳڙي مٽيءَ ۾ ملي ويا."

"عشق نه پائنڇ راندِ، جيئن ڪيڏن ڳيرُو،
سِسِي نيزي پاندِ، اڇل تان مَرُ اڏ ٿئي."

"ٽپالي" يا "پوسٽ مين" کي اسان جي معاشري ۾ هرو ڀرو ٻه گهٽ

نگاه سان ڏئو ويندو آهي. حقيقت ۾ "ٽپالي" هڪ اهڙو ايماندار شخص ٿيندو آهي، جيڪو ٻن دلين جي ڏڙڪڻ کي، ڪاغذ جي ٽڪرن سان ڳنڍيندو آهي.

اهڙيءَ طرح پکين ۾ ڪانءُ يا ڪانگ، بچڙو پکي به ڪوئيو ويندو آهي ۽ وري پنهنجي پيارن جي اچڻ جي خبر پهچائيندڙ جي حوالي سان به مشهور هوندو آهي، جنهن دؤر ۾ ٽپال جو رواج نه ٿيو هو ته به پياروند ڪانگ کي قاصد ڪري موڪلينداهئا. ڪانگ يا ڪانءُ، سندن ٻولي ڪيئن سمجهندو هو ۽ سندن نياپو سنيهو ڪيئن پهچائيندو هو، اهو ته ڇڻي نه ٿو سگهجي پر ان ڳالهه جي تصديق شاهه لطيف جي شاعري ۾ عام جام ملندي:

ڪري ڪانگ ڪورنشون، پيرين پرينءَ پئيج،
آءٌ جي ڏيانءِ سنيهڙا، ساري پرينءَ کي ڏيج،
چوانءِ ايئن چئيج، ته ڪنياتا خوش هوئين."

پر اسان وٽ، هن دؤر ۾ پرينءَ جا پيغام پهچائڻ وارا جديد طريقا ايجاد ٿي پيا آهن، جن رستي ترت ملاقات يا ڳالهه ٻولهه ٿيو وڃي، اهي آهن ٽيلي فون، وايرليس ۽ هاڻ ته سيٽ لائيٽ ۽ انٽرنيٽ آهي. ان هوندي به ٽپال وارو ڪاتو اڃا تائين جيئن جو تيئن جاري آهي ۽ ڪم ڪري رهيو آهي. اسان وٽ اڃا به ڪيترين ئي ڏڙڪندڙ دليون، ٽپاليءَ جون منتظر رهن ٿيون. هيءَ به هڪ اهڙي شخص نثار جي ڪهاڻي آهي، جيڪو ان ملازمت سان واڳيل آهي. هو هر ڪنهن کي سندس ڏوراهين قريب جي خير خيريت جي خبر پهچائيندو ٿو رهي، پر ڪيس هڪ حسرت آهي ته ڪيس ڪوئي به خط نه ٿو لکي. ڪيس خط لکي به ڪير؟ هو هڪ نندي ڳوٺ جو واسي آهي، جنهن جو ڪوبه قريب سندس ڳوٺ کان ٻاهر آهي ئي ڪونه. نه ئي هو پاڻ ڪڏهن کو ڳوٺ کان ٻاهر رهيو آهي، جو ڪٽي سندس جاڻ سڃاڻ ۽ لڳ لاڳاپن جو دائرو وسيع ٿئي. هُو ڪيترن کي ته سندن قريبن جا خط پڙهي به ٻڌائيندو رهندو آهي.

هو اڪيلو هو، نه گهر نه ٻار، نه يار نه اغيار، نه مٽ نه مائٽ. بس پيٽ گذر لاءِ هيءَ نوڪري هيس ۽ ڏهه سال ٿيلهو ڪلهي ۾ وجهي پاڻ پيرين پنڌ، ڳوٺ ڳوٺ جي گهٽي گهٽي لتاڙي، امانت باسلامت مالڪن کي پهچائڻ

۽ ڪن کي ته پڙهي ٻڌائڻ سندس نيم هو ۽ ان سلي ۾ ڪيس ملندا هئا سڄا سارا پنجويهه رپيا. اڳتي هلي شيخ اياز هن کي پوسٽ مين جي يونين سان سلهاڙيو آهي. هُو ان يونين ۾ وڏي چڑهي حصو ونڊي ٿو، ڪيس نه رن نه روڪڙي، نه گهر نه ٻار، خطرو ڇاجو؟ جيتوڻيڪ ڪيس پوسٽ ماسٽر جي زال، ان کٽراڳ ۾ پوڻ کان جهليو ٻه هو. جيڪا ڪيس بهشت مان پارسل ٿي آيل حُور لڳندي هئي. نيٺ نثار ان تحريڪ ۾ خوب نانءُ ڪمايو ۽ هڪ پيري هن پنهنجي مطالبن جي حق ۾ هڪ تقرير ٻه ڪئي، جا سندس تصوير سان اخبارن ۾ ڇپي. انهيءَ جي حوالي سان، سندس تقرير جي ڇپجڻ کان پوءِ، پوسٽ مين جا مطالبا ڪجهه اڳهاڻ جي خوشيءَ ۾ ڪيس ڪراچيءَ مان ڪنهن ساڻيءَ مبارڪ باد جي لاءِ هڪ خط يا پوسٽ ڪارڊ موڪليو. اهو سندس پهريون خط هو جو هن پاڻ کي پاڻ پهچايو ۽ پاڻ کي پاڻ پڙهي ٻڌايو. لکيل هو:

"ڪامريڊ نثار،

اسين توکي پوسٽ مين جي اسٽرائيڪ ۾ اهڙي جوش خروش سان ٻهرو ونڊ لاءِ مبارڪباد ٿا ڏيون. اهڙو چاهه ۽ اتساهه مليو ته گهرجون ضرور پوريون ٿيندیون.

"توهان جو ....."

ان مبارڪ باد جي خط ۽ سندس ڪيل تقرير، هن لاءِ سڀ سؤڻ ثابت نه ٿيا. ڪيس ۱۵ ڏينهن پوءِ نوڪريءَ مان ڪڍيو ويو. هڪ ڏينهن هن اهو خط ڪاوڙ ۾ اچي ڦاڙي پرزا پرزا ڪري ڇڏيو.

ماڻهو ڪنهن ٻه زندگيءَ جي ڏؤنس ۾ اچي، ان ڏؤنس جو دک مٽائڻ لاءِ نشي ۾ نجات ڳولڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. نثار ٻه پنهنجي اها ڏؤنس مٽائڻ جي لاءِ آفيم جو روڙو ڪائي، باغ جي هڪ ٻئنچ تي ليٽي ٿو پوي ته ڪيس رات پئجيو ويجي.

هن ڪهاڻيءَ ۾ شيخ اياز انهيءَ دؤر ۾ اهو ڏيکارڻ چاهيو آهي ته ڪيئن نه عام ماڻهن ۾ سياسي شعور اچڻ لڳو هو. هيءَ ڪهاڻي آگسٽ ۱۹۴۷ع ۾ "آگي قدم" مئگزين ۾ ڇپي هئي. هن مان گهٽ پڙهيل سنڌيءَ جي شعور ۽ شيخ اياز جي پنهنجي شعور جي اڏام جي پليءَ پٽ پروڙ پوي ٿي.

شيخ اياز جي هڪ ٻي ڪهاڻي آهي، "هروچڪي رت". هيءَ ڪهاڻي ٻه جنوري ۱۹۴۷ع ۾ "سنڊو" رسالي ۾ ڇپي هئي ۽ ان وقت شيخ اياز ايم. اي ۽ ايل. ايل. بي ڪري چڪو هو. ممڪن آهي ته ان وقت هن تازو تازو وڪالت ۾ دلچسپي وٺڻ شروع ڪئي هجي. ڇاڪاڻ ته هيءَ ڪهاڻي وڪالت جي ڏنڊي سان ڪافي گهرو لاڳاپو رکي ٿي.

هيءَ ڪهاڻي هڪ اهڙي چور جي ڪهاڻي آهي، جيڪو چوري ڪندي پنهنجي دل ڦرائي ويٺو. ٻهراڙين ۾ اڳ ڪاٽ جي چوري ڪرڻ عام جام هوندي هئي. سانوڻ رُت ۾ ڪاٽ جي چوري ۽ وري سياري ۾ مال متاع جي چوري، هڪ عام رواجي ڳالهه ڇاتي ويندي هئي. هيءَ ڪهاڻي ٻه اهڙي ڪردار تي مبني آهي. جانو، جيڪو هروچ آهي، اهو ڪاٽ جي چوري ڪندي پڪڑجي پيو. انهيءَ پڪڑجڻ جي روئداد شيخ اياز هن ريت بيان ڪري ٿو: "جانو ڪهاڙيءَ ۾ هٿ وجهي، در ڏانهن ڏٺو. وچ ۾ سندس گوڏي سان ڪٽ ٽڪرائي ۽ ٽاهو ڪائي وڃي پٽ سان لڳو ۽ ايڏا پاڻ سنياڻي هليو مس ته دلي تي ٽاهو ڪاڏائين ۽ وڃي ڏرتيءَ تي ڦهڪو ڪيائين. دلي مان پاڻي هارجي سندس ڪپڙا پسائي ڇڏيا. پر ساهه جي ٻوَ ڪان اڳي ڪڙو ٿيو ۽ ۾ مان ايڏا نڪتو مس ته نڪاءَ ٿي ويس مغز واري لوڙهه. بس پوءِ ته هن کي ڪا سرت نه رهي."

لڳي ٿو اهو سڀ ڪجهه شيخ اياز تي پاڻ وهيو واپريو هجي، چور جي چرڪ ۽ ڊپ ۾ اها حالت ڪا حقيقي چور ئي ڄاڻي سگهي ٿو ڄا شيخ اياز ڪهڙي نه پيرائتي وارتا سان بيان ڪئي آهي. سواءِ هڪ ڳالهه جي، جو شيخ اياز "ڪاٽ" کي "هر" ڪوٺيو آهي. اسان وٽ "ڀرُ" ان کي ڪوٺبو آهي، جيڪو زمين ۾ اندر هجي، جيئن ڪُئي جو ڀرُ، نانگ جو ڀرُ. پر چور هميشه پٽ ۾ ڪاٽ هٽندو آهي. ان کي "ڪاٽ" "سوراخ" يا "هرگهل" ڪوٺبو آهي. ظاهر آهي، شيخ اياز ڪنهن ٻئي ٻهراڙيءَ جو باشندو ته نه رهيو آهي.

باقي وارتا ۽ واردات پوري بيان ڪئي اٿس. ان ڪهاڻيءَ جو ڪردار "ڊيلان" ٻه عجيب آهي. هونءَ عام طور تي ٻهراڙين ۾ نوجوان عورتون، پنهنجي ورن سان پوکي راهيءَ تي ويندين آهن ۽ گهرن ۾ وڏڙيون رهنديون آهن. جيڪي ڏڏ ولوڙي مال متاع ڏهي، پوءِ مانيءَ ڊڳڙيون ٽڦي، لسيءَ جي

گهاگهر ۾ مانين جي ڇهي مٿي تي رکي، فصلن ۽ ٻنين ۾ ڪم ڪندڙن کي پهچائيندڙيون آهن، پر ڊيلان، جيڪا ايڏا ڪنوارو وياءِ، نوجوان ناريءَ کي اڪيلي سر گهر ۾ ڇڏي، هرڪو ڪمين ڪارين نڪريو وڃي، جڏهن ڪين خبر آهي ته گهر ۾ ڏاريو ٻڌو پيو آهي. جيڪو نه صرف ڏاريو آهي، پر چور به آهي.

ڊيلان جڏهن ڳائي ٿي ته جانوءَ جو من موهي ٿي ڇڏي. شيخ ايازِ لکي ٿو ته هن جڏهن پٽائيءَ جو بيت راڳي مان آلاپيو ته: "بس، حد ٿي چڪي! ڇڙ باهه ۽ پاڻيءَ جون لهرون ڳلي مان ايريون، ڇڙ زمين ۽ آسمان آواز جي لس ليٽ ۾ ٻڌي ويا." پوءِ ٿيو چا، "جانوءَ کان پنهنجو ڏڪ ڇڙ وسري ويو." پوءِ ته: "سڄو وايو منڊل حسن، راڳ، ناچ ۾ گهوٽجي ويو هو." پوءِ ته چور جانو، پنهنجي دل ڊيلان هٿان کسائي ويٺو.

پوءِ جي سموري وارتا بيان کيل ڏاڍي عجيب ٿي لڳي، حقيقت ۾ ايئن ٿيندو ناهي. بهرحال ڪهاڻي ڪهاڻي آهي، حقيقت جو گمان ٿيڻ به ڪهاڻيءَ جي خوبيءَ ۾ شمار ٿيندو آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ اسي سيڪڙو حقيقت آهي.

آخر ۾ ڊيلان سان جانوءَ جا مڪالما سياويڪ نه ٿا ياسن. باقي جانوءَ جي من ۾ ڊيلان کي پڃائي وڃڻ وارو خيال ضرور سياويڪ آهي. آخر ۾ ڊيلان جو جانوءَ کي ماني کارائڻ ۽ پنهنجي گهر جي سموري حقيقت ٻڌائڻ به عجيب ٿو لڳي ۽ هن سان شاديءَ جي باري ۾ ڳالهائڻ حقيقت کان ڪجهه پرانهون آهي.

چور جي لاءِ ايئن ڪهڪاءُ ڪائڻ ۽ بنا اڳ پوءِ سوچڻ واري ڳالهه هُن لاءِ دل ۾ نرم گوشي جي ايرڻ جو ڏس ڏُئي ٿو. ڊيلان هن کي چوڻي خلاص ڪري ڇڏي ٿي، ۽ ماٺهن جي اڇڻ تي هو پڇي وڃي ٿو. ان کان پوءِ جي پروڙ ئي نه ڏني وئي آهي. هن ۾ ڊيڪارڻ اهو چاهيو ويو آهي ته چورجو من به موهجي سگهي ٿو. حُسن آخر حُسن آهي. جواني ديواني آهي. مرد جو من ميڻ ٿيڻ لاءِ نوجوان عورت جي جواني ڪافي آهي. اهي لاهوتي ئي ڪي ٻيا ٿيندا هٿا جن لاءِ پٽائي چيو هو:

"جي چورين ڏنا چال، ته به لاهوتي لنگهي ويا."

ٻهراڙين ۾ توڙي شهرن ۾ ڪي ماٺهو اهڙا به ٿيندا آهن جن کي جهيڙي

۾ مزو ايندو آهي ۽ اهو جهيڙو سندن زبان ڪرائيندي آهي. ڪنهن کي چرچ ڏيندا، ڪنهن کي ٽوڪ هٽندا، ڪنهن جي گلا ڪندا ۽ ڪنهن جي اجائي تعريف ڪري ٻئي کي شرمائي، هروپرو جي دشمني وڌائي ڇڏيندا آهن. پوءِ پيا تماشو ڏسندا، اهڙن ماڻهن جي به ڪوٽ نه هوندي آهي، جن کي پرمٽڙيا ڪوٽيو ويندو آهي. اهي به نه ڏسن اڳ نه پوءِ، نه ڪن جاچ نه جوچ، بس چاهي تي لٽ جو ٽڪاءُ ڪندا. اهڙن ماڻهن مان هڪ هو شمن موچي، جنهن صالح نالي هاريءَ کي وڏيري جي ماڻهن هٿان مار ڪارائي، خود بي ڏوهو پٽجي، ٽوپي نراڙ تي رکيو ٿي وتيو. صالح هڪ هاري هُو، هن وٽ شوق جي پاليل ڏاند هو، جيڪو گوئر به هو. ڪيس زال به هئي، جهڙي حُور، صالح به عام ٻهراڙيءَ جي هاريءَ جيان هاري هو ۽ پنهنجي زميندار جي اوطاق جي ٽهل ٽڪور به ڪندو هو ۽ ٻني ٻارو به واهه جي ڪندو هو. اچانڪ سندس ڏاند چوري ٿيو ۽ ڪيس سجاڳي ٿي ته پير ڪٽي وڃي وڏيري جي اوطاق تي پهتو پوءِ هو جهلجي پيو ۽ پوليس ۾ ڏياري ڪيس وڏيري خوب ڪٽايو، هن جي مُري کي ضرب اچي وئي ۽ ان ۾ ئي چار مهينا لڳي ويس. ان وچ ۾ زالنهس پنهنجا ڳهه ڳڻا ته وڪيا، پر پوءِ به صالح ٺيڪ نه ٿيو ته هُوءَ پٽسن لاءِ ۽ صالح جي علاج لاءِ وڏيري جي ور چڙهي وئي، ان وچ ۾ صالح جو اهو ڏاند، جنهن لاءِ هن جو چوڻ هو ته: "دنيا ۾ ٻن شين سان سِر لڳندو آهي، هڪ گهرواريءَ ۽ ٻيو ڏاند سان. ڏاند ته نه هو، پکي هو پکي!"

اهو پکي ڏاند هن جو چوري ٿي ويو، جڏهن ڪڙڪ پيس ته فلاڻي حُر وٽ آهي ته نه ڪيائين هر نه ته، وڃي ڏاند راتو واهه ڪاهي آيس. ان تي شمن موچيءَ هن کي ٽوڪ هٽندي چيو هو: "مال موتائڻ وڏي ڳالهه ناهي، ڪڙو اهو، جو زال موتائي، پر ڪنهن ۾ غيرت به هجي."

هيءَ ڪهاڻي ٺيٺ ٻهراڙيءَ جي ڪردارن تي مبني آهي. ڪهاڻيءَ جا ڪردار، انهن جي گفتگو، هن جو غصو، هن جي چرچ، هن جو هڪٻئي کي ويڙهائڻ، ڪنهن جي لنگهڻ تي ڪيس ٽوڪ هٽڻ ۽ ٽوڪ به اها جا ذهن ۽ دل تي سڏو گوليءَ وارو اثر ڪري. اهڙو اثر شمن موچيءَ جي تير پتير جي مڪالمي صالح جي سيني تي ڪيو. نتيجو ڇا نڪتو، پنهنجي حور جهڙي زال جي منڊي، ڳجر وانگر ڪاڙيءَ جي هڪ ڏڪ سان لاٽائين ۽ پوءِ ان ئي شمن

موچيءَ جي لوڙهه مٿي ۾ جهلي بولاٽي کائي ڪريو. "شمن کي صالح سان ويڙ ٽه اڳ ئي هو." هن ڪهاڻيءَ ۾ وڏيري جي ڪردار ۽ خاص ڪري پنهنجي ويڙ، ڪنهن ٻئي جي آڏار پاڙڻ وارن جي شيخ اياز واهه جي عڪاسي ڪئي آهي. وڏيرو سدائين بچي ويندو آهي. چواڻي آهي ٽه: "گدرو ڪري کاتيءَ تي ٽه به گدرو مَنو ۽ جي کاتي ڪِري گدري تي ٽه به گدرو مَنو". ڏنجهه ۽ زخم، ڪنهن به حالت ۾ غريب هاريءَ کي رسي. هاري وڙهي زميندار سان ٽه به هاري مارجي ۽ جي زميندار وڙهي هاريءَ سان ٽه به هاري مارجي. اها ويڌن ٿي صالح سان. پنهنجي زال به ڪٽائين، پاڻ به حڪيم وٽ، مٿي جي ڪهري گهاءَ ڪري وڌلي رهيو هو ۽ وڏيرو، جنهن جا ڪيترائي واهرو، اهو پنهنجي گهر، اهي ئي مڇون وٽيندو ۽ ٻين جي ننگن ۾ اکيون وجهندو وتي.

پنهنجي هڪ لکيل مضمون "ڪهاڻيءَ جي تاريخ" ۾ شيخ اياز لکي ٿو ٽه: "ڪڏهن ڪڏهن ڪهاڻيون خطن ۽ ڊائرين جي ذريعي به لکيون ويندیون آهن." سندس ڪهاڻي "موٽي آءُ" به خط جي پيرائي ۾ لکيل هڪ ڪهاڻي آهي. جنهن جي نائڪا انتهائي هيٺيئن طبقي سان تعلق رکندڙ ڇوڪري آهي، جنهن لاءِ هو لکي ٿو ٽه: "تون چوري چني هئينءَ، منجهند تائين سنڌي اسڪول ۾ پڙهندي هئينءَ، توکي پائي نه هوندي هئي جو ميٽ وٽي ڦرهي ميسارين ها ۽ ماسترياڻي توکي روز ماريندي هئي ته ڦرهي ڇونه ميساري اٿئي؟" ان مان پڙهندڙ کي ان ڪردار بابت پوري ڄاڻ ملي ٿي ويڃي، هن ڪهاڻيءَ ۾ اياز صرف هڪ ڪردار جي ڪردارنگاري ڪئي آهي ۽ ڪيس پنهنجو ماضي ياد ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. جيئن ٽه ڪهاڻي هڪ طرفي آهي ۽ ان جو سمورو ڪئنواس نائڪا کي سمجهائڻ ۽ احساس ڏيارڻ تي مبني آهي، تنهن ڪري ان عورت ڪردار پاران سندس سمجهائڻ تي ڪنهن به قسم جي ردعمل جي ڪابه جهلڪ نظر نه ٿي اچي، هو ڪيس ايترو به سمجهائي ٿو ٽه: "تون پ - سان شادي ڪري رهي آهين؟ ڇالاءِ ٽه هُو دولتمند آهي، هُو موجوده سماج جو هڪ بيئل فرد آهي. تون اهو نه ٿي سمجهين ڇا ٽه اهو شخص جنهن سان تون شادي ڪري رهي آهين، اهو ان نظام جو زبردست حامي آهي، جنهن نظام تنهنجي روح کي مفلسيءَ ۾

کچليو هو، تنهن جي همت تي پاڻي هاريو هو ۽ توتي لعنت ملامت ڪئي هئي؟"

هيءَ کهاڻي ان ڪردار کي سمجهائڻ لاءِ لکي وئي، جيڪو مفلس هوندي ۽ ڇاڻندي بہ اهڙي ماٺهوءَ سان پاڻ کي واڳڻ ٿو گهري، جن جا طبقا، جن جي سوچ هڪ ٻئي کان نرالي آهي. پر دولت، جنهن نہ ڏني هوندي آهي، ان کي ان جي چاهت ضرور هوندي آهي. اها انسان جي فطرت آهي تہ جا شي کانئس پري پيجندي آهي، انسان ان کي پائڻ لاءِ پنهنجي نُنهن چوٽيءَ جو زور لڳائيندو آهي. پر هيءَ کهاڻي جنهن دؤر ۾ لکي وئي آهي، ان دؤر جي تقاضا طبقاتي جدوجهد هئي. جيتوٽيڪ ان عورت کي هو پاڻ (لکندڙ) انتهائي حد تائين چاهي ٿو، ۽ عورت بہ کيس گهٽ نہ ٿي چاهي. پر هڪ انگريزي قؤل آهي تہ: "جنهن سان پيار ڪجي، ان سان شادي نہ ڪجي ۽ اهو ضروري ناهي جنهن سان شادي ڪجي، ان سان پيار بہ ڪجي."

هن کهاڻيءَ ۾ لکندڙ پنهنجي پيار جا سمورا واسطا ڏئي، پنهنجي ماضي ياد ڏياري، پنهنجي ۽ سندس چاهت جي يادگيري ڏيارڻ جي ڀرپور کوشش ڪئي آهي. جڏهن هو گڏ ڪاليج ۾ پڙهندا هئا تہ هڪٻئي کي "رفيق" ڪري پڪاريندا هئا. چاڪاڻ جو لفظ رفيق ۾ هزار اميدون ۽ آسرا هئا، پر نائڪا جي، "پ" - سان شادي ڪرڻ کري اهي سمورا آسرا، اميدون ۽ خوبصورت خواب، پنهنجي ساڻيا پائڻ کان محروم رهجي وڃن ها.

هن کهاڻيءَ ۾ صرف بہ ڪردار آهن، جن جي چوڌير هيءَ کهاڻي ڦرندي رهي آهي. باقي ماڻ جو ڪردار "پ" جو ڪردار، بس پرتي کندڙ ڪردار آهن، جن جو انتهائي هلکو رول آهي. هن کهاڻيءَ ۾ نهنائي آهي، ميڙ منٽ آهي. هڪ چاهيندڙ پاران سمورا وس کيل آهن جي کنهن کي موٽي اچڻ لاءِ ڪري ٿا سگهجن. نائڪ يا لکندڙ پنهنجي آخري اها راءِ بہ ڏني آهي تہ: "توکي هُتي دولت تہ ملندي، پر محبت نہ ملندي، نفس پرستي ملندي، حُسن پرستي نہ ملندي."

پر جيئن تہ هيءَ کهاڻي صرف هڪ طرفي اظهار ۽ هڪ طرفي سمجهاڻيءَ تي مبني آهي، ان ڪري عورت پاران کنهن بہ قسم جي ردِ عمل جي ڀالهہ ئي ناهي. ليڪڪ يا نائڪ هڪ غريب شاعر آهي، جنهن وٽ جذبا

تہ آهن پر دولت ناهي. محبت جو اظهار تہ آهي، پر عورت جي گهرجن جو پورائو هن وٽ ممڪن ناهي. اهائي هڪ ڳالهہ ٿي سگهي ٿي ان عورت جي ڪنهن اهڙي مرد سان شادي ڪرڻ جي، جيڪو هن جي خيالن ۽ سوچن جي انحراف تہ آهي، پر عورت کي شاديءَ کان پوءِ مستقبل جو اونو اوس ٿيٽو هوندو آهي. ڪيس پنهنجي مستقبل سنوارڻ جو خيال اوس ٿيڻ هو. نظام جي خرابيءَ کي چڱائيءَ ۾ بدلائڻ، هروپرو کي ٿوريون عورتون پنهنجو ذمو سمجهنديون آهن. ڪاش! هُوءَ موتي پوي ها ۽ سماج کي ڏوڏڻ ۽ سامراج کي لوڏڻ ۾ شاعر جو سات ڏئي ها.

کھاڻيءَ جي تواريخ

کھاڻي جيَ تواريخ ايتري قديم آھي، جيتري انسان جي. ذرا تصور ۾ آڻيو! جڏھن انسان آبھوا جيئن قدرت جو عنصر ھو، قدرت جيئن ٻي حجاب، ٻي خوف، بيپرواھ! نہ کيس اڻي لڻي جو الکو، نہ ڇپر ڇني جو فکر، نہ رِيتيون رسمون، نہ رشتا ناتا، نہ ننڍائي وڏائي، نہ ونڊيون ويڇا! ايڏا ۾ پُٺ تي موڙو، ھزارين سال پٺ تي، Neolithic دؤر ۾. کھاڻي کلھي تي، تير ترکش ۾ ڪنيو، انسان جھنگ جبل جھاڳي، شڪارڪري، نھر مان پاڻي پي حياتي گذاريندو ھو. نہ ھئي کيس ٻولي، نہ قوميت، نہ سيپيتا!

ھر کھاڻي ماحول جي اثر جو اظھار آھي ۽ ارد گرد جي فضا جي پيداوار آھي. ان وقت جون کھاڻيون اسان کي تصويرن ۾ ملن ٿيون، جي غفائن ۽ غارن ۾ ڇڻيون ويون ھيون ۽ زندگيءَ جي ضرورتن جو انساني جذبن ۽ خيالن تي اثر ڏيکارن ٿيون. اگر اسين انساني تمدن جي ابتدائي وارتا متعلق مذھب، اخلاق، قانون، رسم رواج، ڪيتي، رقص ۽ ٻين لطيف فنن (Fine Arts) تي گھري

نگاهہ اچلينداسين تہ ان ۾ اسانکي ڪئين ڪهاڻيون نظر ايندیون. انسان جي محبت ۽ نفرت، حرص هوس، ترقي تنزل جون ڪهاڻيون.

مذهبي جذبات جي پيدائش، جادو، قرباني (هليدان) زمان مڪان جو قديم تصور اسان کي هڪ عجيب غريب دنيا ۾ وٺي وڃي ٿو.

جڏهن پهريون پيرو انسان خواب جي پراسرار حقيقت تي غور ڪيو هوندو تہ ڪيئن نہ سندس عقل چرخ ٿي ويو هوندو ۽ ڪيتريون نہ ڪهاڻيون ان جي باري ۾ ٺاهيون هونداٿين؟

جڏهن هوليءَ ترقي نہ ڪئي هئي تڏهن انسان جي جذبات رقص ۽ نقاشي ۾ چٽي ويندي هئي. نقش ۽ رقص ۾ بہ تہ ڪهاڻيون هيون، غم غصي، حيرت ۽ هيبت، پيار پڇتاوَ جون ڪهاڻيون. هوليءَ ترقي ڪئي تہ دنيا ۾ داستان گو پيدا ٿيا ۽ پنهنجي حيرت انگيز حافظي، چتر زبان ۽ ڊرامائي عمل (Dramatic action) سان ٻڌندڙن کي وندرائڻ لڳا.

تحرير (لکت) جي فن جي ايجاد ٿيڻ بعد انساني زندگيءَ ۾ جي تبديلون آيون. تن مان شعر ۽ ادب جي پيدائش مکيہ آهي. قديم مصري ادب ڏسبوتہ ان ۾ جادو، ٽوٽڪي، منتر، تناسخ (جوڙ)، روح متعلق ڪيئي ڪهاڻيون ملنديون. سڀني کان زيادهہ مشهور ۽ دلچسپ ڪهاڻي هئي تہ ڪيئن موت کان پوءِ روح جامو بدلائي Osiris (آسي رس) وٽ پهچي ويندو هو، جو مصري ديومالا (Egyptain mythology) موجب سڀ کان وڌيڪ مقدس ديوتا هو.

آريہ قوم زمين تي سرڪندي، وڌندي، ڦهلجندي وئي. ان ۾ڇن، گيت، ڪيرتن پيدا ڪيا. جن ۾ نرت، سنگيت، ڪوتا جو ميل جول هو. اُپنشد، رامائڻ، مهابارت وغيرهہ ۾ ڌرمي ڪهاڻيون جن ۾ ان سمي جي سياسي ۽ سماجي جيوت، راجائن جو رعب داب، پرجا جو ڏک سک، وهم وسوسا، ريتيون رسمون چٽيون ويون، سي ان وقت جي غلاميءَ جي پورهئي تي ٻڌل سڀيتا جو عڪس آهن.

يوناني ادب ۾ اليد ۽ اوڊيسي مکيہ جڳهہ واري ٿو. ان ۾ پنهنجي ماحول جي عڪاسي آهي ۽ ان وقت جا اخلاقي قدر (Moral values) محبت نفرت جا جذبا، رزم بزم جو رنگ ڍنگ ڏنو ويو آهي. ساڳيءَ طرح ٻڌ ڌرم

هندو مت جي سخت گيري (Rigidity) سان ٽڪر کاڏو ۽ گوتم ٻڌ جي زندگيءَ کي کهاڻين ۾ پيش ڪري سندس آدرش جي ڦهلاءُ لاءِ ڪتب آندو. عيسائي مذهب ۾ به کهاڻيءَ جي رنگيني ۽ دلڪشي گهٽ نه آهي. سڪندر، سيزر، ڪلوپيٽرا وغيرهه ته تصور جا رنگ محل آهن جن ۾ انسان جا گهري ۽ گهڙا امنگ اڏما آندا ويا آهن ۽ سندس ادبي روح جي تسڪين لاءِ نوان ذريعا پيدا ڪيا ويا آهن. اسلامي حڪومت به ساڳي چاشني چکي آهي. خود قرآن ۾ احسن القصص (Sublime stories) آندا ويا. الف ليلىٰ ته دنيا ۾ ۽ مشهور آهي ۽ نه رڳو اميراڻي زندگيءَ جي شيرين خواب جي تصوير آهي پر غريباڻي حياتي جي وڪلندڙ، وٽ ڪائيندڙ، پاسا بدلائيندڙ سپني جون جهلڪيون به منجهس نظر اچن ٿيون. انهن کهاڻين ۾ ظاهري طرح ته حسن عشق، شاهاڻي شوڪت، رنگ روپ، ناچ گاني جون ڳالهيون، جنن پرين، پوتن پريتن جا داستان، تقدير جون تدبير تي جلهون ۽ ٽئولين چٽيون ويون پر سچ پچ ته اهي افسانا پنهنجي ماحول جا ترجمان هئا. ڪنهن به کهاڻيءَ جي تهه ۾ نظر ڊوڙائبي ته اسان کي طبقاتي حقيقت (Class- reality) نظر ايندي. چوڏهين صديءَ جي يورپي ادب تي نظر اڇلائبي ته اسانکي بوڪئشو (Boccasio) جون کهاڻيون چمڪ ڏمڪ سان نظر ايندیون ۽ اسان کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيندیون ته ڪيئن انهن ۾ زندگيءَ جي بي نقاب تصوير ڪڍي ويئي آهي ۽ جاگيرداريَ نظام سان سرمايداري نظام جي ڪشمڪش ڏيکاري، جاهه ۽ اتساهه سان نئين آزادي جي طلب ڪئي وئي آهي.

تهذيب ۽ تمدن ترقي ڪندي رهي، انسان جهالت جون ڪاريون گهرايون چيري اڇتي وڌيو ۽ قدرت جي ڪارسازيءَ تي راضي نه رهي، سندس راز سلجهائڻ لڳو ۽ سندس طاقتن تي غالب پوڻ لڳو. صنعتي تهذيب (Indstrial Civilization) پهرين ڪَني ڪڍي ۽ جڙ زندگيءَ ۾ هلچل مچي وئي. جديد ناول ۽ ڪهاڻي ان دؤر جي پيداوار آهي. انگريزي، روسي ۽ فرانسيسي ادب ۾ انقلاب سان گڏ ڪهاڻيءَ جي لکڻيءَ ۾ به انقلاب اچي ويو. زندگي پيچيده ٿيندي ويئي. سندس ضرورتون ضرب ٿيندیون ويون ۽ جدوجهد زيادهه شديد ٿيندي وئي. ڪهاڻيءَ جي ٽيڪنيڪ، ادا، رنگ، انداز، ڦهلاءُ به تيئن وڌيڪ گوناگون ۽ دلچسپ ٿيندو ويو. هينئر اچو ته موجودهه

سرمائيداري ۽ سامیوادي دؤر جي کهاڻيءَ تي نظر اڇلايون. خاص مثال جيترا زياده ڏيا اوترو مضمون رکو ٿيندو ويندو. ان ڪري بهتر آهي تہ جديد کهاڻي جي عام تصور تائين محدود رهون.

کهاڻي ڇو لکجي؟

کهاڻي جي ضرورت تي لکڻ تہ اجايو آهي.

هي زندگي ئي هڪ کهاڻي آهي، هڪ عجيب غريب، وچتر کهاڻي. جنهنجو صفحو صفحو روئاري ۽ کلائي، رسائي ۽ منائي، منجهائي ۽ سمجهائي ٿو. انجي سٹ سٹ ۾ يا تہ ڪتڪتائي آهي يا چهنڀڙي يا ٽڦ يا ٽوڪر. ائين ڪٹي چٹجي تہ هيءَ زندگي گهٹيون ئي کهاٹيون آهي. ہٹي پاسي هر هڪ کهاڻيءَ ۾ زندگيءَ جي جهلڪ آهي. ان جي غم يا خوشي، پستي يا بلندي، سختي يا نرميءَ جي ترجماني آهي. جي اسان کي زندگي عزيز آهي تہ کهاڻي کيئن نہ پياري لڳندي؟ ۽ جي اسان تي زندگي بار آهي تہ کهاڻي پڙهي ان جو ہوجهہ هلکو ٿيندو. آخر زندگي خود بہ تہ هڪ کهاڻي آهي. تو ڇٹي، مون ہڏي ۽ پوءِ جڻ تہ هٹي ئي نہ! انڪري سماج جي شروعات سان کهاٹيون شروع ٿيون ۽ جيستائين سماج کي وجود آهي تيستائين کهاٹيون رهنديون.

کهاڻي کيئن لکجي؟

مونکي تہ اهو سوال بي معنيٰ لڳندو آهي. هر هڪ انسان پنهنجي دنيا جو مرڪز آهي. هي محل ماڙيون يا جهڳا جهوپيون، هي ہار ہچا، هي سنگتي ساڻي، سڀ سندس چوڌاري چڪري جيئن ڦري رهيا آهن. هو خود پلڪار جو نقطو آهي ۽ سڄو سنسار سندس چوڌاري ڦري رهيو آهي. ڪهڙو بہ ڪاٹو ڪوجهو، انڈو مندو هجي تہ بہ پنهنجي ناٹڪ جو هيرو آهي. هو سڄي دنيا جي سڀ کان وڌيڪ اهم شخصيت آهي. سياسي، سماجي، اقتصادي ڦيرا سندس خودي‌ءَ جي آستان تي سلام ڪن ٿا. طبقاتي ڪشمڪش جو گهرو يا چڙو عڪس بہ اسان کي ان انسان جي زندگيءَ ۾ ملندو.

بالي ويشيا آهي. ساري رات جسم وڪٹي، شراب جي بدبو ۽ سگريٹ

جي دونهين ۾ هوساڻجي، غلاظت، ۽ گندگي جي آغوش ۾ پوئين پهر جو اک لائي ٿي. ظاهري طرح سندس دنيا ميراثين، ڏکڻن، ناچن گائن، دام ڪام کان سواءِ ڪجهه نه آهي، پر جي ڪڏهن ڪڏهن پور پوندو اٿس ۽ پنهنجي محبت جو داستان چيڑيندي آهي ته ڇڙ سندس منهن تان معصوميت گهوري ويندي آهي، سندس انگ انگ، لفظ لفظ مان شرافت، سچائي ۽ قرباني بکندي آهي. ان وقت هوءَ پاڻ کي سڃي ڪائنات جو مرڪز سمجهندي آهي ۽ سندس محبوب، جنهنجي ساراهه مان هوءَ ڏاپندي ٿي نه آهي سو ڇڙ دائري تان کسڪندو ان مرڪز ۾ سمائجي ويندو آهي ۽ سندس روح ۾ رمي، هستيءَ ۾ حل ٿي ويندو آهي. مون سندس زندگي آندي هئي پنهنجي ڪهاڻي "شانتا" ۾. ڪهاڻي لکڻ لاءِ انساني فطرت جو مطالعو (Study of Human nature) ۽ زندگي جي تنقيد (Criticism of life) ضروري آهي. جنهن افسانه نويس زندگي جي رڳ رڳ ۾ دورو ڪيو آهي. انجي نبض چڱيءَ طرح جاچي آهي، تنهن کي زندگي جو خسيس ۽ خسيس واقعو به ڪهاڻيءَ جو مواد مهيا ڪري ڏيندو. صرف هڪ "ڪتڪتائي، چهنڀڙي، ٽڦ يا ٽوڪر" جي ضرورت آهي بس پوءِ ته قلم ڪنيو ناهي ته زندگي جا واقعا هڪ ٻئي پٺيان اکين اڳيان رقص ڪندااينداً، تصويرون ڦرنديون هڪ ٻئي سان ٽهڪنديون، ٻهڪنديون ويندیون، بنا گهٽي سوچ ويچار جي جذبات پني تي چٽبي ويندي ۽ تنهنجي، منهنجي يا ٻئي ڪنهنجي ندگيءَ جون ڌار ڌار چوٽيون ڪهاڻيون ملي هڪ ادبي ڪهاڻيٰاهيندیون.

مان به جڏهن جذبات جي رواني ۾ لکندو ويندو آهيان تڏهن قلم سولو روڪي نه سگهندو آهيان. اها منهنجي وڏي ۾ وڏي خامي آهي ۽ شايد خوبي به. مٿي جيڪي مون لکيوآهي، اهو منهنجي ڪهاڻي لکڻ جو نمونو ۽ رستو آهي ۽ مان خاص ڪري نفسياتي (Psychological) ڪهاڻيون لکندو آهيان. ڪهاڻي لکڻ جا ٻيا به ڪيئي نمونا ۽ رستا آهن.

مٿين ڪهاڻيءَ جي رنگ ۾ گهٽو ڪري ضمير واحد غائب ڪم آندو ويندو آهي. يعني "هو يا هوءَ" سان ڪهاڻيءَ جي ڪردار (Character) کي ڪوٽيو ويندو آهي.

انمان ليڪڪ جي پنهنجي ڪردار ۾ وڌيڪ دلچسپي ۽ ان سان گهري ڇاڻ سڃاڻ يا دوستي بکندي آهي ۽ پڙهندڙ تي سندس لکڻ جي گهرائي ۽

سچائي جو زيادهه اثر پوندو آهي.

ٻيو ان قسم جو عام طريقو آهي ضمير متڪلم ڪم آڻڻ، يعني "مون" جو لفظ ڪردار واسطي استعمال ڪيو ويندو آهي. "مون هيئن سوچيو....." ان مان ٻه خطرا آهن، يا ته ليکڪ جي گهٽي خود اعتمادي (اپ- وشواس) ڪري لکڻيءَ جي سچائيءَ ۾ گمان وڌي ويندو يا ته گهٽتائيءَ جو احساس (Inferiority Complex) سڃي ڪهاڻي جو لطف وڃائي ڇڏيندو.

"مون" کي ڪم آڻڻ جو بي خطري طريقو اهو آهي ته افساني جو ڪوئي ڪردار پنهنجي ڪهاڻي پاڻ ڪٿي.

چوٿون نمونو آهي ته مصنف بي تعلق ٿي ڪوئي واقعو بيان ڪري. جي هن کي پنهنجي خيالن ۽ جذبن تي ڪافي فني ظابطو آهي ته هي طريقو سڀ کان وڌيڪ پسند ڪيو وڃي ٿو. ليکڪ جي ذاتي خيالن جي رو ۽ هن جي جذباتي پٽ جو جوش ڪهاڻي جو اثر گهرو ڪري ڇڏي ٿو.

ضمير متڪلم ڪم آڻڻ جو هڪ پٽو نمونو ٻيو ٻه آهي ته ڪهاڻي ۾ هڪ ڪردار جي واقفيت ڪرائي وڃي ۽ پوءِ ڪائي زندگي جي وارتا بيان ڪري.

ڪڏهن ڪڏهن ڪهاڻيون خطن ۽ ڊائرين ذريعي ٻه لکيون وييون آهن. پر اهي ٻه طريقا اختيار ڪرڻ مهل مصنف کي سوچڻ ڪپي ته ڇا منهنجي خيالات جي اظهار لاءِ صرف انهن ٻن نمونن مان ئي هڪ موزون آهي؟ ڊائري رستي هڪ پرلطف ڪهاڻي لکي سگهجي ٿي. بشرطيڪ ان ۾ سڌي سنئين حياتي جي ترجماني يا جذبات جي مصوري ڪئي وڃي. باقي پيچيدا فيلسوفاڻا نڪتا ۽ زندگي جي پرولي سمجهائڻ لئي مٿا ڪٽِ، ان مان مزو ڪيڻ ڇڏيندي.

پر اهي نمونا کي قطعي طور آخرين نه آهن. جيتري آهي زندگي گونا گون اوتري ڦير گهير ٿيندي، ڪهاڻي جي نموني ۾ ۽ لڇڪ لکڻي ۾. مثال طور ٽيليفون تي گفتگو رستي ڪهاڻي مڪمل ڪرڻ لاءِ ٻه هڪ ٻيو نمونو آهي.

منهنجي نظر ۾ ادب ٻاهرين ماحول (وايو منڊل) جو اديب جي دل تي عڪس آهي. پر شايد مون پنهنجو خيال چگي طرح ظاهر نه ڪيو. ادب عڪس نه آهي بلڪ تصوير آهي. عڪس ۾ ڪلاڪار جي ڪلپنا جي گنجائش نه آهي پر تصوير آرٽسٽ جي تصور تي دارو مدار رکي ٿي. دل جي دنيا ٻاهرين دنيا کان گهٽي وڏي آهي، بي انت، اٿاهه، اونهي! جيئن ڏينهن

جو ڏنل ڳالهيون خواب جي دنيا ۾ ايترو ڦهلجي وڃن ٿيون، جو، انسان ڪائنات جي هڪ ڪنڊ ڪان ٻيءَ ڪنڊ تائين سير ڪري، پنهنجون ناڪام تمنائون پوريون ٿو ڪري ۽ پنهنجي خودي‌ءَ جي مڪمل اظهار ۾ ڪڏهن ب نٿو ڪيبائي، تيئن حال آهي ادبي ڪيفيت (Literary Mood) جو. ڪڏهن ادب ماضيءَ جي ميرانجهڙي فضا ۾ گم ٿي وڃي ٿو، سندس ياد سندس دماغ تي ڪوهيڙي وانگر ڇائنجي وڃي ٿي. جهونيون جهونيون يادگيريون، اڌوريون، لڃاريون، پردهه نشين يادگيريون! ڪڏهن سندس تصور مستقبل تي ڪرٽا ڦهلائي ٿو ۽ سندس دور رس نگاهون آئيندي جي نئين نظام جا خواب لهن ٿيون. مطلب ته هن جي هٿ ۾ ڪهاڻي جا واقعا لاٽوءَ وانگر آهن، جتي وٽيس اتي ڪين ڦيرائي هٿي. ڪڏهن مٿيءَ ۾، ڪڏهن فرش تي، ڪڏهن ڏور تي لاهي ته دل ۾ آس نراس غوطا کائي، ڪڏهن تريءَ تي ٽڪ ٻڌائي ۽ فخر مان ڏسڻ لڳي. هن تي فقط ڏور ويڙهڻ فرض آهي، باقي لاٽون ۽ چڪهه پيا پاڻ ۾ نبرندا.

ڪهاڻي نويس زندگي چٽي ٿو، پر ان چٽسالي‌ءَ ۾ مٽس بندشون وجهڻ نه ڪپن. هو آزاد آهي، هوا جي لهر جيئن، اجهل پاڻي جي ڇولي‌ءَ جيئن ڇٽل!

جيسين ڪهاڻي نويس ۾ سڀ مان ٽورو ۽ ٽوري مان سڀ نه آهي، تيسين هو چگي‌ءَ طرح ڪامياب ٿي نه ٿو سگهي. ڪيس زندگي تي ڇانٽجي وڃڻو آهي؛ سرچ لائيٽ جيئن نه ته، گهٽ ۾ گهٽ ڦڪي چاندوڪي‌ءَ جيئن. هو سياستدان، فيلسوف، مهاشري جو ماهر، Sociologist وگياني، مطلب ته سڀڪجهه آهي ۽ ساڳئي وقت ڪجهه ب نه آهي. هو زندگي‌ءَ جي تصوير چٽي ٿو، ان جي تنقيد ڪري ٿو، انتي ڪلي ڪلي اسان کي روڻاري ٿو، اسان جي دماغ ۾ چپٽيون ٿو وجهائي ته "آتي زندگي ڀڃندي ٿي وڃيئي ان جو پيڇو ڪر، تون ڇو پٺتي رهجي ويو آهين؟" ڪڏهن گونگا، گم سر ڳوڙها وهائي، اسان جي دل ۾ هڪ بي معنيٰ بيچيني پيدا ڪري ڇڏي ٿو ۽ اسين محسوس ڪرڻ ٿا لڳون ته ڪجهه ته دنيا ۾ خرابي آهي، ڪجهه ته اهڙو آهي جو اڪ ۾ وار جيئن چيي رهيو آهي.

ڪهاڻي پل پهر جو واقعو آهي، ناول جيئن سال صدي‌ءَ ۾ نه ٿي ڦهلجي. گهڙي‌ءَ جا گهڙيال آهن؛ پيو انسان بدلجي سدلجي. نيون نيون تبديليون، نوان

نوان تعميري خيال، خودي۽ جو خيال ڪڏهن ڪيئن ته ڪڏهن ڪيئن؟ جي انهن ۾ ڪو خاص رشتو ناتو، ڪا ڳالهه ڳانڍاپو آهي ته پوءِ ڇو زندگيءَ جون ايتريون تبديليون خيال ۾ رکي انهن ۾ ڪوئي عام تعلق ڳولهجي؟

ناول انسان اڳيان زندگيءَ جي ڏيکهه رکي ٿو، ڪهاڻي ان جو عميق (Depth) زندگيءَ جي هر واقعي ۾ فلاسافي، نصيحت، ڏکي ڏکي کل، مٺي مٺي سڏ ڪي، تفريح ۽ دلچسپيءَ جو سامان موجود آهي ۽ ڪهاڻي ان کي اثرائتي نموني پيش ڪري ٿي ۽ ان ڪري شايد ڪهاڻيءَ کي ناول کان وڌيڪ اهميت آهي.

ڪهاڻيءَ جي ٽيڪنيڪ ۽ نوع تي وڌيڪ خشڪ بحث ۾ پوڻ کان بهتر اهو ٿيندو ته ڪنهن ساهتيه جي ڪهاڻين تي ٽيڪا ٽپڻي ڪري ان جي هر پهلوءَ تي روشني وجهان.

هندستاني ادب ۾ اردو ڪهاڻيون هڪ نمايان جڳهه والارين ٿيون.

جديد اردو ڪهاڻيءَ ۾ ڪرشن چندر چوٽيءَ جو ليکڪ آهي. هن ۾ هڪ انقلابي رومانيت (Romanticism) نظر اچي ٿي ۽ هو ان کي رنگا رنگ نمونا ڏئي ٿو. ڪڏهن ڏس ته جهلم نديءَ جي ڪناري تي هڪ اجنبي عورت تي اٽاهه اداسي لهرائي ٿي، ڪڏهن دلر ڏنڊ تي هڪ پاٽيءَ جي زال جنهن جو مڙس روزگار لاءِ پرديس ويو آهي، پنهنجي عصمت چئن سکن تي وڪڻي ٿي. ڪڏهن پهاڙي نازنينيون اميرن هٿ وڪامن ٿيون، ڪڏهن پڙهيل ڳڙهيل چوڪريون پنهنجي مرضيءَ خلاف شادي ڪن ٿيون ۽ سندن نازڪ دل چور چور ٿي ڪئي وڃي. مطلب ته هڪ روماني فضا ۾ انقلابي چٽنگ لڳائي وڃي ٿي ۽ سندس نازڪ ڪهاڻين ۾ فطرت نگاري ۽ رومانيت ملي، ڪرشن چندر کي دنيا جي بهترين افسانه نگارن ۾ جاءِ ڏين ٿيون. هن جي هر ڪهاڻيءَ ۾ هن جي انفراديت (Individuality) جهلڪي ٿي.

هو زندگيءَ جي راهه تي نچندو، جهومندو، ڳائيندو، لهرائيندو نظر اچي ٿو ۽ پڙهندڙ به هن سان وجد ۾ اچي ٿو وڃي. هو چپ ڪوڙي، اکيون اڳهي هن سماج ۽ تهذيب کي گار ٿو ڏئي ۽ پڙهندڙ جي دل ۾ بغاوت جي آگ ڀڙڪي ٿي اٿي. هو شراب جو پيالو پري، چوي ٿو، "پيئو جيئو" پر ساڳئي وقت ڪيس احساس آهي ته ڪيئي رت جو ڏڪ پري، صبر ڪري ويلا ٽا

ڪاٽين. هو زندگيءَ کان پاڇ ڪائي ٿو وري تازي جدوجهد لاءِ. هن جي ڪل ڳوڙهن- ڳاڙڻ آهي؛ هن جا لڙڪ مرڪ ۾ پوتل آهن، هن جو مزاح ۾ طنز (humour & Irony) هٺ ۾ هٺ ڏيئي وڃن ٿا. هن بيهودي سماڄ، وهمي تهذيب، غلام زندگيءَ تي چٽرون ڪندا، مرڪندا، ٽوڪاريندا، ٺڪرائيندا. ڪرشن چندر جادوگر آهي، هندستان جو بهترين اديب آهي.

اپيندر ناٿ اشڪ وچولي طبقي جي زندگي چٽي، هو ان جا مسئلا، مصيبتون، بيهودگيون، بيتابيون، پريشانيون، پشيمانيون تمام چگيءَ طرح قلم بند ڪري ٿو. هو پنهنجي ڪتاب "ڪونپل" جي مهاڳ ۾ لکي ٿو ته "ڪهاڻي- ليکڪ ان ڪامياب تقرير ڪندڙ وانگر آهي، جو پهرئين جملي سان ئي پڙهندڙ جو ڌيان ڇڪي وٺي ٿو، جيئن پوءِ تيئن افساني کي وڌائي، پنهنجي پڙهندڙ جي دلچسپيءَ ۾ اضافو ڪندو وڃي ٿو. ايتري قدر جو چوٽيءَ (Climax) تي پهچي، انهيءَ افساني کي ختر ڪري ٿو ۽ جو اثر هو پڙهندڙ تي وجهڻ چاهي ٿو، سو سڃيءَ شدت ۽ گهرائيءَ سان اُن تي ڇانئجي وڃيٿو."

اپيندر ناٿ وچولي طبقي جي گهرو حياتي، شادي غمي، ڏيتي ليتي، وهنوار، استريءَ جي دردشا اهڙيءَ ريت ٿو اڻي گويا، ڪاغذ جو صفحو سئنيما جو پردو ٿي وڃي ٿو ۽ گهمندڙ ڦرندڙ تصويرون اکين اڳيان ڦري وڃن ٿيون.

راجيندر سنگهه بيديءَ جي ڪهاڻيءَ ۾ واقفيت، رومانيت ۽ مشاهدو ملي ٿو. هن ۾ ديهاتي زندگي جي چاشني آهي، عوام جي سڌي سادي رهڻي ڪهڻي جي جهلڪ آهي، فلاسافيءَ جي دلڪش ملاوٽ آهي. مثلاً، هڪ ٻار ماءُ کان سوال پڇيو ته: مان ڪٿان آيس. ماءُ وٽ هالو چالو جواب ته گهڻيئي هئا، جن مان هيئيون وڌيڪ دلچسپ آهي.

"تنهنجو پيءُ هڪ سؤ ٻن گهنڊين وارو ڄار ڪٽي رام تلائي يا شاهه بلور جي تلاءَ ۾ مڇيون پڪڙڻ ويو. اتي نه مڇيون هيون نه ڪڇو، صرف ڇورون هيون. هڪڙو ننڍڙو ڏيڏر هو جو هڪ مڻيءَ جي دڙي تي ويٺو آرام سان برساتي گيت ڳائي رهيو هو. اهو تون هئين. تنهنجو پيءُ توکي ڪٽي آيو ۽ اسان توکي پاليو." ڪهڙي نه ديهاتي زندگيءَ جي سهڻي روايت ڏني اٿائين! بيدي گهڻو ڪري ڳوناٽي جيوت چٽي آهي. هينئين وچولي طبقي جي حياتي جڙ هڪ ڏاڪي جي ڏار تي تباهيءَ جي غار مٿان لٽڪي رهي آهي، ان کي پوري

درد ۽ دهشت سان چٽيو اٽائين. سندس کهاڻيءَ ۾ همدردي، محبت ۽ گهري تلخي جو احساس نظر اچي ٿو.

علي عباس حسينيءَ جون هندو ۽ مسلم وچين طبقي ۽ زميندارن جي براي ۾ سٽيون کهاڻيون آهن. هو ديهاتي حياتيءَ جون مصروفيتون، مصيبتون، خوشيون ۽ پريشانيون تمام چگيءَ طرح بيان ڪري ٿو. هن ۾ انسانيت ۽ فراخدلي آهي. سندس گهٽا افسانا "شاعراڻي انصاف" (Poetic justice) تي ختم ٿين ٿا.

عصمت چغتائي اردو جي بهترين افسانه نگار عورت آهي. هن پنهنجي جنس کي ننهن کان چوٽيءَ تائين جاچيو آهي، ان جون ڪمزوريون ڪچايون، گٺ اوگٺ محسوس ڪيا آهن. ان جي بيوسي ۽ نادانيءَ پرکي آهي. هوءَ "هندستان جي عورتن کي چئلينج آهي." جهڙو بي خوف ٿي، عصمت سماج جا چلر لاهي ٿي، تهڙو ڪوئي کهاڻي نويس نه ڪري سگهندو. منجهس هڪڙي ڪمزوري آهي ته هوءَ زياده زور جنسيت (Sexualism) تي رکي ٿي.

سعادت حسن منٽو هندستان جو ڊي- ايڇ- لارينس آهي. هو چوندو آهي ته "جو کهاڻي- ليکڪ طوائف خاني (وئيشيا گهر) ۾ نه ويو آهي، سو ڪڏهن به سٽي کهاڻي لکي نه سگهندو." مٽين ليکڪن ۾ شعوري يا لاشعوري طرح طبقاتي ڪشمڪش نظر اچي ٿي.

کهاڻي جي تواريخ ۽ ٽيڪنيڪ ۽ جديد اردو کهاڻيءَ مان مثال توهان اڳيان رکيا ويا آهن. سنڌي ليکڪ اڃا ان سائيڪل جي نئين سيڪڙات جيان آهي، جنهن کي سائيڪل تي چاڙهي ڪٽي ميدان ۾ ڇڏيو وڃي. ان ۾ هو ڏک ڪائي هڏ پڄي، ان جو به امڪان آهي. پر اها اميد به آهي ته سندس اٽل ارادو ڪيس ڪوشش ۾ ڪامياب ڪندو. ان ۾ ته ڪوبه شڪ نه آهي ته سنڌ ۾ جي نوان اديب پيدا ٿيا آهن، تن مان ڪي نه رڳو پاڪستان ۾ هندستان جا به بهترين اديب ٿيندا. اهو وقت دور نه آهي جڏهن هن جي لکٽيءَ جي پختائي ۽ خيال جي بلندي وڏي دنيا کان پاڻ تسليم ڪرائيندي.

جولاءِ ۱۹۴۷ع

شيخ ايار

ڊاڪٽر قاضي خادم

شيخ اياز
سنڌي ڪهاڻيءَ جو بنيادي ڪهاڻيڪار

جديد سنڌي مختصر ڪهاڻيءَ جي شروعات ۱۵- ۱۹۱۴ع ڌاري ٿيل ٿي ڄاڻجي، جڏهن سنڌي هوليءَ ۾ سنڌي ساهت سوسائٽي، سندر ساهتيہ سڪ ٽرئڪ سوسائٽي، ۽ ۱۹۳۰ع ڪانپوءِ سنڌو رسالو جاري ٿيا، جن ۾ پڙ گهٽو ٿو ترجما ۽ ماخوذ ڪيل ڪهاڻيون ئي شايع ٿيندیون رهيون. انهن ۾ خاص لاڇند امر ڏني مل جون "چمڙا پوش جون آڪاڻيون" مشهور ٿيون. جن کان پوءِ ديوان دولت رام- بولچند جي ڪهاڻي "آب حيات" (جيڪا سنڌو مخزن ۾ مارچ ۱۹۳۷ع ۾ شايع ٿي- اها ڪهاڻي نيٿنل هاٿورن -Nathnal Hawtho) (ran جي ڪهاڻي Twice told tale تان ورتل هئي) مرزا نادر بيگ جون ڪهاڻيون، آسانند مامتوراءِ جون "ڪنوارڙ" ۽ ٻيون ڪهاڻيون، عثمان علي انصاريءَ جي ڪهاڻين جو مجموعو "پنج"، امر لعل هنگوراڻيءَ جون ڪهاڻيون (ادو عبدالرحمان ۽ هيءَ ٻہ رانجهوءَ سنڌي رمز، جيڪا ڪهاڻي پڙ موپسان جي "مون لائيٽ" تان ورتل هئي.) شيخ عبدالستار جي "رحيما،" گوبند پنجابيءَ (مجموعو سرد آهون۱۹۴۲ع) حشوڪيولراماڻي (هڪ- ٻہ- ٽي ۽ ٻيون ڪهاڻيون) ڪروڙ پتي، نجم عباسي، شيخ اياز ۽ ٻيا ڪي ليکڪ آهن، جن مان ورهاڱي کانپوءِ سنڌ ۾ ڪروڙ پتي، نجم عباسي ۽ شيخ اياز ئي وڃي رهيا.

مٿين انگن اکرن تي نظر وجهڻ مان معلوم ٿئي ٿو تہ شيخ اياز سنڌ جي اوائلي ڪهاڻيڪارن مان هڪ آهي ۽ ورهاڱي کان اڳ واري دؤر ۾ سندس ڪهاڻيون "سفيد وحشي"، "پاڙيسري"، "ڪارو رنگ"، "رولو"، "ڪلٽي"،

"نظيران" ۽ ٻيون ڪهاڻيون ڪافي داد حاصل ڪري چڪيون هيون. "ڪلٽيءَ" لاءِ پروفيسر منگهارام ملڪاڻي لکي ٿو. "هيءَ هڪ نهايت نفيس سيرت نگاريءَ جي آڪاڻي هُئي ۽ سنڌ ۾ نڪتل اصلوڪين ڪهاڻين مان آخرين شاهڪار هئي." (سنڌي نثر جي تاريخ- زيب ادبي مرڪز حيدرآباد ۱۹۷۷ع).

شيخ اياز جي ڪهاڻين تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿئي ٿو، ته هو شروع کان وٺي هڪ آدرشي انسان رهيو آهي. نه فقط ايترو، پر هن جو مطالعو ايترو ته گهرو ۽ وسيع هو، جو هن پنهنجن ڪهاڻين کي به ادب جي مروج وصفن پٽاندڙ ئي لکيوهو. تڏهن ته هو، پنهنجي ڪهاڻين "ڪارو رنگ" ۽ "شرابيءَ" کي Surrialistic ٿو ڪوٺي (سفيد وحشي صفحو۱۰) سفيد وحشيءَ جي باري ۾ هو پاڻ لکي ٿو ته، "جنگ ڪانپوءِ سنڌي جنتا جي جاڳرتا جو نظارو مون سفيد وحشي ۾ ڇٽيو آهي. عوام سياسي معاملن جي مونجهارن مان نه ڇاڻي. هڻ جي سمجهه سڌي سنئين آهي ته اسان جي پيٽ تي لت اچي رهي آهي ۽ لڄ لٽجي رهي آهي. ان سادي ۽ سخت بغاوتي احساس جي تصوير آهي "سفيد وحشي!" (سفيد وحشي صفحو ۸)

اياز جي ڪهاڻين جي مطالعي وقت ان دؤر جي ويهين صديءَ جي ٽئين ڏهاڪي ڪان ورهاڳي تائين، سنڌ ۾ هندستان جي سياسي، سماجي ۽ فڪري حالتن جو جائزو ونڊ انتهائي ضروري آهي. خاص ڪري جو هڪ طرف ۱۹۱۹ع واري روسي پرولتاري انقلاب ۽ پهرين جنگ عظيم جا اثرات هن علائقي تي فڪري توڙي جسماني طرح تمام گهرا پيا هئا. ترقي پسند تحريڪ پنهنجا قدم جمائي ورتا هئا ۽ نوجوانن لاءِ ان ۾ تمام وڏي ڪشش هئي. روايت ڪان بغاوت جو دؤر جاري هو ته هُئي طرف هندستان ۾ انگريزن جا پويان پساهه هئا. آزاديءَ جي تحريڪ ورهاڳي جي صورت اختيار ڪري رهي هئي. هن خطي ۾ رهندڙ انسانن جا مذهب جي بنياد تي فرقا ٻڌجي ورهائجي چڪا هئا. دلين ۾ ڦوٽ پئجي رهي هئي ۽ جسماني علحدگيءَ جا آثار به ظاهر ٿي چڪا هئا. ويندي ويندي انگريز برِصغير تي هڪ خوني وار ڪري ويا هئا. ان جو وجود ٽڪرا ٽڪرا ڪري پئي ويا. اهي ٽڪرا جاگرافيائي، تاريخ ۽ ثقافتي ته هئا ئي، پر انهن هتي جي باشندن کي جذباتي

طرح بہ ٽکرا ٽکرا ڪري وڏو ھو. اھو ئي سبب آھي جو "سفيد وحشيءَ" ۾ انگريزن سان نفرت ڪرڻ وارو، "پاڙيسريءَ" ۾ پنھنجي ورھايل وجود جي حفاظت ڪرڻ چاھي ٿو. ھو سوچي ٿو تہ: "ھندوءَ سان گڏ ڪونہ رھي سگھندو. ھندوءَ کي ماري وجھندو، کھي ڇڏيندو." جڏھن ھڪ پاڙيسرياڻي پاڙي جو ننگ ٿي وجھي ۽ يقين نہ ٿي ڪري تہ سندس پاڙيسري ڪيس ماري بہ سگھي ٿو. جنھن سان گڏ ھُن عيد ۽ ڏياري گذاري آھي، جنھن سان گڏ ھير چاٹيا آھن، پر جي اھو ماري تہ ان جو موت بہ اکين تي چوي ٿي. تہ ليکڪ پنھنجي ڪردار مان پاڻ ڳالھائي ٿو. "ِبھار ۾ مسلمان پائر تہ ماريا ويا ، پر ان ۾ پيسوءَ ماڻ جو کھڙو ڏوھہ؟ ان کي ڇو ماريو ويي؟ بيشڪ ھن صوفين جي سنڌڙيءَ ۾ فساد ڪڏھن بہ نہ ٿيندا. ڪير اھڙو ظالم سنگدل ٿيندو، جو پاڙي جو بچاءُ نہ ڪندو ۽ بيواھن جو گلو ڪاٽيندو؟ سندس ڪنن ۾ ڪنھن ساڳيو لفظ پٽڪيو، جَئہ سنڌ، سندس من جو مونجھارو لھي ويو ۽ سندس دماغ جڙ ڪلين شيوٽي ويو." (پاڙيسري)

پاڙيسري ڪھاڻي ھڪ حجام جي ڪردار جي حوالي سان، ورھاڳي کان اڳ جي شڪارپور جو پورٽريٽ آھي. جنھن جو بنياد انساني فڪر، محبت ۽ احساس تي ٻڌل آھي. ھن ۾ انساني جذبي ۽ رشتي کي دنيا جي ٻئي ھر جذبي ۽ رشتي تي فوقيت ڏئي، اياز جي فڪر جو دائرو پنھنجي ماڳ ۽ مڪان جي حوالي کي ٽوڙڻ ڪانسواءِ ئي ڪائناتي دائري ۾ پھچي وڃي ٿو.

اياز جي ڪھاڻين جي خاص خوبي اھا بہ آھي تہ ھن جون ڪھاڻيون ھڪ جھڙيون نہ آھن، پر ھر ڪھاڻي مختلف وزن ۽ رفتار جي آھي. "پاڙيسريءَ" وارو اياز، "سفيد وحشيءَ" ۾ مختلف آھي. "رولو" وارو اياز "ڪلٽي" واري اياز ڪان مختلف آھي. "ڪارو رنگ" وارو اياز "نظيران" واري اياز ڪان مختلف آھي. انھن ۾ جيڪا ھڪجھڙائي آھي تہ اھا آھي تہ اياز جي رومانوي ھولي، جيڪا ھن جي اندر ۾ ويٺل شاعر جو عڪس ڇڻجي تہ بھتر ٿيندو. پر ان ھوندي بہ، سنڌي ڪھاڻيءَ جي باري ۾ پنھنجو نظريو آھي، ھن جي نظر ۾ "سنڌي ھڪ جدا قوم آھن. سندن زندگي، سڀيتا، روايتون، ھولي، نالا مطلب تہ سڀ ڪجھہ ھندستان جي ٻين پرڳڻن ڪان علحدو آھي. جي ليکڪ تي ساھتيہ جو اثر آھي، باھرين ماحول جو ليکڪ جي اندرين جذبن ۽ احساسن

تي، ته سنڌ جو ادب ۾ هڪ خاص شخصيت رکندو، هو خاص رنگ ۽ ادا جو مالڪ ٿيندو ۽ اها خصوصيت جي ڪنهن ڪهاڻيءَ ۾ نه هوندي ته اها ڪهاڻي ڪانو جيان مور جي رفتار ڏسي، پنهنجي چال وساري ويهڻ جي مثال ٿيندي." (سفيد وحشي ٧)

ان طرح شيخ ايياز سنڌ جي جديد مختصر ڪهاڻيءَ جو هڪ اهم ڪردار بنجي ايري ٿو. خاص ڪري ان صورت ۾ جو هن جون ڪهاڻيون اصلوڪيون آهن ته نج سنڌي ماحول جي عڪاسي ۾ ڪن ٿيون. هن جي ڪهاڻين جا موضوع، ڪردار، ٻولي ۽ فڪر نج سنڌي آهي ۽ پنهنجي دؤر جي لاڙن ۽ نظرين کي پيش ڪندا نظر اچن ٿا. نه فقط ايترو، پر هو ماحول کي نئون رخ ڏيڻ ۽ اصلاح ڪرڻ جو ڏس ۾ ڏيندو نظر اچي ٿو. هڪ طرف هو انقلابي آهي، باغي آهي ته ٻئي طرف هو حساس انسان. هو انسان جي جسم نه، پر هن جي روح ۾ نهاري ٿو.

" ڪارو رنگ" ئي ڏسجي ته هن ڪيئن هڪ اهڙي ڪردار کي پنهنجي ڪهاڻيءَ جو موضوع بڻايو آهي، جيڪا ڪنهن ۾ لحاظ کان سورمي يا هيروئن بنجي نه ٿي سگهي. ان ۾ هو ڪيئن ته ڪارو رنگ جي مخصوص سونهن کي محسوس ڪري ٿو. "هوءَ رنگ جي ڪاري هئي، جڏ تئي جي پٽ ڏئئ. جڏهن وهنجي سنجهي منهن کي ڪريم لائي نکرندي هئي ۽ اها آس ۾ رجي ويندي هئي، تڏهن هن جو منهن ٻهڪندو ٽڙي پوندو هو." (كارورنگ) نه فقط ايترو، پر هن وٽ ڪاري رنگ جي خوبصورتيءَ جو جواب ۾ آهي. هو اڳتي لکي ٿو، "مون هنرنگ کي خوبصورت ڪيئن ڪوئيو! پر مان توکان پڇان ٿو ته ڪاري ڪاري رات، اڻتيهين اونداهي، خاموشي جي سير ۾ لڙهندي خوبصورت نظر نه ايندي آهي ڇا؟" هي هڪ آزاد ۽ منفرد سوچ رکندڙ جو ذاتي خيال آهي. هو زماني جي ناهيل ماپن تي نه ٿو هلي، بلڪ هن وٽ سونهن ۽ ساڀيا جا پنهنجا ماپا آهن. بائيبل ۾ هڪ هنڌ لکيل آهي ته "جڏهن حضرت عيسيٰ خراب ڪر ڪندڙن، وياج خورن، بدمعاشن سان گڏ ويٺو ته چگڻ هن کي چيو ته اي مسيح! تون هنن برن سان ڪيئن ويٺو آهين. مسيح وراڻيو. آءٌ هنن بُرن لاءِ ئي آيو آهيان، انهن سان تڏهن وينو آهيان." چگڻ کي هر کو چاهي ٿو. سهڻن جي پوڄا ته هر کو ڪري ٿو، پر سونهن فقط رنگ

۽ نقشن سان نہ آهي، بلڪ سونهن اها آهي، جيڪا اندر جا جذبا جاڳائي سگهي.. اياز وٽ سونهن سچ جو نالو آهي، ۽ جڏهن ڪاريءَ وٽان سچ هليو ٿو وڃي تہ هو اڇي ٿيو ٿي پوي، يعني ڪوڙي ٿيو پوي.

هن ڪهاڻيءَ لاءِ خود اياز جي راءِ هيءَ آهي تہ، "ڪارو رنگ" هڪ گهٽ معمولي (Sub normal) انسان جي طبيعت جي ڦير گهير جو نہ وسرندڙ احساس آهي. ان ڪهاڻيءَ کي ڪنهن غير ترقي پسند، ذهن جي بي معنيٰ قلابازي ادهم جي ميرانجهڙي تصوير ڪوٺيو تہ مون کي ڪو عجب نہ لڳندو." (سفيد وحشي ۱۰)

"رولو" ۽ "شرابيءَ" ۾ شيخ اياز هڪ رومانوي اديب ٿي اپريو آهي. هڪ اهڙو شخص، جيڪو پنهنجي ذات کي مختلف واسطن سان جاڙڻ چاهيندو هجي. وطن، قوميت، ذاتي احساس ۽ فڪر ان جا خاص محرڪ آهن. باهرين دنيا ۽ اندر جي دنيا جا ٽڪراءَ، تضادات، انساني بنيادي قدر ۽ جذبا، اهي ئي آهن، هن ڪهاڻين جو بنياد- "رولو" کي تہ هو مضمون ٿو ڪوٺي، "هن ڪتاب جو مضمون رولو (جو ڪهاڻي نہ بہ چئجي) سنڌ جي انهيءَ محبت سان پُر آهي. سندم اداڪار "رولو" پنهنجي وطن جي ڪنڊ ڪڙڇ سان دلچسپي رکي ٿو، سندس نظر تنگ يا محدود ناهي. پر ان حب الوطني جي جذبي جي پيدائش آهي، جو ڏسي رهيو آهي تہ مادر وطن هڪ ڦير گهير جي دؤر مان لنگهي رهي آهي ۽ ممڪن آهي تہ ان ڦير گهير ۾ سندس شخصيت باقي نہ رهي. سندس هولي اردوءَ ۽ هنديءَ جي جهڳڙيءَ ۾ ناحق ناس ٿيو وڃي. سندس سنڌ سرسبز ٿيڻ بدران پاڪستان ۽ هندستان جي سوال تي پنجابين ۽ بهارين جو نڊرانو ٿي وڃي ٿي." (سفيد وحشي)

هي اديب لاءِ اهو مقام آهي، جتي خارجي زندگيءَ جون حقيقتون پنهنجي مڪمل تلخيءَ سان، هن جي مثالي سوچ تي اثر انداز ٿين ٿيون. هو پرماريت ڪندڙ قوتن جي مخالفت ڪري ٿو. اهي پرمار ڏاريا، غير وطني بہ ٿي سگهن ٿا، پنهنجا ۽ وطني ماڻهو بہ ٿي سگهن ٿا. هڪ هنڌ تہ هڪ اديب انسان ذات کي گم ڪري ڇڏي تہ ٻئي هنڌ پنهنجي ذات جي بچاءَ خاطر هو سڄي انسانذات سان جنگ جوڙڻ لاءِ تيار ٿيو وڃي. اهو ئي خاص متو فرانس جي جنگ کانپوءِ Post war واري وجوديت (Existantialism) جي فلسفي ۾ بہ

هو. فرانسيسي اديب جان پال سارتر (Jan pal Sarter) جا ڊراما،ناول ۽ کهاڻيون اصل پنهنجي وجود جي بقاء لاءِ لڙجندڙ جنگ جون کهاڻيون آهن. اهو ئي حال کجهہ ورهاڳي واري دؤر کان وٺي اسان جي ادبي فکر ۽ فلسفي جو بہ آهي. ۽ اهو اياز جي کهاڻين جي پس منظر ۾ بہ نظر اچي ٿو. غلط ريتن رسمن، جيئن "نظيران" ۾ نظر ايندو، يا سياءَ جي تبديلي، جيئن "کارو رنگ" ۾ نظر ايندي، يا غير ملکين سان نفرت، جيئن "سفيد وحشي" ۾ آهي، يا پنهنجن صدين جي ساڻين لاءِ همدردي جيئن "پاڙيسري" ۾ نظر ايندي، يا وري "شرابي" واري وجود کان انکاري کيفيت، انهن سڀني جي پويان، پنهنجي وجود جو دفاع کرڻ جو هک جذبو نظر اچي ٿو.

شيخ اياز جي کهاڻين جي هک وڏي خوبي، هن جي دلکش ٻولي آهي. نہ فقط هن جا کردار پنهنجن جذبن ۽ حالت پٽاندڙ ڳالهائين ٿا، بلک هن جو بيانيہ انداز بہ نهايت خوبصورت آهي، پاڙيسريءَ ۾ هک هنڌ لکي ٿو: "خانو شاهي باغ ۾ پنهنجي هندو دوستن سان پڪٽ تي ويندو هو. جڏهن پڪٽ کن تي هٿ رکي شاهہ جو کلام ڳائيندو هو تہ "ڏڏي وسائج ڏر جي، مٺي مئيءَ مٺاهہ، جي پويون ڏئي پساهہ، تہ بہ نجاهہ مڙهہ مليہ ۾. تڏهن اها عجيب فضا پيدا ٿي ويندي هئي، جو سندس دل چاهيندي هئي تہ اتي مران، انهي ڊگهي ڏڏي بڙ جي درخت هيٺان. بڙ جا ڏينو کري، منهنجي قبر کي گل گل کري ڇڏين. شاهي باغ جي ڏڏي ڏڏي هوا منهنجي قبر کي ٻهاري ڏئي، منهنجي قبر کي صفا کري ۽ جڏهن پڪٽ ڳائي، تڏهن ان جي ڏوهيڙي جون لهرون ۽ رابيل جي خوشبو، ملي منهنجي روح کي گد گد کن ۽ مان قبر ۾ بہ سر ڏوٽيان، ڳايان، لهرايان." يا وري رولوءَ ۾ لکي ٿو، "بين جو آواز رات جي سناٽي کي چيريندو، کوهين دور نکري ويو. چؤطرف اوندهہ هئي، پوري اماس. تارا هکٻئي سان اشارا کري رهيا هئا ۽ انسان جي اڻبنگائيءَ تي مرکي رهيا هئا. ڏڏي ڏڏي هوا بدن ۾ سياٽو وجهي رهي هئي. ڏهہ پندرهن منٽ مس گذريا تہ هن پريان هک ڇوکري ڏٺي، جا وڏيون وکون کڏندي، سهکندي ٿي آئي ۽ ہن ڇڻن قدمن تان ڊک پري اچي ٻکرار جي ڇاتيءَ سان لڳي..... کهاڙيءَ جي چمکندڙ ڌارا جو خيال نہ کري، هوءَ پرينءَ جي بين جي آواز تي ينيوريءَ جيئن اڏري آئي. موت ۽ محبت تارازيءَ

جي پڙ ۾ هئا، هن سودو قبوليو هو." اهڙيءَ طرح هن جي هر ڪهاڻي ٻوليءَ جي لحاظ کان تمام دلڪش آهي.

شيخ ايياز سنڌ جي جديد ڪهاڻيءَ جي بانين مان هڪ آهي، هن جون ڪهاڻيون اصلوڪيون ۽ نج سنڌي آهن، جن ۾ هن پنهنجي دؤر جي مڪمل عڪاسي ڪئي آهي. حالانڪ موجوده دؤر ۾ مختصر ڪهاڻيون هڪ جدا انداز اختيار ڪري چڪيون آهن، پر مقصد ۽ فڪر جي لحاظ کان شيخ ايياز جون ڪهاڻيون اهو ثابت ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن، ته انگريزن جي تسلط واري دؤر ۾ به سنڌ جي بيباڪ اديبن پنهنجي ضمير جو ساڻ ڏنو ۽ انقلابي ادب تخليق ڪيو.

شانتا

هوءَ هنڌ مان اٿندي هئي تہ سندس لڳ لڳ ٽٽندو هو. پر تڏهن بہ هن مان پرهہ جو اٿڻ جي عادت نہ وئي. صبح جو امرت- ويلو، جڏهن فضا جون ڪاريون گهرايون چڊيون ٿي ويندڙون هيون ۽ هوا ۾ سرٽيون چيخون ڪنديون اڏامنديون هيون، تڏهن سندس روح ان گندگي ۽ غلاظت جي دنيا کان دور پڇندو، سرٽين جو پيڇو ڪندو، آسمان جا تهہ چيريندو هڪ پاڪيزگي ۽ پيار جي دنيا ۾ وڃي پهچندو هو. جتي نہ عصمت جو ڏونگ هو نہ دولت جي غلامي نہ سماج جي لعنت نہ محبت جو مصنوعي ڏيکاءُ. نہ رات جو اوجاڳو نہ ڏينهن جو ڪاراٽو. صبح جو اٿي هوءَ ٽڏي پاٽيءَ سان منهن ڏوئيندي هئي تہ ڇڙ سڃي رات جو گناهہ ۽ گندگي ڏوڪي ويندو هوس. ساري نيپيئر روڊ تي ڇڙ چپ لڳي پئي هوندي هئي، نہ ٽرام جو شور غوغا، نہ مڪرانين جو گار گند، نہ گاڏي وارا نہ پان فروش، نہ راهي. ها، صرف هڪ پنگي رستي تي ٻوهاري ڏيندو هو ۽ پنهنجي لئيءَ ۾ ڳائيندو هو، "چندا ديس پيا ڪي جا." هن جي دل چوندي هئي تہ جيڪر ان پنگيءَ کي بيهاري ڪائنس پڇي تہ هو اهو راڳ ڇو ڳائيندو آهي. ڇا هن کي بہ ڪو گهڙو گهرو آهي؟ جنهن کي هو پيا ٿو ڪوٺي، جو سندس زندگي تي ڇانئجي چڪو آهي، جو سندس نيرانهي نندڪڙي يادگيريءَ ۾ وسي رهيو آهي يا هو صرف وندر لاءِ ڳائي رهيو آهي؟ ان پنگيءَ جي راڳ ۾ خوشيءَ جي لهر هوندي هئي جا سندس راڳ ۾ نہ هوندي هئي. رات جو سئنيما جا گانا، اردو غزل، ٺمريون وغيره ڳائيندي هئي ۽ سندس سر ۾ ايترو ميناج هوندو هو جو ٻڌندڙ جهومي اٿندا ها ۽ پيالا جهلي چوندا ها "جيو، خوش رهو." پر هن کي ان رات مان ڪو لطف نہ ايندو هو. اهو ميناج ڪوڙو هو. سئڪرين جهڙو ۽ نہ ڪنڊ جهڙو. ان

پنگيءَ جي لات ۾ اها ڪشش هوندي هئي جا هن ڪنهن بہ ڪوٽبي، قوال يا استاد ۾ نہ ڏٺي هئي. جهاڙوءَ جي سُرتي هو ڀڳائيندو هو، بي خطرو، بي پرواهہ! هوءَ روز ڪيس ٻڌندي هئي ۽ سندس هانو تان تور لهي ويندو هو، سندس پاپ جو احساس گهٽجي ويندو هو ۽ سندس سارو ڏينهن شانتيءَ ۾ گذرندو هو. سندس نالو سو شانتا هو، باقي سچي شانتا جي تہ ڪيس موت کان پوءِ بہ اميد نہ هئي.

نيم موجب شاتتا اڄ بہ بالڪنيءَ ۾ اچي بيٺي ۽ جيئن پنگي جهاڙو ڏيندي ڳايو، تيئن ڇٽ سندس رڳ رڳ ۾ منو زهر دورو ڪري ويو. هن پنگيءَ کي سڏ ڪري راتوڪيون ڊبل روٽيون ۽ مٺائي ڏني ۽ مرڪندي ڪانئس پڇيو، "تنهنجو نالو ڇا هي؟"

"رامون." پنگيءَ ڪنڌ جهڪائي جواب ڏنو ۽ مٺائي وٺي هليو ويو.

شانتا پوءِ بالڪني ۾ نہ بيٺي ۽ اچي پلنگ تي ڪري ڇٽ کو باري پاپ ڪيو هٽائين يا وڌو پڇ. سندس دل ۾ خوشي ۽ غم لامارا ڏيئي رهيا هٿ. هڪ عجيب انوکي، بي معنيٰ چورا ڪورا ڪيس بيتاب ٻڌائي رهي هئي ۽ هن ويهاڻي ۾ ڪٿي منهن لڪايو. جڏهين اٿي تہ سڄي سيرانڊي آلي ٿي پئي هئي. سارو ڏينهن ان بيچينيءَ ۾ گذريس ۽ رات جو بہ ناڇ ڪندي ڇٽ ڪيپايائين ٿي. ڪيس پنهنجن گراهڪن کان هونءَ نہ خاص نفرت هوندي هئي نہ محبت. هوءَ ننڍي کان ان پيشي تي هيرائي ويئي هئي. ڪيس صرف ايتري يادگيري هئي تہ سندس ماءُ کي سندس پيءُ ڇڏي ڏنو هو ۽ پاڻ وڃي هڪ ڪرستان ڇوڪريءَ سان شادي ڪئي هٽائين. سندس ماءُ کي پهريون لوڪ- لڄا جو خيال ٿيندو هو ۽ چوري ڇپيءَ عصمت وڪٽندي هئي. رنجيت- ٽاڪيز ۾ ريئي چوڏيهن آني واري ڪلاس ۾ وڃي وهندي هئي ۽ اتان گراهڪ ڳاسائي ايندي هئي. پر اتان پورت نہ پين تہ ڪلي ڪلائي هلي آئي نيپيئر روڊ تي، پر شانتا جو روح ان هوندي بہ ڪير لاءِ سيڏائيندو هو. جڏهن هيرا لعل جا پان سان ڳاڙها، گندا، اڳاري لڳل ڏند، سندس وٽيل مڇون، سندس خوفناڪ شراب ۾ مخمور اکيون، سندس ڳلن ۾ ڪڏون ۽ اکين هيٺان ڪارا نشان! ڏسندي هئي تہ چوندي هئي: اف! ڪهڙي نہ بچڑي شڪل آهي دئيت جي!

وڏيرو لال بخش رنگ جو ڪارو، دل جو ان کان وڌيڪ ڪارو، پيٽ-

وڏو، واري سان آفيم جي گولي کائيندڙ ۽ اوڳرايون ڏيندڙ. شانتا جي دل ۾ ايندو هو ته جيڪر پٽڪي ۾ لٽڪائي ڦاسي ڏئيس ۽ پوءِ هلائي ته آفيم جي پنڪيءَ ۾ ساهه نڪري ويس. پر ٻنهي جو ٻڌون پريل هوندو هو. ٻنهي جي ڪيسن مان رپين جي جھٽڪار ايندي هئي، جا سندس گھگھرن جي جھٽڪار سان ملي عجيب سر پيدا ڪندي هئي. ٻيا به ڪيئي آدمي وٽس ايندا هئا، پريم چند ڪلارڪ، ناصر علي صوبيدار وغيره ۽ هوءَ سپني جي آڇيان ڪندي هئي. هندو مسلم جي اتحاد جو نظارو ڏسجي ته وٽشيا جي گھر ڏسجي. اکنڊ هندستان، پاڪستان ٻئي پيگ ۾ ملي جُلي وڃن ٿا، پر اڄ هن جي طبيعت ۾ ڪجھ آٻاٽڪائي ۽ رکائي هئي. هيرا لال چئي رهيو هوس ته: "ميري جان، طبيعت ڪيسي هئي؟" لعل بخش ڪيس پان ڏئي رهيو هو ۽ ڳائي رهيو هو، "ڪجھ ته پلا ڏينم سڃڻ ڪجھ ته پلا ڏي." ۽ پنڪي ٽي آيس ته ڪنڌ وڃي ٽي وهاٽي سان لڳس.

پر اڄ اها مصنوعي مرڪ به شانتا جي منهن تي نه هئي. سندس روح ٻئي هنڌ وسي رهيو هو، ڪٿي؟ اها خبر هن کي به نه هئي! رات جو پاسا ورائيندي اک لڳي ويس ۽ هن هڪ عجيب خواب ڏٺو. سندس دل ۾ چوڌاري گند ۽ ڪچري جا ڍير لڳا پيا هئا ۽ رامون ٻوهاري ڏئي اهي پاسي ڪري رهيو هو. پنجين وڳي هن کي جاڳ ٽي ۽ هوءَ سڌو بالڪني ۾ آئي ۽ يڪدم رامونءَ کي سڏ ڪيائين. هن ڪيترين ئي مٽايون ۽ ڊبل روٽيون بچائي رکون هيون ۽ اهي سڀ رامون کي ڏنائين. شانتا ٻيو ته سڀ ڪجھ ڪندي هئي پر گوشت نه کائيندي هئي. (وٽشيا ۽ ويشنو! رنڊي ۽ ڳگدام جانورن لاءِ ديا!) ان ڪري سندس گراهڪ هن ۽ مٽائي آڻيندا ها. رامون تعجب مان ڏٺو ۽ پوءِ چپ چپ ڪائنس مٽائي ونڊي هليو ويو.

ائين مٽائي ڏيندي شانتا کي هفتو گذري ويو. هينئر هو مٽائي ڏئي دل ۾ تسڪين محسوس ڪندي هئي. هوءَ رامونءَ سان وڌيڪ محبت ۽ آزاديءَ سان ڳالهائيندي هئي. ڪيس ناڇ گاني، ڏوڪڙين، ميراسين، گراهڪن جون ڳالهيون ٻڌائيندي هئي ۽ ساڻ ساڻ اهو به ٻڌائيندي هيس ته هوءَ ان زندگي مان ڪڪ هئي. رامون ڪيس ٻڌائيندو هو ته ڪيئن سندس جانوءَ مڪراني سان جھڳڙو ٽي پيو. ڪيئن سندس جمعدار ڪيس ڏٻايو هو. ڪيئن..... ان

ڪيئن ڪي نہ ابتدا هوندي هئي نہ انتها. هوءَ رات جو ڪنهن ڪي نہ ٽڪائيندي هئي، پر هڪ رات جو هيرا لال ستي ۾ چار هزار ڪمائي آيو هو ۽ پئسي جي لالچ تي هن ڪيس سڄي رات ٽڪايو. ساري رات هن سندس بدن نپوڙيو، سندس جوانيءَ جو رس چس چوسيو. ساري رات سندس ساهہ شراب جي بدبوءِ سگريٽ جي دونهين ۾ هوساڻجي رهيو هو. هن کي پنهنجي زندگيءَ ڪان ايتري نفرت آئي جو جڏهين سندس ڪن تي "چندا ديس پيا ڪي جا" جو آواز پيو تڏهين هن چاهيو تہ ڪيڏانهن ڀڄي وڃان. هن پاپ جي نگر ڪان دور، جتي نہ پئسي جي پوڄا ٿئي نہ پيار وڪامي. جتي نہ هي انساني بگهڙ هجن نہ سندم بدن نپوڙجي. دور، ڪنهن سڃائي ۽ شرافت جي دنيا ۾، ڪنهن سانت ۽ ايڪانت جي سنسار ۾. هن ڪوشش ڪئي تہ هيرا لال ڪان جند ڇڏائي رامونءَ کي مٺائي ڏئي. هيرا لال کيس ٻانهن ڪان جهليو ۽ نشي جي هلڪي غبار ۾ چيو: "ميري جان، ڪهان جا رهي هو؟" شانتا کيس پلنگ تي ڏکو ڏنو ۽ پاڻ مٺائي ڪني ڏاکڻ وٽ آئي. هن رامونءَ کي سڌ ڪيو ۽ اوچتو چيو: "رامون مون کي هتان ڪيڏانهن وٺي نہ هلين؟ مان هتي بيزار ٿي پئي آهيان ڇڏ حياتي وهہ پئي لڳي. هي بانس، دونهين، مڪر جي دنيا ڇڏ منهنجو ساهہ نپوڙي رهي آهي. تون مون سان هل تہ ڪيڏانهن ڀڄي هلون، پري هن پاپ جي مايا کان پري، هن ڪُجسي جيون کان دور!"

هوءَ هڪ ساهہ ۾ اهي جملا چئي ويئي ڇڏ وڏلي ٿي. رامونءَ سمجهيو تہ شايد شراب جو اثر اٿس سو چيائينس تہ، "پر ماتما توکي سکي رکي، مون کي زال آهي، ٻار آهن جي روز مٺائي کائي توکي آسيسا ڪندا آهن. مان توکي ڪيڏانهن وٺي وڃان. رام سواميءَ ۾ مون کي هڪ جهوپڙي آهي، جنهن ۾ نہ بجلي آهي نہ غسل خانو نہ غاليچا نہ پلنگ! مان غريب توکي ڪتان پالي سگهندس. ٻيو مون کي نيات وارا ڇا چوندا....."

شانتا بنا مٺائي ڏيئ جي ٻہ ٻہ ڏاڪا ٽپندي ڏاکڻ چڙهي ويئي. پويان اکر ٻڌي سندس خودي‌ءَ کي سخت چوٽ آئي. "مون کي نيات وارا ڇا چوندا. مون کي نيات وارا ڇا چوندا." اهي لفظ ڇڏ سندس مغز ۾ مترڪا هٽي رهيا ها. "هن کي نيات وارا ڇا چوندا؟ هن کي نيات وارا چوندا تہ تو وٹشيا آندي آهي، ڪميني، ذليل وٹشيا! هن ڀنگي جنهن کي ساري دنيا اڇوت

تي سمجهي سو ٻه مون سان چوت چات پيو ڪري. مان پنگي کان ٻه خراب آهيان." جڏ ڪنهن سندس روح کي زور سان ٻه لتون هنيون ۽ هوءَ ڦهڪو ڪري اچي مٽائيءَ سوڏي هيرا لعل پرسان ڪري. هيرا لعل مٽائيءَ جي چڪي وات ۾ وجهي ڪائڻ لڳو: "ساجن موري روڻ گئي هين"

"ساجن ن ن..... موري ري ري ..... چندا ..... ديس س س ..... هي ..... هي..... ميري جان يه مٽائي تر پي کائو."

رفيق

نجما ۽ موهن ڪياماڙيءَ تان پنڌ موٽي رهيا هئا. سندن منهن مان مسرت ٽمي رهي هئي. اڄ ڊاڪ مزدورن جو اسٽرائيڪ پورو ٿيو هو ۽ هر مزدور جي پگهار ۾ ٨ آنا روزانا اضافو ٿيو هو. ساري ڏينهن جي گوڙ شور ڊوڙ ڊڪ بحث مباحثي بعد هو ٽڪا ٽنا موٽي رهيا هئا پر ڪاميابيءَ ڪري سندن تازگي ۽ توانائيءَ ۾ لڪا نه پئي هئي. ڪاڌيءَ جي گهڪريءَ ۾ نجما جي ڇاتيءَ جو اپار جڙ ڇٽليندج ڏئي ڇڏي رهيو هو ته "هلايو گولي." رستي تي ڪين ۽ سامیوادي دوست مليا جن مان هڪ پريان ئي اسٽرائيڪ جي باري ۾ پڇيو. موهن لال سلام ڪري چيو، "اشتراڪيت زنده باد" ۽ نجما مرڪندي چيو، "انسانيت زنده باد." ٻئي ڪلندا ڳالهائيندا نيٽي جيٽيءَ تي پهتا ۽ نير موجب اٽو وٺي، گوليون ٺاهي پڪين ڏانهن اڇلائڻ لڳا. ٻگهه هوا ۾ چيخون ڪندا اڏريا ۽ گوليون جهٽڻ لڳا. گهڙي ڪن ڪان پوءِ ٻئي ٽنگون لٽڪائي ڦٽ پيري تي ويهي رهيا. "ٻگهن لاءِ ته دنيا ۾ صرف ۽ ضروري شيون آهن." موهن خيال ڪندي چيو، "هڪ اٽي جون گوليون، ٻيو جيون- ساٿي. نر ۽ مادي سڄي عمر پيار ۽ پيٽ جي مسئلي ۾ گذاري ٿا ڇڏن. پر انسان جنهن ادب، ۽ آرٽ، وگيان جو چشمو چکيو آهي، تنهنجي عمر جي صرف انهن ٻن مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ صرف ٿئي ته سخت بي انصافي ڇئبي. غضب ته اهو آهي ته هو سڄي زندگيءَ جي ڪشمڪش بعد صرف اهي ۽ مسئلا ۽ ڇڪي طرح حل ڪري نه ٿو سگهي."

نجما جو خيال ٻي پاسي هو. هوءَ پاڻيءَ جون نيريون ۽ سونهري گهرايون ڏسي رهي هئي. سج پاڻيءَ ۾ ٻڏي رهيو هو ۽ سطح تي جڙ سون ڳرندو ٿي ويو. پريان ٻيڙيون وڃي رهيون هيون، ڪنهن بي معنيٰ جستجو ۾

ٻہ ٻگھہ هوا ۾ پر ڦھلائي ڇڙ نيري افق ۾ ترندا ٿي ويا. دور، هن پيٽ جي دنيا کان دور، ڪنهن پيار جي دنيا ۾، جتي نہ بک هئي نہ دک هيو، نہ مرض، نہ مصيبت، نہ موت! هن موهن جي هٿ کي زور سان پيڪوڙيو ڇڙ تہ ڪيس ڇڻي رهي هئي تہ "آءٌ تہ تون مان ٻہ هلون هن فاقہ ڪشي ۽ عصمت فروشيءَ جي دنيا کان دور! هي دنيا جتي کيت تي هاريءَ جو خون، پسيني جيان وهي رهيو آهي! هي دنيا جتي بازار ۾ مزدور جو گوشت وڪامي رهيو آهي! دور، ان دنيا کان دور. محبت ۽ فراغت جي دنيا ۾، جتي هي ڏينهن رات جي جاکوڙ ۽ جفاڪشي نہ هجي. زندگي ۾ ايتري آمد رفت، چستي چالاکي نہ هجي، هڪ مٽي مٽي، مائي مائي دنيا ۾." موهن خيال ڪري رهيو هو تہ، سپاڻي سيمينٽ جي ڪارخاني جا مزدور اسٽرائيڪ ڪندا، رات جو سڀ رفيق فلاڻي ريسٽارنٽ ۾ جمع ٿيندا، سوچ ويچار ڪبو. هن جي دنيا ۾ استقامت هئي، انقلاب لاءِ اٽل اتساهہ هو. هو پنهنجي زندگيءَ کي ڪجهہ نہ سمجهندو هو. عيش آرام، فرحت فراغت هن لاءِ صرف لفظ هيا. هنجو مقصد مراد هن کي ڪشمڪش ۾ ملي چڪو هو. هو نجما جي رفاقت کي محبت کان وڌيڪ پسند ڪندو هو.

جڏهن جڏهن هو کيس "رفيق نجما" ڪري سڏيندو هو، تڏهن سندس دل ۾ عجيب امنگ اٿندا هئا. هو ٻہ ساڻي هئا، هن دنيا جي اڻائي راهہ ۾. ڇا ٻاري ڪنڌ ڇا ٻاري! سندن وک وک سان وڌندي هئي، هٿ هٿ ۾ هوندو هو. جڏهن نجما سندس هٿ کي پيڪوڙيو، تڏهن هن سمجهيو تہ شايد هوءَ ڇڻي رهي آهي تہ هلون. سو هي اڻي ڪڙو ٿيو ۽ چيائين تہ: "رفيق حامد اسانجي انتظار ۾ هوندو؟"

"ڪهڙو نہ غير روماني آهين، سيني ۾ دل اڻي يا پٿر." نجما ٽڏو ساهہ ڀري چيو.

پر سال جڏهن موهن ڇهہ مهينا جيل ۾ هيو، تڏهن هوءَ سندس ملاقات لاءِ وئي هئي. موڪلائيندي کيس موهن چيو هو تہ، "هي جيل جون شيخون تنهنجي منهنجي وچ ۾ اچي نہ سگهنديون. مان جڏهن ٻہ تنهنجو تصور ڪندو آهيان، تڏهن هي بندوقون ان نجما کي نہ روکي سگهندا آهن جا منهنجي تصور ۾ ايندي آهي." پوءِ هن ڳايو هو،

"او دور رهڻ وارا سپرين!
وس سان به نه ويرم لئي وسرين
تون ڏيهه چڏين پر ڏيهه اڏين
ته به ساڻيو نس نس ۾ نسرين
تون دور نظر کان آنهه ته ڇا
دل کان ته نه دور رهي سگهندين!

کهڙي نه روماني هئي اها فضا! جڏ ته موهن سندس من موهي چڏيو. هُو سندس ساهه ۾ سمائجي ويو هو. ان وقت هن سوچيو ته سندس جيون ساڻي سندس زندگيءَ جو رفيق موهن کهڙو نه خوبصورت آهي، سندس ويڪري ڇاتي، ٿورا وار گهنڊي دار، ڊگهو قد، چمڪندڙ اکيون. کيس ڏسي فخر مان چوندي هئي ته: "مان خوش نصيب آهيان." موهن جون نظرون کيس محبت جو پيغام پهچائيندیون هيون، جيتوڻيڪ هو چپ ڪڏهن به نه چورندو هو. نجما موهن سان شادي ڪرڻ جو آهني ارادو ڪيو هو. هن کي اها پرواهه نه هئي ته دنيا ڇا چوندي! آخر چوندي به ڇا! وجي وجي به چوندي ته مون هندوءَ سان شادي ڪئي آهي، مون خاندان جو نڪ ڪپيو آهي، مون قوم سان غداري ڪئي آهي..... قوم! جڏ ته سنڌي هڪ جدا قوم نه آهي؟ نجما جو مذهب محبت هئي، سندس ايمان انسانيت تي هو. هوءَ چوندي هئي ته: مذهب، رنگ، نسل، قوم جو شاديءَ سان ڪوبه واسطو نه آهي. حياتيءَ جي سفر ۾ همراهه. هندو هجي خواهه مسلمان، پارسي هجي خواهه ڪرستان! پيار جو پنڌ جدا آهي، محبت جو مذهب الڳ آهي. رسم رواج رشتو ناتو ان کي پابنديءَ ۾ جڪڑي نه ٿو سگهي. آخر رفيق مايا ڪيئن رفيق حامد سان شادي ڪئي هئي! ڪيئي مها سياڻي اخبارون سندن مخالفت ڪري رهيون هيون، ڪيئي مٽ مائٽ سنگتي ساڻي کانئن ڦري ويا هئا، پر هنن جو پيار پختو هو ۽ کين هن ايونگي، انڊي سماج جي پرواهه نه هئي.

جيل مان آزاد ٿيڻ بعد موهن پنهنجي مشغولين ۽ مصروفيتن ۾ رڌو رهندو هو. نجما سندس نزديڪ رهي به باڻ کي دور ٻائيندي هئي. ان ۾ ته ڪو شڪ نه هو ته نجما به پنهنجي زندگي آزادي ۽ انقلاب کي اڻپي هئي تڏهن به

ڪڏهن ڪڏهن سندس دل چوندي هئي ته: "آخر مان به ته انسان آهيان! گهڙيءَ پل لاءِ انهيءَ موٽرن، لارين، مزدورن هڙتالن. اُس گس، گوڙ گهمسان جي دنيا کان جند ڇڏائي پنهنجي محبوب جي آغوش ۾ اک لايان." پر هوءَ ايجان موهن سان شاديءَ جي ڳالهه چوريندي هئي ته موهن پير ئي نه کوڙيندو هو. سندس وارن کي سنواريندي چوندو هو ته: " رفيق نجما! دنيا ۾ لکين آدمي دک درد جون گهڙيون ڪاٽي رهيا آهن. اسانکي ڪهڙو حق آهي جو کل خوشيءَ ۾ وقت گذاريون. جيسين مزدور هاري انقلاب ڪامياب نه ٿيندو، جيسين هتن اوچين عمارتن تي جنتا جو جهنڊو نه نظر ايندو، تيسين مون کي سک چين نصيب نه ٿيندو ۽ تيسين شادي فضول آهي."

اڄ جڏهن نجما کيس چيو ته، "ڪهڙو نه غير روماني آهين." تڏهن سندس اکين ۾ اڳين چمڪ موٽي آئي ۽ هن سندس هٿ کي دٻائيندي چيو "نجمي! تنهنجا اهي ڊگها ڪارا وار، ٻنو زيتوني رنگ، سنهڙا آلا چپ، مون کان ڪيئن وسرندا. مان شاعر نه آهيان جو تنهنجي سونهن تي ڪئي گيت لکي وڃان، پر تنهنجي خوبصورتيءَ تي مون کي فخر هوندو آهي. مان ڇا ڪريان؟ ساميوادي جي حياتي ئي اهڙي آهي، سيمينٽ جي ڳوڙ جيان خشڪ ۽ سخت، پر ان جي معنيٰ اها نه آهي ته مون کي دل نه آهي يا ان دل ۾ احساس نه آهي. احساس ته آهي، پر احساس لاءِ فرصت نه آهي. تون ئي چؤ ته رفيق شانتي، زهرا وغيره کي ڇڏي جو مون توکي پسند ڪيو آهي سو ڇو؟ تون خوبصورت آهين. بيحد خوبصورت!" موهن دل وٺڻ لاءِ هن کي پڌائيندي چيو.

سچ پچ ته موهن اڄ پهريون دفعو نجما جي خوبصورتيءَ تي غور ڪيو هو. بولٽن مارڪيٽ وٽ کيس نجما چيو، "مان گهر ٿي وڃان. روز ڪٽ پٽ لڳي پئي آهي. ڪڏهن پيءُ ٿو چوي ته توکي ڪالج پڙهائي ڦاٽو آهيان، ڪڏهن ماءُ ٿو چوي ته ٻاهر نڪتي آهين ته ننگ پيچندو سانءِ، ڪڏهن ماءُ ڳراٽڙي پائي ٿي سمجهائي ته سمجهه ڏار، لوڪ ٻوڪ آهي، اسانجي ڪل تي ٽڪو ٿي لائين. رات جو ڏهين يارهين بجي ٿي گهر اچين. پاڙي وارا ڪهڙا گمان وجهندا. سو اڄ ساجهري ٿي موٽي وڃان. رفيقن کي چئجان ته مٿي ۾ سور هوس."

موهن کيس ٻانهن کان ڇڪيندي چيو، "چريا! اڄ تنهنجي موجودگيءَ جي سخت ضرورت آهي. سپاٽي استرائيڪ ٿيندي. ان باري ۾ صلاح مشورو ڪرڻو آهي. هل تہ سهين، توکي ڪٿي جلد موڪل ڏيندا سين." موهن ائين چيو تہ سهين، پر سندس اندر ڪاڇي رهيو هو. هن کي خبر هئي تہ نجما جو پاءُ کهڙو نہ تنگدل ۽ تعصبي هو. هڪڙي پيري هن موهن کي ڇڪيءَ کان جهلي چيو هو تہ، "ڪافر جا پٽ! جي وري منهنجي پيٽ سان ڳالهائيندي تہ مغز پچي وجهندو سانءِ."

ريسٽارنٽ ۾ ٻہ ڳالهہ تي ڳالهہ ٿي نڪتي. چانهہ پيئندي ۽ سوچ ويچار ڪندي يارهن لڳي ويا. نجما کهڙيال جا ٽڪاءَ ٻڌي گهبرائي اٿي ۽ چيائين تہ "مان وڃان ٿي. اڄ اڳي کان ٻہ وڌيڪ دير ٿي وئي آهي."

صبح جو موهن ايان ڪريم هٿي ڏند صاف ڪيا تہ در تي ٽڪ ٽڪ ٿي. "هن مهل ڪير آيو آهي؟" موهن خيال ڪندي دروازو کوليو. "نجمي، خير تہ آهي!" موهن تعجب ۾ چيو.

"موهن!" نجما جي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا. موهن کيس عجب ۾ تڪي رهيو هو. "موهن!" نجما وري چيو، "چا، مان سچ پچ خوبصورت آهيان! تو تہ ڪالهہ منهنجي ڏاڍي ساراهہ ٿي ڪئي."

موهن کيس وسميءَ ۾ چيو، "ها، پر پوءِ چا!"

"منهنجي خوبصورتي توکي ايتري ڪشش ڪئي هئي نہ؟ تو تہ ڪالهہ ٿي چيو تہ منهنجا ڪارا ڏگها....."، هوءَ پاڻ جهلي نہ سگهي ۽ روئي ويٺي. سندس پوتي سندس مٿي تان گسڪي وئي.

"اوهہ!" موهن کي سندس مٿو ڏاڍو ڇڙڻو ٿي لڳو. سندس ساري سونهن تي گرهڻ لڳي چڪي هئي.

"رات منهنجي پاءُ ننڊ ۾ منهنجا وار ڪتري ڇڏيا." نجما اکيون اگهندي چيو، "۽ صبح سان چيائين تہ چؤ، هاڻي کهڙو منهن وٺي ٻاهر ويندينءَ. نہ رهندو بانس نہ وڄندي بانسري."

موهن جي چپن تي هڪ عجيب مرڪ راند ڪري رهي هئي. هن پوتي کٽي نجما جي مٿي تي رکي.

"نجمي! تون منهنجي زندگيءَ جي رفيق آهين. منهنجي محبت جو بنياد تنهنجي رفاقت تي آهي ۽ نہ تنهنجي سونهن تي. تون تہ مون لاءِ ايان ٻہ سهڻي آهين. هل تہ اسين هينئر ئي سول مئريج ٽا ڪريون."

ڪلٽي

هن جي سادگيءَ ۾ چالاڪي هئي، چالاڪيءَ ۾ سادگي. ڪڏهن ٻار جيئن نچندي ٽپندي ايندي ۽ پڻيان اچي اکين تي هٿ ڏيندي. ڪڏهن اوچتو منهنجا وار ڌاهي چوندي، "ڏس تہ ڪيئن ٿي پيو آهين؟" ۽ پوءِ آرسي ڪڍي هٿ ۾ ڏيندي. ڪڏهن مان پينسل رکي پاڻي پيئڻ اٿندس تہ پينسل جو گورو پيچي ڇڏيندي ۽ ايڏا ڪٽڻ جي ڪوشش ڪندس تہ ڪل ۾ ويڑهجي ويندي. ڪڏهن پوتي پڳ ڪري ٻڌي ايندي ۽ ڪتاب منهنجي هٿ مان کسي چوندي تہ "چؤ هاڻي ڇا ٿو چئين؟" ڪڏهن ٽاچڻي ڪڍي منهنجي ڪنڌ ۾ چپائيندي، ڪڏهن شربت ۾ لوڻ وجهي ڪڍي ايندي، ڪڏهن ڏينهن ڏاسائي، پَر کان وڌي منهنجي اڳيان آڻي ڏيجاريندي. هڪ ڏينهن وڇون تريءَ تي ڪٽي آئي. الاجي ڪيئن ڏنگ ڪڍيو هئائينس! "ڏس مون هن کي منڊيو آهي." هن چيو. مون ڏانهس شرارت ڀريل نظرن سان ڏسندي چيو، "تون تہ ماڻهوءَ کي بہ منڊي سگهندي آهين." هن جي منهن تي لڄ ڇانئجي وئي ۽ وڇون ڪٽي منهنجي پاند ۾ وڌائين. مان ڇرڪ ڀري اٿيس ۽ چوٽيءَ کان ڇڪي چيومانس، "چؤ وري ائين ڪندينءَ؟" "نہ بابا توبهہ، منهنجي ماءُ جي بہ توبهہ!" هن هٿ وجهي چوٽي ڇڏائيندي چيو.

هڪڙي ڏينهن منجهند جو مون کي ديرِ ٿي وئي ۽ هوءَ ماني ڪڍي آئي. مون گهٽو ئي ڪيس چيو تہ پاڻ ئي کائيندس. پر هوءَ ٽي مڙي! زوريءَ گرهہ گره ٽاهي وات ۾ ڏيندي وئي. "زالون سڀ بيوقوف آهن". مون خار کائيندي چيو، "تڏهن تہ تون بہ پاس نہ ٿي ٽئين."

"ٺيڪ آهي." هن گوشت جو هڏو مانيءَ ۾ لڪائي منهنجي وات ۾ وجهي چيو. مون هڏو چٻي ايڏا منهن گهنجايو مس تہ هوءَ کلندي ڀڄي وئي.

مون خار ۾ چيو، "بس وري اڳتي هتي نہ ايندس؟"

"اڙي، ڏسان تہ گهٽا ڏينهن ٿو انهيءَ گوڙ ۾ پڙهي سگهين." هن نڪ کي موڙو ڏيندي چيو، "گهر ۾ هڪ اکر بہ پڙهي وڻين تہ چئجانءِ."

مون سوچيو تہ چوي سچ ٿي. اسان جو گهر نديڙو هو ۽ ٻيو تہ ٻار هٿا گهٽا. سو مان هن جي گهر اچي پڙهندو هوس. سندس گهر ۾ رڳو ٻہ پاتي هٿا. ماسي ۽ هوءَ. پر هن بہ تہ منهنجو نڪ ۾ دم ڪيو هو. هر روز نيون شيطانيون سوچيندي هئي. پاڻ تہ مئٽرڪ ۾ ناپاس ٿي پڙهڻ جو خيال ئي لاهي ڇڏيو هئائين، هاڻي لڳي هئي منهنجي پٺيان.

هڪڙي ڏينهن منهنجي هٿ ۾ ڪئميرا ڏسي ضد ڪيائين تہ منهنجو بہ فوٽو ڪڍ. گهٽي رد بدل کان پوءِ جڏهن مون سندس فوٽو ڪڍيو ٿي، تڏهن هن پوتي ڇڪي پنهنجو منهن ڍڪي ڇڏيو.

هڪ گهمري مان ايا ڪتاب کڻي آيس تہ ڏٺم تہ ٻہ چار چوڪريون ويٺيون آهن. مان ڪوٺيءَ ۾ گهڙيس مس تہ سيني وٽي ڪليو ۽ هوءَ ايترو تہ ڪلي، جو پيٽ کي هٿ ڏئي ويهي رهي. مون ڦڪو ٿي کيس چيو، "آهي تہ خير؟"

"تو تي ٿورو ئي ٿي ڪليوسين." هن کل روڪي چيو، "تون پاڻ چؤ تہ تنهنجي شڪل اهڙي آهي ڇا؟ تنهنجي شڪل ڏسي تہ مون کي روئڻ ايندو آهي، کل وري ڪيئن ايندي؟"

"هاڻي بڪ ڇڏ." مون کيس چڙهيو. "ائين ماڻهو ڏسي مٿو ڇو ڦري ويندو اٿيئي؟"

"مٿو تہ تنهنجو پڙهي پڙهي ڦري ويو آهي." ائين چئي هوءَ وري کلڻ لڳي. "سچ ٻڌايانءِ تہ ڇو پئي ڪليوسين. مون زهرا کي ٻڌايو تہ تو بي. اي ۾ فلاسافي ڪئي آهي، تنهن تي هن هڪڙي فيلسوف جي ڳالهہ ٻڌائي تہ ڪئن هن ڇيٽو پت تي ڏسي ڇيو هو تہ ڳئون اهو ڇيٽو پت تي ڪيئن لاٿو ۽ ان تي مون کي ڏاڍي ڪل آئي."

هڪ دفعي مون کيس جمهوريت جا اصول ٿي سمجهايا. "پر خدا تہ اسان کي جمهوريت نہ ٿو سيکاري." هن سوچيندي چيو. "خدا تہ گهٽائي دوزخ ۾ وجهي ٿو ۽ ٿورائي جن ۾ ملان مولوي، چريا ڪريا آهن تن کي

بهشت ڏئي ٿو." هوءَ تقرير ڪرڻ لڳي، "پر ٻيلي هي بهشت دوزخ جو معاملو ٻه عجيب آهي. مان ته سوچيندي منجهي پوندي آهيان. مٿرڪ ۾ انسان کي ماستر ٻڌايو هو ته صوفي چوندا آهن ته انساني روح ۾ خدا جو جزو آهي. جي ائين آهي ته پوءِ ته دوزخ ۾ ٻه صرف روح ٿو وڃي ۽ ان جي معنيٰ اها ٿي ته دوزخ ۾ خدا ٿو وڃي." هوءَ مذهب جي بي معنائيءَ تي ڪلڻ لڳي.

مان سوچي رهو هوس ته هن کي اهي شرارتي خيال اڃن ڇو ٿا؟ خدا مان ٻه نه ٿي رهي!

سندس ڪل ۾ زندگي هئي، زندهه دلي هئي. ڪلڻ مهل سندس ڳلن ۾ ڇڻ سفيد ۽ سرخ گلاب ڦهوٽجي ويندو هو. سندس ننڍڙا ڇپ ماڪ ۾ آلا ٿي ويندا هئا. مون هن کي مرڪندو ته ڏٺهن ٻه نه ڏٺو هو. هوءَ همیشہ ڪلندي هئي ۽ سندس ڪل ۾ ڇڻ سڃيءَ دنيا جي سنگيت سمائجي ايندي هئي، سندس ٽهڪ ۾ ڇڻ معصوميت ۽ شرارت هٿ هٿ ۾ ڏئي نچنديون غائب ٿي ويندیون هيون. اڪيلي هوندي ته پئي ڳائيندي، ماڻهو ڏسندي ته ڪلي ويهندي، ڇڻ سڃي دنيا جي خوشي سندس روح ۾ سمايل هئي. هوءَ ايترو ته ڪلندي هئي جو سندس اکين مان ڳوڙها وهڻ شروع ٿيندا هئا ۽ پتو نه پوندو هو ته هوءَ ڪلي ٿي يا روئي ٿي! هن جي حياتيءَ ۾ لڙڪ ۽ مُرڪ ڏڏ ڦهوٽيل هئا. هوءَ هر ڪنهن کي تنگ ڪندي هئي پر ڪوئي منجهائنس ڪڪ نه ٿيندو هو. مان ته ساڻس نفرت ان ڪري ڪندو هوس جو مون کي هن کان نفرت هئي. مٺي مٺي نفرت، ڪوڙي ڪوڙي محبت! دور رهي، دور رهڻ نه چاهيندو هوس. ويجهو رهي ويجهڙائيءَ مان ڪڪ ٿي ويندو هوس. مون کي ٻيون ٻه سوٽيون ماساتيون هيون پر ڪا اهڙي عجيب و غريب نه هئي. ڪنهن کي ايتري مجال نه ٿيندي هئي جو مون سان ڪٽي ڪيڇل ڪري. سڀ ڪتابي ڪيڙو سمجهي، منهنجي عزت ٻه ڪنديون هيون ۽ مون کان نفرت ٻه ڪنديون هيون. پر هوءَ الاجي ڇو مون کي چيڙيندي هئي. مان ڪتاب جي ڪنهن صفحي تي نشان وجهي بند ڪري ويندس ته هوءَ اها نشاني اتان ڪڍي ٻئي صفحي تي وجهي ڇڏيندي هئي، مان فائونٽين پين ۾ مس ڀري رکندس ته هوءَ مس ڪڍ ي پاڻي ڀري رکندي. مطلب ته عجيب شامت هئي. مون ڪيئي ڀيرا خيال ڪيو هو ته وري سند گهر نه ويندس. ايجا ٻه ايڏائي

ڪلاڪ گهر ۾ ويهندس ته هوءَ ڪوئي بهانو ٺاهي ماڻهو موڪليندي. مثلاً چوائي موڪليندي ته، "امان کي مٿي ۾ سور آهي دوا ته ڏي." ۽ مان ايا سور جي دوا کٽڻ ويندس ته نياپو ڏيندڙ گهر ٿي ويندو ۽ لاچار مون کي ئي دوا کڻي سندس گهر وڃڻو پوندو. ايا ويندس مس ته هوءَ ڪلندي چوندي، "ڏس ڪيئن چالاڪي ڪري گهرايو مانءِ پٽو پيئڻ!" ۽ پوءِ نوڙيءَ تي ٽپڻ لڳندي.

پر ائين به ناهي ته هوءَ مون کي صرف مسخريءَ لاءِ گهرائيندي هئي. مون کي ياد آهي ته تهه اونهاري ۾ مون کي پڙهي پڙهي ننڊ اچي ويندي هئي ۽ ڏاڏيءَ گرميءَ ڪري پاسا بدلائيندو هو س ته ڪنهن مهل ٽڏي جهلڪي تي اک پٽجي ويندي هئي ۽ هوءَ وڃڻو هلائيندي نظر ايندي هئي. مون کي اکيون پٽيندو ڏسي ٽڪاءُ ڪرائيندي هئي پڻيءَ تي وڃڻو ۽ ائين چوندي اٿي ويندي هئي ته "ننڊ ۾ ڳالهائين ڇو ٿو؟ اسان جي ننڊ ٿي ڦٽي."

جڏهن گڏجي مانيءَ کائڻ وهندا هياسين تڏهن چوندي هئي ته "ڏسجانءِ جي مون اڄ توکي بڪ نه ماريو." ۽ پوءِ ٿهڪ ڏيندي هئي. پر مون ڏٺو هو ته هوءَ تمام ٿورو کائيندي هئي ۽ سڀ سڀي شيءِ منهنجي لاءِ رکندي هئي.

هڪڙي ڏينهن مون کي سخت بخار هيو. سو مون پيڻ کي چيو ته "مٿي کي ٿورا زور ته ڏينم." هن هڏيءَ مان چيو ته "ٻه ڪلاڪ ساندهه ماساتنهن ويهي زور ڏنا اٽيئي. ايا پيو زور زور ڪرين." مون کي خبر نه هئي ته غشيءَ جي حالت ۾ هن مون کي زور ڏنا هئا. اهڙي طرح ڪيئي دفعا مون محسوس ڪيو هو ته هن جي مون سان همدردي هئي.

مون بي. اي جو امتحان پاس ڪيو ۽ هن وٽ ويس. هن چيو "مٽائي کاراءِ!" ۽ ٿهڪ ڏئي چوڻ لڳي. "هل سڄا تون ڇا کارائيندي!" منهنجو مڱڻو ٿي ويو ۽ هوءَ آئي ۽ چيائين "مٽائي کاراءِ!" ۽ پوءِ "هل سڄا تون ڇا کارائيندين!" چئي ٿهڪ ڏئي کلڻ لڳي. منهنجي شادي ٿي وئي ۽ هوءَ آئي ۽ چيائين مٽائي کاراءِ!" ۽ پوءِ ساڳيءَ طرح "هل سڄا تون ڇا کارائيندين." چئي ٿهڪ ڏئي کلڻ لڳي. مون کي ڪکو ڇائو ۽ هوءَ آئي ۽ وري ساڳيا لفظ چيائين. "مٽائيءَ کاراءِ" ۽ پوءِ "هل سڄا تون ڇا کارائيندين." چئي ٿهڪ ڏنائين. هن ۾ اڃا به اها معصوم شرارت هئي. ايا به زندهه دلي هئي، ايا به

ڪلي ڪلي ڳوڙها وهي ايندا هيس.

پر.....

ڪالهه هوءَ منهنجي ڪڪي کي ڪيڏائي رهي هئي. هن جي منهنجي ڪڪي سان ڏاڍي دل هئي. ڪڪو بانبڙا پائي ٿورو گهمڻ سکي ويو هو، سو ڪالهه جئن هوءَ ڪڪي کي ڪڏائي رهي هئي. مان آفيس مان موٽيس. ڪڪي مون کي ڏسي ڪيو "با آ با آ" (بابا) مون ٻانهون ڊگهيريون ته ڪٽانس، پر ڪڪو ڪنڌ ڏوٽي هن جي ڇاتيءَ سان ڇهڻي پيو ۽ چيائين، "ام مان (امان)" مون چرچي ۾ چيو، "اڙي امان ته تنهنجي ماني ٻئي پچائي، هيءَ اٿي پڪي!" پر ڪڪي جڏ منهنجي ڳالهه نه ميڪي ۽ هن جي ڇاتيءَ مان منهن ڪيي، ڏانهس ڏسي، چيائين "امان" اچانڪ مون ڏٺو ته هن جو منهن ون ون ٿي ويو ۽ ڳوڙها سندس اکين مان لهي ڳلن تي اچي ويا. مون تعجب ۾ پڇيو، "ڇو، آهي ته خير؟" هن ڪڪي کي چميو ۽ سندس چولي ۾ منهن لڪائي سڏڪا ڀرڻ لڳي. مان حيرت ۾ هوس. اڄ شايد پهريون ڀيرو هو، جو ٽهڪ ۽ لڙڪ دوستي ڇني جدا ٿيا هئا، زندگي ڪل جو سهارو نه وٺي سگهي هئي ۽ ڳوڙها قابو پائي ويا هئا. خوشيءَ غم کي چميون ڏئي الوداع ڪئي هئي.

ڪارو رنگ

هوءَ رنگ جي ڪاري هئي. ڇڙ تئي جي پٽ ڏنئي. جڏهن وهنجي سهنجي منهن کي ڪريم لائي نڪرندي هئي ۽ اها اُس ۾ رجي پوندي هئي تڏهن هن جو منهن ڀهڪندڙ نظر ايندو هو، هن جو ڪارو ڪارو، خوبصورت رنگ ڇڙ ٽڙي پوندو هو. تون ضرور تعجب ۾ پيو هوندين ته مون هن جي رنگ کي خوبصورت ڪيئن ڪوئيو! پر مان توکان پڇان ٿو ته ڪاري ڪاري رات، اٽڪيهين- اونداهي خاموشيءَ جي سير ۾ لڙهندي خوبصورت نظر نه ايندي آهي ڇا؟ هوءَ خوبصورت هئي ۽ خاموش! ڪيس پنهنجي خوبصورتيءَ جو احساس نه هو. دنيا ڪيس بدصورت سمجهندي هئي. هن اهو ڇاتو ٿي ۽ ان ڪري سندس چپن تي خاموشيءَ جي مهر لڳل هوندي هئي. انڌي ڪوهه جئن خاموش! پر مان هن کي خوبصورت سمجهندو هوس. اهو چئي نه ٿو سگهان ته هن جي خاموشيءَ ۾ خوبصورتي هئي يا خوبصورتي ۾ خاموشي! پر مان پانيان ٿو ته پوئين ڳالهه صحيح آهي. هن جي خوبصورتي دنيا کي وڏي واڪ چئي نه سگهندي هئي ته مان خوبصورت آهيان، منهنجو انگ انگ ڊولائتو آهي، منهنجي چمڙي هميشه ڀهڪندي آهي، مان سفيد ڪپڙن ۾ ڇڙ دوزخ جي حور لڳندي آهيان. هن جي ڪنهن سان به محبت نه هئي، نه ڪاڏ خوراڪ سان، نه ڪپڙي لتي سان، نه مٺ مائٺ سان، نه سکي ساهيڙيءَ سان سندس دنيا صفا اڪيلي هئي، سانتيڪي، سباجهي، سهڻي دنيا! پر هوءَ هميشه ڳائيندي هئي. چپن ۾ ڪجهه نه ڪجهه ٻئي جهونگاريندي. دل ۾ ايندس ته به ٽي ستون ڏاڍيان آلاپيندي. سندس سڃاتو ڪيس ڪوئيندائي هئا " ڪوئيل." پر هن جو اهو لفظ ٻڌي منهن لهي ويندو هو. هوءَ سمجهندي هئي ته هي منهنجي رنگ تي ڪلي رهيا آهن ۽ نه راڳ کي ساراهي رهيا آهن.

تون پائيندو هوندين ته مان وڃلان پيو. اول ٿو چوان ته هوءَ خاموشي هوندي هئي ۽ پوءِ ٿو چوان ته هوءَ ڳائيندي هئي. پر دوست خاموشي ڳائيندي نه آهي ڇا؟ تو رات جو ٻڌو، جهيڙو ترل رل جو آواز نه ٻڌو آهي؟ سنائي جو سريلو گيت! ائين مون کي هن جي راڳ ۾ به خاموشي نظر ايندي هئي. ڳائڻي خاموشي خاموش راڳ.

رات جي وقت هوءَ بالڪنيءَ ۾ ويهي پئين جو راڳ ٻڌندي هئي. تيرس ۽ چوڏس رات ۾ پئيا ڇڻ وجد ۾ اچي ويندا هئا. ڏهه ويهه ڇڻا پنهنجي وجود جو احساس وڃائي، راڳ جي رس ۾ ملي ويندا هئا. سندن راڳ ۾ پرديسي پرينءَ جون يادگيريون، ٻاجهريءَ جا سرسبز گيت، ڪنهن رڻ پٽ جي چمڪندڙ ريتي، برسات ۾ ڇنل ڇپر، انتظار جون گهڙيون، اٻاٽڪا ستارا، اداس نيٺ وغيره وغيره موضوع اچي ويندا هئا. جهانجهه جي آواز ۾ ڪائنات مليا ميٽ ٿي ويندي هئي، ۽ ان وقت هن مان اداسائي نڪري ويندي هئي، سندس روح جانجهه جي آواز تي جهومڻ لڳندو هو ۽ هوءَ پائيندي هئي ته هن ديس ۾ هڪ مسافر هئي، هڪ اڻ سونهون، وائڙو مسافر، هڪ پياسائي، پيادل راهي ۽ هي مٽ مائٽ، هي سکيون ساهيڙيون سڀ ئي مسافر هئا، هر ڪنهن جي منزل جدا، هر ڪنهن جو رستو الڳ، هر ڪنهن جي رفتار علحدي! آسمان ڏانهن اکيون ڪٽي، وهائوءَ کي گهوري ڏسندي هئي ته ڪيس ڪيئي ڪائناتون نظر ايندیون هيون، دور دور جون دنيائون جتي صرف خوبصورتي هئي، جتي محبت حسن جي محتاج نه هئي، جتي زندگي بي معنيٰ نه هئي، دوستي دلبو نه هئي، جذبات بيوس نه هئي. ان وقت هن جي دل ڪنول تي ماڪ جي قطري جيئن ٿي ويندي هئي، جو پنهنجي چوڌاري اٽاهه پائي ڏسي، ڪنهن وقت گهبرائيبي ۽ ڪنهن وقت پيار مان چلڪڻ لڳندي هئي. هن ڪيئي ڀيرا موت تي به خيال ڪيو هو. موت! موت ڪي سمجهڻ اهڙو ته ڏکيو نه آهي جهڙو حياتيءَ کي! ماڻهو الاجي ڇو منجهي پوندا آهن؟ هي جسو، هي متيءَ جو مَنهن ڪڏهن به ڏهي پوي ۽ متي متيءَ سان ملي وڃي. موت جو خيال ڪري، هن جي دل وڏي ٿي ويندي هئي. هوءَ سمجهندي هئي ته ڇڻ سندس متيءَ جو غبار اڏامي وڃي وهائوءَ سان لڳو هو، ڇڻ هوءَ آسمان تي تارن جي ڪٽ تي سمهي پيئي هئي، ڇڻ ڪير ڏارا ۾ لڙهندي ٿي

وئي، سندس هستي ڪنهن نفيس شيءِ ۾ ڳهوٽبي ويندي هئي. هوا جي جهلڪن کان بہ نفيس، راڳ جي لهرن کان بہ نفيس شيءِ ۾ راڳ! راڳ ئي سندس بي معنيٰ هستيءَ کي ڪنيو بينو هو، ۽ جهڙي هئي سندس زندگي بي معنيٰ تهڙو هيو سندس راڳ! بيحد حسين جل پرين جي باري ۾، پنيورين جي پرواز تي، سيتا ڦل جي وڻ تي، نر جي ٻور تي ۽ ٻيو بہ الاجي ڪهڙين ڪهڙين ڳالهين تي سندس دل ۾ مٺا مٺا لفظ ترندا ايندا هئا ۽ هوءَ اهي جهونگاريندي رهندي هئي. بي انداز بي معنيٰ، لپائيندڙ لفظ!

منهنجي گهر جي بالڪني هن جي بالڪنيءَ جي سامهون هئي. مون جڏهن بہ هن کي چتائي ڏٺو هو تہ هوءَ ڪنهن ڏوراهين ڏيهہ جو فرشتو لڳندي هئي، جنهن جو هن دکي دنيا سان ڪو تعلق نہ هو، جو ڪوئي مبهم پيام ڏئي رهيو هو ۽ پيام پوري ٿيڻ تي اڏامي ويڻو هو. صبح جو اٿي هوءَ ٽکر جي پاڻين ۾ پکين لاءِ ان ۽ پاڻي وجهندي هئي. جيئن پکي چوڳو چڳي اڏامندا هئا ۽ صاف نيري آسمان جي گهراين ۾ گم ٿي ويندا هئا، تيئن هن جون اکيون انهن جي پٺيان نامعلوم دنيائون ڳولينديون ويندیون هيون. هوءَ ڪيترو وقت پئي انهن ڏانهن گهوريندي هئي. منهنجي پيٽ چوندي هئي تہ هوءَ ڏاڍي سهاڄهي آهي پر ساڻئي وقت ڪجهہ سوداءِ بہ آٿس. مون هن کي ڪڏهن بہ ڪلندو نہ ڏٺو هو. هوءَ ڪڏهن ڪڏهن مرڪندي هئي، ۽ سندس چپن تان مرڪ ائين غائب ٿي ويندي هئي جيئن شفق جي پوئين رنگيني رات جي ڪاراڻ ۾ ميڙجي وڃي. مون هن کي سوچيندو بہ ڪڏهن نہ ڏٺو هو. هوءَ ائين گم سم، وائڙي بيٺي جهونگاريندي هئي، جڏ سندس مٿي ۾ دماغ ڪونہ هو. ان هوندي بہ هوءَ مون کي ڏاڍو وٺندي هئي. ماڻ جڏهن بہ هن کي ڏسندو هوس تہ ائين محسوس ڪندو هوس تہ اسين صديون اڳي ڪٿي مليا هياسين، ڪنهن برڙ جي درخت ۾ جهولا ٽنگيل هئا جن ۾ اسان گڏجي جهوليو هو. ڪنهن ندیءَ جي ڪناري تي هڪٻئي جي پٺيان ڊوڙيا هياسين. سندس وار هوا ۾ لهرايا ٿي ۽ پوتي اڏامندي ٿي وئي ۽ گهاٽ وٽ اچي هوءَ ٽڪجي ويهي رهي هئي، جتي مون ڪيس گهاگهر ڪٽي ڏني هئي. هڪ صدين جي گهري واقفيت، هڪ جهونو شديد احساس، هڪ بي معنيٰ بي چيني منهنجي دل کي تڙپائيندي هئي. هن جو ڪارو رنگ چمڪندو نظر ايندو هو ۽ هوءَ

مون کي خوبصورت لڳندي هئي. بيحد حسين!

جڏهن مون پهريون پيرو هن سان ڳالهايو هو تہ مون کي هن جو آواز هڪڙي تعجب نہ لڳو هو. مون اول ئي ٿي سمجهيو تہ سندس آواز ڏاڍو مٺو هوندو. هن پنهنجي بالڪنيءَ مان چيو تہ، "منهنجي پاءُ ايڏانهن ڪينهون اچليو آهي." ۽ مون ڪينهون ڪٽي سندس بالڪنيءَ ۾ اچلايو ۽ چپن ۾ چيم "ڪوئيل!" چئن پنجن مهينن ۾ هن منهنجي پيٽ سان چگي واقفيت وڌائي پر هوءَ اڃا تمام ٿورو ڳالهائيندي هئي. منهنجي پيٽ سندس نس نس مان واقف ٿي وئي هئي ۽ مون کي ٻڌايائين تہ هوءَ جيتري سڀاجهي ۽ معصوم هئي اوترو ئي زياده ڪيس پنهنجي رنگ جو احساس هو. ڪيس ٻن شين سان رغبت هوندي هئي. هڪڙو آرسيءَ سان ٻيو پنهنجي ٻليءَ سان. هوءَ سئو دفعا ڏينهن ۾ آرسيءَ ڏسندي هئي ۽ سئو دفعو ٻليءَ کي ڪچ ۾ ڪٽندي هئي. هن جي پهرين ڳالهہ ۾ نفرت جو احساس هوندو هو ۽ ٻيءَ ۾ محبت جو. مون کي پيٽ ٻڌايو تہ هن شادي ڪرڻ کان قسم کنيو هو.

منهنجي ڪراچيءَ مان نوشهري فيروز بدلي ٿي وئي ۽ سال کان پوءِ جڏهن مان ڪراچيءَ آيس تہ هن جي گهر وٽان بہ لنگهيس. هوءَ بالڪنيءَ ۾ بيٺي هئي ۽ ٻيءَ بالڪنيءَ ۾ ساهيڙيءَ سان ڏاڍيان ڳالهائي رهي هئي ۽ ڳالهہ ڳالهہ تي ٽهڪ ڏيئي رهي هئي. ڪيس ڏسي منهنجي تعجب جي حد نہ رهي. سندس چاتي گهڪريءَ مان جڙ ڦاتي ٿي، سندس ڳل ڀرجي آيا هئا. ڪاڏيءَ جي ڪيڙي بدران ڪيس پٽ جي پنجابي ڊريس پئي هئي. هن مون کي ڏسي مرڪيو. سندس مرڪ ۾ چالاڪي ۽ شرارت هئي. پهريون دفعو مون کي سندس ڪارو رنگ بدصورت لڳو. جڙ هوءَ ڏائڙ ٿي لڳي. ڪاري- ڏائڙ. رستي تي مون کي چوڪيدار ٻڌايو تہ هوءَ ڏاڍي ڪري پئي هئي. لکي لکي رات جو ٻئي ڪوئي تي هلي ويندي هئي جتي هڪڙو ايس. ڊي. او رهندو هو. سندس ماءُ کي انهيءَ ڳالهہ جي خبر پئجي وئي هئي ۽ ان ڪري هن مڳائي ڇڏيو هوس. ايندڙ چند تي سندس شادي ٿيئي هئي. "ڏس تہ سهين يار!" چوڪيدار ڳالهہ ڪٽائيندي چيو. "شڪل چا ٿي چوي، افعال چا ٿا چون." مون دل ۾ چيو تہ ڪير ٿو چوي تہ هن جي شڪل خوبصورت نہ آهي. ڪارو ڪارو چمڪندڙ چهرو سڀاجهو، معصوم! الائي ڇو هن ۾ اهڙو ڪيرو اڇي ويو

هو. هئي تہ اهڙي نہ. مان تصور ڪندو ويڃي رهيو هوس ۽ ائين ٿي پانيم تہ جڏ ڪائنات جي شروعات وقت رات ڏينهن ڪي چئي رهي هئي تہ "مان ڪاري آهيان، مون سان پنهنجو رنگ مٽاءِ." ڏينهن ڪيس چئي رهيو هو تہ "چگو جو تون ڪاري آهين، سڀ عيب ثواب لکا پيا اٿئي. منهنجي اچاڻ گهوريا سڀ چگائي مدائي پڏري ٿيو پوي."

مهيني کان پوءِ اهو ساڳيو چوڪيدار مون کي رستي تي مليو. هن ٻڌايو تہ هوءَ ڪالهہ بيماريءَ ۾ مري وئي. ڪيس ٻين مرضن سان گڏ ڪوڙهہ بہ ٿي پيو هو ۽ هوءَ نهن کان چوٽيءَ تائين اڇي ٿي وئي هئي. سندس ڪارو رنگ ميڙجي چڪو هو.

سهڻي سير ۾

اڻٽيهن، اونداهي هئي، آسمان تي تارا هڪ ٻئي کي عشق جا اشارا ڪري رهيا هئا. زمين تي ٽانڊاٽا تاريڪيءَ ۾ ٽمڪيا پئي جيئن ڪنهن نازنين جي ڪاريءَ پوتيءَ تي ستارا. چؤطرف خاموشي هئي. وقتي چپري جي چيخ يا ڏيڏر جي ڏاڪ روم روم ٿي ڪڙا ڪيا. پارو ٻه چوي ته اڄ نه پوان ته ڪڏهن پوان. ڏند پئي ٽڙڪيا ۽ لونءَ لونءَ پئي ڪانداري. لونِ ۽ لاٽن مان هوا سوسات ٿي ڪيا. رکي رکي بدن مان سيسرات پئي اپريا. ڪل ڪائنات خوابيدھ هئي. رمتي ڪان راهه تائين سپئي "خوابي دنيا" جو سيرو سفر ڪري رهيا هئا. ان وقت هيءَ ڪير هئي جا سرديءَ ڪان بي نياز ۽ پيانڪ سناٽي ڪان بي پرواهه ٻانهون ستيندي ٿي وئي؟ سندس جسي تي هڪ ڪنجرو ۽ جهولدار ستڻ هئي. پير پاري ۾ يخ، گهنگهريالا وار هوا ۾ پريشان، منهن تي آهني ارادي جا آثار. اها ڪير ائين بي ڏڙڪ گهڙو ڪچ تي ڪٽي وڃي رهي هئي؟ آهه! اها سهڻي هئي. سندس سيني ۾ محبت جا مچ ٿي ٻريا، ڪيس سيءَ جي ته سارئي نه هئي. هوءَ پريان جي پار ڏانهن ٿي وئي.

ڇُڪيءَ تنهن چري ڪئي، جا ڏنس ان ڏُهي،
سهڻيءَ کي سيد چوي وڏو قرب ڪهي.

ڪالهه ڪيس سرتين داب ڏڙڪا ٿي ڏنا، چي: "ڏم کي ڏاهه پيئي ته نڙيءَ تي ننهن ڏيندءِ." پر هيءَ اهڙو سٽي جهڙي پٽ.

"پرواهه ناهي، ساجن لاءِ سر ويو ته ڪهوريو." هن محبت آميز آواز ۾ وراٽيو،

"سرتيون صورت جي، ڏسو ساهڙ ڄام جي،
سڪ ٿي سمهو ڪينڪي، ڪانڊن پاسي ڪي،

مونهان اڳي، گهڙو سڀ گهڙا کٽي."

اڄ هوءَ قول و قرار کي پاڻي ڏئي رهي هئي. سندس رفتار بجليءَ جيان تيز هئي. من اڇلون ئي ڏنس، اکين جستجو ٿي ڪئي. نيٺ دريا جي ڪناري تي هوءَ برق خرام اچي بيٺي. پيل جا اڏ سڪل پن هوا ۾ ڦڙ ڦڙ ڪندا زمين تي پکڙي رهيا هئا. ڪاريهر ڪر ڪنيو ڪڙڪا ٿي ڪيا. ڪارا ڪن ۽ وهڪري جو هيبتناڪ هلاڇو ڏسي دل دهلجي ويس. پر هوءَ سائينءَ کي سنپاري گهڙي پئي. گهڙي تي ڪنڌ رکي پريت جا پور پڇائيندي ٿي وئي. سندس وار لڙ ۾ ٿي لڙهيا. سندس چوڙا ٻيڙا دلي تي دلڪش جهٽڪار پيدا ڪري رهيا هئا. آسمان تي ستارن اکيون ٿي ڇنيون، شايد ڪين تعجب ٿي لڳو ته جتي:

نہ ڪو سنڌو سير جو، مڀ نہ ملاحن،
پرزو پيدا نہ ٿئي تختو منجهان تن

اتي هن نازڪ بدن ڪئن دل جهلي هئي. پر واهہ ازل جو انگ! سائر جي سير ۾ پيلو پڇي پيو. وٽي ويچاريءَ واڪا ڪيا. چي "موٽ محبت پاهون، تاڪن ٽڪي آهيان."

ٻيءَ ڀر تي ميهار جون آڱريون بنسريءَ تي رقص ڪري رهيون هيون. سريلو آواز سيني ۾ سيرون ڪندو ٿي ويو. اچانڪ هن سهٽيءَ جا سڏ سڀيا. پوڻ ست غوطو لڳائي ويچي محبوبڙيءَ کي جهليائين. سهٽي سرت ۾ نہ هئي. ميهار ڪيس هڪ ٻانهن سان ڇاتيءَ کان سوگهو جهلي، ٻيءَ ٻانهن سان پاڻي چيريندو اڳتي وڌيو. پر ٽڪ سندس سنڌ سنڌ چور ڪري ڇڏيو. ان وقت ميهار جون اکيون اشڪبار ۽ چپ تبسم ريز هئا. هن سهٽيءَ کي ٻنهي ٻانهن ۾ سامهان جهليو ۽ سندس چپن کي چميائين. پاڻي ڪيس ٻوڙيندو ٿي ويو پر اهي چپ موت تائين جدا نہ ٿيا، شايد موت کان پوءِ ٻہ نہ.

گهڙي نہ گذري ته طوفان زور سان لڳو، درياهہ جي ڇاتي ڦوڪجي پئي. بجلي چمڪي ۽ وڇن ور وڌا. بادل زور شور سان گرجيا ۽ آسمان روئي ڏنو.

ڪانڊي ڪنگ ٽياس، وهڻ جنازو سوهٽي،
ٻگهـا جي ٻيـڙن جا، ڪلهـا تن ڏنـياس،
اکين ملک ڏنياس، توءِ من ڪاڏو ميهار ڏي.

نوران

عزيز غور سان ڏسي رهيو هو. ساڳي ڀني ڀني فضا، ساڳيو صاف ڪمرو، ساڳيو سامان سڙو، رنگ ڍنگ. اٺ ويهه، اڄ وڃ ! سڀ ڪجهه هوبهو ساڳيو هو . ڇڙ وقت کي ان ڪمري ۾ دخل ئي ڪونه هو. ڇڙ ٻه سال گذريا ئي نه هئا، ڇڙ هو ڪلهه اتان ٽي ويو هو. سندس دل تي ان ڪمري جي هڪ هڪ ياد چٽي هئي. هڪ هڪ واقعو تازو هو. پٽين کي نه رڳو ڪن هئا پر زبانون به هيون. هو ڪيس ماضيءَ جي هر هڪ رنگين ڳالهه ٻڌائي رهيون هيون ته هي ساڳيو ڪمرو آهي. جتي تو زندگيءَ جون پياريون پياريون گهڙيون گذاريون، جتي تنهنجن امنگن کر موڙيا، جتي تنهنجي محبت رابيل جي چڪيءَ وانگر ڦلي ڦولي ۽ هيڪارون ڏنيون. اهو به زمانو هو جڏهن تون انهيءَ گهٽيءَ مان لڏندو لمندو ايندو هئين. تنهنجا نيٺ جوانيءَ ۽ محبت جي ڪيپ ۾ ٻريل هوندا هئا. اڇڙ سان تنهنجون نظرون انهيءَ چائنٽ جي پٽئين پاسي چڏي ايندو هئين. چائنٽ کان ٿورو اڳتي پڏر ۽ تنهن کان اڳتي اهو ڪمرو اهو ڪمرو جتي تنهنجا ٽهڪڑا ۽ اوچنگارون اڃا تائين گونججي رهيا آهن. جتي هر چيز تنهنجي غم غصي، پيار پچتاو، جا داستان دهرائي رهي آهي. هن چوڌاري نظر ڦيرائي ته ڪيس به ڪرسيون ۽ ميز نظر نه آئي. به سال اڳ اهي ٻت جي اوٽ ۾ رکيون هونديون جتي هو ۽ رضيه هڪ ٻئي جي آمهون سامهون ويهي ڳالهيون ڪنداهئا. ڳالهيون جن کي معنيٰ نه مطلب، اڳياڙي نه پچاڙي، مکڙ ماکيءَ ۽ مصريءَ، کان مٺيون ڳالهيون، جن ۾ پل پهر اڌامندا ويندااها، جن ۾ ٻنهي جي زندگي رلندي ملندي ويندي هئي ۽ هو ائين پائيندا هئا ته هو انهيءَ ميز جا به پاسا هئا، هڪ ٻئي جي ويجهو به، هڪٻئي کان دور به. "آمي"، عزيز نوران کي سڏيو. "آمي" هتان ميز ۽

ڪرسيون ڇو ڪنيون اٿئي؟"

"ابا"، نوران جواب ڏنو، "جڏهن ويهڻ وارا ئي هليا ويا تہ اهي ڪرسيون رکي ڇا ڪندس."

نوران رضيہ جي ماءُ هئي. رنگ جي پوري پني، اڇي اجريءَ سادي سودي هئي. پندرهين سورهين ورهئين جي عمر ۾ ئي بيوهہ ٿي وئي. رضيہ جائي مس تہ نوران جو مڙس گذاري ويو. نوران جو مڙس تہ نہ هو، ويل هو ويلُ. نوران پندرهين ورهئين جي سندس مڙس پنجهٽ جو. سخت چيڙاڪ، ڪج فهم، وحشيءَ هوءَ جڏهن بہ مڙس جي ڳالهہ ڪندي هئي تہ روئي ويهندي هئي. غم مان نہ پر غصي مان. الائي ڇو، رضيہ ءِ عزيز جي محبت نوران کي نہ آڻڻندي هئي. "ڏس تہ سهين روز اهو ناتڪ نهي ٿو." هوءَ چوندي هئي. "پرائو پٽ ڪلاڪن جا ڪلاڪ اڇي ٿو ويهي. اها سس پس چگي نہ آهي. لوڪ آهي ٻوڪ. جنهن کي جيئن وٺندو تيئن هل وجهندو." پر هوءَ پاڻ جيڏيءَ، پڙهيل ڳڙهيل ڏيءَ تي زور زبردستي بہ ڪري ڪانہ سگهندي هئي. رضيہ جي عمر نوران کان ڇوڏهن پندرنهن سال گهٽ هئي. رضيہ جو قد ويو هو پيءُ تي، سو نوران کان ڏگهي لڳندي هئي. شايد ان ڪري نوران هن تي رعب رکي نہ سگهندي هئي. ٻيو تہ ڪوئي ڏٺي سائين هيس ڪونہ جو سمجهائيس تہ اسڪول ۾ تہ تون سچيءَ محبت جون ڪهاڻيون پڙهي آئي آهين، پر اڄ ڪلهہ سسئي پنهونءَ وارو زمانو نہ آهي. رضيہ بلڪل بي پرواهہ ٿي پئي هئي. هن ڪتابن ۾ پڙهيو هو تہ پيار هنڌ ٺڻ ۾ نہ هڌبو آهي، دنيوي رسم رواج هن دلين جي وچ ۾ ديواريون کڙيون ڪندا آهن پر پيار جهل پل جو نہ آهي. ان تي ڪائي روڪ ٽوڪ نہ آهي. ان وقت هوءَ پاڙ کي سهٽيءَ وانگر سمجهندي هئي، گويا سير ۾ لڙهندي ٿي وئي، جڳ جا لڳ لاڳاپا لاهي پرينءَ جي پار ترندي ٿي وئي ءِ پريان ميهار جي ڪافيءَ جو مٺو آلاپ ٿي آيو. سندس ساري سڌ هڌ پلجي ويندي هئي، جڏ محبت جون هيرون لڳنديون هيون ءِ سندس ننڍاکڙا نيٹ ڪيس رنگين خوابن جي دنيا ۾ وڃي ويندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن هوءَ عزيز کان پڇندي هئي تہ "ڇا اهي سسئي پنهونءَ، سهٽي ميهار جون ڳالهيون سچيون آهن؟" عزيز جون زماني ساز نگاهون مرڪي ڏينديون هيون. الائي ائين ڇو آهي تہ مرد شاديءَ

جي برخلاف هوندا آهن ۽ عورتون شاديءَ جي فائدي ۾.

مرد ٻنوڙ وانگر هوندا آهن ۽ گل گل جو واس ونڊي رمندا رهندا آهن ۽ عورتون چاهيندڙيون آهن..... عورتون الائي ڇا چاهيندڙيون آهن؟ عزيز جي دل ۾ ڪائي خوبصورت تشبيهه لڪ ڇپ ڪيڏي رهي هئي، هن پنهنجي گهر ۾ اڏامندڙ جيترڙا ڏنا هئا جي مٽيءَ جي ذري ذري ڪري ڪٽي ايندا هئا جنهن مان هڪڙو نندڙو مٽيءَ جو گهر ٺاهيندا هئا. جنهن ۾ پاڻ کي پوري ڇڏيندا هئا. سندس ڳوٺ جا ماڻهو انهن جيترڙن کي گهريتڙيون ڪوٺيندا هئا. سڀ عورتن گهريتڙيون آهن، عزيز سوچيو هو. هميشه سوچيندو هو ته ڇو نه رضيه به نوڪري ڪري مان به نوڪري ڪريان، پنهنجي زندگيءَ جون ڪشتيون ائين ئي چاندوڪيءَ کي چمنديون روان دوان رهن! هيءَ نوران ساڻگيا سڙهه چوٽي چاهي، هيءَ ائين ڇو ٿي چاهي ته گڏ ٻڌجي گڏ ترجي؟ هر انسان جي زندگي الڳ الڳ آهي، هر ڪنهن جي منزل ماڳ جدا جدا آهي، پر انهيءَ لنبي سفر ۾ جي به ٽڪل مسافر ڪنهن ڪڙئي تي ملي ويا ۽ چار گهڙيون پيار جي ٽڏيءَ ڇانو ۾ ويهي ڪر ساهيائون ته ان جي اها معنيٰ آهي ڇا ته هو منزل جي توڙ تائين گڏ هليا هلن! رضيه ڪنول جي گل جيئن هئي جنهن جون پاڙون پختيون هيون، عزيز پاڻيءَ جي لهر جئن، جا ڪنول سان وڏي وڏي لڳندي هجي ۽ مٽيون ونڊي رمندي رهي.

ان جو مطلب اهو نه آهي ته عزيز جي رضيه سان محبت نه هئي. رضيه هن جو روح هئي جنهن کان سواءِ هن دنيا جي هر لطف ۾ هڪ خال هوندو هو، جنهن کي دنيا جي ڪائي به مشغولي، مصروفيت، پري نه سگهندي هئي. هو صرف اُهو اڏامندڙ پکيئڙو هو، جو اڄ هتي سيان هُتي. پچري جي پٽ ۾ هن جو رهڻ محال هو. هن جي رضيه سان ايتري محبت هئي ئي ان ڪري جو رضيه ٻين وانگر ڪيس شاديءَ جي ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاسائڻ جي ڪوشش نه ڪندي هئي. جيتوٽيڪ هوءَ چاهيندي هئي ته عزيز کي جند جان سان جڪڙي ڇڏي، عزيز سندس رگ رگ جي ويجهو رهي، نظر نظر ۾ مانڌاڻي ڪڍندو رهي.

نوران الائي ڇو عزيز سان نه ٺهندي هئي. اٽندي وهندي، عزيز جي گلا ڪندي هئي. رضيه کي هن جي خلاف پڙڪائيندي ڳالهائيندي ڳالهائيندي

بگڙي تپي ويندي هئي. پوءِ ته جهڙو تنتو لوهه. جو آيو سو سيڪ ڪائي ويو. سندس نظرون ڇيون ڪيندیون هيون ۽ هوءَ مرد جي ساري ذات تي پئي چوهه چنڊيندي هئي. عزيز به پيو لنوائيندو هو. ڪڏهن ڏاڙ، ڪڏهن هڏي، ڪڏهن چهڙ، ڪڏهن صفا جهيڙو. هن ڪن ڪان ٻڌي هُن ڪن ڪان ڪيڊي چڏيندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ته ڪيس ڏاڍو غصو ايندو هو پر پوءِ ڪجهه سوچي مرڪي ڏيندو هو. پلا ويچاري نوران ڪڏهن ڪيو هجي ڪوئي عشقڙو ته ڪل پويسَ. هڪڙي پيري رضيه ۽ عزيز طئي ڪيوته سکر براج تي گهمڻ هلنداسين. عزيز سوچي رهيو هو ته تارن پريءَ راتڙيءَ ۾ پل تي گهمڻ ۾ به ڪوئي لطف هوندو! ٽڏو ٽڏو نيرو نيرو پاڻي، تنهن ۾ بجليءَ جي بتين جا پاڇاوان- ندي به تارا تارا، آسمان به تارا تارا! نوران هنن جو ارادو ڏسي، مٽي ڪي پٽي ٻڌي، ۽ رضيه ڪي چيائين ته، "اڄ رڌڻ پچائڻ جو ڪم تون ڪر." عزيز ۽ منٺ ويسرو ٿي، نوران ڪي ڏئو ۽ پوءِ ڪلي ويٺو. اهڙا سوين واقعا ٿيا جن مان عزيز سمجهي ويو ته نوران جي زندگي ويران بيابان هئي، جتي محبت جي هير ڪڏهن به نه گهلي هئي ۽ هو ڪڏهن به ڪيس پنهنجي پاسي نه ڪري سگهندو.

پيار جي گهڙين کي پر ٿيندا آهن. عزيز جو سڄو سال انهيءَ ڪمري ۾ گذري ويو. اوچتو ڪيس ڪراچيءَ مان نوڪريءَ جو حڪم آيو ۽ هو سکر چڏي ڪراچيءَ ويندو رهيو. نوران ڪيس پوئين ڏينهن تائين ليکيو ئي ڪونه، گويا ڪوئي اجنبي هو. ڪراچيءَ جي تڪڙي تڪڙي، ترچي ترچي زندگي، ڏيڪ ويڪ، ٺاهه ٺوهه، رنگ ڍنگ، راڳ روپ، ڪيئي يار باش، ڪيئي سهٽيون سرتيون، ڪيئي وندر ورونهه جون جڳهون، ڪيئي روح رهاڻ جون ڳالهڙيون! ڪٿي سکر ڪٿي ڪراچي. هڪ هنڌ زندگي ڪٽليءَ جئن مس چري پري، ٻئي هنڌ باز جيئن اڏامندي ويڄي. عزيز رضيه کي ائين وساري ويٺو جيئن ڪوئي ضروري شئي تڪڙ ۾ وساري چڏي. ڪڏهن ڪڏهن رضيه کي خط لکندو هو سو به ڦڪو، الوٽو، ڪجهو! ٻه سال عزيز رضيه کان دور رهيو ۽ جڏهن موٽي آيو تڏهن رضيه جي اسلم سان شادي ٿي چڪي هئي. عزيز رضيه جي شاديءَ کان ڪجهه ڏينهن پوءِ سکر آيو. ڪيس پاڻ تي ڏاڍو افسوس هو. گويا هو پاڻ وڃائي ويٺو هو. هو سوچي رهيو هو ته هو خود

پاڻي هو ۽ رضيہ ڪنول هئي، پاڻيءَ ڪان سواءِ ڪنول مرجهائجي وڃي ها، سو اسلم ڇني ان کي گلدان ۾ رکيو. رضيہ عزيز ڪان سواءِ اڪيلي ۽ اڌاڻڪي ٿي پئي هئي، هن جي زندگي ۾ خال هو جو روز بروز وڌندو ٿي ويو، سندس حسن آب تاب سان چمڪندو هو سندس جواني چشمن جيئن ڦاٽ ڪائيندي چوندي هئي تہ آهي ڪوئي اڃايل جو اچي پياس ٻجهائي. جيسين ڪوئي اڃايل اچي تيسين رضيہ کي پنهنجي سونهن جو سارو آب تاب رڃ مثل لڳندو هو. ڏينهون پوءِ عزيز جو عڪس سندس دل ۾ چڀو ٿيندو ويو. چڀو، ڦڪيرو، ميرانجهڙو، ۽ پوءِ صفا غائب! نيٺ اسلم اچي سندس زندگيءَ جو خال پريو. رضيہ جو اسلم سان پيار ڪوڙ هو، صرف ڪشش هئي، ڪشس جا ڪائيءَ ۽ پٿر جي گسڻ تي باهہ پيدا ڪندي آهي. جيتوٽيڪ پٿر خود نہ جلندو آهي. رضيہ جي عزيز سان محبت هئي، اسلم سان رفاقت ٿي وئي. سماج جي ٻين ٻنڌنڻ ڪان آزاد هوندي بہ هوءَ شاديءَ جي ٻنڌڻ ۾ رضا خوشيءَ ٻڌجي وئي. عزيز دنيا ڏٺي هئي، انساني فطرت جا گونا گون پهلو جاچيا هئا ان ڪري هن کي رضيہ تي نہ افسوس ٿيو نہ عجب آيو.

افسوس تہ عزيز کي پاڻ تي ٿيو ۽ عجب نوران تي آيو. نوران رضيہ جي شادي جي سخت برخلاف هئي. هونءَ تہ نوران ڇڻ عزيز جا پير ڏٺيندي هئي ۽ ڪيس ٻيڻو نہ سهندي هئي پر اسلم جي اڇڻ شرط هن عزيز جي ساراهہ جا ڊڪ پرڙ شروع ڪيا. "عزيز نهايت سهاجهو آهي، نهايت عمدو آهي. جهڙو پڙهڻ لکڻ جو قابل تهڙو اٺڻ ويهڻ جو لائق! منهنجو تہ ڇڻ پيٽ ڇائو پٽ آهي. مون سان ڏاڍو پيار اٺس. امي امي پيو ڪندو آهي." رضيہ پئي عزيز جي ڳالهہ لنوائيندي، نوران پئي دهرائيندي. رضيہ ٽڏو ساهہ ڪٽي گذريل محبت تي ڦل پڙهي ڇڏيندي، نوران ساهي پٽي وري الحمد شروع ڪندي. هوءَ محبت کي لٽي ڇڏيندي، هيءَ پٽي ڪيس ڊيڪاريندي تہ ڪوڙي ڪچ تي ماٽڪ پئي مٽين: شادي عادت آهي، محبت عادت نہ آهي. شادي پلئہ ٿي ٻڌي، محبت روحن کي ڳنڍيون ٿي ڏئي. ڳنڍيون بہ ريشم جون، جي ڇڪيندي نہ ڇڃن. شادي دنيا ۾ ضروري نہ آهي محبت ضروري آهي. ترس عزيز موٽي ايندو. مون کي پڪ آهي تہ هو موٽي ايندو. هن جي روح توسان لائون لڌيون آهن. تون هن کان ڪڌهن بہ وسري نہ ٿي سگهين. چري تو ڇا

ڏنو هو. مون عزيز جون اکيون ڏٺيون هيون جڏهن هو توکي ڏسندو هو. گويا سندس تارن تي روح نچندو هو، گويا هن جا چپ تنهنجي محبت جون سرڪيون پريندا هئا. گويا هن جي زندگي تنهنجي محبت ۾ حل ٿي ويندي هئي. مون کي پڪ آهي ته عزيز موٽي ايندو، توکي ياد آهي ته مون هڪ طوطو پاليو هو. تون چوندي هئينءَ ته هن جا پر ڪتري ڇڏ ته اڏامي نه وڃي. مون هن جا پر نه ڪتريا. هڪ ڏينهن هو سچ پچ اڏامي ويو. تو چيو ته ڏٺئه هن جا پر ڪترين ها ته اڏامي نه وڃي ها. مون چيو ته پاٺهئي موٽي ايندو. تو خار ۾ پچرو ئي پچي ڇڏيو. هُو آيو ۽ پٽڪي پٽڪي موٽي ويو."

هي ڪمرو برابر پچرو آهي، عزيز سوچيو. هن جا پر ڪتريل نه هئا پر ان پچري سان هن جي پريت ريجهي وئي هئي. هي پيارو ڪمرو جتي هن زندگيءَ جون پياريون گهڙيون گذاريون آهن! ڪمرو بلڪل ساڳيو هو پر انسان بلڪل بدلجي چڪا هئا. رضيہ اها رضيہ نہ هئي، نوران اها نوران نہ هئي. عزيز اهو عزيز نہ هو. هن ڪمري ڏانهن ڏسي نوران ڏانهن ڏٺو.

"ابا تون ايترا ڏينهن ڪٿي هئين؟" نوران چيو. نوران جي اکين ۾ ڳوڙها هئا. عزيز جي چپن تي مرڪ هئي. هو دل ۾ چئي رهيو هو، "نوران، رضيہ منهنجي زال نہ آهي پر تون سس ضرور آهين...."

پهريون ۽ پويون خط

ٽپالي لفظ تي هن کي ڏاڍي خار لڳندي هئي. "ٽپالي وري پٺهي جو مان پوسٽ مين آهيان." جيڪو کيس ٽپالي کوڻيندو هو تنهن کي هو اهڙي ته رباعي ٻڌائيندو هو جو ڏند چپن سان لڳي ويندا هيس. جڏهن ٻه ٽي ڏينهن ڏاڙهي نه کوڙائيندو هو، پگهر ۾ خاکي وردي ميري ٽي ويندي هيس، تکڙو پنڌ ڪري ناسون ڦندي ويندیون هيس، تڏهن سندس شڪل ڏٺي هيبت وٺي ويندي هئي. کيس ٽپال کاتي جي نوڪري ۾ ڏهه سال ٽي ويا ها. هن پنهنجي جواني جو گهٽو چٽڪو ان نوڪريءَ ۾ گذاريو هو. سندس عمر ڪٽي اٺتيهه سال هئي ته ٻه غذا جي گهٽتائي، زماني جي بار ۽ نوڪريءَ جي دربدري سبب ڇڙ ته چاليهن سالن جو لڳندو هو. ويچارو ٽپالي ته نه نڪار پوسٽ مين!

نڪار جي دل ۾ هڪ وڏي حسرت هئي. هو سيني جا خط پڇائي ايندو هو، پر کيس ڪوئي خط نه لکندو هو.

هن جي زندگيءَ ۾ ڪيئي اهڙا موقعا آيا هٿا جڏهن خط ڏسي ڪنهن عورت جي منهن تي چانڊوڪي ڦوڙي ويندي هئي. سندس رگ رگ ٺري پوندي هئي، جڏهن ماءُ پٽ جي خط کي چمي چشن تي چايو هو، جڏهن زال مرد جي خط کي ڏسي مرڪي هئي ۽ سندس ڳورا ڳورا ڇپر لفافي تي جهڪي ويندا ها. ڇڙ ته لفافي مان ٻاهران ئي خط جو احوال پڙهي رهي هئي. نه رڳو اهو پر ڪيئي غم ۽ غصي، حيرت ۽ حسرت جون تصويرون، جڏهن نڙان ياڇائيءَ جي ويڙ جو احوال پڙهي جلي ويندي هئي، جڏهن ٻاءُ ٻاءُ جي صحت يابيءَ جي خبر ٻڌي ناخوش ٽيو هو چاڪاڻ ته سندس ملڪيت جو حصو ٽي ويو. نڪار شهر جي ٻهراڙي واري حصي جا خط ڪڍندو هو ان ڪري جاهل

ڪمي ڪاسبي پڙهائيندا به هن کان ئي ها. هي ٻين کي خط لکي پڙهي ڏيندو ۽ انهن لاءِ خط ڪٽي ايندو هو پر هنکي ڪنهن خط نه لکيو هو. پلا لکيس به ڪير؟ نه هن کي هئي جوءِ نه جاءِ. نه مٽ نه مائٽ. نه يار نه دوست، نه ڄاڻو نه سڃاڻو.

نثار سڄي عمر ڪنوارو رهيو هو ۽ سوچيندو هو ته جي بابو به ساڳيءَ طرح ڪنوارو رهيو هجي ها ته ڪهڙو نه چگو ٿئي ها! هن روز روز جي تڪليف کان ته ڇٽي پوان ها! ٿيلهو ڳڇيءَ ۾ وجهي، پيرين پنڌ اُس ۽ گس ۾ دربدر آهيان. سرڪار کي مار پوي سائيڪل به نه ٿي ونڊي ڏي. پگهار رڳو پنجويهه رپيا! ڏهه سال نوڪري ڪئي اٿم ته به اهو اضافو مليو آهي. ان تي وري پوسٽ ماسٽر جي گهر جي ٽهل ٽڪورا خير! پوسٽ ماسٽر جي زال ته سهڻي هئي. جنّ بهشت مان حور پارسل ٿي آئي هئي. گويا زندگيءَ جي رچ ۾ اڄ لاهي چڏيندي هئي. نثار جڏهن پمپ هلائي سندس گهر جا گهڙا ٻري ٽڪبو هو، يا سندس ڪٽون چڪيندي پگهرجي ويندو هو، تڏهن هن جي هلڪي لا غرض مرڪ هانوَ تي ٽڏو ڇنڊو وجهندي هئس. پر اها به ته هڪ عارضي خوشي هئي. بک جو علاج ته نه هئي. بک ٻڙي بلا داناءِ ديوانا ڪري!

پوسٽ ورڪرس جي اسٽرائيڪ ٿي وئي. هر ڪنهن ٽپالي۽ جي قميص تي "غريب ٽپالي" چٽڪي لڳل هئي. نثار آهستي آهستي سڄو معاملو سمجهي ويو هو ۽ ان ۾ روز به روز وڌيڪ دلچسپي وٺڻ لڳو. ڪٽي پوسٽ ماسٽر جي زال هن کي ان هل چل ۾ بهري وٺڻ کان منع ڪئي ته به هي نه مڙيو. ٻيا ٽپالي به نثار کي چڙو سر ڏسي ڪيس منهن ۾ ڏيڻ لڳا. ٻڌي ٻڌي نثار به تقرير ڪرڻ سکي ويو هو. هفتي ڪن بعد هن به مجموعي ۾ تقرير ڪئي، "اسان کي حق ڏنا ويجن. آخر اسان به ته آدمي آهيون. اسان کي به پيٽ پالڻو آهي، ٻار ٻچا آهن، نيائي سيائي آهي..... اسانجي پگهار وڌائي وڃي. ڪاردِ تي ٽڪي مان ٽين پيسي واري ٽڪلي ڪئي وئي آهي. باقي اسانجي پگهار ڏيڍوٽي نه ٿيڻ گهرجي....."

ٽئين ڏينهن سندس تقرير جو تت اخبار ۾ اچي ويو ۽ ساڳي وقت ڪراچيءَ مان سندس لاءِ خط به آيو.

اسين توکي پوسٽ مين استرائيڪ ۾ اهڙي جوش خروش سان ڀهرو ونڊ لاءِ مبارڪباد ٿا ڏيون. اهڙو چاهه اتساهه مليو ته گهرجون ضرور قبول ڪيون ويندیون.....

توهانجو.....

هي پهريون خط آيو هو. هن جو خط ڪنهن ناواقف ساٿيءَ وٽان! ڪنهن دور ديس جي همدرد وٽان! ته ڇا سندس همدرد ۾ همراهه ايترو پري پري ۾ هياڪ؟ هن جي دل خوشيءَ ۾ ڦولي نه سمائي. انهي ئي ڏينهن شام جو ريڊيو تي خبر آئي ته استرائيڪ ختم ٿي وئي ۽ ٽاهه ٿيو.

ڪالهه شام جو نثار ٽيڙ ڪائيندو ٿي هليو. پوسٽ استرائيڪ بند ٿيڻ کان ڏهه پندرنهن ڏينهن پوءِ ڪيس ڪنهن ڪوڙي ڀهاني تي نوڪريءَ مان ڪڍيو ويو هو. هن کي ڀيو ڪوئي ٻه ڪم نه ايندو هو سواءِ خطن پهچائڻ جي. انڪري بيڪار رلندو رهيو. سندس ڪيسي ۾ چار آنا پيا هئا ۽ انهن جو ٻه هن آفيم ورتو هو. ٿوري آفيم کائڻ جي عادت ڪيس پهريون ئي هوندي هئي. پر پوءِ بيڪاريءَ جي حالت ۾ هن زيادهه آفيم کائڻ شروع ڪيو هو. هو نشي جي گهيرٽن ۾ لڏندو لمندو اچي پارڪ ۾ ويٺو. ڪيس پنڪيون کائيندو ڏسي هڪ شاهينگ سندس خاڪي ڪوٽ جي ڪيسي ۾ هٿ وڌو "متان ڪوئي رهيو ڪهيو مني آرڊر پيو هجيس،" هن سوچيو. نثار جي ڪيسي ۾ فقط هڪ ڪارڊ پيو هو جو هن خار ۾ ڪڍيو ۽ ٽڪريون ٽڪريون ڪري ڦاڙي ڦٽي ڪيو. نثار کي اتي ئي ننڊ ڪٽي وئي.

صبح جو پنگي پارڪ ۾ ڀهاري ڏيڻ آيو. نثار کي ڏونڊاڙي چيائينس، "ٽپالي نوڪريءَ تي نه ويندين ڇا؟" نثار اکيون مهٽيندي چيو، "ٽپاليءَ جا ٽپا! مان پوسٽ مين آهيان. تنهنجو ڇا؟" سندس اڌ ٻوٽيل اکيون ڏرتي تي کپي ويون. آتي ڪارڊ جا ٽڪرا پياها، هڪ ٽڪري تي ڪامريڊ لکيل هو، ٻئي تي نثار، ٽئين تي پوسٽ مين، چوٽين تي استرائيڪ. پنگي ڀهاري ڏيڻ شروع ڪئي، ڪارڊ جا ٽڪرا هوا ۾ اڏامڻ لڳا. ڪوئي ڪيڏانهن ويو نه ڪوئي ڪيڏانهن!

پروچڪي رت

جانو ويو تہ هو چوريءَ لاءِ پر پنهنجي چوري ڪرائي آيو. اٽڪيهين اونداهي هئي. ستارا پنهنجي ننڍڙي ڏهڪندڙ دل جهلي، اکيون ڇنيي جانوءَ کي ڪاٽ هٽندو ڏسي رهيا هئا. رکي رکي ساوڻ جي ٻنل هوا جا جهلڪا ٽي آيا نہ تہ سخت گرمي هئي. ڳوٺ وارن مچرن کان ڇيٽا ڏکايا ها سو دونهين ۾ ساهہ گهٽجي رهيو هو. جانوءَ ۾ پورو موقعو ڳولهيو هو. هن کهاڙي ٻت جي آڏو رکي، لوهہ جي ڪلي سان ٻت کوٽڻ شروع ڪئي. ڇوٽرف چپ چاپ هئي ڇڙ ڪائنات ٻوَ ۾ دم روڪي هن جي بي خوف هلت ڏسي رهي هئي. صرف تڏي جي "ترل رل، ترل رل" هوا ۾ لهريون ڪائيندي فضا جي خاموشيءَ کي وڏيڪ گهرو بٹائي رهي هئي. رکي رکي ڇبري جي ڇيخ سناٽي جو سينو چيريندي ٽي وئي. هن ٻت ۾ ماڻهوءَ جي لنگهڻ جيترو ٻر ٽاهي آسمان ڏانهن ڏنو. وهائوءَ تي نظر ڪري هن سوچيو تہ رات جو ٽيون پهر آهي. ڪوٽيندي ڪوٽيندي، سندس سارو بدن پگهرجي ويو هو. هن نرڙ تان پگهر اگهي، ٻت سان کهاڙي ڪٹي چمي ۽ جهڪي ٻر مان اندر ويو. اندر ڪوٺيءَ ۾ گهور انڌيرو هو ۽ دوزخ جي مونجهہ. پٽڪي جي ڪنڌ مان ماچيس ڇوڙي هن تيلي ٻاري، ساري ڪوٺيءَ ۾ فقط هڪ ڪٽ پئي هئي. ٻہ دلا ڪنڌ ۾ رکيا ها، ٻت تي هڪ ڪٽيل کهاڙي ٽي لٽڪي ۽ سامهون ٻيءَ ٻت کي هڪ دري هئي جنهن کي ڪلف لڳل هو. اڳ مان چاهين جو چلو ڇوڙي هن ڪنجيون ڪلف کي لڳايون. ڪلف کولي هن ٻي تيلي ٻاري. دريءَ جي متئين تختي تي قرآن مجيد رکيل هو، وچين تي پنج ڇهہ لٹا، ۽ هيٺين تختي تي هڪڙو ڪني پگل چينيءَ جو ڪوپ، هڪ ماکيءَ جي شيشي، هڪ ڪاشيءَ جو پيالو. جانو دهقانين جو چگيءَ طرح واقف هو ۽ چوريءَ جي

آزمودي ڪيس سيڪاريو هو تہ ڪٽي ڪٽي پيسو ڏوکڙ ڳولهجي. سو هن قرآن مجيد جا پنا اٽلائڻ شروع ڪيا. وچ مان ڪيس ڏهين جا اٺ نوٽ مليا. "شڪر آهي" هن دل ۾ چيو، "مولي محنت ڪنهنجي نہ ويائي." ايتري ۾ زالاٽي رڙ آئي، "ابا چور، چور، چور! "جانو ڪهاڙيءَ ۾ هٿ وجهي ٻر ڏانهن ٻڌو. وچ ۾ سندس گوڏي سان ڪٽ لڳي ۽ ٺاهو کائي ويي پٽ سان لڳو ۽ ايا پاڻ سنياڻي هليو ئي مس تہ دلي تي ٺاهو کاڏائين ۽ ويي ڏرتيءَ تي ڦهڪو ڪيائين. دلي مان پاٽي هارجي سندس ڪپڑا ڇڏيا. پر ساهہ جي پوَ ڪري هو جلدي اٿي ڪڙو ٿيو ۽ ٻر مان ايا نڪتو مس تہ نڪاءِ ٿي ويس مٿي تي لوڙهہ. بس پوءِ تہ هن ڪي ڪا سرت نہ رهي.

جانو هوش ۾ آيو تہ پاٽڪي وڻ سان ٻڌو ڏنائين. سندس ٻانهون ۽ ٽنگون ايترو جڪڙي ٻڌيون ويون هيون جو هن پانيو تہ رسيون ماس ۾ پيهي رهيون آهن. مٿي ۾ ٻہ ڏاڍو سور ٿي ٿيس. هن آڏيءَ اک سان سامهون ڏٺو. پٽ تي لالٽين ٽنگي پئي هئي ۽ چوڏاري پاڇا نچي ٽپي رهيا هيا جڙ جنڙين ٿي اک ٻوٽ ڪيڏي. پڌر ۾ پنج ڇهہ ڪٽون پيون هيون جن تي اٺ ڏهہ ماڻهو وينا هئا. ٽورو پريان ڪاٽ جي ڪلي سان ٻہ ڏاند ۽ ٿي مينهون ٻڌيون پيون هيون ۽ وچ تي ڇيٽا دڪي دونهون ڪري رهيا هئا. دونهين جا ڪارا بادل پوٽ ٻڌجي آڏامي رهيا هئا. "بس، ڊيلان رڙ نہ ڪري ها تہ چور وچي گهر خوش ٿي ها،" هڪڙي ڪٽ تان چيو.

ٻئي ڪيس سر ملائيندي چيو تہ، "شابس اٽس جو جاڳي پئي؛ اسان تہ ڪونگهرا پئي هنيا، اها ئي خبر نہ هئي تہ گهر ٿو ڦرجي."

ٽئين ڪٽ تان آٽي چيو، "ادي ڊيلان! هاڻي رات جو ٻيو پهر آهي؛ ننڊ تہ هونءِ ئي نہ ايندي. تون راڻو ڳاءِ تہ مان نڙ ٿو وڃايان ۽ ٻيا سڀ جهمر وجهن."

سيني چيو تہ "ٻيلي، ڳالهہ تہ واهہ جي ڪئي اٿي." پوءِ تہ چئن چئن جون ٻہ ٽوليون ٿي ويون؛ هڪ ٽوليءَ ۾ چار مرد هيا ۽ ٻيءَ ٽوليءَ ۾ چار زالون. ڊيلان لالٽين پٽ تان لاهي ڪٽ جي پائي ۾ ٽنگي ۽ پوءِ پٽ تي ويهي مانڈاٽي ڳائڻ لڳي.

"ڪتين ڪر موڙيا، ٽيڙو آيا ٽيئي الا آ... آ.... آ، راڻو رات نَہ آيو، ويل

ٿري ويئي."

جانوءَ محسوس ڪيو تہ آواز ڪائنات جي رگ رگ ڦڙڪائيندو نڪري ويو؛ هر هڪ جي بدن مان سيسرات اُپري ويا؛ رات جو روح جھومڻ لڳو؛ ستارا وجد ۾ اچي رقص ڪرڻ لڳا. ڪيترو نہ ميناج هيو ان الا آ آ ۾. ڪيترو نہ تاثير! جڏ ڪوئي ڪنڌ تي ٽڏي ڪاتي وهائي رهيو هو. جڏ رگ رگ ۾ مٺي زهر دورو ڪندي ٿي ويئي.

"الا آ آ مونکي ڏنءَ ڏيئي ئي ئي ئي." بس حد ٿي چڪي! جڏ باهہ ۽ پاڻيءَ جون لهرون ڳلي ملي ويون، جڏ زمين آسمان آواز جي لس ليٽ ۾ ٻڏي ويا. ويتر جو نڙ وڳو تہ ساري سرشتي ڳونجي اُٿي، درخت جھولڻ لڳا، ڏاند پڇ لوڏڻ لڳا. حسن خود هڪ راڳ آهي ۽ راڳ خود هڪ حسن جو جلوو آهي. جي ٻئي گڏ ٿيا تہ جگ تي طلسمي چار وڇائجي ويندو. انسان رت ۽ ماس جو پتلو نہ رهندو پر هڪ نفيس، اعليٰ هستي ۾ پيسبو ويندو، سندس روح ڦھلجندو ويندو ۽ هو پاڻکي ڪائنات کان وڏو پائيندو. بي انت، اتاهہ، اونهو! ڊيلان بہ لالٽين جي روشنيءَ ۾ جڏ بهشت جي حور ٿي لڳي. ململ جي چوليءَ مان سندس ڇاتي ڦڪيءَ روشنيءَ ۾ ٿي بکي. سندس پريل ڪٽڪ رنگ ڳل، ڪتابي چهرو، ڳورا چپر- سيني ملي غضب جي ڪشش ٿي پيدا ڪئي. جانوءَ کان جڏ پنهنجو ڏڪ تہ وسري ويو هو. هن جو روح ٻنهي ٽولين سان جھمر هڻي رهيو هو. ڪيئن نہ هن هٿ ملائي چڏي ٿي ڏنا! سچو وايو منڊل حسن، راڳ، ناچ ۾ گھوڻجي ويو هو. سندس انگ انگ مان خوشي ٿي بکي. جڏهن راڳ بند ٿيو تہ جانوءَ محسوس ڪيو تہ ڊيلان جي سونهن، هن جو آواز آس پاس ڇانئجي چڪو هو. جڏ بتيءَ جي جر اڏامي چئي رهي هئي. "ڊيلان" جڏ چندول هوا ۾ ڦڙ ڦڙ ڪندو پڪاري رهيو هو، "ڊيلان." جڏ درخت، جانور، جھوپڙيون. ڪٽون سڀ ڳائي رهيون هيون، "ڊيلان." جانوءَ جي دل بہ ساڳيو سر آلاپي رهي هئي، "ڊيلان."

آهستي آهستي رات جون ڪاريون گھرايون چڊيون ٽيندیون ويون ۽ اوندهہ جي سيني ۾ گھاءُ ڪري ڦڪو سوجھرو نڪتو. پکي پکڙ وٽن تي لاتيون لنوڙ لڳا ۽ هِليون آسمان ۾ چيخون ڪنديون اڏريون. ڊورن جون گھنڊيون وڄڻ لڳيون ۽ هر ڪو مال چارڻ نڪتو. جانو هينئر پنهنجو خيال

ڪرڻ لڳو. هن ڪيئي ڀيرا چوري ڪئي هئي پر اهڙو چوڪنيو ڪڏهن به نه ڦاٽو هو. هن ڪيئي ڀيرا مينهون چورايون هيون ۽ راتو واهي ڪين درياهه ۾ لاٽو هئائين، پاڻ مينهن جي ٻڇ ڪي چنبڙي ٻيو هو ۽ مينهن جي ٽپي ٽي ڏني ٽي ته هن ڪيس ڀڃڻ ۾ سوڦتو ٽي هنيو. ڪيئي ڀيرا هن رستي تي ڏينهن ڏٺي جو ڦر ڪئي هئي ۽ گاڏيءَ وارن ڪي پٽڪي سان هٿي سندن مال ڪٽي ويو هو. هن ڪي پنهن جي ڪهاڙي ۽ هانهن جي هٿ تي ناز هو. پر اٽڪيهه راتيون چور جون ته ٽيهين رات ساڻ جي به آهي. ضرور صبح جو هو ڪيس ٽاڻي تي وڃي ڏيندا ۽ پوءِ ٽي سال ٽيپ.

سوجهرو وڏندو ٽي ويو ۽ سج جا پهريان ڪرڻا ڪک پن تي ائين پيا جيئن پار نند ۾ مرڪي ڏئي. جهرڪيون، چون چون ڪري مٽو ڪائي ويون. هڪ هڪ ٽي سارو ڳوٺ جانوءَ جي چوڌاري مڙي ويو. پوءِ ته جيترا وات اوتريون باتيون. جانوءَ به بيهوش هجڻ جو مڪر ڪيو. هڪڙي ڇيو ته، "هيلي هروڇ پاءُ آهي ڇڏي ڏيوس."

ٻئي ڇيو ته "هوش ۾ اچي ته حال احوال وٺي ڇڏي ڏيونس."

ٽئين ڇيو ته "چور هڏو پلو آهي؛ يڪدم ٽاٽي تي اطلاع ڏيو."

چوٿين ڇيوته، "مري ته نه ويو آهي، ائين واڇ ڇو ٽڙي وئي اٿس."

نيٺ هنن اهو فيصلو ڪيو ته پلي هوش ۾ اچي. پوءِ ڏٺو ويندو. پوءِ سڀ ٽڙي پکڙي ويا. ڪي مال چارڻ نڪري ويا، ڪي ڪيتن تي هليا ويا ۽ ڪن شهر لاءِ گاڏيون هڏيون. گهر مان ٻيون زالون به سودو وٺڻ يا گاهه ڪرڻ نڪري ويون ۽ باقي ڊيلان ۽ هڪ ننڍي ڇوڪري وڃي بچيون. ڊيلان ڏڏ ولوڙي رهي هئي. چاڏي پيرن ۾ جهلي هن مانڌاٽي تي هلايو. جانوءَ ڇڇيون اکيون ڪري هن ڪي ڏٺو. مانڌاٽي هلائڻ مهل هن جي ڇاتي جڙ چولي مان ڦاٽي رهي هئي.

"عورت جي سونهن آهي به ڇاتيءَ ۾." جانوءَ سوچيو. "اهي به وڏا مکڙ جا ڇاٽا!" هن جي ڏاڍي دل ٽي ته ڊيلان کي ڀڃائي وڃان. وڃي جيڪب آباد ڪيانس. هونءَ ته جانو شاديءَ جي سخت برخلاف هوندو هو. تنهنڪري هو ڪنهن ماهيڙياٽي يا هروڇياٽي سان مهينو ڪن پريت جو پيڇ پائيندو هو ۽ پوءِ نوان ڏينهن، نوان نينهن! پر اڄ هن پهريون دفعو ڇاهيو ته

شادي ڪريان، ڏيلان سان. ڏيلان سندس بدن کي تہ نہ پر دل کي بہ ٻڌي ڇڏيو هو. هن ڪجهہ سوچي چيو، "ڏيلان، پڪڑائيٺ تہ سهين، پر هاڻي پاڻيءَ ڏڪ تہ ڏي."

ڏيلان ڇرڪ پري منڊيئڑو ڇڏي ڏنو ۽ هن ڏانهن ڏٺائين. جانوءَ جي ويڪري ڇاتي، پختا ڪلها، سانورو منهن، گهنڊيدار وار- سڀ ڇڙ نئين سر ڏٺائين ۽ پوءِ پاڻيءَ جو ڪوزو پري وڃي هن کي پيارڻ لڳي. جانوءَ جا هٿ ٻڌل ها سو ويڃهو وڃي ڏيلان پنهنجن هٿن سان سندس وات اڳيان ڪوزو جهليو هو. هو بہ ڏڪ پي ڏيلان سان اکيون ملائي رهيو هو. نيٺ ڏيلان ڪک ٿي چيس تہ: "پئين تہ چگيءَ طرح پيءُ نہ تہ مان وڃانءِ ٿي." جانوءَ کو بہ جواب ڪونہ ڏنو بس رڳو ايترو چيو، "خوش هجين." ڏيلان کي اهڙي خار آئي جو جيڪر ڪوزو هوٺ تي ٽڪاءُ ڪرائيس ها، پر پوءِ الائي چو ماڻ ڪري اڇي ڏڌ ولوڑڻ ويٺي.

"هڪڑي سٺ تہ ڪا راڻي جي هي بہ ٻڌاءِ." جانوءَ هن کي چيڑيندي چيو.

"چو، بابهين جي نوڪرياڻي آهيان ڇا؟" ڏيلان خار کائي چيو.

جانوءَ مرڪندي جواب ڏنو، "سائين، مان تنهنجي بابي جو نوڪر، جيئن چئين؟"

ڏيلان ماڻ ڪري ڏڌ جي چاڏيءَ مان مکڻ ڪڍيو ۽ پوءِ مکڻ مانيءَ تي رکي جانوءَ وٽ کڻي آئي ۽ چوڻ لڳي تہ، "بڪ بڪ نہ ڪر. تون جيستائين جيل وڃين تيستائين سانجو مهمان آهين. ٻئي هنڌ هجين تہ جيڪر ڏند پيڃوڃهانءِ."

جانوءَ صرف سندس ڇاتيءَ ڏانهن گهوري ٿهڪ ڏنو. گرهہ گرهہ ڪري ڏيلان هنکي کارائي رهي هئي ۽ هو خاموشيءَ سان کائي رهيو هو. هن سوچيو ٿي تہ جي ڏيلان منهنجي زال هجي ها ۽ مان چوري ڪري رات جو موڙان ها هوءَ راڻو ڳائي ها تہ ڪهڑو نہ مزو ٿئي ها! ڏيلان هن جو نڊر، اٽل نمونو ڏسي رهي هئي ۽ دل ئي دل ۾ خوش ٿي رهي هئي تہ هن سندس راڳ ٻڌو هو. ماني کارائي ڏيلان چولي سان هن جا چپ اڳهيا.

جانوءَ بي خيالو پڇيو، "ڏيلان، تنهنجي پيءُ کي ڪٿي آهي؟"

ڏيلان جواب ڏنو، "ويهہ ايڪڙ منهنجي پيءُ جي، ڏهہ چاچي کي."

"ڇوڙا؟"

ڊيلان جواب ڏنو، "ہ جوڙاسانکي، هڪ چاچي کي، هڪ گوءِ جو ڏاند."

جانوءَ کجھ سوچي چيو، "پوءِ تہ توهان آسودا چئبا. توهان ۾ هروچکي رت ٽڏي ٽي ويئي هوندي. هاڻي تہ هٽ واٽئي وانگر صرف پيسي جا پٽ ٽي پيا هوندءِ."

ڊيلان نفرت مان ڏانهنس ڏسي چيو، "وري بکين ٿو. تون وري کھڙو وڏو هروچ آهين؟"

هن گھڙي کن ڏانهنس ڏسي چيو، "ڊيلان تون مونسان پڄي هلندين؟"

ڊيلان سوال ٻڌي واڙڻي ٽي ويئي پر پوءِ کجھ سوچي چيائينس، "سوئر! کو شرم ہ اٽئي يا نہ؟ جي اهڙي اٽي تہ پوک ڪري چار پنج سو ڪماءِ ۽ پوءِ منهنجي پيءُ کان سگھ وٺ. مان هن جي هٽ وس آهيان. جنهن سان وٽيس تنهن سان نڪاح وجهائي. هان وٺ، مان تنهنجيون رسيون چوڙيان ٽي." ائين چئي هن جانوءَ جون رسيون چوڙيون.

جانو پهريون تہ هکو ٻکو ٽي ويو پر پوءِ کجھ سوچي چيائينس تہ "ڊيلان هروچ ۽ پوک! هروچ کھڙو جو چوري نہ ڪري! هروچ ۽ چار پنج سو ميڙي! چري اسان لاءِ هڪ کهاڙي، هڪ کاٽ هٽڻ جي ڪلي، هڪ پلي گھوڙي ۽ هڪ تو پارو محبوب کافي آهي. آءُ تہ مان توکي جيڪب آباد پڄائي هلان."

ڊيلان ڪنڌ ڏوٽي پوئتي هٽي وئي هن ۾ هروچکي رت سرد ٽي چکي هئي پريان کجھ گوڙ آيو ۽ جانو ٽپ ڏئي پڳو چور جي دل ڇَور ٽي چکي هئي پر چور سخت ڊڄڻو هو؛ هن ۾ هروچکي رت سرد ٽي چکي هئي.

هڪ شمع ۽ پروانا

پرهه باکون ڪيون، ابابيل اڏاڻا، هوا ٽڏيري ۽ ڪيف آور هئي. ڪنهن مولسري جي درخت تان ڪوئيل جي دلخراش ڪوڪ ٽي آئي. شاهي سڙڪ جي ٻنهي پاسن تي جوئر ۽ باجهري جا چؤنڪ ڪنهن خوبصورت رقاص جيان هوا ۾ لڏي لمي رهيا هئا. شهزادو سليم پنهنجي گردن فراخ گهوڙي تي رکي غبار کي چيريندو ٽي ويو. سندس سيني ۾ جذبات جو محشر بپا هو. "آهه، مهر!" هن هڪ سرد ساهه کنيو ۽ سندس اکيون نمناڪ ٽي ويون.

هو پڪو حسن پرست ۽ عاشق مزاج هو. شهنشاهه اڪبر جي مرضي هئي ته هو ڪنهن زلف مشڪبار جي دام ۾ نه ڦاسي، ڪنهن آهو چشم جي ديد سان خريد نه ٽئي، ڪنهن پستہ- لب جي چشڪي تي چريو نه ٽئي، ۽ ته نيٺ تخت ۽ تاج جو بار سندس ڪلهن تي پوٽو هو. هن (اڪبر) گهٽي مٽا ڪٽ ڪئي، داب ڏڙڪا ڏنا، حيلا وسيلا هلايا پر پرڙ ۾ پاڻي ڪئن ٽڪي!

سليم پيءُ جون نصيحتون ۽ گوشماليون لنوائي ڇڏيندو هو. پر اڪبر به اڳيان اک جي ماکي نه هو. هڪ طرف مهرالنساءَ جي شاديءَ جو انتظام ڪيائين، ٻئي طرف انارڪليءَ کي شهزادي سان ملاقات کان منع ڪيائين.

اڄ سندس حڪم مطاق سليم لاهور وڃي رهيو هو. ڪڏهن ڪڏهن اڪبر به سليم وٽ پيرو پريندو هو ۽ ڪيس سندس ذميواريون محسوس ڪرائيندو هو. پر هو پريت- پياسي، ڇڪور جيان ڪنهن چنڊ تي چريو هو، سو ڪٿي ٿو گوش ڏي. لاچار اڪبر ڪيس نظر بند رکيو. ڪوبه اجنبي وٽس وڃي نه ٽي سگهيو. ليڪن مهر النساءَ جي زلف جي زنجير ڪيس قرب ۾ اهڙو قابو ڪيو هو جو هوءَ ڪائنس هڪ پل به نه ٽي وسري. پلا وسري به ڪيئن!

ڪڏهن ڪڏهن سليم جي بي تاب دل ۾ انارڪليءَ جي الفت جي ياد ۾ چٽنگ جيان تڙڦي، وسامي ويندي هئي. پنؤر جيان هڪ گل جي واس کي چڏي، ٻئي جي محبت ۾ مست هو، ليڪن بعضي بعضي ان اڳئين گل جي بوءِ؛ وفا جي ياد؛ سندس بي خياليءَ جي بادلن ۾ غائب ٿي ويندي هئي.

عورت جو پيار ته پٿر تي ليڪ آهي. انار ڪليءَ کي خبر هئي ته سليم ٻيءَ ڪنهن جي تير نظر جو شڪار ٿي چڪو آهي، پر پوءِ ۾ ڪهڙي نه فراخدلي! ڪهڙي نه خود قرباني! ڪهڙو نه اجهل عشق! جو هنجي اندر ۾ عشق جي آگ اجهامڙ بدران، ٻڙڪندي رهي.

شمع هڪ هئي، پروانا ٻه. مهرالنساءَ جي ۾ صبح سانجهيءَ مرغوب محويت هوندي هئي سليم جي ياد. تارا تڪيندي راتيون وهائيندي هئي. "ڪڏهن ته منهنجي قسمت جو ستارو ۾ چمڪندو، نه سدا سنئين نه ڏنگي ڏينهن،" اها آس، اها اميد سندس زندگيءَ جوجهلو ۽ آسرو هئي. شهزادي کان سواءِ خورشيد صبح هن لاءِ خورشيد قيامت هئي. آٿنيهين- اونداهي هئي. مهرالنساءَ سليم جي ياد جي لهرن ۾ لڙهي رهي هئي. سندس اکين اڳيان اونداهو آئيندو جست خيز ڪري رهيو هو. بي تابي ۽ بي خوابي ست ڏني، اٿي رقعو لکيائين.

پرين،

ساوڻ- رت آئي، آسمان آگميو، بجلي چمڪي، بادل برسيا، پر تو ورڻ جي وائي نه واري. چا سيئي واعدا وساري چڏيئم؟ تو سوا "نه ڪو مزو موت نه ڪو جيئڻ ۾ ئي جس،" چا هن نڏر نماڻيءَ کي پنهنجي نجهري پناهه جو پاند نه ڏيين! من کا مهر پويئي جو ناتر کي نوازين. ٻيو چا لکانءِ! لکڻ لڙڪ نه ڏين، ڪريون پون قلم تي.

تنهنجي مهر

پنيرکي جو اٿي نماز پڙهيائين، سليم لاءِ دعا گهريائين. انارڪلي جنهن سان پريت جو پڳهه پيل هوس، تنهن کي گهرائي رقعو ڏنائين ۽ تاڪيد ڪيائين ته ڪيئن ۾ من گهرئي محبوب کان پريت جو پيغام آڻي ڏي. هن کي ڪهڙي خبر ته انارڪلي ۾ ساڳي شعلي جي دل سوختہ هئي.

شهزادو سليم تنبوءَ جي در وٽ ڪاءَ جي ڪان ڪان ٻڌي رهيو هو. شايد، "ڪانگ لنوي مٿي لات، منهنجا سڄڻ اڃهي آيا،" جي مضراب سندس دل جي ساز کي چيڙي رهي هئي. اچانڪ ڪيس انارڪلي نظر آئي. برهه جي باهه ۾ڙڪو ڪاڏو، ٻنهي جي ڳلن تي ڳوڙها اڇي ويا. نيٺ، "حڪايت بود بي پايان، بخاموشي ادا كردم،" انارڪليءَ آستين مان رقعو ڪڍيو.

اوچتو سليم جي گردن ۾ هڪ مضبوط پنجو کپي ويو. هن ڪنڌ ورايو ته اڪبر کي ڏٺائين.

شهنشاهه غصه آميز نگاهه سان انارڪلي جي رقعي ڏانهن ٻيو هٿ وڌايو. انارڪليءَ هٿ ۾ رقعو ٻڪوڙي پري ٽي وئي. "بيوقوف! هڪ ته منهنجي حڪم جي عدولي ڪئي اٿي،" اڪبر شعلہ نشان آواز ۾ چيو، "ٻيو هيءُ گستاخي!" هو انارڪليءَ ڏانهن وڌيو جيئن ڪانئس ڪسي پر هوءَ ته جهڙپ سان خط ڳهي وئي. اڪبر تپي لوهه ٿي ويو، تاڙي وڃايائين ٻن چوڪيدارن اڇي ڪورنش ڪئي. "هن کي نظر بند رکو." اڪبر ڪين چئي سليم ڏانهن ڏٺو "اڄ جو اڄ دهلي ڏانهن ڪوچ ڪر."

"جي قبلا"! سليم گلو گير آواز ۾ چيو. تنبوءَ ۾ پيشاني تي هٿ رکي انارڪلي مستقبل تي غور ڪري رهي هئي. بيڪسيءَ جي بادلن ۾ ڪا واهر جي وڇ جي جهلڪ نظر نہ آيس. دل ۾ دهرايائين ٿي ته خط جو احوال هرگز افشا نہ ڪندس، جي ساجن لاءِ سرُ ويو ته گهوريو. اوچتو پيرن جو ڪڙڪو ٻڌائين. منهن مٿي ڪيائين ته شهنشاهه ٻيٺو هو. "خط ۾ ڇا ڪليل هو؟ ٻڌائين ٿي يا جيئري پورايانءِ."

سر جو سودو هو، پر:

سينئہ من از حرور عشق آتش فشان
اي مبارک از جهنم من چراترسم هنوز

پيا، لاءِ جيا ويو ته ڇا ٿيو! بادشاهه جي رعب دار ۽ حشمت ناڪ چهري جو ڪو اثر نہ ٿيس. انارڪليءَ نابري واري.

رات جو هڪ جذبات جو طوفان سندس سورن- ستي سيني ۾ ايريو. سندس زندگيءَ جي نوڙين ڇڪل ناو الر جي اجهاڳ لهرن ۾ ٻڌي تري مانڊاڻي رهي هئي.

"ڪاش مان بہ هڪ شهزادي هجان ها!" هن هڪ مسرت آميز آواز ۾ جهونگاريو. "پوءِ اهو ئي اڪبر مون کي ننهن چوڻ ۾ ڦوليو نہ سمائجي ها." سندس دل زور سان دهڪي رهي هئي. پاسا بدلائيندي اڪ لڳي ويس.

ٻئي ڏينهن مزور انارڪليءَ کي ديوار ۾ پوري رهيا هئا. جڏهن ڇڪيءَ تائين سرون آيس تڏهن ڪوتوال ڪانئس پڇيو "ڪا آخري آرزو اٿيئي؟" "ها!" هن هڪ سرد ساهہ ڪنيو. "هڪوار سليم کي ڏسان." ہ ڳوڙها سندس ڳلن تان ڳڙي مٽيءَ ۾ ملي ويا.

شاهي محلات ۾ سليم ايراني قالين تي دنيا ۽ مافيها کان بيخبر ويٺو هو. هڪ صراحي دار گردن وارو ساقي کيس پيالي تي پيالو پياري رهيو هو. مجمر ۾ شمع ٽي جلي. ہ پروانا پرڙا ڦڙڪائيندا ان تي لامارا ڏيڻ لڳا. هڪ نينهن- نسنگ پرانو جهڙپ ڏيئي، ڪنڍاٽيون ڪوهي، اچي سليم جي پيرن وٽ ڪريو.

اي مرغ سحر عشق ز پروانہ بيا موز،
کان سوختہ را جانِ شد و آواز نيامد.

---

(۱) منهن جو سينو عشق جي گرميءَ سان جوالا وانگر ٽي ويو آهي.
اي مبارڪ! مان هاڻ جهنم کان چاجي لاءِ ڏجان.
نوٽ: هي شعر مبارڪ جو آهي. هونءَ شيخ اياز کي پارسيءَ تي عبور هو ۽ مٽرڪ کان اڳ فارسي شاعري ڪندو. ان وقت بامبي يونيورسٽيءَ مان فارسيءَ ۾ بهريون نمبر آيو هو، جنهن تي مدار رکي ڪراچيءَ ۾ تعليم لاءِ داخلا ونڊي سگهيو هو. انڪري ٽي سگهي ٽو تہ هي شعر سندس لکيل هجن يا ڪنهن ٻئي جا هجن. چئي نہ ٽو سگهجي. ستار

(۲) اي پرهہ جا پکي، پيار پتنگ کان سک،
هو سڙي جان ڏني پر هن دانهن نہ ڪئي.

هي هاري!

"منهن جو انگ انگ ڏکي رهيو آهي، منهنجو روح چيچلائي رهيو آهي، منهنجي بدن تي ايڏا نشان آهن. گهرا گهرا، ڪاري ڪاري نشان! مونکي ڦٽڪا لڳايا ويا! ڇو؟ مون کهڙو ڏوهه ڪيو هو؟ پنهنجا ننگ بچايا. انڪري. پنهنجي نڪ تي مر نه لاتي انڪري! آخر منهنجو گناهه کهڙو هو؟ ۽ ڏيون ڪاموري ڪڙي جون، ۽ ڏيون ڪارائي ڪمدار جون، ۽ ڏيون پير فقير جون، مطلب ته مٿان منو ته لاهي ويو زميندار، باقي ڏڙو بٽئي جو ڏونگ رچائي ويٺا آهن. ساري خريف بيگر ۽ وهياسين، وڏيري جي اوطاق جي ڇنڊ ڦوڪ ڪئي سين، ڪائيون پڇايون سين، ماريڪيٽ تائين ان ڏوئي ڏنوسين. پوءِ به نه پلال جو پورو حصو مليو نه حساب ۾ گهٽائي ٿي. ان هوندي ۽ زهر جو ڏڪ پري هڙڪ نه ٻاڦي، ڇڻ زبان نه هئي. ڪنهن ڏاند کي ڇڻ ٻوٽاڙي ٻڏي ڇڏي هئي. پر اسين ۽ ته آخر انسان آهيون. رت ست ڏيناسين، پيٽ کي پٽيون ٻڌناسين، رکي سکي تي راضي رهناسين پر غيرت ته نه وڪٽناسين. ٻنيءَ ونيءَ تي سر ويندو آهي. آخر هر ڪنهن کي پنهنجي ماءُ پيڻ آهي. وڏيرو ته اسان لاءِ ابو امڙ آهي! هو ڪيئن اسانجي ننگ ۾ اکيون رکي! هو ته اسانجي پشت پناهه آهي، هو ڪيئن اسانجي شرم ۾ هٿ وجهي!

"منهنجي پُل ڇُڪ اها هئي جو مون وڏيري ڪريم بخش کي چيو ته اهي نياپا سنيها منهنجي زال ڏي نه موڪلي. اسين هروڇ آهيون ۽ اهڙين ڳالهين مان نه ڇاڻون. بس پوءِ ته قيامت اچي ويئي، وڏيري لفنگا چيڙي ڏنا. منهنجي زال جتي ٿي وئي تتي هو ڪيس ستائي رهيا ها. هن جي پٽيان ڪن تي هٿ رکي ڏوهيڑا ٿي چيائون. هن کي خواهه مخواهه طعنا تنڪا ٿي هنيائون. مون وڏيري کي ميڙ منٿ، آزي نيزاري ڪئي پر هو نه رهيو. اٽلو منهنجو ڏاند

سندس چرچ تي چوري ٿي ويو. غريب ماڻهو! روز رپيو ڏيڻ پاڙو لڳندو هو. هاڻي هڪ ڏاند سان ڪم ڪيئن هلي.

" ڪيئي دفعا پاند ڳچيءَ پاتو، قرآن مصحف ڏنا، پر هو ٿو مڙي! گهڙو پرجي پرجي نيٺ ڇلڪي. منهنجي به صبر جي حد ٿي چڪي هئي. ٽيون ڏينهن مان لوڙهه ڪٽي سندس اوطاق تي ويس. چيم ته يا هيڏي يا هوڏي. منهنجو اهو ڏوهه هو ته مون هن کي غصي ۾ بدشد ڳالهايو پر تون ئي چئه ته ان ۾ منهنجو سچ پچ ڏوهه هيو؟ آخر مان به ته انسان آهيان. گهوڙي تي به گهٽي تڪليف رکبي آهي ته گوهي ڪندو آهي. بس پوءِ ته صوبيدار صاحب نڪ ۾ دم ڪيو. منهنجي ڪنهن به نه ٻڌي. شاهد به وڏيري جا، سرڪار به وڏيري جي، پوليس جو خرچ پڪو به وڏيري جو. اسانجو الله! پر جڏهين مونکي ڏٽڪا ٿي لڳا تڏهين ته شايد الله کي به رحم نه آيو!"

صالح جي ڳالهه ٻڌي منهنجي دل ڀرجي آئي. مون کيس آٽت ڏيندي چيو ته "اهو وقت دور نه آهي جڏهين نه زميندار رهندو نه ظلم! گهڙو ڀرجي چڪو آهي رڳو ڇلڪڻ جي دير آهي."

صالح مرڪي ڏنو. گهڙو ڇلڪندو ته چا کا ٻوڏ آڻيندو! صالح پنهنجي گهر هليو ويو. رات جو پهريون پهر هو. ساري عمر ڪوٽ تي اونده ڇانئجي چڪي هئي. آسمان ۾ اڻ ڳڻت تارا ٽمڪي رهيا ها. انسان جي دل جا زخم شايد انهن تارن کان زيادهه ها. هن جي چوٽون کاڌيون هيون، جي ستم سڻا ها تن جو ڪوئي ڳاڻاٽو نه هو. پاسا بدلائيندي منهنجي اک لڳي ويئي.

هليون چيخون ڪنديون هوا ۾ اڏاميون، اوندهه جا تهه چيڙا ٿيندا ويا ۽ ڦڪي ڦڪي روشني، ڦهلجندي ويئي. فجر جو وقت پوتر ۽ پيار پريو ٿو ٿئي، چؤنرن کان گڙ ڪن مفاصلي تي هوس ته پير ٽڙي ويو ۽ ڦهڪو ڪري وڃي ڪريس. چور به "ٽڪاءُ ڪرائي پنيءَ تي لوڙهه. منهنجو ته ڪرنگهو ئي ٽٽي پيو."

صالح پير جو مُرو ڏيکارڻ لڳو. مُري کي هٿ لائڻ سان سيسرات ٿي اُپريس.

دنيا ۾ ٻن شين سان سر لڳندو هو. هڪ گهر واري ٻيو ڏاند سان. ڏاند ته نه هو؛ پڪي هو! جڏهين گوءِ ۾ پڃندو هو تڏهين ماڻهو ڏندين آڱريون

ڏيندا ها. واهه ڙي پڪي! جڙ پڇڙ تارو ڏئو! هوا سان ڳالهيون ڪندو ويندو هو، هوا سان! مونکي گهر واريءَ کان بہ ڏاند پيارو هو. مون ڏيءَ جو سگ ۽ بہ سؤ روپيا اُتر ڏنا ها تڏهين تہ اهو ڏاند مليو هو. اڄا ٽي مهينا ٽيا تہ وڏيري اچي ويو وڏو ۽ منهنجي ڏاند جي ڪر کي راتو واهه ڏنو ڏيارياٽين. ويچارو گگدام بہ مهينا تہ منڊو هو. قرض پکا ڪٽي، حيلا وسيلا هلائي ڪيس خوش ڪيو. پاڻ بکيو ڏکيو گذاريندو هوس پر ڏاندن کي روز آنو مکڙ ڏيندو هوس. پلا ڏاند تہ نہ هو! گوءِ ۾ پڇندو هو تہ سوين ماڻهو شرط رکندا ها. هڪڙي تہ زال بہ شرط ۾ هارائي هئي. پر اڄ ان منڊي ڏاند جي صدقي پنهنجو پير منڊو ڪرائي آيو آهيان. باقي مونکي جي چورن جو پتو پيو ۽ مون پلؤ نہ ڪيو تہ پيءُ جو پٽ ئي نہ سمجهجانءِ."

صالح روز پير سوٽائيندو هو. پر ڪيس ڇٽڻ ۾ ٽي مهينا لڳي ويا. انهيءَ وچ ۾ صالح جي زال پنهنجي نٿ، چانديءَ جي ٻانهين، جهومڪيون، دُري ۽ ٻيا ڇڳل ڍڱل ڳهه ڳڻا وڪٽي پورائي ڪئي. مان هفتي ڏيڍ ۾ هڪوار صالح کان پڇڙ ويندو هوس. هو هميشہ اها ڳالهه ڪندو هو تہ ڏاند سان منهنجي ايتري محبت هئي جيتري گهر واريءَ سان! ڏاند تہ نہ هو پڪي هو! زال ۽ مال تي سر ويندا آهن.

ڪالهه مان هوٽل تي چانهه پي رهيو هوس تہ پريان ماڻهن جو هجوم لنگهيو. هو ڪنهن کي کٽ تي کڻي ٽي ويا. "مون پڇو تہ ڇا ڳالهه آهي؟" جواب مليو تہ: "صالح کي لوڙيون لڳيون آهن ۽ بيهوش ٽي ويو آهي."

مان ان گوڙ مان حڪيم عبدالغفور جي دڪان تي آيس. جيترا وات اوتريون باتيون! نيٺ شاهوءَ سربستي ڳالهه ٻڌائي، چيائين تہ: "ڪالهه صالح کي خبر پئي تہ سندس ڏاند فلاڻي حَر وٽ آهي. هن بہ ڪئي هر نہ تہ راتو واهه وجي ڏاند چوڙي آيو. صبوح جو ڏاند کي خوب ڏوتائين پوتائين، گهنگهرون وڌائين، مکڙ ڪارايائين پوءِ هوٽل وٽان ولي لنگهيس. توکي شمن موچيءَ جي تہ خبر آهي. ٽٽڪ آهي ٽٽڪ! صالح ايان لنگهيو مس تہ هن مونکي چيو تہ، "مال موٽائڙ تہ وڏي ڳالهه آهي، ڪڙو جو ڪوئي زال موٽائي. پر ڪنهن ۾ غيرت بہ هجي. چوڏهين صدي آهي." صالح ٻڌي هن ڏانهن ڏئو پر پوءِ ايترو خيال نہ ڏنائين. شمن وري چيو "واه ڙي واه وڏيرا ڪريم

بخش! چوزو هڻ ڪيو اٽيئي چوزو! بيشڪ سائين بيشڪ! زر ڦينڪ ته عشق ٿهه پهه. اسانکي ئي پيسو هجي ته اهي حُور پريون آڻي ڏيکاريون، هي ته مائهو جو ٻڇڙو آهي." شمن مون ڏانهن ڏسي صالح ڏانهن اشارو ڪيو. صالح اهو ڏسي ورتو ۽ پوءِ ته اچي ڳچيءَ کان جهليائينس. شمن ته اٽٽر حرامي آهي سو چيائينس ته، "اڙي اهڙي غيرت تڏهين نه ٿي اچيئي، جڏهين جوٽهي وڏيري جي ٻک ۾ پئي آهي. تون جو هي ٿي مهينا پير سوتائيندو هئين ۽ ڪمائيءَ کان ويهجي ويو هئين، تڏهين خرچ پکو ڪٽان ٿي هلايائين؟" صالح جو منهن ٽامٽي هٽي ويو ۽ چيائينس ته، "سوئر جا ڦر! منهنجي زال کائيون وکٽندي، پيسن تي رونبو کندي، ٻن ٽن گهرن ۾ جنڊ پيهندي هئي....."

"کائيون وکٽندي هئي يا پاڻ وکٽندي هئي، انهيءَ جو پتو منٽ ۾ لڳي ويندو. هل منهنجي اکين سان ڏس." پوءِ ته شمن ڪيس ڏنل شاهه جي مڪان تي وٺي ويو. مسجد پٽيان مجاور جي لانديءِ هئي جنهن کي وڏيرو خرچ پهچائيندو هو ۽ ان ريت ان لانديءَ کي پنهنجن ڪٽن ڪرتوتن جو اڏو ٻڌايو هئائين. صالح رستي تان خيري هروچ جي گهر مان تکي کهاڙي کنئين. رستي تي کيس شمن ٻڌايو ته ڪيئن سندس زال وڏيري سان لانديءَ ۾ ملاقات ڪندي هئي.

"ٻيلي هوءَ ٻه ٿي لاچار هئي" شمن ڳٽن تي لوڙ ٻرکيندي چيو "پهريون ته ويچاريءَ گهٽا ڏينهن ستيا جهلي ۽ وڏيري جي چنبي ۾ نه آئي پر پوءِ جڏهين تنهنجو پير مڙي پيو تڏهين بک وگهي هن اهو ڪم ڪيو. هونءَ ته رن جي ذات تي لعنت آهي پر تڏهين ٻه هن ڏاڍا وس کيا. پر پوءِ ته ڏنگهي ۽ خرمو کاڏائين ۽ ٻگوراٽي جو سواد چکيائين سو هري پئي. تو ٻه مال جي پٽيان لڳي زال وڃائي. نه لڳين ها ڏاند جي پٽيان، نه پير ئي مڙي پويئي ها ۽ نه زال ئي ڪريئي ها."

صالح هن کي ڪو جواب نه ڏنو. ٻئي لانديءَ تي آيا. قدرت منهنجي مالڪ جي لانديءَ جو در ٻه ڪو ٻيڪڙيو پيو هو. صالح ڏڪي سان اندر هليو ويو. هن ڏٺو ته سندس زال وڏيري جي پاڪر ۾ هئي. ٽڪاءُ ڪرايائينس ڪنڌ واري کهاڙي. گجر وانگر منڊي لهي ويس. صالح وري

کھاڑي کنئي تہ وڏيري کي ہہ اڳو پوءِ کارو ڪري ماريان تہ پٽيان شمن لوڙھہ ٽکاءِ ڪرايس. شمن کي صالح سان ويہ تہ اڳيئي ھو ٻيو وري وڏيري جي اڳ ہہ پوٽو ھوس. وڏيرو ٻچي ويو. صالح ويچارو اڃ مئو پيو آھي." شاھو ڳالھہ ڪندي روئي وينو. "ٻلا جنھن گناھہ ڪيو سو ٻچي ويو، باقي مئا صالح ۽ سندس زال! انڌير نگري آھي ھي دنيا، ھي دلوراءِ جو راڄ!" شاھو ڳالھہ ڪندي ٻڌايو تہ، "صالح جو ڏاند ہہ وڏيري جا ماڻھو چوري ڪري ويا ھا ۽ سندس مُرو ہہ انھن ٻڳو ھو."

ٻئي ڏينھن مان حڪيم وٽ صالح کي ڏسڻ ويس. ھن کي ڪاپاري ڏڪ لڳو ھو. زخم گھرو ۽ موتمار ھو. بچڻ جي ڪا اميد نظر نہ ٿي آئي. صالح وڻلي رھيو ھو. "منھنجي زال کي ڏاند سان پرٽايو. ڏاند زال کان ہہ پيارو آھي. ڏاند تہ نہ آھي! پکي آھي پکي! زال مال تي سر ويندو آھي. وڏيرا! سوئر جا ڦر....."

جي تندَ برابر توريان

آبدار مغربي موسيقيءَ جو رڪارڊ وڄايو. راڳ جون چوليون چوهه سان آيون، ۽ چر ۾ بدلجي ويون. جوڙيون فرش تي ترڪنديون، رقص ڪنديون، ائين ٿي ويون، گويا هنج پاڻيءَ تي لهوارا وڄي رهيا هئا. بجليءَ جي روشنيءَ ۾ زرق برق ساڙهيون چمڪي رهيون هيون، ۽ هن جي گلاس ۾ وسڪي، سوڊا، روشني، رقص ۽ موسيقي رلي ملي چمڪي رهيا هئا. هن چوٿون گلاس خالي ڪيو، ۽ سندس ڏيان جون لهرون ڪيس لوڙهيندڙ ويون- دور، دور ڪنهن اجنبي ساحل ڏانهن. هو شاعر هو، هميشه چاهيندو هو ته مان ٻيو ڪجهه هجان ۽ ٻئي ڪنهن هنڌ هجان. جڏهن جڏهن شراب پيئندو هو، تڏهن هن ڪي دور دور جون صدائون ايندڙون هيون؛ ڪائنات جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ناد وڄندا هئا؛ هن جا خيال ديوداسين وانگر رقص ڪندا هئا؛ ۽ هن جو من مندر جهونين مورتين سان سجايو ويندو هو. هن جا دوست جهومندا نچندا هئا، پنهنجي پنهنجي جوڙي دار جا جسم جاچيندا هئا، انهن جي ڳلن کي نفاست سان ڏسندا هئا؛ ۽ ڪائي ازلي ڪشش سندن تن من ۾ چٽنگ ڪائيندي هئي، جا هري هري آڳ ٽيندي هئي، ۽ پوءِ هر رقص ڪندڙ جوڙي ۾ ڇيڙون ٿي ويندي هئي، ۽ هڪٻئي جي چر ۾ ڇرڪندي هئي. ليڪن هو خاموش، تنها، اداس ويٺو هوندو هو. زندگي اَمرت تي جلترنگ وڄائيندي هئي، ۽ ٻهڪندڙ نظرون ۽ مهڪندڙ منهن ڏسي، هو پنهنجو نئون فلسفو دل ۾ ڌهرائيندو هو ته "خوشي حسن آهي ۽ حسن خوشي آهي." پر پوءِ به سندن روح تي غم جو گهيرو رهندو هو؛ خوشي حملي تي حملو ڪري، شڪست ڪائي موٽندي هئي، ۽ هو غم جي قلعي ۾ محصور، حسرت سان ڏسندو هو ته ڪيئن فوج در فوج، زندگيءَ جون مسرتون پٺتي هٽنديون ٽيون وڃن. اڳيان ڪل ۽

خوشيءَ جو سمنڊ موجون مارينڊو هو، ۽ هي ساحل وانگر خاموش ۽ ساڪت ان کي ڏسندو هو.

هو غم کان نجات پائڻ لاءِ شراب پيئندو هو، پر شراب کيس ويتر غمگين ڪندو هو. هن هڪ پيري لکيو هو ته "جڏهن خدا ڪائنات خلقي خوشي ۽ غم پيدا ڪيو، تڏهن ٻنهي کي چيائين ته "پنهنجا پنهنجا دوست چونڊيو." هن جو ايترو چوڻ، ۽ ساري مخلوق جو خوشيءَ سان ساڻ ڏيڻ. هر ڪوئي ويجي خوشيءَ جي پاسي ۾ بيٺو، ۽ ٻئي طرف غم ويچارو اڪيلو بيٺو رهيو. خدا فيصلو ڪيو ته غم جي قسمت ۾ تنهائي آهي. ۽ پوءِ جڏهن سڀئي مخلوق ٽڙڻ پکڙڻ لڳي، تڏهن چوريءَ چوريءَ شراب غم جي ويجهو آيو، ۽ سُس پُس ڪري چيائينس ته "تون غم نه ڪر، مان ظاهري طرح ته خوشيءَ سان آهيان، پر دلي طرح توسان آهيان." اڄ هن جي زندگيءَ ۾ شراب غم سان اهو قول نيائي رهيو هو.

هن پنجون گلاس پريو، ۽ گيت سان پي ويو. هاڻي هو سمنڊ کان هٽي، سپ جي سيني ۾ اچي رهيو هو. آسپاس ۽ اردگرد کان بي نياز، هو پنهنجي محويت جي عالم ۾ هو. هن جا گيت ۽ غزل ٽوليون ڪري ٽي آيا، ۽ رنگا رنگ لباسن ۾ نچي رهيا هئا. مطلعا، مقطعن سان جهمريون وجهي رهيا هئا؛ بيت، واين سان هم آغوش ٿي جهومندا ٿي ويا ۽ اهي آخر هن جي جيءَ جي جهوريءَ ۾ تحليل ٿيندا ويا، ۽ انهن جي پٽيان هن کي ڪائي صورت نظر آئي. صورت، جا شراب جي چولين تي ڇلندي ٿي آئي. هوءَ ويجهو ايندي وئي..... ويجهو ايندي وئي..... ۽ آخر ان جا نيٺ شراب جي جام مان ڪيس گهورڻ لڳا. هن ڪيس سڃاتو. هوءَ "شمع" هئي. شمع، جا هاڻي وسامي چڪي هئي، شمع جا ڪيتري وقت لاءِ هن جي شاعريءَ کي روشن ڪندي رهي هئي.

نشي جي چوليءَ هن کي ڪراچيءَ جي ساحل تي اڇليو. ڇهه سال اڳ هو شمع سان گڏ "هاڪس بي" تي ٽهلي رهيو هو. شام جو وقت هو، ڪوئي ازلي صراف سج جي سون کي ڳاري رهيو هو، ۽ پگهريل سون سمنڊ ۾ چولين هٽي رهيو هو. هن شمع جون ٻئي ڏگهيون چوٽيون پنهنجيءَ گردن ۾ وجهي، هن کي چڪي پنهنجي قريب آندو. سج کي پاڻيءَ ۾ پنهنجو پاڇو ايترو ته وٽيو، جو ان کي آغوش ۾ آڻڻ لاءِ پاڻيءَ ۾ غوطو هنيائين، ۽ پنهنجي

پاڇي سميت ٻڌي ويو. هن محسوس ڪيو ته شمع هن جو حسين پاڇو هئي؛ ۽ هن پنهنجيءَ فطرت جو عڪس شمع ۾ ڏٺو. جڏهن به هو پنهنجو شعر پڙهندو هو ته شمع ايترو ته محويت ۾ اچي ويندي هئي، جو هو محسوس ڪندو هو ته هن ۾نهي جو ڪوئي وجود نه هو. هو ۽ئي غير حقيقي هئا، فقط شعر ئي حقيقي هو. شعر، جو شمع جي حسن ۽ هن جي عشق مان جڙيو هو. شعر جنهن ۾ ڪائي ازل جي ڇپي آهي، جا زندگيءَ جي هر ڏڪ سڪ کي جلائي رک ڪري ڇڏي ٿي، ۽ پوءِ ڇرڪندي، ڇرڪندي، ڪنهن جوالا ۾ بدلجي وڃي ٿي. هن شمع کي زيادهه قريب آڻي، هن جي اکين کي چميو، ۽ سهڻا سرد ڪنول ڪنهن سُرور ۾ ٻوڙجي ويا.

"آبدارا!" هن خالي گلاس سنگمرمر جي ڪائونٽر تي سرڪائيندي چيو، "هڪ پورو." ۽ جيستائين آبدار وسڪيءَ سان سوڊا ملائي، تيستائين هو وري ڏيان جي لهرن ۾ لڙهندو ويو. هو ڪراچيءَ ۾ پنهنجي ڪمري ۾ وينو هو ۽ "ادب برائي زندگي" ۽ "زندگي برائي ادب" تي ڪجهه لکي رهيو هو. در مان گهميل پني هوا هن جي وارن کي ڪنڌيري رهي هئي ۽ هو انهن کي هٿ سان سنواري رهيو هو، ته ڪنهن پڻيان اچي هن جي هٿ تي هٿ رکيو، ۽ پوءِ هٿ سرڪائي هن جي اکين تي رکيائين. هن چرڪ ڀري پڇيو، "ڪير آهي؟" پڻيان مٺڙو آواز آيو، "شاعري!" هن جواب ڏنو ته "شاعريءَ کي ڏسڻ لاءِ واقعي هي اکيون ضروري نه آهن. مون شاعريءَ کي بنا ڏسڻ جي ڏسي ورتو." ۽ پوءِ هن هٿ کي جهٽڪو ڏنو ته شمع اچي هن جي آغوش ۾ پئي.

ڪٻري رقص جي ڏن ڪجهه تيز ٿي وئي، ۽ هن جي خيالات جو سلسلو ٽٽي ويو. هن اکيون چنيي ڏٺو ته فونو گرام وٽ هڪ انگريز چوڪري رڪارڊ ڏسي رهي هئي، ۽ هن کي پاڻ ڏانهن گهوريندو ڏسي، ڪجهه ڇرڪي وئي. هن مرڪي گلاس هٿ ۾ ڪنيو، ۽ باقي بچيل وسڪيءَ کي ڏسڻ لڳو. گويا چئي رهيو هو ته "چري، تون ڇرڪين ڇو ٿي؟ جو انگريز، "ايليٽ" (T.S. Eliot) جي شاعري ڏٺو سمجهي سگهي، سو هن لاءِ حيراني جي ڳالهه آهي؟" رکي." پرسان هڪ ديسي پوليس آفيسر انگريزي ڳالهائي رهيو هو، ۽ پنهنجي صحيح تلفظ جي احساس سبب فخر سان ڏسي رهيو هو. هن مرڪيو- گويا چئي رهيو هو ته "ڪمبخت، تو شاهه لطيف نه پڙهيو آهي،

تون بہ مون لاءِ ڪائي معنيٰ نٿو رکين!" هن پوءِ گلاس مان ڏُڪ پري ان ۾ آب حيات کي ڏنو ۽ ان کي اکين سان چيائين، "هر ڪنهن کي توکي پيئڻ جو حق نہ آهي. معلوم نہ آهي تہ توکي ڪڏهن هنن جانورن مان نجات ملندي!" ۽ پوءِ ڀيٽ ڏيئي گلاس خالي ڪري ڇڏيائين.

وري ڇوليون آيون ۽ پنهنجي ڇوهہ ۾ هن کي ڪٽي ويون: هن ڏٺو تہ "شمع" پنهنجي گهر جي بالڪنيءَ ۾ ويٺي هئي، ۽ هن جي نظم جي ڪتاب جي ٻي ڪاپي ڪري رهي هئي. هن کي ڏسي "شمع" ڪتاب بند ڪيو. "شمع" جي چهري تي ڪجهہ اداسائي ڇانيل هئي. گويا هوءَ پهرئين پهر ۾ پندرهينءَ جي چنڊ وانگر ٿي لڳي. هن سندس وار کنڊيري، پنهنجو منهن هن جي منهن جي قريب آڻي چيو، "منڙي، اڄ اداس ڇو آهين؟"

"سائين،" شمع وراڻيو، "زندگي امتحان وٺي رهي آهي. منهنجي ٻيءُ اڄ زور رکيو آهي تہ مان "ارشد" سان شادي ڪريان. ڇوي ٿو تہ ارشد کي ڪيڙي جي مل آهي، ڪلفٽن تي بنگلو آهي، ڪئڊلڪ ڪار آهي ۽ ڪافي بئنڪ بئلنس آهي. هن کي خبر نہ آهي تہ مان تنهنجي آهيان. تنهنجي آهيان. ڇو تہ تون شاعر آهين، تنهنجي ڪاتل جهوليءَ ۾ ڪائنات جي دولت آهي." ائين چئي، شمع پنهنجو منهن هن جي ڇاتيءَ سان لاتو ۽ سرگوشيءَ جي انداز ۾ چيائين، "سائين، مان تنهنجي آهيان!"

هو خاموش هو. ليڪن هن جي دل چئي رهي هئي تہ "هائو، تون منهنجي آهين، ۽ هي ساريءَ ڪائنات جو حسن منهنجو آهي؛ ۽ جيستائين مون کي تنهنجي محبت حاصل آهي، تيستائين مان ان حسن کي زياده حسين ڪندو رهندس. ۽ اهو سڀ تنهنجي طفيل ٿيندو."

هاڻي ڇوليون ڇيڻ ۾ بدلجنديون ٿي ويون، ۽ هو ڪنهن آڳ جي سمنڊ ۾ هو. اوچتو سندس اکين اڳيان "شمع" جي مرٽينگ صورت آئي. "شمع"، پويان پڙڪا ڏئي رهي هئي. ڪيس نمونيا ٿي پئي هئي، ۽ هوءَ شايد بخار ۾ پاسا ورائي رهي هئي. هو زندگي ۽ موت جي لڪ ڇپ ڏسي رهيو هو. آخر شمع وسامي وئي. ڪوئي پڪيئڙو پنهنجي آکيري مان اڏاڻو، ۽ هن جي آکيري جي قريب آيو ۽ پر ڦڙڪائڻ لڳو. گويا هو پرن جو آواز ٻڌي رهيو هو. هن ڇڻ ۾ چيو، "پکيئڙا، تون پرڏيهي آهين. منهنجو آکيرو تو لاءِ نہ آهي، مان

بہ ڪڏهن هي آکيرو ڇڏيندس، تنهنجي پٽيان ايندس. ازل جا آشيانا ڳولي ڳولي، توکي هٿ ڪندس. هن وقت تون مون کان دور وڃي رهيو آهين..... نهايت دور! منهنجو پرواز بہ تو تائين پڄي نہ سگهندو. شايد منهنجو راڳ تو تائين پڄي سگهي! مان ڳائيندس..... مان ڳائيندس!..... منهنجو راڳ تو تائين ضرور پهچندو!" هن جي دل ۾ شايد خواهش پيدا ٿي تہ هو شمع جي چپن کي چمي، پر آسپاس هن جا رشتيدار ڏسي، مشڪل سان ان خواهش تي قابو پاتائين.

ڇپي هن جي نس نس کي ڇرڪائڻ لڳي، ۽ هن ڪوٺ جي ڪيسي مان ڪجهہ نوٽ ڪڍي شراب جو بل ادا ڪيو، ۽ ٽيڙ ڪائيندو بار مان ٻاهر نڪتو. هن جي هانوَ تي نشو ڪجهہ مونجهہ ڪري رهيو هو. هو بار جي ٻاهرئين در سان ٽيڪ ڏئي، ڪجهہ وقت بيهي رهيو. ڪڏهن ڪڏهن هن جون اکيون ڪليون ٿي، ۽ سامهون رستي تي بتين مان ايندڙ ڪرٹا هن جي نظرن سان نيزن وانگر ٿي اٽڪيا. هن در جي ٽڏي لوهہ تي هٿ ڦيريو، ۽ گهڙيءَ پل لاءِ ان جي وٽندڙ خنڪيءَ ۾ محو ٿي ويو. جهٽ ڪان پوءِ هن جون اکيون ٻوٽجي ويون، ۽ وري هن جو سارو تن بدن ڇڪيا ٻڌجي ويو، جنهن ۾ شراب آلا ٽوٹا جلائي رهيو هو. اوچتو هن کي اندران ڪائي اَجهل اچل آئي، ۽ هو مدهوشيءَ ۾ در سان گسندو زمين تي ويهي رهيو. هن ڪيسي مان سگريٽ ڪڍي ڏکايو، ۽ سوچيو تہ "ڇا ماضي سگريٽ جي رک وانگر آهي، جو ختم ٿيڻ کان پوءِ زندگيءَ مان چنڊجي ٽو وڃي؟" "ائين نہ آهي"، هن سوچيو، "ماضي حال ۽ مستقبل- ٽيئي زندگيءَ جي تاڃي پيٽي ۾ ڳتيل آهن؛ باقي ائين ضرور آهي تہ زندگي ڪهري سٹ جو تاڃي پيٽو آهي، جنهن ۾ ڪٹي ڪٹي ماضيءَ جي پٹ جون تارون آهن." ڏيان جون لهرون وري هن کي ٻنهنجي آغوش ۾ ڇڪي ويون. هو وري پاتار ۾ پيهي موتي ميڙڻ لڳو.

هو ڊرگ روڊ جي هوائي اڈي تي پنهنجي دوست "شيام" کي ڇڏڻ ويو هو. ڪراچيءَ ۾ فرقيوارانہ فسادن کان پوءِ سنڌي هندو پارت لڏي وڃي رهيا هئا. شيام، هن جي ننڍپڻ جو دوست ۽ شاعر، جنهن سنڌ جي عظمت جا گيت ڳايا هئا. جنهن جي لونءَ لونءَ ۾ سنڌڙيءَ لاءِ سڪ هئي، سو همیشہ لاءِ وطن کي وداع ڪري رهيو هو. ڏينهن جو ٻارهين بجي هو ريل ۾ ڊرگ

رودِ پهتو؛ ۽ جڏهن هوائي اڏي تي آيو. تڏهن شيام اڳيئي آتي هو، ۽ هن سان گڏ هن جي پيءُ "شيلا" ۽ هڪ گهرين ڪارين اکين واري چوڪري هئي. شيام ان چوڪريءَ جو تعارف ڪرائيندي چيو، "هيءَ آهي "غزالہ"، شيلا جي ساهيڙي؛ هن کي چڏڻ آئي آهي." هن هرٽيءَ جي نيٽن ۾ گهوريو، جن ۾ رچ پڻيان رَچ هئي. اکين جي آڇ، اکين جي رُچ جو پيڇو ڪيو، ۽ ٻئي روح جي بي انتها وسعتن ۾ گم ٿي ويون. شيام هن ڏانهن اڪير مان ڏسي چيو، "ادا، اسين وري ڪڏهن ملنداسين؟ اسان تہ سمجهيو هو تہ اسين تاريخ ناهي رهيا هئاسون؛ اسان کي اها خبر تہ نہ هئي تہ تاريخ مورڳو اسان کي ڏاهي وجهندي!" شيام جون اکيون ڪجهہ ڪجهہ ڀرجي آيون ۽ ڀريل آواز سان هن چيو، "ادا، مون کي ياد ڪندين نہ؟"

"شيام!" هن چيو، "توکي خبر آهي تہ شاعر ۽ اديب کان سواءِ مان ٻئي ڪنهن جي دوستيءَ جو قائل نہ آهيان. ۽ تون ئي ٻڌاءِ تہ سنڌ ۾ واقعي شاعر ۽ اديب آهيون گهٽا؟ توکي ب ياد نہ ڪندس تہ باقي ڪنهن کي ياد ڪندس!"

"جي شيام اهڙو چگو شاعر ۽ اديب نہ هجي ها، تہ اوهين شايد ڪيس وساري چڏيو ها!" غزالہ مرڪندي چيو.

"شايد!" هن جي چپن غزالہ جي چپن تان مُرڪ جهڻيندي چيو.

ٿوري وقت کان پوءِ شيام ۽ شيلا ويجي هوائي جهاز ۾ وينا، هو ۽ غزالہ ڪين حسرت ۽ محبت سان ڏسندا رهيا.

"شيلا کان سواءِ مون لاءِ سنڌ ڪائي معنيٰ نٿي رکي." غزالہ چيو.

"واقعي، شيام جي متعلق منهنجو ب اهو ئي خيال آهي." هن غزالہ کي غور سان ڏسندي جواب ڏنو. غزالہ اٿويهن ورهين جي هئي. هن جي گندمي چهري تي صباحت ۽ معصوميت ٿي بکي، ۽ ان ۾ هن جون وڏيون وڏيون اکيون ائين ٿي لڳيون، گويا ڪنهن مندر ۾ ڏياٿيون ٻري رهيون هيون، ۽ انهن جي ٻرسان هن جون چگون اگربتين جي دونهين وانگر وکڙ ڪائي رهيون هيون.

"اوهين ڇا تي ويندؤ؟" غزالہ پڇيو.

"بس تي."

"مون وٽ ڪار آهي، جي ڪڈجي هلو ته بهتر. ڀالهائيندا هلنداسين."

"چڱو."

غزالہ پاڻ ڪار هلائڻ لڳي ۽ هي اڳين سيٽ تي هن جي پرسان ويهي رهيو. ڊرگ روڊ وٽ پهتا ته آسمان تي گهاٽو جهڙ ڇانئجي رهيو هو ۽ ائين پاسڙ لڳو ته جاڻ اُنو. ۽ پهري ڪنهن ڳيرو مهاڙي۽ وانگر جهڙ ڪي جهاڳي رهي هئي، ۽ ننڍڙيون ڪريون چوڌاري ڇارين ۽ ڪارين وانگر پکڙيل هيون. اوچتو ڪجهہ گيڙو رنگ ڪڪر آسمان ۾ ائين ڏوڪيندا آيا، جڙ ڪنهن جوڳي۽ جي من جا اُمنگ هئا. ڪار رستي تان ڪڪرين جو تعاقب ڪندي ٿي ويئي. هن غزالہ ڈاڻهن ڏنو ، جنهن جو منهن گهہ سبب زياده ملائم ٿي ويو هو، ۽ پوءِ هو پنهنجي جهوني ڪافي ڳائڻ لڳو:

نينهن آيو مينهن وانگر هاءِ هاءِ،
پيو ٽڙي دل جو گلستان، اي اديون!
ڇا چوان آ ڪير مهمان، اي اديون!

هنجون اکيون ڪلي ويون ۽ ڈاڻائين ته هو بار جي در سان ٽيڪ ڈيو ويٺو هو. هو ساڳيو راگ ڳائڻ لڳو:

"آ اڳڻ ۾ چند مون سان، اي اديون!"

هن ٽڏو ساهہ پريو ۽ سوچيو ته "اڄ اهو اڳڻ ۽ اهو چند مونکان ڪيترو نہ دور آهي! هن وقت ڪهڙو ثبوت آهي ته ڪنهن وقت اهو چند منهنجي۽ جهولي۽ ۾ هو. واقعي هر حقيقت بي حقيقت آهي!"

نشو هن جي هانوَ جي هندوري کي لوڏڻ لڳو ۽ هو ڈاڍيان ڳائڻ لڳو:

"آ اڳڻ ۾ چند مون سان،
آ اڳڻ ۾ چند مون سان، اي اديون!

هن جون اکيون وري ڪيپ ۾ ٻوڙجي ويون. هير جو جهوڙو آيو، ۽ هن کي هنج ۾ ڪٽي اڏاڻو: هو غزالہ جي گهر جي ايوان ۾ ٽهلي رهيو هو. غزالہ جو پي۽ انجنيئر هو. ڪين پنهنجو ڪشادو بنگلو هو. جنهن جي آڳر ۾ باغيچو هو، جتي هو ۽ غزالہ گهڙو ڪري شام جو ٽهلندا هئا. ۽ ادب، سياست ۽ ٻين موضوعن تي بحث ڪندا هئا. هن جي ڪن ۾ ناريل ۽ پيئي جي سرسر آئي، جا غزالہ جي ايوان ۾ ٻڌبي هئي.

"شاھ کان پوءِ سنڌ ۾ صحيح معنيٰ ۾ ڪوئي شاعر نہ ٿيو آھي." غزالہ بحث ڪندي چيو، "ھين سيني روایاتي پيرائي ۾ شاعري ڪئي آھي، ۽ شاھ جا لفظ، ترڪيبون، محاورا، تشبيھون، تلميحون، وغيرہ ڏھرايون آھن. انھن ۾ ڪائي تخيل جي ندرت ۽ انفراديت ڪانہ آھي."

"ائين تہ نہ آھي." ھن چيو، "بيڪس جي ڪائي بہ سٽ ڪڍ، ڏس تہ ان ۾ بيان جي انفراديت آھي يا نہ."

"مثال طور؟"

"مثال طور؟ مثال طور: ساجن سائين، سير ڪرڻ لاءِ آيو ٿي انسان." ھن غزالہ ڏانھن شرات سان ڏسندي، "بيڪس" جي سٽ پڙھي.

غزالہ حاضر جوابيءَ جي شوق ۾ اچي وئي ۽ چيائين تہ، "سير ڪرڻ لاءِ ڇو، شعر ڇوڙ لاءِ ڇو نہ؟" پر پوءِ پنھنجي جواب تي پاڻ ئي شرمندي ٿي وئي.

مٿيون منظر اوندھ جي پردي ۾ لپيٽجي ويو، ۽ ڏيري ڏيري ھن جي روح تي روشني پوڻ لڳي. ھن پاڻ کي غزالہ سان منھوڙي ٿي ڏٺو. ھو ٻئي چولين کي چاتي ڏئي، سمنڊ ۾ اڪتي وڌندا ٿي ويا. ڪڏھن ڪڏھن چولي زيادھ چوھہ سان ٿي آئي تہ ٻنھي جا ھٿ جدا ٿي ٿي ويا، ۽ پاڻيءَ مان اچانگ ڏئي غزالہ ٿھک ٿي ڏنا. اھي ٿھک چولين جي گجيءَ ۽ گاج سان ملي ھک پرشور ڪائنات ٻڌجي ٿي ويا. ھن کي ڪيتريءَ مدت ڪانپوءِ سچي خوشيءَ جو احساس ٿيو ھو. خوشي، جا ھن جي پنل منھن تي تڙي رھي ھئي، ۽ جنھن کي ھن جون نظرون نھايت نفاست سان غزالہ جي ڳلن تي ڇُھي رھيون ھيون.

"اڄ تہ بريڪ- واٽر تي ھلون". غزالہ چيو.

"ھل."

ٻئي ھٿ ھٿ ۾ ڏئي پاڻيءَ مان نڪتا ۽ ساحل تي ڊوڙڻ لڳا. بريڪ واٽر ڏانھن ٻہ رستا ٿي ويا. ھک پکي رستي تان ۽ ٻيو سمنڊ جي ڪناري تان، پھاڙيءَ وٽان. پکي رستي تان ڪيترائي ماڻھو ٿي ويا، سو ھن تنھائيءَ لاءِ پھاڙيءَ وارو رستو ورتو. ٿورو اڪتي ويا تہ رستو ڪجھہ خطرناڪ نظر آيو. پھاڙيءَ تي پيچرو چولين سبب آلو ھو، ۽ ان جي ھيٺان سمنڊ جون

دهشت خيز چوليون هيون؛ ليڪن هي ٻئي پنهنجيءَ ڏن ۾ وڏندا رهيا. جڏهن هڪ اوچيءَ جڳهه تي آيا، تہ اوچتو غزالہ جو پير ترڪيو؛ پر هن سان ئي هٿ ۾ هوس، سو هن ڪيس پاڻ ڏانهن ڇڪي ورتو، ۽ هوءَ هن جي ٻانهن ۾ هلي آئي. موت کان اوچتو بچي ويڻ بعد، هراس جي احساس ۽ هڪ دوست جي ٻنل جسم جي ڇُهاءَ- رس، غزالہ کي گهڙي پل لاءِ ساڪت ۽ خاموش ڪري ڇڏيو. سامهون اٽاهہ ۽ بي انت نيرو پاڻي هو، ۽ هي ٻہ تنها انسان؛ هڪٻئي کي چنبڙي ان کي ڏسي رهيا هئا؛ هن جا نيٺ نيراڻ تي ڪپي ويا هئا.

"غزالہ." هن سرگوشيءَ سان چيو.

"پرين." غزالہ مُنهن هن جي ڇاتيءَ ۾ ڇپائيندي چيو.

ٻہ سال خواب و خيال وانگر گذري ويا. هڪ ڏينهن هو غزالہ جي ڊرائينگ روم ۾ ويٺو هو. هن تازو ايل. ايل. بي پاس ڪئي هئي؛ غزالہ ايم. اي پاس ڪئي هئي ۽ ڪاليج ۾ سياسيات جي ليڪچرر مقرر ٿي هئي. ڳالهہ تي ڳالهہ نڪتي ۽ هو پنهنجي مستقبل تي سوچڻ لڳا.

"اوهان وڪالت ڪڏهن ٿا شروع ڪريو؟" غزالہ پڇيو.

"وڪالت ڪرڻ جو تہ ڪوئي خيال نہ آهي. ايل. ايل. بي تہ مون فقط قانون جي مطالعي لاءِ ڪئي هئي."

غزالہ جي منهن تي غير معمولي سنجيدگي اچي وئي. جنهن مان ائين ٿي لڳو تہ هن ڪجهہ چوڻ چاهيو ٿي، پر چئي نٿي سگهي. هو سندس خيال پانپي ويو، ۽ چيائين: "غزالہ، توکي خبر آهي تہ شعر ۽ ادب منهنجي زندگي آهي. مان ان کي معاش جو ذريعو بڻائڻ چاهيان ٿو. ائين برابر آهي تہ ان ڪري فاقہ ڪشيءَ تائين نوبت پهچي. پر مون توکي ڪيئي دفعا چيو آهي تہ جي شاعريءَ ۾ دولت نہ آهي تہ دولت ۾ بہ شاعري نہ آهي." غزالہ بلڪل سُن ۾ اچي وئي، ليڪن هن جون اکيون هن جي اندروني آنڌ مانڌ جون گواهہ هيون. هوءَ ڪنڌ جهڪائي پير سان زمين کوٽڻ لڳي.

"شايد اوهان فقط پنهنجي لاءِ ٿا سوچيو." هن چيو ۽ ڪمري مان ٻوڙندي نڪري وئي.

هاڻي هن جو نشو ڪجهہ گهٽجي رهيو هو. هن اکيون چنيي ٽڏي آڪاس ڏانهن ڏٺو. سامهون هڪ ستاري اک چنيي. گويا هن کي چيڙائي رهيو

هو. هن سگريٽ دکايو..... ۽ ڪيس غزاله سان آخري ملاقات ياد آئي.

پنهنجي ڪمري ۾ ويٺو هو، ۽ ڪوئي نظم لکي رهيو هو. اوچتو در کولي غزاله ڪمري ۾ مرڪندي اندر آئي، ۽ اچي هن جي مٿان بيٺي. هو نظم جي آخري سٽ لکي رهيو هو ته غزاله هن جي هٿ مان ڪاغذ کسيو ۽ چوڻ لڳي، "زندگي برائي ادب- هر خوشي برائي ادب! آخر اسان بہ ڪنهن ڪاڻ ۾ آهيون يا نہ؟" هن ڪاغذ ٻنهي هٿن ۾ جهليو ۽ چوڻ لڳي: "مان هن کي ڦاڙيان ٿي. جي مان توکي شاعريءَ کان زياده پياري آهيان ته توکي شاعري ڇڏڻي پوندي! تو ۾ بيحد صلاحيتون آهن ۽ تون هڪ ڪامياب وڪيل ٿيندين." ائين چئي غزاله نظم وارو ڪاغذ ڦاڙي ڇڏيو، ۽ مرڪي هن ڏانهن نهارڻ لڳي. هن جي چپن غزاله جي مرڪ نہ ورائي.

"غزاله تون پُلي آهين." هُن غزاله جي اکين ۾ گهوريندي چيو، "تو غلط سوچيو ته مان توکي چونديندس!"

ان کي ٻہ سال ٿي ويا. اڄ هو ساڳيو بيت ڳائي رهيو هو، جو غزاله جي وڃڻ بعد هن جهونگاريو هو:

سَؤ سِرن پائي، جي تند برابر توريان،
ته اَڻل اوڏانهين ٿئي، جيڏانهن پيجل ٻرائي!

"جي تند برابر توريان....." هن چپن ۾ جهونگاريو، "جي تند برابر توريان.....". هو اَڻيو ۽ ٿيڻ ڪائيندو تانگي جي تلاش ڪرڻ لڳو.

چار ايڪڙ ٻني

رات جو پويون پهر هو. ڪڪڙن دس ٽي هنيا. آپ تي ڦڪي چانڊوڪي ائين ٽي لڳي جڻ خدا زمين تي نهاري مرڪي رهيو آهي. ساري ڪائنات تي خاموشي وسي رهي هئي. انسان ۽ ان جا هل هنگاما سانت جي گود ۾ ستا پيا هئا. قرآن ۾ انسان کي اشرف ۽ چيو ويو آهي ته ظالم ۽ جاهل ۽. شايد رات جي وقت انسان اشرف آهي ۽ ڏينهن جي وقت ظالم ۽ جاهل. ڏينهن جي وقت هن جا جهيڑا ۽ جهڳڑا، ساڙ ويڑ، غم غصو ۽ ڇڪتاڻ ڏسي ته هن جي فطرت کان نفرت اچي ويندي. پر رات جي وقت جڏهن هو ننڊ ۾ الوٽ هوندو آهي ۽ چانڊوڪي سندس منهن کي چمندي آهي تڏهن هن تي پيار اچي ويندو ته هي اهو آهي جنهن جي محنت خدا جي اڻ گهڙيل دنيا کي گهڙيو ۽ ٺاهيو آهي، جنهن هوا، باهه ۽ پاڻيءَ کي مٽ ۾ آندو آهي ۽ هاڻي هڏ هڏي، کنڊڙاٽيون کوهي، سانت جي گود ۾ ستو پيو آهي. جنهن قدرت سان هو ڏينهن جو وڙهندو آهي، سا کيس لوليون ڏئي رهي آهي.

جنهن رات جي ڳالهه آهي، اها به اهڙي منڊي پياري رات هئي. شاهوءَ ننڊ ۾ پاسا ٽي بدلايا. سندس منهن تي معصوميت وسي رهي هئي. سفيد ريش، نوراني پنل چهرو. اوچتو ڪتي جي ڀؤنڪ تي هو ڇرڪي اٿيو. سندس رڳ رڳ ۾ آرس ڪر موڙڻ لڳو. ڏکڻ جي هير ۾ سندس اکيون ٻوٽيون ٽي ويون. پر اڄ رات آوانڊا ڀيٽا هئا. سندس ۽ سندس وڏيري جي عزت جو سوال هيو. هن پنهنجي پٽن رمون ۽ جانوءَ کي ڏونڊاڙي اٽاريو جي سندس ڀرسان ڪٽولن تي ستل هئا. اکيون مهٽيندي رمونءَ پنهنجي سيراندي‌ءَ کان لوڙهه ڪيي ۽ جانوءَ کهاڙي ۾ هٿ وڌو. ٽيئي موريءَ جو ٻنو ڏيئي هليا ۽ چوڏاري ڦري موٽي آيا.

"اڇي پرهه ٿي آهي." رمونءَ اکيون مهٽيندي چيو. ٽڏي هير ڪين ننڍ جي جهوليءَ ۾ ڇڪي رهي هئي. ٽيئي ۾ چار جهوٽا کائي ليٽي پيا. شاهو پريو مڙس هو. رمون ڪرڙوڙ ۾ جانو ڀڳيرو. شاهو سوچي رهيو هو، ڪري خدا خير باقي اڃ لڻ ضرورت لڳندي. هن اڳ ۾ گهٽائي جهيڙا ڪيا هئا. مٿا ڦاڙيا ۽ ڦاڙايا هئا. ايا سندس ڪهاڙيءَ تان رت ۾ نه سڪي هئي. اها ۾ رات هئي جڏهن هو شانيءَ سان روح ريجهائي رهيو هو. شاني جنهن جو بدن ڪنهن سنگتراش ٺاهيو هو. جنهن جي ڇاتيءَ تي ۾ لسا گول پهڙ هئا. شاني، جنهن جون چيريون اکيون ايا ۾ ڪيس گهوري رهيون هيون. جنهن جا ماسيرا ڳل ياد ڪري ايا ۾ سندس روح ۾ گلاب ٽڙي رهيا هئا. جنهن جا ڏولائتا انگ اڃ ۾ سندس اکين اڳيان ڦري رهيا هئا. اي محبت تون سدا جوان آهين. تون هميشہ زندهه آهين. شاني ايا زندهه هئي توڙي ڪيس ڪاري ڪري ماريو ويو هو. شاهوءَ کي ياد آيو ته ڪيئن شاني سندس ڇاتيءَ سان ڪرڙيءَ وانگر چهٽي پئي هئي ته ڪوئي تان ۾ جوان لٽا، هڪڙي ڪهاڙيءَ سان شانيءَ جي سري لاهي ڇڏي ۽ ۾ئي هن تي وار ڪيو ته هي ٻانهن ڏئي ڏڪ بچائي اڇيو مس ته ۾ئي ڪوئو ٽپي ڀڄي ويا.

هاءِ ڙي سنڌڙي. تو ۾ ڪيترا معصوم گنهگار ماريا ويا آهن، ڪيترا اڻوجهه ڏوهي ڪنا ويا آهن! ان وقت شاهوءَ شاني ڏانهن ڏئو هو ته سندس لڳ لڳ ڪاندارجي ويو هو. سري ڏار، ڏڙ ڏار، نه انگل نه ارڏايون، نه ماٿا مهٽا، نه ناز نخرا، نه چرپر نه سس پس، جڙ هوءَ ۾ ڪا ڪٽ هئي، بسترو هئي، پٽ هئي..... ڪجهه ۾ نه. گهڙي اڳي جا سندس هٿن مان مڇيءَ وانگر ٽي کسڪي وئي، سندس ڇاتيءَ سان ڪرڙيءَ وانگر ٽي چنبڙي پئي، سا ائين ساڪن ۽ خاموش پئي هئي جيئن چانڊوڪيءَ ۾ پٽ تي پاڇو. جڙ سندس روح نڪري ان چانڊوڪيءَ جي پاڇي ۾ ملي ويو هو ۽ نور جي لهرن ۾ لڙهندو دور وڃي رهيو هو. دور جتي تارن جي ڪٽ تي هن لاءِ بسترو وڇايل هو. جتي فرشتا لولبون ڏئي رهيا هئا.

شاهوءَ ٽڏو ساهه پريو ۽ سندس ذهن ورانگ پري ڏهه سال اڳتي وڌي ويو. هن کي ياد آيو ته ڪيئن هو پهريون دفعو چوريءَ لاءِ نڪتو هو، ان وقت جڙ ساري ڪائنات دم روڪي بيٺي هئي. جڙ ستارا اکيون ڇنيي ڏسي

رهيا هئا. لوڙهو ٽپي هن مينهن ڇوڙي مس ٿي پاڇيو جاڇي پيو هو ۽ ڪيس هڪل ڏئي اک تي پيندِ ٽڪاءُ ڪرايو هو. شاهوءَ اک کي ائين مهٽيو ڇڙ اچا تائين اها ڏکي ٿي. هن پاسو ورايو ٿ ڪيس ياد آيو ٿ وڏيري ڪيس ٻي چوريءَ تي گهرايو جا هن نہ ڪئي هئي. وڏيري ڪيس پونگو باسيو هو. پونڊو ڏنو هو. چٽ ملائي هئي، چپاٽ هنئي هئي، پڳ لاٿي هئي، ڏاڙهي پٽي هئي، پر هن چوري ڪئي هجي ٿ سلي. نيٽ وڏيري هن کي پوليس ۾ ڏنو هو ۽ هن پهريون دفعو ڪورٽ ڏٺي هئي، جتي قانون ئي قانون هو، انصاف ڪونہ هو. "اهو وڏيرو، اها پوليس، اهو قانون، سڀ هڪ وڏي سازش آهي." هن سوچيو، "اها جانڊهہ جنهن ۾ اسان جي هڏي هڏي پيسجي ٿي وڃي ٿ هو دنيا کي چون ٿا ٿ اسان هن کي چڙي چانڊي، اڇو اجرو ڪري ڏيو آهي."

اڄ انهيءَ وڏيري جي لاءِ هو سر ڏيئي رهيو هو. شاهوءَ مٿي نهاريو ٿڏو نيرو آسمان خدا جي پيشانيءَ جيان ٿي لڳو. هڪ هلڪي ڪڪري چنڊ جي مٿان اچي هٿي وئي. شاهوءَ ائين محسوس ڪيو جڙ چنڊ مٿانئس اوچتو نگاهہ وجهي تعجب مان ڏسي رهيو هو. هن منهن ورائي رمونءَ ڏانهن ڏٺو. شايد هو ۾ ائين محسوس ڪري رهيو هو. رمونءَ ڪڪريءَ ڏانهن نهاري دل ۾ سوچيو ٿ، "بادل ڪهي ڪهي هليا ٿا وڃن. برسات جي بوند ب نہ پئي آهي. پر سال بيڪاري ڏنيءَ ڪنيءَ ٿي وهي. هيل سڪ ٻڌ آهي. اڳي ئي پاڻي ٿورو وري جڙئي ماڇيءَ وارا سندس موريءَ جا آواندا ڀڄي پنهنجي ٻنيءَ ڏانهن پاڻي لاڙڻ جا دڙڪا ڏيئي رهيا هئا."

رمونءَ چار ايڪڙ ٻني ڪئي هئي. ان تي سندس زندگيءَ جو دارومدار هو. ان ۾ هن پنهنجو پگهر پوکيو هو. سلن سان گڏ سندس آسون اميدون اسري رهيون هيون. ڇا ب ٿئي پر آواندا ڀڄڻ ڪونہ ڏيندو. سندس ڏيءَ کي ڪيترن ڏينهن کان ٽيڙڻ تپ هو. سندس زال جو ڳهہ ڳڻو، چوڙي ٻانهين سڀ خرچ ۾ ڳري ويو هو. فصل لهندو ٿ ڪيس چار پئسا ٿيندا ۽ ڏيءَ جي دوا ڪرائيندو.

اوچتو سندس دل ۾ وهم جاڇيو ٿ سندس نياڻي نظيران مري ويندي. سندس دل گائون مائون ٿيڻ لڳي. سندس هانوَ کي اچل آئي ۽ ڳوڙها سندس

اکين ۾ تري آيا. خدا کيس سالن کان پوءِ نياڻيءَ سان نوازيو هو. ننڍڙو گڏيءَ جهڙو ٻار. گهر جي سونهن، پيءُ ماءُ جي ورونهن. افسوس صد افسوس، اهو ابهم دوا دارونءَ جي خرچ نه هئڻ ڪري مري ويندو. ڪيئي طبيب ڪيئي دوائون. پر هن وٽ پئسو ڪونه هو جو اهي خريد ڪري. شايد انسان جي زندگيءَ کان پئسو وڌيڪ قيمتي آهي. شايد طبيب ڇٽائڻ لاءِ نه ڪمائڻ لاءِ آهن. شايد دوا شفا لاءِ نه پر بها لاءِ آهي. پئسي نه هئڻ ڪري موت سندس جهوليءَ مان نياڻي کسي رهيو هو. اي موت ڏرا ترس. جي پئسو نه آهي ته مون وٽ نه آهي. هن نياڻيءَ، هن ابهم جو ته ان ۾ ڏوهه نه آهي. هن کي ڪهڙي خبر ته مان جنهن وٽ جمندپس سو سچو هوندو، پينگيو هوندو، ڏينهن رات پگهر جو پورهيو ڪندو هوندو ته به چار پئسا بچائي نه سگهندو هوندو. ٻڌين ٿو اي موت. انهيءَ اٻوجهه ابهم کي ڇا معلوم ته هوءَ جمندي ته تهه سيارو هوندو، پارا پوندا هوندا، ڏند ڏکندا هوندا، لڳ لڳ ۾ ٽڙڪٽي هوندي ۽ سندس ڪنگال پيءُ وٽ پئسو نه هوندو جو هو ڪمبل وٺي. هن کي ڪهڙي خبر ته هيءَ دنيا پئسي جو چڪر آهي. پئسو انهن وٽ آهي جي پپ ڪيي، طول وهاٽن تي ٽيڪ ڏئي ويهن ٿا. پر جن جي رونبو ڪري چيلهه چپي ٽي وئي آهي تن جي لاءِ پئسو نه آهي. تن جي لاءِ محنت ۽ مشقت آهي، بک ۽ ڏک آهي، مرض ۽ موت آهي. رمونءَ مٽيون پکوڙيندي پکو ارادو ڪيو ته آوانڊا ڀڃڻ نه ڏيندس، پوءِ سر وڃي ته وڃي. آوانڊا ڀڃندا ته فصل سوڪ ٽي ويندو، ڪيس پئسو نه ٽيندو ۽ سندس نياڻي ٽيئڙ تپ وگهي مري ويندي. هن کي جڙئي ماڇي وارن تي سخت ڪاوڙ آئي ۽ ڪهاڙيءَ ۾ هٿ وڌائين. جڙيو ماڇي هو. پر جڙيو ماڇي ته هن جو لنگوٽيو يار هو. ننڍي هوندي هو گڏ ٻکريون چارڻ ويندا هئا. جڙيو ڪنڀيءَ جي وٽ تي چڙهي سگر ڇاٽيندو هو ته ٻنهين جون ٻکريون چرنديون هيون ۽ هو سچين ڪوڏين جهڙا ڏند ڪيي رمونءَ کي چوندو هو، "اسان ته نوريئڙي وانگر وڻ تي چڙهي ٿا وڃون. تون ڇا چڙهندين. ٻليءَ وانگر ٿو ٽڙ وٽ ٻيهي تکين." جڙيو ۽ هو گڏ بيگاريءَ ۾ ترندا هئا، ٻلهاڙو ڪيڏندا هئا. رمون نڙ وڃائيندو هو ته جڙيو ڪن تي هٿ رکي ڪافي ڳائيندو هو:

منهنجا گهوڙي سوار- تنهنجي چهبڪ ڪئي هان چري

تنهنجي چهبڪ ڪئي هان چري
الا وڃان ٽي مري
ڪڏهين ايندين وري- منهن جا پرڏيهي يار
تنهنجي چهبڪ ڪئي هان چري- منهنجا.....

اهو راڳ اڄ ب رمونءَ جي ڪنن ۾ ٻُري رهيو هو. اهو راڳ ٻڌي رمونءَ کي ڪيترو نہ جڙئي تي پيار ايندو هو! اڄ اهو جڙيو سندس رت پيئڻ لاءِ تيار هو. اڄ اهو جڙيو سندس آوانڊا پيڻ ايندو. ڪهاڙيون هلنديون. رت وهندي. دوستي زخمي ٽي ڇندي. انسان ڪهڙو نہ ذليل آهي. پنهنجي سڏن کي پوري ڪرڻ لاءِ ڪيترو نہ ڪڏو ٿو ٽي ويجي. هاءِ رمونءَ کي ڪهڙي خبر تہ جڙئي کي ب چار ايڪڙ ٻني هئي. هن کي ڪهڙي خبر تہ موريءَ ۾ پاڻي گهٽ ڇو هو. هن جو ب بٽئي وقت اڌ ان وڌيرو ڪٽي ويندو هو. هن جو دارو مدار ب انهن ان ڪٽن تي هو. هن کي ڇا معلوم تہ موريءَ جي مهڙ تان سڄو پاڻي وڌيرو الله بخش ٽي ڪٽي ويو.

وڌيرو الله بخش لکها جريب ٻنيءَ جو مالڪ هو. سڀ ڪاموراڪڙا هن وٽ ايندا هئا ۽ ڪائنس رسائي ونڊندا هئا. رشوت جو نالو رسائي آهي. رشوت بيشڪ رسائي آهي. انسان جي انسان تائين رسائي، سڀ رسائي رشوت رستي ٽي سگهي ٽي. غريب هارين جو رت پيڙي وڌيرو الله بخش هر سال زڪوات ڪيندو هو ۽ خدا تائين رسائي ڪندو هو. ۽ ماڻهن کي مرکي چوندو هو تہ منهنجو نالو ئي الله بخش آهي ۽ مولوي ثناءالله کيس ٽيڪو ڏيندو هو. اي الله، تنهنجي بخشش ايتري سستي تہ نہ هوندي. اي ثناءالله، شايد تنهنجو الله رشوت ب ونڊندو آهي؟

رمونءَ کي ديرندو ڏسي جانو ڇرڪ ڀري اٿيو. جانو انهيءَ جهيڙي جي بلڪل خلاف هو. هن جڙئي جي ڏيءَ نازيءَ سان يارانو رکي هئي. جهونجهڪڙي مهل نازي دلو ڪٽي کوهہ تي ايندي هئي ۽ وات تي لون جي اوت ۾ جانوءَ سان روح رهاڻ ڪندي هئي. گهڙي ڪٽن سان نازيءَ جي چيلهہ ٻيد جي لکڻ وانگر مڙي ويندي هئي ۽ جانو جهونگاريندو هو:

جيڪو چيلهہ تي چار گهڙيون تنهنجي
مان تنهن گهڙي تان گهوريس وو

مان تنهنجي جدائيءَ جهوريس وو
جيڪو چيلهه تي چار گهڙيون تنهنجي
الا چيلهه تي چار گهڙيون تنهنجي

ستارن جي ڇانو ۾ اهي پيار جون گهڙيون جانوءَ ڪي زندگيءَ جيان پياريون لڳنديون هيون. هن دنيا جي ڏرتيءَ ۾ جنهن کي گهڙي پل پيار جي ڇايا ملي اهو ڪهڙو نه خوش نصيب آهي. جانوءَ کي نازيءَ جو خيال آيو. سندس ڇهه ڇڇي پيا. هو ڪيئن پنهنجي محبوبڙي جي ميار کڻي، سندس پيءَ تي هٿ هلائي. پر چوندا آهن ته رت راڻي آهي. جانوءَ جي پاءُ ۾ پيءُ تي ٻري ايندي ته هو ڪيئن ماڻ ڪري ويهندو. شل چار ايڪڙ ٻني ئي غرق ٿئي. جانوءَ دل ۾ چيو، پر ريڄ لاءِ پاڻي پورو ڪونه هو، ٻني تَرِ ڇا ۾ ٿيندي.

پرهه باکون ڪڍيون. اوچتو ڪوڏر جو ڪڙڪو ٿيو. جانو ٽپ ڏيئي اٿيو، "نه ويندءُ." رمونءَ هڪل ڪئي. ۽ ٽيئي ڪهاڙيون ۽ لوڙهيون کڻي ڊوڙيا "ماريو نه ڇڏيو" جون رڙيون سناٽو چيريندیون ويون. ڏسندي ڏسندي ماس جا ڇپل اڏامڻ لڳا، رت جون سيرون وهي ڇڙيون ۽ ٻه جوان ڏرتيءَ تي ڪري پيا. هو پاڻيءَ تي وڙهي رهيا هئا. هر ڪو چوي ته منهنجي چار ايڪڙ ٻني آباد ٿئي. هي چار ايڪڙ زمين مون لاءِ آهي. هيءَ منهنجي زمين..... ۽ زمين ڇئي رهي هئي ته، "مان ڪنهن جي به نه آهيان. توهان سڀ منهنجا آهيو. گهڙيءَ کان پوءِ توهان سڀني جا لاش منهنجي آغوش ۾ دفنائيا."

رولو

رياض ڪيس پهريون پيرو ڪلفٽن تي ڏٺو هو. سندس وار هوا ۾ ٽي لهرايا ۽ هوءَ هڪ جل پريءَ جئن چولين ۾ اڏامندي ٽي وئي. سندس فراڪ آلو ٽي سندس ڇاتيءَ سان چهٽي پيو هو ۽ ان مان ٻه چهنب وارا ڪوڏ جڙ سمنڊ ۾ ٽٻي ڏيڻ لاءِ آتا ٽي نظر آيا. سندس ڦڪيري ڪاري رنگ جا تارا ڪڏهن ڪڏهن رياض تي ڪپي ٽي ويا ۽ پوءِ سمنڊ جي اٿاهه لهرين ۽ گجيءَ ڏانهن ڦري ٽي ويا. هر هر هن پنهنجي سونهري وارن تي هٿ ڦيري سينڊ ٽي ٽاهي. رياض ڏٺو ٽه هن جا وار ڪجهه سونهري، ڪجهه اڇا هئا. ۾ پريان غضب جي ڪشش ٽي ڪيائون. هن ڪي سمنڊ تي پوئين پهر جي ڦڪي چانڊوڪي ياد آئي ۽ جا ڪيفيت هن جي دل تي ان وقت ڇانئجي وئي هئي، سا هينئر ٻه پنهنجو رنگ ڄمائي رهي هئي. "هوءَ ڪير، مان ڪير!" رياض دل ۾ چيو، "ڪو ٽه سبب آهي جو ٻه اجنبي هڪٻئي ڪي ڏسي جڙ صدين جي گهري واقفيت محسوس ڪن ٿا! ايتريون چوڪريون ڇڏي، جو مان هن جي پٽيان آيو آهيان، آخر ڇو؟ ڪو ٽه سبب آهي. هن جو نماٽو، اداس حسن ايتري ڪشش ٽو ڪري!"

ڇهين مهيني ڪان پوءِ هن ڪيس روهڙيءَ ۾ هڪڙي سنت جي آستان تي ڏٺو. وقت جو سمنڊ چوليون ماريندو ٽو رهي. ڪيئي لهريون سطح تي اڇي، ٻه ٽي پل لهرائي، چانڊوڪيءَ ڪي چميون ڏئي، وڃي ترو وٽن ٽيون. تهه متان تهه آهن انساني ذهن جا، بي نشان، بي انداز، بي انت. رياض جي دل ۾ ٻه هڪ هلڪي هلڪي ياد جي لهر آئي. "مون هن ڪي ڪٽي ڏٺو ٽه آهي! هي سونهري وار، هي ڦڪا ڪارا تارا، هي اٻوجهه اداس چهرو!" هن ڏاڍي ڪوشش ڪئي پر ڪيس ياد نه آيو. پريان گيڙوءَ رتي چولي ۾ جوڳي سلفي

چڪي رهيو هو. دونهون هوا ۾ ائين وٽ ڪائيندو ٿي ويو جيئن رياض جي دماغ ۾ خيال. هو هڪ سيلاني هو، هڪ ادبي رولو. ڪڏهن ڏس ته شاهه جي پٽ تي ڪلام ڳائيندو، جهولیندو نظر ايندو؛ ڪڏهن گنجي ٽڪر تي ڪنهن خيال ۾ سونجهيندو نظر ايندو، ڇڙ ڪنهن پارس جي ڳولا ۾ نڪتو آهي. ڪڏهن ٽاڻي بولا خان ۾ ڪنهن ماهيڙياڻيءَ کان مڪڙ ونڊندو ڏسبو ۽ آڏين اکين سان سندس حسن، پريل چاتيءَ، گلابي ڳلن جو نظارو ۽ ڏسندو رهندو. ڪڏهن عمرڪوٽ ۾ مومل جي ماڙيءَ تي ويهي، لهندي سج جي گهري گهري شفق کي رات جي انڌيري ۾ گم ٿيندو ڏسندو نظر ايندو هو؛ ڪڏهن پراڻي سوٽ ۾ منگهي پير کان لاهوت- لامڪان پيو ويندو، گهنڊيدار وار بنا ڏنگ جي سندس منهن تي پيا پوندا ۽ هو اهي هٿ سان هٽائي هلندو رهندو. ۽ ڪڏهن فريئر هال ۾ راڻي وڪٽوريا جي بوتي وٽ ڪنهن پارسياڻيءَ سان مٽيون مٽيون ڳالهيون ڪندو، ڪيس مغربي موسيقيءَ تي ٽيڪا ٽپڻي ڪري پنيلائيندو نظر ايندو. هو چوندو هو زندگي هڪ سفر آهي، هڪ بي منزل، لاپتي سفر. ۽ هو هڪ اڻ ٽڪ لامقصد مسافر!

اڄ هو سنت جي درشن لاءِ آيو هو، ان لاءِ نه ته هن جو درويشن ۾ اعتقاد هو. پر ان لاءِ جو هن کي سنڌ جي شهر شهر، ڳوٺ ڳوٺ، جاءِ جاءِ، دائري دائري، چونڪ چونڪ، ڪنڊ ڪڙڇ سان محبت هئي. اڏوراڻي پئنٽ سان هو تڏي تي ليٽيو، پٽي جي پيڙي پي رهيو هو ۽ سوچي رهيو هو ته مون هن اداس اکين کي ڪٿي ته ڏٺو آهي! ۽ ٿي موالي پنگ گهوٽي رهيا هئا. گهرڙ گهوٽ گهرڙ گهوٽ جو آواز سندس خيال کي تيز ڪري رهيو هو. اوچتو آواز بيهجي ويو ۽ هڪ موالیءَ اٿي مٽ مان لوٽي پري. رياض جو خيال پنگ جي ڪوندي ڏانهن چڪجي ويو. ۽ ڇا صافو جهلي ويٺا هئا ۽ هڪ مٽان پنگ وجهندو ٿي ويو. هن جي ڏهن ۾ ۽ ائين ڇهن مهين جا خيال ڇٽي رهيا هئا، پر هڪ جهوني ياد نه ٿي لڏي. دونهين ۾ ڪاري ٽيل چت، پٽين جي جهوني ڪهڪل جنهن مان بهه جا ڪک ڇٽي رهيا هئا، ميرانجهڙا تڏا، پٽين تي سنت جون ۽ ميريون تصويرون، دروازن مٿان لوهي شيخن تي ڪوريئڙن جا گهاتا ڇار، سڀ هڪ خاص تصوير ڪيي رهيا هئا. سنڌ جي جهوني، پٽي، وهمي تهذيب جي تصوير . ايتري ۾ ڪوئي پنگ جي جمني ڪٽي آيو ۽ چوڙ لڳس،

"بابو، بابا جي آستان جي امرت- توهان ۾ پيئو." هن پهريون ته خيال ڪيو ته وٽي پيٽانس پر پوءِ ارادو ڦيرائي ڪنڊ ڏوٽي چيائينس ته "مان نه پيئندو آهيان."

"بابا اٿيو آهي." ڪنهن اچي چيو ۽ پوءِ سڀ اٿي ٻئي ڪمري ۾ وڃڻ لڳا. رياض به ٻيڙي ڦٽي ڪري، پيرين اڳهاڙو اچي قطار ۾ بيٺو. اتفاقاً سندس سامهون اهي اداس اکيون هيون. ناسي فراڪ، سونهري وار، اداس اکيون. هن کان ساهيڙيءَ ٽي پڇيو ته "توکي ڪهڙو ڪم آهي." هن آهستي جواب ڏنو، "بس ڪوئي ته آهي." ۽ هُن جون غمگين اکيون وڌيڪ غمگين ٽي ويون. رياض سمجهي ويو ته هوءَ انگريزي پڙهيل هئي. هن نظر ڊورائي ته چوڌاري سڀ ڇٽ يا پڙي واريون نظر آيس. رڳو هيءَ ۽ هي ڇوڪري جنهن کانئس سوال پڇيو تنهن کي فراڪ پيو هو. پر هين جيئن هيءَ به هٿ جوڙي بيٺي هئي. سندس منهن تي بي انت اداسائي هئي. هن جا شفق رنگ وارا ڇٽ ان اداسائي کي وڌيڪ گهرو ۽ گنڀير بڻائي رهيا هئا. سنت ٻن قطارن جي وچ ۾ ڦري رهيو هو ۽ الائي ڇا جو ڇا جپي رهيو هئو. شرڌالو وايائيون سندس پير چمي رهيون هيون. گهٽيءَ مان گهٽيل باسي هوا ٽي آئي. پر رياض صرف انهن اکين جي گهرائيءَ ۾ گم هو. بي انت گهرائي. قطبي ساگر جي تهه مٿان لهرين جيئن گهري! ساڌ ٻيلي جي مور جي آواز جئن اداس! روهڙيءَ جي ڪجورين مٿان چاندوکيءَ جئن اداس! نمن جي چونڪ ۾ پوئين ٻور جي بوءِ جئن اداس! هن اهڙيون اداس، خوبصورت اکيون، اهڙا اداس، خوبصورت وار ڪٽي نه ڏٺا هئا. رياض خودبخود جهونگارڻ لڳو، "گهرا گهرا ڪارا نيٽ، جادو لائي ويا جيءَ ۾." هن ڪنڊ ورائي ڏٺو ته ٽي ڇوڪرا ٻيا به انهن اداس اکين کي تڪي رهيا هئا. هڪڙي کي اڇي پتلون، اڇي قميص، سونا بٽڻ ۽ هٿ ۾ پٽنچي پيئي هئي. هي ڪيس ائين ڏسي رهيو هو جيئن ٻلي ڏسي شيشي جي برنيءَ ۾ مڇيءَ کي. ٻئي کي زين جو سوٽ، ڳٽل رنگ جي ٽاءِ ۽ خاڪي قميص پيئي هئي ۽ ڪيس آڏين اکين سان ڏسي رهيو هو. جڏهن هن سان اکيون ٽي مليس تڏهن پاڻ ڪري ٽي ڪنڊ جهڪايائين.

رياض مرڪي وري انهن اداس اکين ڏانهن ڏٺو. جئن سرءُ جي چاندنيءَ جو پوئين پهر ۾ سوجهرو اداس ٿيندو آهي، جئن سياري ۾ شام جو اس جا

پويان تڙڪا اداس لڳندا آهن، جيئن مائي درياهه ۾ سکر براج جي پٽين جو پاڇو اداس لڳندو آهي. جيئن منڇر تي ساڻيءَ کان وڇڙيل پکي اداس لڳندو آهي ۽ بندوقن جي آواز کان خوف ۽ هراس ۾ ان کي ڳولیندو آهي. تيئن رياض کي لڳي ٿي انهن اکين جي اداسائي!

رياض کيئي ڇهڪندڙ ڇهرا ڏٺا هئا. کيئي ڪلڻا مک کيس ياد آيا. ٿر ۾ ترائيءَ تي هن هڪ نوجوان ڇوڪريءَ کي گهاگهر ڪٽائي هئي. جڏهن هن چيلهه تي گهاگهر رکي هئي، تہ سندس ڇاتي ڇڙ گهگهريءَ مان ڦاٽڻ لڳي هئي. هن جو انگ انگ ڊولائتو هو. رنگ اڇو نہ هوس تہ پوءِ ڇا! چينيءَ جي ڪوپ کي پنهنجي سونهن آهي پر جڏهن ڪنهر لسا لسا پيالا چڪيءَ تي چاڙهيندو آهي تڏهن انهن جي ڀني بوءِ ۽ سانوري رنگ مان اهو لطف ايندو آهي جو شايد ئي چينيءَ جي ڪوپ مان اچي! ڪجهه پنڌ هلي هن ساهيڙين سان ٽهڪ ڏنو هو، بي پرواهه آزاد، اڻوڻهه ٽهڪ. ڇڙ سڃيءَ ڪائنات هڪ پل لاءِ جل ترنگ هلايو ۽ ڇوڪاري واريءَ جون بي انداز پٽون جهومي اٿيون، ڪاڌيرا پنهنجا پيلا گل لهرائڻ لڳا، صاف نيلي آسمان مرڪي ڏنو.

پراڻي سکر ۾ يارهينءَ جي ميلي تي هن شاهه خير الدين جي آستان جي پٽئين دروازي وٽ هڪ عورت کي ڏاڙئي مرد سان ڳالهائيندو ڏٺو هو. لکي لکي محبت ڪرڻ ۾ مزو آهي، سو ڪلي ڪلائي پيار ۾ اصل ڪونهي. بدناميءَ جو خوف ملاقات جي لطف کي ڇڙ چار چند ٿو لڳائي ڇڏي. ڪهڙو نہ مٺو هو ان عورت جو آواز! جئن وايولن جو آواز! چيندڙ، مٺو، سيسراٽ اپاريندڙ! ڇڙ خوشي سندس آواز سان لڪ- ڇپ کيڏي رهي هئي. هر هر هيڏانهن هوڏانهن ڏسي، پنهنجي دوست جي قميص جو بٽڻ ڦيرائيندي، هن ڪهڙيون نہ مٺيون مٺيون ڳالهيون ٿي ڪيون.

هن کي هڪ ٻي ٻہ ڳالهه ياد آئي. هن کان هڪ ٻکرار درخواست لکائي هئي. ڳالهيون ڪندي، هن ڪانئس پڇيو هو تہ "ڪڏهن عشقڙو ٻہ ڪيو اٿئي." ٻکرار، جو سندس ڪلاڪ ڪن ۾ گهرو واقف ٿي ويو هو تنهن چيو تہ "سائين اهڙو ڏيکاريانءِ، جو عمر پر نہ وسرئي،" ۽ پوءِ رات جو رياض کي کهڙ جي وڻ پٽيان بيهاري، ٻکرار دڙي تي بيهي بين وڄائي هئي. بين جو آواز رات جي سناٽي کي چيريندو ڪوهين دور نڪري ويو. چوطرف

اوندهه هئي، پوري اماس. تارا هڪهئي سان اشارا ڪري رهيا هئا ۽ انسان جي اڃاڻپڻگائيءَ تي مرڪي رهيا هئا. ٿڌي ٿڌي هوا بدن ۾ سياڻو وجهي رهي هئي. ڏهه پندرهن منٽ مس گذريا ته هن پريان هڪ ڇوڪري ڏٺي، جا وڏيون وکون کڻندي، سهڪندي ٿي آئي ۽ هن ڇڻن قدمن تان ڊڪ ڀري اچي هڪرار جي ڇاتيءَ سان لڳي. ڪيتري نه جانباز هئي محبت هن جي! ڪوئي جٽ ڪين ڏسي ها ته منٽ ۾ ڪارو ڪاري ڪري هنهي جون سسيون کهاڙيءَ جي هڪ ڏڪ سان اڏائي ڇڏي ها. رياض ڪراچي ڪاليج جي لئبرري ۾ لڪي لڪي محبت ٿيندي هزار بار ڏٺي هئي. پر هيءَ محبت بي مثال هئي. هڪ اڻ پڙهيل جٽيءَ جي محبت! ڪو سر جو سانگو نه ڪيائين، بين جي مڏر آواز تي بيتاب ٿي هرٽيءَ جيان ڇالون ماريندي آئي. سر جي سٽ هئي. نه رڳو مٽ مائٽ، پاڙي اوڙي، ڏيڻ ويڻ جي گلا جو گهانگهو پائٽو هوس، پر هن ساهه تان آهه ڪنئي هئي. کهاڙيءَ جي چمڪندڙ ڏار جو خيال نه ڪري، هُوءَ پرينءَ جي بين جي آواز تي ڀنيوريءَ جيئن اڏري آئي. موت ۽ محبت تارازيءَ جي پڙ ۾ هئا ۽ هن سودو قبوليو هو.

اڇڻ سان هن پرينءَ کي ٻڌايو ته سندس سؤٽ ڪيس ڏري گهٽ ڏٽو هو ۽ پوءِ ٽهڪ ڏنائين جڙ ٻن کهاڙين جي ڏارن ٽڪري آواز ڪيو، جڙ سانوٽي بادل گجيا- کهڙي نه بي خوف محبت. جاهل خوشي!

رياض ڪيئي ڪلٽيون، چلوليون ڇوڪريون ڏٺيون هيون، ڪيئي ڪاليجي ڇوڪريون جن محبوب جي تقرير ٻڌي يا ڪيس ٽينس ۾ راند ڪندو ڏسي، خوشيءَ مان تاڙيون وڄايون هيون، پر انهن سپني جي خوشيءَ ۾ ايتري ڪشش نه هئي جيتري هن جي غم ۾. انهن جي ٽهڪ ۾ ايتري سنگيت سمايل نه هئي جيتري هن جي ڪيءَ غمگين مرڪ ۾. انهن جي چلولائيءَ ۾ ايترو حسن نه هو جيترو هن جي گنيرتا ۾. رياض سوچيو ته غم کي پنهنجي ليکي سونهن آهي. غم خوشيءَ کان وڌيڪ سهڻو آهي، لڙڪ مرڪ کان وڌيڪ پيارو آهي. هو شاعر نه هو جو ان تي ٻه ٽي شعر لکي وڃي، هو ڪلاڪار نه هو جو ان تي ٻه ٽي تصويرون چٽي يا بيت جوڙي. پر هن جي دل هڪ شاعر يا ڪلاڪار جي دل کان زيادهه گهري ۽ وسيع هئي. هن جي جذبات ۾ شعر جو درياهه پيٽيل هو، هن جي خيالات ۾ ڪيئي تصويرون

چٽجي چڪيون هيون، ڪيئي بت گهڙجي چڪا هئا. پر هن جهڙو ٻئو شعر، هن جهڙي سهڻي تصوير، هن جهڙو من- موهڻو بت، رياض اڳي ڪڏهن نہ ڏٺو هو. اي حسن جا غر، توتي ساري دنيا جي خوشي قربان آهي، اي غر جي ديوي تنهنجي سڏ ڪي اڳيان اندر ديوتا جي محفل جي سڄي سنگيت ٽچ آهي.

رياض ڏٺو تہ هو بوٽ پائي وڃي رهيا هئا. هو ہ ٽي منٽ ترسي هُن جي پٺيان هلڻ لڳو ۽ تڪڙا تڪڙا قدم ڪٽي، درياهہ جي ڪناري تي پهتو. هو ہيڙيءَ تي پهچي چڪا هئا، ۽ جيستائين هي پهچي ئي پهچي تيستائين ہيڙي هلي چڪي هئي. ڪناري تي پهچي هن ہيڙيءَ ڏانهن حسرت ڀري نگاهہ اڇلي. شام ٽي چڪي هئي. سج جو سونهري گولو آهستي آهستي پاٽيءَ ۾ ڊرڪندو ٽي ويو. سونهري لهرون ڪناري کان مٽيون وٽي غائب ٽي ويون. رياض محسوس ڪيو تہ جڏ هڪ پڇڙ تارو آسمان تان ٽپي ہئي تاري جي پاسي ۾ شعاع ڪندو غائب ٽي ويو. جڏ بهار جي هير ۾ هڪ شاخ نمي آئي ۽ ہيءَ شاخ سان ڳلي ملي جدا ٽي ويئي، جڏ زندهہ پير تان هڪ لهر هلي ۽ ساڌ ٻيلي جي ڏاڪڻ جا پير ڇهي هلي وئي. ہ غير واقف اکيون مليون ۽ هڪٻئي کي مبهم پيام پهچائي جدا ٽي ويون. هوءَ ہيڙيءَ تي وڃي رهي هئي، هڪ جل پريءَ جيئن. اوچتو رياض کي ياد آيو تہ هن ڪيس ڪلفٽن تي ڏٺو هو!

شرابي

هو پيئندو هو ته جيئندو هو نه ته سندس زندگي موت جئن خاموش هوندي هئي. زندگي! هن کيئي پيرا خيال کيو هو ته آدمي جائو چو؟ صرف انهيءَ لاءِ ته مصيبت، مرض، ۽ موت جو شڪار ٿئي؟ آدمي ته ڇڏ پر هيءَ ڪائنات وجود ۾ چو آئي؟ هي گل صرف انهيءَ لاءِ پيدا ٿيا ته شاخ تي ڄمي، ڦٽي ڦاٽي، مرجهائجي ويڻ؟ هي ڏينهن رات، هي واڇ مينهن، هي چنڊ تارا، هي سڄو ماندائو، هي سڄو ڪتراڳ ڇا لاءِ؟ ان لاءِ ته ڏينهن جي روشني رات جي اوندهه ۾ گم ٿي ويي. چنڊ تي گرهڻ ڇانئجي ويي، تارا ٽٽي لاٿون ڪندا ڪنهن گمنام انڌيري ۾ غائب ٿي ويڻ؟ خيال ڪندي ڪندي هو شراب جو پيالو پريندو هو ۽ هٿ مٿي ڪري چوندو هو، "جنهن دئيت هيءَ دنيا پيدا ڪئي تنهن جي نالي،" ۽ پوءِ ڪيت ڏيئي پي ويندو هو. شراب خاني خراب! پر شراب کان وڌيڪ هيءَ سڄي دنيا خراب هئي. هيءَ بي انصافي، بدصورتي ۽ بدانتظاميءَ جي دنيا! شراب سندس جان ۾ عجيب جوش پيدا ڪندو هو. هو آٿي جهومندو هو، ڳائيندو هو، سيٽيون وڄائيندو هو. هوش ۾ ڪيس شاعرن کان نفرت هئي. جي لفظن جي بازيگريءَ ۾ عمر وڃائي ڪچيون هٽن، تن سان محبت ڪيئن هوندي ! شاعر! اهي خود فريب مداري! پر جڏهن هو پيئندو هو تڏهن ڪيس راڳ مان بيحد لطف ايندو هو. سندس روم روم ۾ راڳ جي لهر ڊوڙي ويندي هئي، سندس انگ انگ بحر وزن تي هلندو هو.

هوش ۾ هن کي مصورن لاءِ ڏکار هئي. پلا ڇا رکيو آهي شفق جي رنگ ۾! اسپتال ۾ نرس نمونيا جي مريضن جي ڇاتيءَ تي پلستر رکندي آهي، سونهري پلستر! شفق جو رنگ ان پلستر جي رنگ کان ڇا ۾ بهتر آهي! ڇا لاءِ اهي بيوقوف ڪلاڪار ڪلاڪن جا ڪلاڪ آسمان جي گهراين کي

تکي، ڪاغذ تي رنگ ٽڦي، پنهنجا احساس پيا چٽين! پر جڏهن شراب جي ڇُڪي چاڙهيندو هو تڏهن سندس دل ٽيندي هئي ته وڃي سمنڊ جي ڪناري تي ڊوڙون پايان، سج جي پوئين رنگ جي جهلڪ چني وٺان، چولين جي جواني ۽ مستي کسي وٺان، جهولان، لهرايان ۽ ناچ ڪريان.

هو چوندو هو ته دنيا جا وڏا ماڻهو سڀ بيوقوف آهن. عام ماڻهو ڪائنڪ محنت ڪرائي سندن ساراهه ٿا ڪن. ڪهڙا نه سياڻا آهن اهي عام ماڻهو! پاڻ اصل محنت نه ٿا ڪن پر ٻئي کي سندس محنت لاءِ ساراهن ٿا ته جيئن هو سڄي عمر سندن خدمت ۾ ڳهندو رهي. اهي سياستدان، شاعر، فنڪار سڀ احمق آهن. سيني کي عام ماڻهن ساراهي ڪاڪ جو اُلو بڻايو آهي. هو سياڻو هو ۽ ان کري به هن وڏي ماڻهوءَ ٽيڙ جي تمنا نه ڪئي هئي. ڪري به ڇو؟ پلا خواب ۽ حقيقت ۾ تفاوت ئي ڪهڙو آهي! شراب جي مدهوشيءَ ۾ هو پاڻ کي دنيا جو وڏي ۾ وڏو ماڻهو سمجهندو هو. بنا محنت جي وڏو ماڻهو. دنيا جو پهريون سياڻو وڏو ماڻهو! جڏهن خمار لهي ويندو هوس تڏهن ڪيس سچيءَ حالت تي ڪوبه افسوس نه ٿيندو هو. زندگي به ته هڪ خمار آهي، اها وڏ ماڻهپ به ته هڪ خمار جي لهر آهي. موت کان پوءِ جڙ ته ڪوئي وڏو ماڻهو ٽيو ئي نه هو. انساني بدن مادي جو ٺهيل آهي ۽ مادي سان ملي ويندو. پوءِ ڪيئن پتو پوندو ته هيءُ مادي جو جزو منهنجي بدن جي جوڙجڪ ۾ ڪم آندو ويو ۽ هي ڪنهن وڏي ماڻهوءَ جي.

هو پيئندو هو ۽ جيئندو هو. هوش ۾ ڪيس عورتن کان نفرت هوندي هئي. پلا ڇا رکيو آهي عورت جي ڇاتيءَ ۾؟ ٻه چربيءَ جا ڳوڙها ڏسي، ماڻهو اُلو بڻجي وڃي! عورتون، اهي بيوقوفيءَ، بکواس، بيهودگيءَ جا نمونا. ڪهڙيءَ ۾ سياڻي ۾ سياڻي ماڻهوءَ جو سر جهڪائي ڇڏن!

هُن حياتيءَ ۾ هڪ پيرو عشق ڪيو هو. اونهاري جا ڏينهن هئا، سندس محبوبڙيءَ کي ڏينهن جو ننڊ اچي وئي هئي. هونءَ ته هوءَ ڪيس ڏاڍي سهڻي لڳندي هئي. سندس سنهڙا چپ، بادامي جهڙيون اکيون ۽ انهن تي ڪجل جون ليڪون، هن کي آپي مان ڪڍي ڇڏيندیون هيون. پر اڄ هوءَ بي خبر ستي پئي هئي. سندس وات کليو پيو هو، جنهن تي مکيون ويٺيون هيون. سندس اکين ۾ پيليون چپيون هيون. گرميءَ ۾ سندس ڪچن مان پگهر وهي

سندس گهگهريءَ کي خراب ڪري رهيو هو. هن جي سونهن جي احساس کي اهڙو تہ ڏڪ آيو، جو وري ڪڏهن بہ هن ڪنهن عورت سان محبت نہ ڪئي. پر جڏهن هو نشي ۾ هوندو هو تڏهن سڏو ڪنهن طوائف جي گهر ويندو هو. جنهن جا ناز نخرا، هار سينگار هن کي ايترو تہ وٺندا هئا، جو ڪيسي ۾ جيڪي بہ رپيا پيا هوندا هئس سي هو انهيءَ کي ڏيئي ڇڏيندو هو.

هو چوندو هو تہ زندگي مون کي فريب ڏيئي رهي آهي ۽ مان زندگي کي فريب ڏيئي رهيو آهيان. مان "هاڻي" مان ڄاڻان! "ڪالهہ" پورو ٿي چڪو، "سڀاڻي" ايڪا آيو ناهي. پر جي شراب پي مان انهيءَ "هاڻي" جي وجود کي مٽائي سگهيس، تہ ڇڙ مون زندگيءَ جي سڄي ڊنگ کي ڀاهي وڏو، قدرت جي سڄي ڪارسازيءَ کي شڪست ڏيئي ڇڏي. هو چوندو هو تہ اهو شريف آدمي نہ آهي جنهن حياتيءَ ۾ آپگهات جو خيال نہ ڪيو آهي. هو خود شراب پي؛ روز "اڄ" جي زندگيءَ جو خاتمو ڪندو هو.

هو چوندو هو..... وڌيڪ ڇا ٻڌايان. مطلب تہ هو گهٽو کي چوندو هو ۽ جيڪي چوندو هو ان تي هلندو هو. ڪيس ڪوبہ ڪم ڪار نہ هوندو هو. ٿوري گهڻي پيدائش، جا سندس پيءُ جي ڇڏيل ملڪيت مان ٿيندي هيس، اها شراب جي خريديءَ ۾ وڃائيندو هو. ماٺهو سندس گلا ڪندا هئا، هو ماٺهن جي گلا ڪندو هو. پاڙي وارا ڪيس گاريون ڏيندا هئا، هو پاڙي وارن کي گاريون ڏيندو هو. حياتي ڪيس ڏوکو ڏيندي هئي، هو حياتيءَ کي ڏوکو ڏيندو هو.

هر هڪ انسان پنهنجي محدود دنيا جو مرڪز آهي. ڪهڙو بہ ڪاٿو ڪوجهو، ٽنڊو منڊو هجي تہ بہ پنهنجي زندگيءَ جي ناٽڪ جو هيرو آهي. پر هن جي ننڍڙيءَ دنيا ۾ ڪجهہ بہ نہ هو، سواءِ شراب جي بوتل جي. شراب سندس جگر، جان، جيري ۾ رسي وسي چڪو هو. سندس حياتيءَ ۾ جو خال هوندو هو ان کي هو شراب سان پريندو هو. ٽپائيءَ تي لٽون رکي سگريٽ ڏڪائيندو هو ۽ سگريٽ جي دونهين جيئن سڄيءَ دنيا کي ور وڪڙ کائيندو ڏسندو هو. هڪ ڏينهن هو ائين سگريٽ ڇڪي رهيو هو ۽ پنهنجي بي معني حياتيءَ تي سوچي رهيو هو. سوچڻ کان کيس نفرت هئي پر جيترو وڌيڪ هو سوچ کان نتائيندو هو اوتروئي وڌيڪ سوچيندو هو. هن جو خيال هو تہ

انسان وڏو ڪمبخت ساهوارو آهي. حيوان، جنهن کي ڪابہ سوچ سمجھہ ناهي، انهيءَ کان بهتر آهي.

"ميائو،" "ميائو." هن هڪ ننڍڙو ٻليءَ جو پونگڙو ٽپائيءَ هيٺان ڏٺو. هن هٿ وڌائي ان کي کنيو ۽ ٽپائيءَ تي رکيائينس. هو جڏهن بہ شراب پي گوشت ۽ ڊبل روٽي کائيندو هو تڏهن اهو ٻلڙو ٽپائيءَ هيٺان اچي "ميائو" "ميائو" ڪندو هو، پر هن کڏهن بہ ڏانهس ڏيان نہ ڏنو هو. جيئن هو گهڙيال جي ٽڪ ٽڪ تي هري ويو هو، تيئن اها "ميائو" "ميائو" بہ سندس خيالات ۾ دخل نہ ڏيندي هئي. پر اڄ هن جو ڏيان ان ڏانهن اوچتو ڇڪجي ويو ۽ هو ان کي ٽپائيءَ تي رکي، هٿ گهمائڻ لڳو ۽ ڊبل روٽي گوشت ۾ ٻوڙي کيس کارائڻ لڳو. هن کي انهيءَ ننڍڙي جانور کي هٿ گهمائڻ مان جا خوشي ٿي رهي هئي، سا شايد هن کي هن مهل تائين کڏهن بہ نہ ٿي هئي.

روز هو انهيءَ ٻليءَ جي ٻچي کي گوشت کارائڻ لڳو. اُن جي کير لاءِ هڪ تسري بہ جدا ڪري رکيائين. جڏهن بہ کيس هوش هوندو هو تڏهن ان ٻليءَ جي ٻچي سان راند ڪندو هو. هن ٻہ ٿي کينهون آڻايا هئا، جي ان جي اڇيان ڦٽي ڪندو هو ۽ ان کي کينهن تي پنهنجا ننڍڙا، نرم گدين وارا پير رکندو ڏسي خوش ٿيندو هو. ڪائنس دنيا جو بي معنيٰ وجود سماج جي بيهودگي، انسان ذات جي ڪميڻائي وسري ويندي هئي. هينئر پنهن جي دل ۾ نفرت جي ڪڙي جذبي بجاءِ مٺو مٺو لطف محسوس ڪرڻ لڳو. هن ٻليءَ جي ٻچي جي ڳچيءَ ۾ گهنگهرو ٻڌا ۽ انهن جي ڇر ڇر مان ايترو مزو ايندو هوس جو سندس روح نچڻ لڳندو هو.

هاڻي هو جيئندو هو ۽ پيئندو هو. هن جي جيئڻ جو دارومدار شراب تي نہ هو. سندس زندگيءَ جي خال کي ٻہ شيون پري رهيون هيون. شراب جي بوتل ۽ ٻليءَ جو ٻچو. اهو ننڍڙو خوبصورت جانور سندس زندگيءَ ۾ معنيٰ پيدا ڪري رهيو هو. هو اڇي کان گهٽو وقت هوش ۾ رهڻ لڳو ۽ اهو سمورو وقت هو انهيءَ بي سمجھہ حيوان کي پيار ڪرڻ ۾ گذاريندو هو. آهستي آهستي هو شراب جو واهپو گهٽائيندو ويو. هڪ بوتل، چار پيگ، ٻہ پيگ، هڪ پيگ..... ان ريت هن پنهنجي عادت کي ڪيتري قدر مٽائي ڇڏيو. هاڻي کيس شعر، فن، حسن، محبت، دوستيءَ سان بہ دلچسپي ٿيڻ لڳي هئي.

هن پهرين دوستي مون سان رکي. هڪ رات سندس ڪنڌ ڪپي وئي هئي، سو خيال ڪيائين ته هليءَ جي ٻچي کي ڦڪو ڪير ڪيئن پياريان. اچي منهنجو در کڙڪايائين. منهنجي زال در وڃي لاٿو ته الاجي ڪير ڏهڙو ڪمهلو آيو آهي! هن کي ڏسي واڙڻي ٿي وئي ۽ اچي مون کي چيائين ته هي چنڊال هن مهل ڇو آيو آهي؟ جيستائين مان وڃان ئي وڃان تيستائين هو اندر گهڙي آيو ۽ چيائين، "معاف ڪجو، مون کي ٿوري ڪنڌ ڪپي." مون کي هن جي حال تي تعجب ٻه آيو ۽ ڪل ٻه. پر هن جون ڳالهيون ٻڌي مون کي هن سان همدردي هوندي هئي. سو هن کي ڪنڌ ڏيندي مون چيو "ٻيو ٻه ڪجهه ڪپي؟"

"نه، مهرباني. مون کي پنهنجو ته خيال ڪونهي، مان ته ڦڪو پي سگهندو آهيان، پر هن معصوم حيوان کي ڦڪي ڪير پيارڻ تي دل نه ٿي، سو توهان وٽ لنگهي آيس. تڪليف معاف ڪجو" هن چيو.

مون کي اها ڳالهه ٻڌي تعجب لڳو. پوءِ مان هن جو دوست ٿي ويس.

هو هاٿي سڌري رهيو هو. شراب گهٽو ڇڏي ڏنو هئائين. زندگي ٽاهڻ جا ويچار ڪندو هو. ماڻهن کان نفرت نه ڪندو هو. پر مون کي هن جي انهيءَ هليءَ جي ٻچي سان ايتري محبت نه وٺندي هئي. مون چاهيو ٿي ته هو ماڻهن جهڙو ٿئي ۽ اهي چريائيءَ جون ڳالهيون ڇڏي ڏئي.

ڪلهه هو مون وٽ آيو ۽ چيائين ته "ايازا بوتل ٽپائيءَ تي رکي آيو آهيان. منجهس پويون پيگ بچيو آهي. اڄ مان اهو پويون پيگ پي ان بوتل کي ٽڪي ڪندس ۽ وري شراب نه پيئندس. تون مون سان هل ته مان تنهنجي منهن تي انجام ڪريان."

مان يڪدم هن سان ڪڇ آيس ۽ اڃا اندر گڙياسين مس ته هن رڙ ڪئي. هو زمين تي ڏسي رهيو هو. بوتل فرش تي ٽڪريون ٽڪريون ٿي پئي هئي ۽ هليءَ جو ٻچو رتو رت ڦٽڪي رهيو هو. اُن سائد ٽپائيءَ کي ڏوڏيو هو جنهن تان بوتل ڪري پئي هئي ۽ اُن کي شيشي جون ٽڪريون لڳيون هيون. هن هليءَ جي ٻچي کي کنيو ۽ ڪيسي مان رومال ڪڍي رت اڳهيائينس. ٻه ٿي ڏينهن هن دوا ڪرايس پر زخم روز بروز وڌندا ويا ۽ ڳوڙها ٿيندا ويس نيٺ ٽن ڏينهن کان پوءِ اهو هليءَ جو پونگڙو مري ويو. سندس بدن تي زخم هئا، ڳاڙها انگوري شراب جهڙا.

نظيران

دريءَ جي ڀڳل شيشي مان ٽڏي هوا ٽي آئي. رکي رکي عبدالغفور جي بدن ۾ سياڻو پڄي ٽي ويو. لوئي، جا واري سان کپيءَ ۾انهن تان لهي ٽي ويس تنهن جو پلئه کلهي تي اچلائي، ۽ عينڪ جا نڪ تان واري سان کسڪي ٽي ويس، سا هٿ سان مٿي ڪري، اکين تي ڪپائي، هو لکڻ ۾ محو ٽي ٽي ويو. "اڄ جهڙو سيءُ ته سڄيءَ عمر ۾ نه پيو آهي." هن مس کپڙيءَ ۾ ڏسندي چيو. جنهن مان مس کپي چڪي هئي. وڪيل جي منشيگيري ڪئي ڪيس ٻائيتاليهه سال ٿيا هئا. اهڙيون هن ڪيئي درخواستون لکيون هيون. قلم رکي، هن ٽڪل آگريون ڍڳهيريون. عريضيون لکي لکي، ڪيس ڪاپي ڪري ڪري، سندس هٿن جون رڳون به نيريون ٽي ويون هيون. نيري نيري رڳ، جڙ فائونٽين پين جي رٻڙ ۾ ڪنهن مس پري هئي. سندس هٿ جي سڌين هڏين تي وراڪا ڪائيندي ٽي وئي. ڪنهن وقت انهن هٿن تي ماس چڙهيل هو، ڍولائتا، ڳورا هٿ!

هن کي ياد آيو ته ڪيئن نظيران کي چپاٽ هنئين هئائين، جا ڪجهه وقت ته رسي ويئي هئي ۽ پوءِ روئي چيو هئائين ته "نڏڪي ڏسي ٿو مارين، رضا الله جي!" اڄ ڪيترو نه ڪيس نظيران تي رحم ٽي آيو. ويچاريءَ پيءُ جي ته سانپ ۾ شڪل ئي نه ڏٺي هئي. ماءُ به سندس شاديءَ کان سال پوءِ مري وئي. انسان جي دل ۾ ڪيڏي نه محبت ٽي ٿئي! پيءُ ماءُ سان، مٽ مائٽ سان، ڏيڻ ويڻ سان، پاڙي اوڙي سان! پر نظيران جي محبت ايتري ئي محدود هئي جيتري گهري. هن جو دنيا ۾ غفور کان سواءِ ڪوبه نه هو. هو سندس سؤٽ به هو گهوٽ به هو. محبت، ايتري انڊي محبت، جو هوءَ غفور

کان اڳ کائيندي ٻه نه هئي. توڙي ٻه ٻه رات جا وڃي وڃن، ۽ هي وري ٻي ٻي ٻجين تائين ٻنگ جي جمني پي، وڏيري ڪريم بخش جي اوطاق ۾ تاس کيڏندو هو.

هڪڙي ٻيري ٻڌت تي ٿي وڃي ويس. ٻڌت ٻه ڪو ٻڳاتو ٿي! ڪات هو ڪات! پويون سهڻيءَ جو بيت ته اهڙو هنيائين! ابوءِ! چي، "ٻگها جي ٻيٽن جا، ڪلها تن ڏناس!" سڀ زارو زار ٿي رنا. ڇڙ ڪنهن جگري دوست جو جنازو سامهون ٿي وين. غفور ٻه قميص جي پاند سان ٻگوڙها اگهندو گهر آيو. پر گهر جي چائنڪ ٽپيو ته ڇڙ ورق وري ويا. "نظيران، او نظيران" هن ڪڙڪي سان سڏيو. جواب ايندو نه ڏسي، هو ڇڪي ڏانهن ويو. ڏٺائين ته ڪير جو لوٽو اڌنڌو پيو هو ۽ زمين تي ڪير هاريو پيو هو. سمجهائين ته اهي ٻليءَ جا ڪم هوندا. پوءِ ته سندس غصي جي حد نه رهي. پر ڪري ڇپات هنيائين نظيران کي، جا ڪٽ جي هڪ پاسي تي مٽيءَ نند ۾ ستي پيئي هئي. ويچاري ڏڪ کائي ڇرڪ پري اٿي، ويتر جو هن رڙ ڪيس "چنڊي ايجان رات مس ٿي آهي ته ڪوڪون ٿي ڏنئي." ته اڳو پوءِ حوصلا ئي خطا ٿي ويس. آها رات ڪيس اڄ ٻه ياد ٿي آئي. ڪهڙي نه غريب هئي نظيران! ويچاريءَ ٻه سال ٻه جواني نه ماڻي. ڏس ته سهين پنهنجي شيءِ جو ڪو قدر نه ٿو ڪري! مفت ۾ ملي هئي سو مارون سهي سهي، ڇپ پيڪوڙي، اکيون اگهي اگهي مري ويئي. پڇاڙيءَ جو ٻار ٻه مئو جائس. مئيءَ مٽيءَ جي نشاني ٻه نه رهي.

عبدالغفور ڪپڙيءَ ۾ پاڻي وجهي، ان کي هٿ ۾ ڦيرايو، جئن پاسن لڳل مس پاڻيءَ سان ملي وڃي. نب کي نُهن تي سڌو ڪري وري هو لکڻ وينو. ايجا اڌ پنو مس لکيو هئائين ته ڏيئي مان وٽ جون پويون ڇيون نڪرڻ لڳيون. هن ڪاغذ رکي تيل جي شيشي ٻگولي. ايتري ۾ ڏيئو ٻه ڀڙڪا ڏيئي، وسامي ويو. عبدالغفور ڪٽ سان ٽاهو ڪائي، گوڏي کي هٿ سان ونڊي بيهي رهيو. "جيئن سئيءَ جو ڏاڳو وڏو تيئن وڏيڪ ڳنڍيون، جيئن عمر وڏي تيئن وڏيڪ مونجهارو." هن سوچيو. "خير، مان ايڏو وڏو ته نه آهيان. ته ٻه پريا ٻڌجي ويا آهن، سڄي عمر نه ماڻيو نه چوڙيو. ويچاريءَ نظيران ڪيئي ڀيرا ته ڇيو هو ته سونيون چوڙيون گهڙائي ڏينم. پر ان وقت ٻجت ڪٽي هئي، عاج جي ٻانهينءَ ۾ ته ڇڙ اک ئي نه ٻڌيس. چي، "اڄ نوان فيشن آهن، اڄ عاج

عيب آهي." هن مئيءَ نظيران تي خار کاڌي. سندس خار ۾ اُها غضب ناکي نه هئي، تنهنکري جڙ چئبي. هن کي ياد آيو ته ڪيئن اطلس جي ستڙ ۾ ته جڙ پري لڳي رهي هئي. مٽان وري زريءَ سان ڳچيءَ پريل چولو. هن ائين محسوس ڪيو جڙ نظيران سان شب برات جو پينگهي ۾ ٽي لڏيو. جهرمر جهرمر ڏيئا هوا ۾ ٻري رهيا هئا ۽ اڇوکي ڏيئي جئن وسامي نه ٽي ويا. اڄ رات ڪنهن نه ڪنهن وقت، هي دلن جو سپ پاڻي ڪير ٽي ويندو؛ هن ٻنهي سوچيو هو ۽ دلو پاسي ۾ رکي، هڪٻئي سان رهاٽيون ڪرڻ وينا هئا ته اتي ئي ننڍ اچي ويئي هين. ڪيس آياد آيو ته ڪئن آسمان ۾ ٻڇڙ تارا ڏسي ڪيس نظيران ٽي چيو ته: "انهن کي شيطان ڊيڪائي پيو آهي." ۽ هن انهيءَ رات خواب لڏو هو، هڪ ٻيانڪ، ڪنبائيندڙ خواب، جنهن ۾ هڪ چمڪندڙ ڏاڙهيءَ وارو پوت ڪيس ڊيڪائي پيو هو. هڪ ٻيري وري هن ڪٽانبي ۾ ڪاري ٻلي ڏٺي هئي. چوندا آهن ته: "ڏائڻ ڪڏهن ڪاري ٻلي ٽي ايندي ۽ ڪير جهڙي اچي شيءِ ڏسي ماٺهو ٽي پوندي آهي."

هن پريان ماٺهو ڏٺو جو هيڏانهن ڇَريو پريو ٽي. پوءِ ۾ اکيون ڦاڙي وري ڏٺائين. منٽ کان پوءِ ڪيس ڪپڙو هوا ۾ اڏامندو نظر آيو. "ستڙ آ،" هن جي ڦڪيءَ ڪل سرد فضا ۾ ڪنجهي جو آواز پيدا ڪيو، ۽ ڪيس وري اطلس جي ستڙ ياد آئي، نظيران جي لسي لسي، نرم نرم، ملايم اطلس جي ستڙ، سندس بدن ۾ وري جواني ائين ڊوڙڻ لڳي جيئن مٽان چت ۾ ڪوئا ڊوڙي رهيا هئا. هن کي پاڻ تي خار آيا ته ڇو نظيران کي ماريندو هو. هن ائين محسو س ڪيو جڙ نظيران جي وارن تي هٿ ڦيري رهيو هو ۽ ڪيس پرچايائين ٽي. کيس ياد آيو ته نظيران جا وار، جي چيلهه کان به هيٺ پوندا هئس، سي ڪيئن ويم ۾ ڪمزوريءَ سبب ڇٽي ويا هئس. سونهن به ڪنهبو چٽڪو آهي. هن جي بدن ۾ ڏرڙي ايري ويئي.

سونهن، نظيران بيشڪ سهٽي هئي. سندس سڄي چپ جي پرسان کارو تر ڪهڙو نه سهڻو لڳندو هو! ڳلن ۾ ٽي ماتا جا سئا سيرا د ۽ ا س ۾ ٽ ٽري اهي ۽ نڪ داغ غضب جي ڪشش پيدا ڪندا هئس. نظيران ڪهڙي نه چڱي هئي.

هڪ ٻيري نظيران ميٽ ۾ ڏهي وجهي، وارن جو چيڙهه لاهڻ لاءِ اهو

سڃو مٽي کي ٽڪيو هو. هن کيس ڏٺو هو ته جڏ ڪراهت وٺي وئي هيس. پر جڏهن وهنجي سهنجي هوءَ گلاب جو گل ٽي آئي هئي ته کڻي نه ٽي وٽي. سندس ڳلن جو زيتوني رنگ جڏ تڙي پيو هو. نظيران جي سونهن ته ٺهي، پر سياڻ ته ڏس! ويچاري ۾ سڏ کا پري، نڪ سڪي، ڪم ڪار ۾ لڳي ويندي هئي. اڄ جون زالون اهڙيون ڪٽي آهن؟ زبان اٽن کلهن تي. شڪل وري کڻي اٽن. نظيران جي جتيءَ برابر ۽ نه ٽيندیون . هن جهڙي پري پري، چهنب دار چاتي اڄ تر ۾ ئي نظر نه ٽي اچي. غفور جي رت ۾ ماکوڙيون ڊوڙڻ لڳيون. هن خيال ڪيو ته جي اڄ نظيران هجي ها ته وڪيل صاحب جي ۽ گهوڙيءَ گاڏيءَ تي وٺي، لڪ ڇپ ۾ سئنيما ڏيکاري اچانس ها. ڪنهن کي خبر ٿوروئي پوي ها. هن کي ٽيون ڏينهن وارو ڪيل ياد آيو، جنهن ۾ هيرو پنهنجي محبوبہ کي گهوڙي تي ڪٽي ٽي ويو. کيس اوچتو ياد آيو ته ڪئن ننڍي هوندي هو گهوڙو ٽيندو هو ۽ سندس سوٽ نظيران چمڪي ڪٽي، کيس هڪليندي هئي. ننڍي هوندي جون عجيب ڳالهيون آهن. غفور من ئي من ۾ جهونگاريو، "جهونا ٽيا جهاز، ست نه جهلين سڙهه جي." کيس ياد آيو ته ڪيئن نه ڪاغذ جي ٻيڙي ٺاهي، هو ۽ نظيران گندي پاڻيءَ جي موريءَ ۾ هلائيندا هئا.

هڪڙي پيري مک ماري، ڏاڪي ۾ ٻڏي، ڏينهوءَ جي اڳيان رکي هٿائون ۽ ڏينهو ان کي جهٽي ڏاڪي سوڏو اڏاميو پئي، جڏ ننڍڙو هوائي جهاز ٽي لڳو. اوچتو کيس اها مورت ياد آئي جا هن نبو حجم جي دڪان ۾ ڏٺي هئي جنهن ۾ هوائي جهاز کي هٿان هڪ سپاهي بندوق هٿي رهيو هو.

اهي سپاهي وڙهن چو ٿا. هن خيال ڪيو. جنگ ۾ وڏي چريائي آهي. هن اخبار ۾ پڙهيو هو ته چينائي پاڻ ۾ وڙهي رهيا آهن. هڪ گهر ۾ رهي، پاتي پاڻ ۾ وڙهن، ان کان وڌيڪ ته چريائي ٻي دنيا ۾ ڳولي به نه لبي. پر ساڳي وقت هو ۽ ته هڪ گهر ۾ رهي نظيران سان وڙهندو هو. غفور لڄي ٽي سوچيو. "هاڻي جيڪڏهن نظيران هجي ته جيڪر اصل نه ماريانس. اصل نه. هاڻي ته مون هزار رپيا ميڙيا آهن، جيڪر سونيون چوڙيون گهڙائي ڏيانس ها، راضي نه ٿئي ها ته جهومڪيون ۽ گهڙائي ڏانس نا. سڀ رپيا ڇيڪ لڳندا. کا وڏي ڳالهه نه آهي." من ڏنو ته نظيران آئيني اڳيان جهومڪيون

پائي رهي هئي. "ڏس تہ سهين." نظيران چيو، "ڪنن جا سوراخ ئي ڇڙ پورجي ويا آهن." سونيون جهومڪيون سندس اکين اڳيان ائين تجلا ڏيڻ لڳيون ڇڙ انڌاري رات جو اوچتو جهڙ لهي وڃي ۽ تارا ٽمڪندا نظر اچن. هن اٿي اڳ مان چاهيون چوڙي پنهنجي پيٽيءَ مان سو سو جا ڏهہ نوٽ ڪڍيا. اوندهہ ۾ بہ هو انهن تي بادشاهہ جي تصوير چڱيءَ طرح ڏسي رهيو هو. هن سوچيو تہ هيو پلا ڇا وٺان. هن خيال ڪيو. "سؤ چوڙين تي، سٺ جهومڪين تي، اهڙا ڪي ٽين سوين جا ڪپڙا- اطلس جي نرم سٽڻ، ڇڙ سندس بدن سان گيسرائيندي هڪ مٺي خارش پيدا ڪندي وئي. برقعو بہ ريشمي سبائيندو مانس، هن ڪاري ملائيءَ جو برقعو ڪيئي ڀيرا نوجوان عورتن کي پائيندي ڏٺو هو. ڪيتري نہ ڪشش هئي ان ۾. لٽي جو برقعو تہ ڇڙ بدوين جو تنبو ٽي لڳو. "نظيران" هن ڪجهہ ڏاڍيان چيو. "ماما، مان آهيان عذرا،" سندس پاڙيسري صابو ڪاسائيءَ جي ڏيءَ عذرا چيو، جا دروازو پٽي اندر آئي هئي ۽ غفور جي اٿ ويهہ کي حيرت ۾ ڏسي رهي هئي.

هن چيو، "ماما، ابا کي ڏاڍو بخار ٿي ڀيو آهي. امان سڏيوَ ٿي."

چانڊوڪيءَ جي روشني، جا پٽيل دروازي مان اندر ٿي آئي تنهن ۾ عذرا جي ملائي رنگ اطلس جي سٽڻ ۽ نوڙي چمڪي رهي هئي. "اطلس جي سٽڻ، نوڙيءَ جي چمڪي،" غفور دروازو ڏيندي وحشين جيئن جهونگاريو ۽ عذرا جي وارن تي هٿ گهمائڻ لڳو. چار پنج منٽ هو ائين بيٺو عذرا تي هٿ گهمائي رهيو هو." اڇي جوان ٿي آهي،" هن سوچيو، "يارهين ورهين جي ٿي آهي، باقي ڪو سال ڏيڍ. هاڻي ٿو پٽس کان سگهہ گهران. وٺندو چار پنج سؤ." هن جي وارن تان هٿ لاهي، عذرا جي نوڙيءَ تي آندو. نوڙيءَ جي چمڪي تان سندس هٿ ڦرندو، عذرا جي اطلس جي سٽڻ تان گيسرندو؛ اڇي پنهنجي سٽر تي لڳس. اطلس جي سٽڻ، نرم نرم، لسي لسي، ملايم اطلس جي سٽڻ!

سفيد وحشي

اُس ۾ واري چمڪي رهي هئي. پريان ساحل تي جڙ چانديءَ جو پڙُ وڇايو پيو هو. چوليون ڪناري تي اچي واريءَ سان ملي ٿي ويون ۽ سندن رنگ جڙ پگھريل سون جي جھلڪ ڏئي رهيو هو. دور آسمان ۽ سمنڊ نيري آسمان ۾ ملي ٿي ويا. صديق ڪناري تي ٻيڙي جھلي. سنھي ڇار ۾ سفيد مڇيون ڦٽڪي رهيون هيون ۽ سج جي روشنيءَ ۾ چلڪيون ٿي. ٻن ڇڻ ڪڇن يا سرمائن ۾ ساھ هيو باقي ٻيون سڀ آڏ ميون ٿي ويون هيون. وڏيون، وڪري جھڙيون مڇيون چونڊي صديق کاريءَ ۾ رکندو ويو ۽ باقي ننڍڙيون، ڪچيون مڇيون ڪناري تي ڦٽي ڪندو هو. کاري ڪپڙي سان ڍڪي هن سگريٽ ڪايو. سندس نگاھ پھريان جھاز جي چمنيءَ ۾ هئي. جنھن مان دونھون نڪري رهيو هو. ڪلفٽن تان ڪياماڙيءَ جا جھاز ڇڪيءَ طرح ڏيکاربا آھن. هن کي جھاز ۾ خلاصيءَ جي حياتي نہ وڻندي هئي، جيتوٽيڪ هن جا ٻئي ٻائر اتي ڪم ڪندا ھئا. سندس طبيعت آزاد ۽ تنھائي پسند هئي. ڪيئي ٻيرا هن چاھيو هو تہ روشن مينار ۾ بتي ڏيکارڻ جي نوڪري ڪريان. شام جو جڏھن سج ڏيري سمنڊ ۾ غائب ٿي ويندو هو ۽ شفق جو سونھري رنگ پاڻيءَ جي نيرَ سان ملي ھڪ عجيب سمو پيدا ڪندو هو، تڏھن هن جي دل ۾ ڪيئي امنگ اٿندا ھئا. سمنڊ جي گھرائيءَ جيئن، بي انت، اونھا! ان وقت هو پنھنجي دل ۾ ھڪ خال محسوس ڪندوهو، سندس احساسن کي ھڪ بي معنيٰ ڪتڪتائي بيتاب ڪري ڇڏيندي هئي.

اڄ بہ هو ائين ٻيڙيءَ تي لت رکي، پريان پاڻي ۾ ٽڪريون ڏسي رهيو هو. هن سگريٽ جو دونھون نڪ مان ڪيندي ڇرڪ پريو. خيالات جي رُوءُ ۾ُ هن کي پتو ئي نہ پيو هو تہ سامھون گلان مڇيون، جي هن ڦٽي ڪيون

هيون، سي ميڙي رهي هئي ۽ ڳائي رهي هئي. جيئن نہ لنگر ٻيڙيءَ مان اڇلبو آهي ۽ وڃي واريءَ ۾ کپندو آهي تيئن اڄ گلان سندس دل ۾ کپي وئي. هن اڳ ۾ ٻہ کيئي ڀيرا کيس ڏٺو هو پر اڄ الاجي ڇو هن جو چهرو ائين غير معمولي طرح چمڪي رهيو هو. هن جا وار هوا ۾ لهرائي، غضب جي ڪشش ڪري رهيا هئا. هوءَ هڪ نديڙيءَ سرمايءَ جئن ٿي لڳي- سهڻي، سنهڙي، ڇڪتي، چلڪتي! گلان هڪ وار آڏيءَ اک سان هن کي ڏٺو ۽ پوءِ مڇين ميڙ ۾ محو ٿي وئي. هن جو پيءُ ڪلفٽن تي ريسٽارنٽ ۾رسان کوڏ وکٽندو هو ۽ هو رهندا ٻہ مير بحرن جي ويڙهي ۾ هئا. روز هوءَ ڪناري تان مڇيون ميڙ ايندي هئي، جي هو ڏينهن رات تري چانورن سان کائيندا هئا. هميشہ وانگر هوءَ اڄ ٻہ آئي هئي ۽ پنهنجي ليءِ ۾ جهوگاريائين ٻہ ٿي ۽ مڇيون ٻہ ميڙيائين ٿي. صديق ٻيڙيءَ مان ڄار کڌي گلان کي چيو، "گلان هي ڄار تہ پٽاءِ." گلان کاري رکي، ڄار کي ٻن ڪنڊن کان جهليو ۽ پوءِ ٻنهي آهستي نوڙي ڏرتي تي ڄار پٽاريو. ۽ پوءِ هوءَ کاري ڪٽي وڃڻ لڳي. صديق کيس ٻانهن کان جهلي چيو، "گلان ڪيڏانهن؟" گلان پهريون تہ هڪي ٻکي ٿي وئي پر پوءِ جهٽڪي سان ٻانهن ڇڏائي وڃڻ لڳي.

ٻئي ڏينهن هن سئيون مڇيون گلان لاءِ رکيون. گلان کي ايندو ڏسي هن اهي مڇيون کناري تي ڦٽيون ڪري ڇڏيون. گلان ايڏيون وڏيون مڇيون ڏسي پهريون تہ عجب ۾ پئجي وئي پر پوءِ صديق ڏانهن ڏسي مرڪي. اڄ صديق کيس ڪجهہ نہ چيو. چوي ٻہ ڇو؟ مڇي خودبخود ڄار جي ويجهو اچي رهي هئي.

روز بروز صديق جي گلان سان دوستي وڌندي وئي. پهريون مرڪ پوءِ چرچو پوءِ ڳل تي هلڪي ٽڦ، پوءِ ڪتڪتائي، پوءِ..... هاڻي هو پنهنجي زندگيءَ ۾ خال محسوس نہ ڪندو هو. منجهس اڳين اٻاٽڪائي ۽ اڪيلائي نہ رهي هئي. هو کناري تي ڄار لاءِ نوڙي وٺيندي خيال ڪندو هو تہ گلان سان شادي ڪندس، ٻار ٺيندا، انهن کي ونجهہ هلائڻ، ڄار ڳنڍڻ، ترڻ تڙڳڻ سيکارينديس، انهن لاءِ ٽڪريءَ تان ڪيئي کوڏ، سپيون، ناد ميڙي ايندس ۽ ائين هيءَ زندگي، هيءُ ٻيڙي جو پور، سڪ سانت سان گذري ويندو. گلان هينئر سندس روح ۾ رمي چڪي هئي.

ڪڏهن ڪڏهن هو شام جو گلان کي ٻيڙيءَ تي سير ڪرائيندو هو. سڙهه چاڙهي، پوءِ ٻيڙيءَ کي هوا جي رخ تي ڇڏيندو هو ۽ پاڻ گلان جي سامهون ويهي ڳائيندو هو.

"پرين ويا پرڏيهه، اسان جا پرين ويا پرڏيهه!"

منهنجو پرين ته منهنجي سامهون ويٺو آهي، هو دل ۾ ويچاريندوهو، پر الائي ڇو، گلان جي ويجهڙائيءَ ۾ به ڪيس دوري نظر ايندي هئي. سج ٽڪريءَ پٺيان ڇپي ويندو هو ۽ سون رنگ آڪاس ۾ ٽڪريءَ جي چوٽي هڪ بخشيل روح جئن ڏيکاري ڏيندي هئي. ساموندي ٻگهن جا ولر پر ڦڙڪائيندا دور نڪري ويندا هئا. دور، شفق جي هن پار، جتي صديون انسان جي بوءِ به نه آئي هئي، جتي نه ميلاپ هيو نه وڇوڙو. نه ويجهڙائي نه دوري. نه صديق نه گلان. جتي صرف وحدت هئي، نيري نيري يڪرنگي! اوندهه آس پاس ڇائنجي ويندي هئي، پاڻي گهاٽو نيرو ٿي ويندو هو ۽ شفق جي پوئين سرخ ليڪ ڪارنهه جي تهن ۾ گم ٿي ويندي هئي. هو سڙهه ڦيرائي ڪناري جو رخ ڪندو هو. گلان ٻيڙيءَ جي هڪ پاسي ٻانهن هيٺ ورائي لپ ۾ پاڻي ڪنڌي هئي. لپ! لپ! پاڻي هن جي ٻانهن سان لڳي ڇلڪو ڪائيندو هو ۽ هوءَ ٿهڪ ڏيئي ڦيهنگن کان منهن پري ڪندي هئي. صديق سکان کي هٿ کان وٺي، ٻيڙيءَ جي مهاڙيءَ تي پير رکي، اوندهه جي بي انت گهرائيءَ ۾ گهوري ڏسندو هو. سمنڊ جو مٿو، ٿڌو شور سندس بدن ۾ سيسرات اپاريندو هو، سڄي ڪائنات طلسماتي ٿي ويندي هئي. آسمان ۾ ستارن جي جڳ- مگ پريان منهوڙي وٺ بتين جي جهرمر، ماحول تي جڙ جادوءَ جو ڇار وڇائي ڇڏيندي هئي.پاڻيءَ ۾ تارن جو عڪس لهرائيندو هو ۽ هو پانئيندو هو ته جڙ آسمان سمنڊ ۾ هڏي ويو آهي، جڙ سندس [illegible] عرش تي هلي رهي آهي. گلان هڪ فرشتو آهي ڪنهن ڏورانيهن ڏيهه جو. [illegible] س جي ٻارنهن دريءَ جي حور!

[illegible] ي ڪناري تي [illegible] ٽام رهيو هو ته هن [illegible] ڪا ٻڌا جڻ ته پريان ٽڪريءَ کي ڪنهن بم سان اڏائي ڇڏيو. س زندگيءَ ۾ اڳي ڪڏهن به اهڙا دهشت انگيز ٽڪاءَ نه ٻڌا هئا. هو اڃان انهن تي غور ڪري رهيو هو، ته پري ريسٽارنٽ جي طرف شور ٻڌائين جڙ ته ڪو

وڏو فساد ٿيو هو. تعجب وچان هو ڇار اتي ڦٽوڪري ريسٽارنٽ طرف ويو. اٽ ڏهه گورا سولجر هندستانين کي گاريون ڏئي رهيا هئا. ۽ هندستاني گونگا، گم سم ٿي، هن ڏانهن ڏسي رهيا هئا. هن ريسٽارنٽ جي نوڪر کان پڇيو ته "ڇا آهي؟" جنهن کيس ٻڌايو ته: "گورا سولجر هندستاني خلاصين سان وڙهيا هئا ۽ "هندستان" جهاز کي باهه لڳائي هئائون." صديق جون وايون بتال ٿي ويون. هن جا ٻه پائر "هندستان" تي نوڪري ڪندا هئا. "پوءِ ڇا ٿيو؟" ڪندو، هو نوڪر کي ٻانهن کان ونڊي ڏنڊاڙڻ لڳو. پر نوڪر گوڙ سمجهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو ۽ هن ڏانهن ڪن نه ڏنائين. صديق تڪڙو تڪڙو موٽي آيو ۽ مڇيءَ جي ڪاري ڪٽي وڃي گهر رکيائين ۽ پنهنجي اڏوراٽي سائيڪل تي چڙهي شهر ڏانهن هليو. ڪچهري روڊ تي ڪيترا ڪاليجي ڇوڪرا ڏنائين، جي جهنڊا ڪٽي "انقلاب زنده باد،" "هندستان آزاد" جا نعرا هڻي رهيا هئا.هن سائيڪل تان لهي هڪ ڇوڪري کان اڀهري آواز ۾ پڇيو، "هندستان جهاز جو ڇا ٿيو؟ منهنجو ڀاءُ ٻه اتي خلاصي هو." ڇوڪرا سندس چوڌاري مڙي ويا ۽ هڪڙو چوڙ لڳو ته "اهي گورا، اهي سفيد وحشي اسانجي زندگيءَ کي ڇڄ پيا سمجهن. هو سمجهن ٿا ته اسان ذليل آهيون، غلام آهيون، ڪارا آهيون....."جوش ۾ سندس ڳل ڦوڪجي ويا ۽ هو وڌيڪ ڪجهه چئي نه سگهيو.

صديق ڪجهه سمجهي نه سگهيو، هن کي ته پنهنجي ڀاءُ جي خبر ونڊي هئي. هو سائيڪل تي چڙهيو ۽ بولٽن مارڪيٽ ۾ آيو جتان ڪيس خبر ملي ته ڪياماڙيءَ ڏانهن دڳ بند هو. هن کي اتي سڄو احوال معلوم ٿيو ته ڪيئن بحري ٻيڙي وارن پنهنجون گهرجون پيش ڪيون هيون ۽ اضافي جي بدران کين گولين جو شڪار ڪيو ويو هو. هو سائيڪل تي چڙهي موٽي رهيو هو، ته صالح کي منگ ڦلي ونندو ڏنائين ۽ هٿندل ڦيرائي آيو انهيءَ وٽ. صالح هن کي ڏسي اچي ڦٽو. چي: "هي انگريز ڏاڍا ظالم آهن. ڪو انسان تي ڪهڪاءُ نه ٿو اچين." ۽ پوءِ روئڻ هارکي جوش ۾ اچي کيس ٻڌايائين ته سندس ڀاءُ ٻه زخمي ٿي پيو هو. صالح، صديق جي ڀاءُ جو سالو هو ۽ ان ڪري ٻنان نيرن جي صبح جو ئي پڳو هو ته خبر رکي اچان.

صالح؛ صديق کي ٻڌايو ته عيد گاهه ميدان تي انهيءَ انڌير جي

برخلاف ميٽنگ هئي. صديق ڪيس سائيڪل جي پٽيان ڪنيون ۽ پوءِ ٻئي آيا عيدگاهه ميدان تي. ميدان تي گوڙ گهمسان لڳو پيو هو. هو اڳتي وڌيا ته سندن اکين ۾ خوبخود تاهه تاهه ڦوڙها اچڻ لڳا. پوليس ٽيئر گئس ٽي هلائي. پر ماڻهو جڻ انجام ڪري آيا هئا ته مرڻو آهي پر ورڻو ناهي. جڏهن گئس هلڻ بند ٿي ٿي، تڏهن ڪنهن تقرير ٿي شروع ڪئي، ۽ سڀ ماڻهو ان کي ٻڌڻ لاءِ ٽي ٻڌا. ڪجهه وقت کان پوءِ صديق سمجهيو ته معاملو ڇا هو. ليڊر وچ ۾ ٻيهي تقرير ڪري رهيو هو، "اسين هندستاني پنهنجا جائز حق گهرون ته اسان کي گوليءَ سان اڏايو ٿو وڃي. اسين، جي ظلم ۽ بي انصافيءَ خلاف آواز اٺاريون ته اسان کي ٽيئر گئس هلائي چڙوچڙ ڪيو ٿو وڃي! آخر هي انگريز، هي سفيد وحشي، ڪيسين هندستاني عوام جو خون وهائيندا. ڪيسين....."

وري ٽيئر گئس هلي ۽ ماڻهو تڙڻ پکڙڻ لڳا.

"سفيد وحشي!" اهو لفظ صديق جي منجهيل دماغ ۾ گونجڻ لڳو. "هي انگريز هي گورا صاحب! هي وڏا آفيسر سڀ سفيد وحشي!" شام تائين هو انهيءَ ڪشمڪش ۾ ٻيٺو رهيو. هن اهڙو بغاوتي نظارو ڪڏهن به نه ڏٺو هو. هندو مسلمان سڀ جوش ۾ هئا. سڀ پنهنجي پائرن جو خون ٽيندو ڏسي انقلاب لاءِ ڪڙا ٿي ويا هئا. گهڙو ڀرجي نيٺ وهي!

ڏيئا ٻرئي مهل هو سائيڪل تي چڙهي گهر وريو. هر ڪنهن چونڪ تي گورا سولجر بندوق ڪلهي تي ڪٽي بيٺا هئا. هو جيئن پوءِ ٽيئن پئدل تي وڌيڪ زور ٿي ڏيندو ويو. فريئر هال، پل، ڪلفٽن..... ڏهن منٽن ۾ هوگهر پهچي ويو.

ڪيس اڄ خيال آيو ته گلان اڄ مچي ڪئي الاجي نه ڪئي! هن اڄ چگي وڏي سرمائي ڦاسائي هئي، سو ڪيسي مان چاقو ڪڍي انهيءَ جو اڌ ڪيائين ۽ سڌو آيو گلان جي در وٽ. اندر گاسليٽ جي بتي ٻري رهي هئي. ڪجهه گوڙ آيو ۽ هو چرڪ ٻري پوئتي هٽيو. در جي ٻرسان سيخن سان دري هئي ۽ هن ان مان اندر نظر ڊوڙائي. هن جي دماغ ڪي چڪر آيو. اندر ٻه گورا سولجر بيٺا هئا. هڪڙي گلان کي ٻانهن کان جهليو هو ۽ سندس منهن چمي رهيو هو. "فائيو رپيز، نائٽ مور" (يعني پنج رپيا وڌيڪ نه). گلان جو ٻيءُ ٽٽل

قتل اردوءَ ۾ چئي رهيو هو، "نهين صاحب! پانچ نهين دس- سيءُ دس دي جاتي هين." (نہ صاحب! پنج نہ ڏهہ. سيءُ ڏهہ ڏئي ويندا آهن.)

"سفيد وحشي! اسان جي زندگيءَ، غيرت، محبت جا خوني! سفيد وحشي!! سفيد وحشي!!!

سفيد.... سفيد....." صديق جو مغز ڦري ويو. هن صدريءَ جي کيسي مان چاقو کڌي کوليو، ۽ در کي لت هڻي، اندر ڏوکي آيو. هڪ، ٻيو، ٽيون! ٽئين ڏڪ سان سولجر ڏرتيءَ تي ڪري، آدم خور مڇيءَ جيان ڦٽڪڻ لڳو.

ڪالهہ صديق کي خون جي جرم هيٺ جنم ٽيپ جي سزا ملي هئي. هن کي جهاز جي حياتيءَ کان نفرت هئي، پر هو اڄ مجبور ٿي پنج ڇهہ ڏينهن ان تي سفر ڪري رهيو هو، دور هڪ قيد جي ڪوٺڙيءَ ڏانهن، جتي هن کي زندگيءَ جا باقي ڏينهن محنت ۽ اڪيلائيءَ ۾ ڪاٽڻا هئا. هو تنهائي پسند هو ۽ هينئر سڄي عمر ڪيس تن- تنها ڪاٽڻي هئي، هن انسانيت، انصاف جي خوني دنيا کان دور! دور جتي نہ گلان هئي نہ ان جو پيار نہ ان جي بيوفائي! "ڇا گلان سچ پچ بيوفا آهي؟" هن ڪيئي ڀيرا جيل ۾ ان تي خيال ڪيو هو. جڏهن هوءَ ڪيس پوئينءَ مهل جهاز تي ملڻ آئي، تڏهن هن جي دل ۾آيو تہ جيڪر هٿڪڑيون هڻي گلان جو مغز ڦاڙي وجهي. پر گلان جي اکين مان ڳوڙها وهندا ڏسي، هن جي دل رحم سان ڀرجي آئي، غيرت جو کوڙو جذبو هار کائي ويو. سچ ٻہ گلان جو ان ۾ کهڙو ڏوهہ هو. سندس پيءُ کوڏ وکٽندو هو جنهن مان چار پنج آنا مس ڪمائي ٽيندي هيس. پوءِ ڇئين پنجين آني مان ٽي ياتي ڪيئن پلجندا! هن ضرور گلان کي انهيءَ پيشي لاءِ مجبور ڪيو هوندو.

رات جا ڪارا پاڇولا پاڻيءَ تي حڪومت ڄمائي ويا هئا. ڪڏهن ڪڏهن لائيٽ هائوس مان روشني پاڻيءَ تي ائين پئجي رهي هئي جيئن هن جي دل ۾ پچي وڃڻ جو ناممڪن خيال مصنوعي جوت جڳائي گم ٽي ٿي ويو ۽ پوءِ اونهي انڌاري پاڻيءَ جهڙي اٿاهہ پيانڪ مايوسي چڏي ٽي ويو. ڊيڪ تان ڪل جو آواز آيو. ۽ پوءِ ڪجهہ انگريزي لفظ. "سفيد وحشي!" صديق ڏند پڪوڙيندي چيو ۽ ٽڏ ڪان بدن لڪائڻ لڳو.

واڇ جا ڪانٽا

سگريٽ جي دونهين مان ڇلا ٻٽائيندي نظير سوچي رهيوهو ته آخر هن زندگيءَ جو مقصد ڇا آهي؟ صبح کان شام تائين محنت ٿو ڪريان، نه فرصت آهي نه فرحت. سارو ڏينهن ٽائيپ جي ٽڪ ٽڪ ۾ گذري ٿو وڃي. صرف منجهند جو ڪلاڪ ڪن ريسٽارنٽ ۾ چانهه جو ڪوپ پي، سنگتي ساٿيءَ سان ڳالهائي هولهائي، وري وڃين ٿو ڪرسيءَ تي ويهان ۽ دفتر جا ڪاغذ اُٿلايان. هر روز هو ائين سوچيندو هو ۽سندس خيال سگريٽ جي دونهين وانگر وٽ کائيندو، سندس دل کي جلائيندو غائب ٿي ويندو هو. سندس خوش خلقي ۽ رلٽي ملٽي سياءَ ڪري سيڪريٽريٽ جا سڀ ڪلارڪ ساٿس چڱيءَ طرح پيش ايندا هئا. هي هو به فراخدل، دوستن کي چانهه پاڻيءَ جي صلاح ڪندي ڪڏهن به نه ڪيپائيندو هو. سندس پگهار ڪٽي ۹۰ رپيا هئي، تڏهن به ڏيڪ ويڪ اميراٽو هوس. ماءُ پيءُ جو تنگ حال به ڪڏهن ڪڏهن ڪيس ستائيندو هو. پر هو ڪري ئي ڇا ٿي سگهيو! بچت ڪري به ته ڪيئن! سگريٽ نه ڇڪي، هفتي ۾ هڪ پيرا سئنيما تي نه وڃي، چانهه نه پيئي، بس جو پاڙو نه ڏئي، ڪڏهن ڪڏهن ايملييءَ لاءِ سوڪڙي نه وٺي اڇي! نوي رپيا آخر ڪٽي پورا ٿي، ڪٽي پورا ٿيندا. دنيا ۾ هڪ شيون هيون جن سان سندس بيحد محبت هئي ۽ هئي سندس اندر کي جلائيندیون هيون. هڪ سگريٽ ۽ پي ايملي. ايملي ڪرستان هئي ۽ سيڪريٽريٽ ۾ ڪلارڪ هئي. هنهي جي ٽيبل ۾رسان هئي. هر آرتوار تي هو ايمليءَ سان ڪلفٽن تي ويندو هو ۽ شام جو انگريزي پڪچر تي.

اڄ هو سگريٽ ڇڪيندي سوچي رهيو هو ته آخر هيءَ زندگي ڪٽي پهچائيندي. زندگي! هو زندگيءَ جو تصور ڪندو هو ته سندس اکين اڳيان

هڪ ريل هلي ايندي هئي، جا ويرانيءَ ۾ هلندي هجي. نہ ڊرائيور، نہ اسٽيشن، صرف ٻہ مسافر. هو ۽ ايملي. نہ آئندي ۾ اميد ۽ نہ ماضيءَ لاءِ محبت. هو حال جي چال تي هلندو هو. "ڪيڏانهن"، يا "ڇا لاءِ" ان جو ڪيس نہ پتو هو نہ پرواهہ. انهيءَ سوچ ۾ هو تہ پريان ايملي مرڪندي آئي ۽ هن ٻيري کي چانهہ ۽ پيسٽري آڇ لاءِ چيو.

"سپاڻي آرتوار آهي"، ايمليءَ چيو ۽ ايجان جملو ٿي پورو نہ ڪيائين تہ نظير چيس تہ "منهنجي سائيڪل کي پنچر ٿي پيو آهي سو تون پاءَ کان سائيڪل وٺجان تہ ٻيئي ان تي چڙهي هلنداسين."

ڇهين ٻجي صبح جو نظير ۽ ايملي ڪلفٽن تي وڃي رهيا هئا. ايملي سائيڪل تي اڳيان نظير جي ٻانهن ۾ ويٺي هئي. سندس وار هوا ۾ ڦڙڪندي، سندس سانوري چهري کي زيب ڏيئي رهياهئا. پريان افق تي نيري آسمان ۾ ڦڪي روشنيءَ جي لهر ڇانئجي ويئي. نظير ايمليءَ جي منهن ڏانهن ڏٺو. هن کي ساڳي معصوميت، ساڳي تازگي، ساڳيو سانورو رنگ نظر آيو. ڪلفٽن تي پهچي، نظير واچ ۾ وقت ڏٺو. سادا ڇهہ لڳا هئا. ايمليءَ پنهنجي واچ نظير کي سوڪڙي ڏني هئي، جئن هو جڏهن ٻہ وقت ڏسي تہ ڪيس حياتيءَ جي منٽ منٽ ۾ ياد ڪري.

آسمان جي نيري گهرائي پاڻيءَ جي نيري لس ليٽ سان ملي، هڪ عجيب سمو پيدا ڪري رهي هئي. هوا جي گهر منهن کي ٻنو ڪري رهي هئي. ايمليءَ جو فراڪ تيز هوا ۾ سندس بدن سان چهٽي پيو ۽ هوءَ هڪ جل پري ٿي لڳي. سائيڪل رکي، نظير جرسي پاتي ۽ ايمليءَ مٿيون فراڪ لاهي ڇڏيو. ٻيئي هٿ هٿ ۾ ڏيئي، لهرن ۾ اڏامندا ويا. ٻہ فطرت جا جزا، ٻہ سپيون، دنيا جي دک درد کان پري، پورهئي ۽ پگهار جي مسئلي کان دور، ٻہ روح اسر جسر کان آزاد، ٻاهر ٽوهہ کان آجا، رسر رواج کان بي نيازا ڪڏهن ڪڏهن ٻنهي جي مٿان چولي ٿي اچي ويئي تہ ايملي نظير کي چنبڙي ٿي پيئي ۽ هو محسوس ڪري رهيو هو تہ هوءَ سندس ساهہ ۾ سمائجي رهي هئي. ٻنهي جي هستي گڏ گهولبي ٿي ويئي، جڙ هو رت ماس جا انسان نہ هئا، پر ٻہ فرشتا. بي موت، معصوم، آزاد.

"ايملي." نظير کيس جذبات سان ڏهيل آواز ۾ چيو: "اسان کي زندگي

شايد اڇوڪي ڏينهن لاءِ عطا ٿي هئي."

امنگن ايملياءَ جو آواز سندس گلي ۾ روڪي ڇڏيو ۽ هن نظير جي ڪلهي تي پنهنجو ڪنڌ ڪٽي رکيو.

جڏهن موٽي رهيا هئا تڏهن نظير واڇ ۾ وقت ڏٺو. پورن ٻارهن تي ٻيئي سيون هڪٻئي جي مٿان اڇي ويون هيون. نظير واڇ ايملياءَ کي ڏيکاري چيو: "ڪيتري نہ ڪانڌن ۾ سڪ آهي! سڄو ڏينهن هڪٻئي جي پڻيان ڦرندا ٿا رهن ۽ نيٺ اڇي ملن ٿا!" سندس شرارت ڀريءَ نظر ۾ محبت جا سوين پيغام هئا. ٻنهي رستي تي فيصلو ڪيو تہ هفتي ڪن ۾ سول مئريج ڪنداسين. محبت جو مذهب الڳ آهي، ان ۾ ڪرستان يا مسلمان جو ڪو تفاوت نہ آهي. نظير پنهنجي منڊي لاهي ايملياءَ جي چيچ ۾ پاتي.

صبح جو نظير ڪلب ۾ چانهہ ٻہ پي رهيو هو ۽ مستقبل لاءِ هوائي قلعا ٻہ اڏي رهيو هو. ايملي ٻہ سؤ ڪن رپيا ڪمائيندي ۽ هو ٻہ. ٻنهي جي حياتي سکي گذرندي. سندس دل ۾ خيال آيو تہ ايملياءَ کي نوڪري نہ ڪرايان، پر پوءِ ٻنهي جي نوي روپئي ۾ پورت ڪيئن پوندي!! پردي وغيرهہ کي تہ هو اڇيئي سورهين صديءَ جي بيوقوفي سمجهندو هو. سو هن ايملياءَ جي نوڪري نہ ڪرڻ جو خيال لاهي ڇڏيو. رستي ۾ ٻہ هو ٻنهنجي تصور ۾ گم هو. ايملياءَ لاءِ ويڊنگ ڪيڪ ڪهڙيءَ بيڪريءَ تان ونڻان؟ ڪلب ٻہ تہ ڇڏڻي پوندي. ڪراچيءَ ۾ جوءِ ڪان اول تہ جاءِ جو خيال ضروري آهي. سعيد منزل ۾ شايد ڪمرو ملي وڃي.

آفيس ۾ ٻہ ڪلارڪ سندس منهن ڏانهن ڏسي مرڪي رهيا هئا ۽ هڪٻئي ۾ سس پس ڪري رهيا هئا "اڄ ڪنهن جي آسري ۾ آهي." نظير هونءَ تہ ٻاهران اڳي ڪان ٻہ چست ٿي لڳو پر جڏهن آئيندي لاءِ ٿي پهہ پچايائين تڏهن ڪجهہ وائڙو ٿي لڳو. ايملي اڄ نہ آئي آهي. هو واري سان سندس ٽيبل ڏانهن ڏسي رهيو هو. ڪالهوڪي ٿَڪ ڪري بخار تہ نہ ٿي پيس! تڏهن ڇو نہ آئي؟ اڇي ويندي. هو واري سان واڇ ڏسي رهيو هو ۽ ڪيس ياد ڪري رهيو هو. سايا نوَ، ڏهہ، ڏهہ- پندرهن، ڏهہ- ويهہ. جيئن پوءِ تيئن هو ٿوري وقت کان پوءِ واڇ تڪي رهيو هو. سندس خوشيءَ تي جڙ پاڇائون پئجي ويو. هو وهمي تہ نہ هو، پر اڄ الاجي اهڙي بيچيني! "نظير

بابو ڪڏر هئي!" آفيس جي در تان ٽپاليءَ پڇيو. نظير اٿي در وٽ ويو ۽ هن ڪيس تار ڏني. جيئن نہ رستي تي ڪوئي خيال ۾ هجي ۽ اوچتو بجليءَ جو ٽنيو ٽڪاءُ ٿي وڃيس، اهڙي حالت ٿي نظير جي. سندس پيءُ وفات ڪري ويو هو. نظير جو پيءُ غريب درزي هو ۽ سارو ڏينهن پورهيو ڪري ٻار ٻچا پالیندو هو. سندن گهر ۾ ٻيوڪو مرد مائٿو ڪونہ هو. ماءُ، پيڻ، نندو ياءُ. انهن کي ڪير پاليندو؟ ڪيس پيءَ جي موت جو تہ افسوس ڪونہ ٿيو، پر پنهنجي ياتين جي آئيندي سندس اکين اڳيان انڌارو آڻي ڇڏيو. هن يڪدم چار ڏينهن موڪل ورتي ۽ آفيس مان نڪتو تہ سامان ناهي سڪر وڃان. رستي تي ايمليءَ جو خيال آيس. هڪ دل چيس تہ ڪيس وڃڻ جو اطلاع نہ ڏئي. ٻيءَ دل چيس تہ متان انتظار ٿي پويس، متان هڪ جو ٻيو سمجهي، متان..... ان "متان" جي خاتمي لاءِ هن فيصلو ڪيوتہ ايمليءَ کي تار ڏيکاري ٿو اڇان. فريئر روڊ تان هو بس ۾ چڙهيو. ڪنڊيڪٽر پڇي رهيو هوس تہ ڪٿان جي ٽڪيٽ گهرجيئي تہ هو چئي رهيو هو سڪر جي! پر ڪنڊيڪٽر سمجهيو تہ هو چئي ٿو صدر جي سو ڪيس اها ٽڪيٽ ڏنائين.

سوين خيال سندس دماغ ۾ آيا ويا ٿي. جيئن ڏينهوءَ جي ڏنگ مهل ڪڏهن ڪڏهن ساري بدن تي ڇاپاڪو ٿي پوندو آهي ۽ هڪ جاءِ تان ڪنهي ٻيءَ جاءِ تي ڪنهبو آهي، تئن ان تار سندس خيالات ۾ اٽل پٽل پيدا ڪري ڇڏي هئي. هڪ خيال آيس ٿي ۽ ان جو حل ئي نہ ٿي ڳوليائين تہ ٻيو خيال ٿي آيس. ڪڏهن قسمت تي افسوس ٿي ڪيائين، ڪڏهن خدا کي گاريون ٿي ڏنائين، ڪڏهن سوچيائين ٿي تہ ڳوٺ وڃان ئي نہ. منهنجو ڇا، جو ماءُ پيڻ جي ڪري سڄي زندگي عذاب ۾ وجهان. ڪڏهن اشتراڪين سان ويڄي ٿي شامل ٿيو ۽ مفلسي تڙي ڪيڻ لاءِ انقلاب زنده آباد جا نعرا ٿي هنيائين صدر ۾ لهي، هن واڇ ۾ وقت ڏنو. ٻارهن ۾ هڪ منٽ ٻيو هو. اڃان ڪانٽا هڪٻئي مٿان ڪين آيا هئا. ٽرام جي پٽيءَ تان رستي جي ٻئي پاسي وڃي رهيو هو تہ ٽا! سوڙهر بازار جي ٽرام اچي ساٽس ٽڪرائي. هو ڪري ٻيو، سندس مٿي مان رت وهي رهيو هو. سندس واڇ ۾ڇي ٻيئي ۽ ان مان هڪ ڪانٽو گهر هو. ان وقت ٽاور ٻارنهن گهنٽن جا ٽڪاءَ هنيا.

پاڙيسري

خانو حجم سئلون ۾ وار ڪڻي رهيو هو ته سامهون نئشنل گارڊ پريڊ ڪندا لنگهيا. "چپ راست، چپ راست، چپ راست، چپ چپ، چپ راست چپ راست..." خاڪي وردين ۾ سگهڙ نوجوان، پگهر ۾ شل، بي پرواهہ، خنڪيءَ پريا، مضبوط! ڪرسيءَ تي ويٺل سيٺ شامداس منهن ڦيرائي رستي ڏانهن ڏٺو. سندس منهن تي هراس، بيوسيءَ ۽ نفرت جا احساس اڀري رهيا هئا. "خانو، اهو اڳ ۾ چند تاري جي جهنڊي سان ڪير آهي." هن هيسيل آواز ۾ پڇيو.

"اهو سالار خان محمد آهي. لوهارڪو ڪم ڪندو آهي."

"خانو." سيٺ منجهس اعتبار رکندي پڇيو، "اهي سالار ڇا ٿا چون. ڦشاد (فساد) ٻشاد ته نہ ڪندا؟"

خانو هو ته مسلم ليگي ۽ دل ۾ اسلام جي عروج جا جذبا هئس، پر گراهڪن سان هميشہ خوش خلقيءَ ۽ لحاظ سان هلندو هو؛ سو چيائين ته "سيٺ فساد ڇو ڪندا؟ هي ته صرف ورزش ڪري رهيا آهن."

"پر ٻيلي ورجش (ورزش) ته راما مورتي يا واحد بخش جي آکاڙي ۾ ڪن ني؟ هتي رستي تي ڇو اها چپ راش (راست) چپ راش لڳائي اٿائون. مان ته شيٺاڻي جوڙپور ويجي رهيو آهيان. ٻار ٻچا ۽ جال (زال) ٻال سپ ونی ٿو ويجان."

خانو ہن چئن ڏينهن کان اها ساڳي ڳالهہ ٻڌي رهيو هو. هن ڪيئي ڪهڑا "الوحيد" ۽ "سنسار سماچار" ۾ بنگال ۽ بهار جي دردناڪ واقعن جا دل ڏاريندڙ احوال پڙهيا هئا. جتي انسانيت کي ڪچليو ويو هو. ٻاءُ ٻاءُ جي خون سان هولي کيڏي هئي. زالن جي عصمت لٽي ويئي هئي ۽ ٻارن جي

معصوميت کي موت جي گود ۾ ليٽايو ويو هو. هن سرحد، لاهور، بمبئيءَ ۾ فساد جا روح ڪڙا ڪندڙ فوٽا ڏٺا هئا. سندس دل ۾ ڪيئي گهمرا خيال آيو هو ته هندن بهار جي مسلمانن سان نسورو ظلم ڪيو آهي، اسان جي هم مذهب پائرن جي رت سان راند ڪئي آهي، پردا نشين زالن جي بي حرمتي ڪئي اٿائون.

"پر چا، ٻيءَ جون ڪان پوءِ سچ پچ فساد ٿيندو؟" خانوءَ پاڪي هلائيندي سوچيو. "چا اسان بهاري مسلمانن جي خون جو بدلو ونڊاسين؟ مثال طور مان هن سيٺ جو پاڪيءَ سان گلو لاهي ڇڏيندس؟" اهو خيال ايندي ئي خانوءَ جي بدن ۾ ڏرڙي اُپري ويئي.

خانو هو ته حجم، پر شام جو جڏهن پامپيچ جي پئٽ پائي اچي لکيدر تي ٻيهندو هو ته کيس ڪوئي حجم نه سمجهندو هو. شڪارپور جا ڪيترائي ڪاليجي ڇوڪرا هن سان دوستيءَ جا خواهان هوندا هئا، ڇوته خانوءَ جي دوڪان ۾ هميشه سنڌ جي سپني ڪاليجن جون ميگزينون، اردو ۽ هنديءَ جا ۽ چارَ رسالا، اشوڪ ڪمار ۽ پرٿوي راج جا فوٽا رکيا هوندا هئا ۽ خانو انهن تي ائين بحث ڪندو هو جن ته سئنيما ۽ ساهتيه جي ڳالهين تي هو سند هو. خانوءَ جي دوڪان تي ڪيترائي فئنسي پائوڊر ۽ تيل ٻ رکيا هوندا هئا. جن تي هرڪجي ڪيئي اسڪولي ڇوڪرا خانوءَ سان واقفيت رکندا هئا. خانوءَ جي دوستي پڙهيل ڳڙهيل ڪاليجين سان هئي يا ته انهن اڻ پڙهيل مسلمانن ۽ هندو سينئين جي ٻارن سان جي پئٽ پائيندا هئا، سئنيما جي ادڪارن تي بحث ڪندا هئا ۽ شيل شڪار جا شوقين هئا.

ٻ تي ساميوادي ٻ سندس سئلون تي ايندا هئا پر اهي هميشه پاڻ ۾ بحث ڪندا هئا ۽ خانوءَ ڏانهن گهٽو ڏيان نه ڏيندا هئا. ڪالهه ٻ هو ڏاڙهي ڪوڙائڻ آيا هئا ۽ پاڻ ۾ بحث ٿي ڪيائون ته "سنڌ سنڌين جي آهي. اڄ اسان سنڌين جي قوميت ۽ علحدي شخصيت خطري ۾ آهي. هي پنجابي، بهاري، گجراتي اسان جي تهذيب، ٻوليءَ، واپار، زمين کي ڳڙڪائڻ ٿا چاهين. اسان جو فرض آهي ته ان وڌندڙ وبا کي اتي نهوڙيون. سنڌ جي ساريءَ ڪانگريس تي گجراتين جو قبضو آهي ۽ سنڌ جا مسلم ليگي ليڊر ته بهارين ۽ پنجابين لاءِ لنگر کولي وينا آهن، پوءِ پلي ته سنڌي عوام بک مري ته مري."

انهن مان هڪ، جو هندو ٿي ڏٺو، تنهن چيو تہ "مان اڊيپور ۽ جئپور جي هندن سان گڏ رهڻ بدران سنڌي مسلمان پائرن جي هٿان مرڻ وڌيڪ ٺو پسند ڪريان. منهنجون هن ديس سان روح جون ڳنڍيون آهن. هتي جي ڪنڊ ڪڙڇ، رستو رستو، آس گس، بُٽ باغيچا منهنجي روح ۾ رمي ويا آهن. منهنجي هستي سنڌ کان سواءِ موت برابر آهي."

خانوءَ هن کان اڳ ۾ اهڙو ٻيو فراخدل هندو نہ ڏٺو هو ۽ هو کيس ڏاڍيءَ دلچسپيءَ سان ٻڌي رهيو هو. هن جوش ۾ اچي هڪ عجيب لفظ چيو، "جئے سنڌ." خانوءَ "جئے هند" جو نعرو تہ ٻڌو هو پر ان مان کيس هندو پٽي جي بوءِ ايندي هئي ۽ محسوس ڪندو هو جڏ کيس ڪنهن پاڪيءَ جو ٽُڪو ڏنو. پر اڄ "جئے سنڌ" لفظ ۾ جڏ پاٽيءَ جي ڦوهاري ۽ خوشبودار تيل جو اثر هو، جنهن سندس دماغ کي معطر ڪري ڇڏيو.

اڄ هن کي خيال آيو تہ جي سنڌ ۾ فساد ٿئي تہ مان جيڪر ڇا ڪريان؟ ڇا، هن سيٽ جو گلو ڪپي ڇڏيان؟ سيٽ جو پٽ پهرئين سال ۾ شڪارپور ڪاليج ۾ پڙهندو هو ۽ خانوءَ وٽ وار ڪٽائڻ ايندو هو. هڪ ڀيري نوروزيءَ جي ميلي تي هو سنڌ واهہ تي مليا هئا ۽ خانوءَ کي پاڻ سان ويهاريو هئائون. چوڌاري چهل پهل لڳي پيئي هئي. واهہ ڏنيءَ ڪنيءَ ٽي وهيو. پل وٽ پاٽي اڇلون ڪائي دل ۾ اُمنگ پيدا ڪري رهيو هو. خانوءَ ڪن تي هٿ رکي ڏوهيڑا چيا. "چولي واري نينگري...." فضا ۾ جڏ مستي ۽ محبت ڦهلجي ويئي هئي. هندو مسلم جو تفاوت نہ رهيو هو ۽ سڀ گڏجي راڳ جي مڌ پي رهيا هئا. ڪڏهن توريون، جي ترڙ لاءِ ڪنيون هئائون، تن تي ڪنهن آڳرين سان سريلو آواز ٽي ڪيو تہ دل ۾ عجيب ڪتڪتايون ٽي ٽيون. پوءِ هو پاٽيءَ ۾ لات ٻيا هئا ۽ گڏجي انب ٽي چوسيائون.

"درياهہ، جو وهي رهيو هو سو تہ اسان ٻنهي لاءِ ساڳيو هو." خانوءَ سوچيو، "ائين تہ نہ هو تہ پاٽيءَ هندوءَ کي ٻوڙيو ٽي ۽ مسلمان کي تاريو ٽي. مٽان اونهاري جو سج ٻنهي تي تاءُ ڪري رهيو هو ۽ ٻنهي تتي مٽي کي ٺارڻ لاءِ پاٽيءَ ۾ تبيون ٽي هنيون. ائين تہ نہ هو تہ سج مسلمان مٽان ڇانو ٽي ڪئي ۽ هندوءَ کي پنهنجي تکيءَ اُس ۾ جلايائين ٽي؟ جڏهن اهي قدرت جا عنصر اسان ۾ مت پيد نہ ٿا رکن تہ انهن جو خلقيندڙ ڪيئن رکندو هوندو ۽

خلقيندڙ نہ رکندو هوندو تہ خلقت کيئن رکي؟" خانوءَ جو دماغ ڇڙ ڪنهن اردو رسالي جو پنو ٽي پيو. هن جيڪي ڪتاب پڙهيا هئا، اهي ڇڙ سندس سوچ تي زور ڇمائي پنهنجو ادبي رنگ ڏيکاري رهيا هئا ۽ هو سوچي رهيو هو تہ، "مون جن سان ڪاڏو پيتو آهي ۽ اڄيو ويڙو آهيان تن جو يا تن جي پيءُ ماءُ جو گلو ڪيئن ڪپيندس؟"

خانو شاهي باغ ۾ پنهنجن هندو دوستن سان پڳت تي ويندو هو. جڏهن پڳت ڪن تي هٿ رکي شاهہ جو ڪلام ڳائيندو هو تہ "ڏڏي وسائج ڏر جي، مڏي مئيءَ مٽانهہ- جي پويون ڏئي پساهہ، تہ بہ نجاهہ مڙهہ ملير ۾." تڏهن اها عجيب فضا پيدا ٿي ويندي هئي جو سندس دل چاهيندي هئي تہ اتي مران، انهي ڏڳهي، ڏڏي بڙ جي درخت هيٺان! بڙ جا پتا منهنجي قبر تي ڦڙ ڦڙ ڪندا ڪرن ۽ بڙ جا ڏينو ڪري منهنجي قبر کي گل گل ڪري ڇڏين. شاهي باغ جي ڏڏي ڏڏي هوا منهنجي قبر کي ڀهاري ڏيئي، منهنجي قبر کي صفا ڪري، ۽ جڏهن پڳت ڳائي تڏهن ان جي ڏوهيڙي جون لهرون ۽ رابيل جي خوشبوءِ ملي منهنجي روح کي گد گد ڪن ۽ مان قبر ۾ بہ سر ڏوٽيان ڳايان، لهرايان. جي مون کي ملائڪ بهشت ۾ ولي وڃن تہ اتان بہ جند ڇڏائي پڇي اچان ۽ پڳت جي آواز ۾ راندين رمان. رابيل جي خوشبوءِ سان هٿ چراند ڪريان.....

نہ رڳو خانوءَ پر سڀني هندو مسلمان ڀڏندڙن جي دل ۾ اها خواهش، اهو جذبو قابو پائي ويندو هو. "هي هندو سنڌ ڇڏي ويندا؟ ڪيئن اهو مارئي جو ملڪ ڇڏيندي دل ڏيندن؟ ڪير اتي کين شاهہ جو ڪلام ٻڌائيندا؟"

خانوءَ ريڀائي ۾ گيت ٻڌا هئا تہ ڪيس اهڙي ڪراهت آئي هئي، جو يڪدم استيشن ڦيرائي هٽائين. ڇڙ تہ جن جي ٻولي هئي! "ڀلا مارواڙي يا مرهٽي ٻوليون ڪيئن اسان کي رس ڏيندیون. جن مان صرف ٻاجهري ۽ سڪي ساڳ جي بوءِ پئي اچي. اسين سنڌي، ڪٽڪ جا هريل، شاهہ جي ڪلام جا مشتاق، سنڌ واهہ تي شيل ڪندڙ، ڪيئن سنڌ کان ٻاهر سڄي عمر بسر ڪنداسين؟"

خانوءَ کي ڪيئي اهڙا روزمرهہ جا واقعا ياد آيا. جڏهن هندو مسلم عوام جو روح ملي جلي ويو هو. ۽ جن سنڌ جي هڪ تهذيب، هڪ قوميت

جي گواهي ڏني هئي.

سجو ڏينهن خانوءَ جي دل ۾ جهيڙي، فساد، لڙپلاڙ جا خيال اچي رهيا هئا، سندس دماغ کَتر جي اليکٽرڪ مشين وانگر ڪم ڪري رهيو هو.

شام جو خانو دڪان بند ڪري گهر وڃي رهيو هو ته استيشن ڏانهن ويندڙ بگين تي نظر پيس. شايد انهن مان هڪ ۾ هندو ڪٽنب اهڙا ٻه هئا جي پنهنجي جمڻ مرڻ جي ديس کي الوداع ڪري وڃي رهيا هئا..... دور جتي نه شاهه هو، نه سامي، نه ساڻ ٻيلو، نه زندهه پير، نه پڳت، نه ملاکڙو، نه يارهينءَ جو ميلو، نه چوڏس جو راڳ! دور هڪ اجنبي ديس ڏانهن، جتان جي زندگي، ريتيون رسمون، اٺ ويهه، خوراڪ پوشاڪ سڀ جدا هئا.

"پر....." خانوءَ سوچيو، "هتان لڏڻ جو خيال ٻه ته صرف ٻه ٽي سيڙيون ڪري سگهندا، جن کي اڏيپور ۽ جئپور ۾ ڪوٺيون آهن. جي مسافريءَ جوخرچ سهي سگهندا. پر هيءُ غريب منشي، هو ڪلارڪ، سنڌي اسڪولن جا ماستر، جي سندس دڪان ۾ ايندا هئا ۽ وارن جا چار آنا ڏيڻ ۾ ڪسڪندا هئا، سي ڪيئن اهي پاڙا پتا، خرچ پکا برداشت ڪندا؟ سيٺ ته وڃي واپار ڪندو، پر منشي ڪيئن سنڌيءَ ۾ درخواست لکندو. سنڌي اسڪول جو ماستر ڪيئن سنڌي پڙهائيندو؟"

ٻئي ڏينهن صبح جو خانو نم جو ڏندڻ ڏيئي رهيو هو ته سندس گهر وٽ هوڪو آيو، "پلو اٿوَ پلو!" خانوءَ جي زال مهاڻي کي سڏ ڪري ٻيهاريو ۽ ڪانئس پلو چڪائڻ لڳي، "مون کي اڄ پلوگهرجي." خانوءَ جي زال چيو. ايتري ۾ پر واري گهر مان پيسوءَ ماءُ ٻه نڪري آئي ۽ چيائين ته "پيٽ، اڄ توکي ڪپي ته اڄ مان ٽي ڪٽي وڃانس. سجو پلو چڪائينس."

جڏهن ٻنهي پلو اڏو اڄ ڪري ڪنيو، تڏهن پيسوءَ ماءُ چيس، "پيٽ جيبل (زيبل)، چون ٿاتم جد (ضد) وڏي ويا آهن ۽ مشلمان فشاد ڪندا. مان ته توهان وٽ اچي رهنديس."

خانو، جو پرسان ڏندڻ ڏيئي رهيو هو تنهن ڪيس چرچي ۾ چيو ته، "مان ته مسلم ليگي آهيان. جناح ٽوپي پائيندو آهيان. توکي ته ٻوءُ ئي مون مان ڪرڻ ڪپي."

"نه پائو، چا ٿا چئو." پيسوءَ ماءُ ڪنڌ کي ڏوڻي، نٽ کي لوڏيندي

چيو، "لک ڪي مشلم ليگي ٿيوتہ بہ اسان لاءِ اهي ئي ڪانو (خانو) پائو آهيو. اسان کي ڪيئن ماريندؤ؟ توهان تہ چوندا آهيو پاڙو ابو امڙ آهي. اسان کي عيد تي قربٹيون ڏيندا آهيون، ٹڏڙيءَ جا لولا ڪائيندا آهيو، جڙ اهو بہ لحاج (لحاظ) نہ پوندؤ؟ پر جي ميس تہ گهوريس. توهان جي هٹان مرنديس نيا!" ۽ پوءِ هن جهوني زماني جي ڪهاوت جي هڪ سٹ چئي، جا ماءُ، پاءُ پيٹ کي وڙهڻ وقت چوندي هئي. "مر مارن ننديا پائڙا، سسيءَ ڏيندا لت."

جانوءَ جا جڙ ڪپات ڪلي ويا." ڇا هيءَ عورت، جا سندس اجهو طلبي رهي هئي، تنهن کي هو ماريندو؟ هرگز نہ! هرگز نہ! اهڙو سنگدل ڪيئن ٹيندو؟ بهار ۾ هندن ڪٹي مسلمانن کي ماريو هو تہ بہ ان ۾ پيسوءَ ماءُ جو ڇا؟ هوءَ تہ ننديي هوندي ڪان سندس پاڙي ۾ پلي، نپني هئي. ٻنهي ننديي هوندي ساڳيءَ ٻير ۾ پٹر هٹي ٻير کيرايا هئا ۽ جهوليون ڀريون هيون. ٻنهي ساڳي پمپ تان پاڻي ڀريو هو ۽ هن ڪيئي گهمرا کيس گهاگهر ڪڍائي هئي ڪيئي ڀيرا خانوءَ جو لغڙ ڪاڍا ٹي هن جي ڪوئي تي وڄي ڪريو هو تہ هن اهو کيس ڪٹي ڏنو هو. نہ رڳو ايترو پر جڏهن سندس زال زيبل کي پيٹ ٹيو هو، تڏهن پيسوءَ ماءُ کيس سڳڑا ۽ پاڻي پڙهائي آڻي ڏنو هو. بهار ۾ مسلمان پائر تہ ماريا ويا پر ان ۾ پيسوءَ ماءُ جوکهڙو ڏوهہ؟ ان کي ڇو ماريو وڃي؟ بيشڪ، بيشڪ هن صوفين جي سنڌڙيءَ ۾ فساد ڪڏهن نہ ٹيندا. ڪير اهڙو ظالم، سنگدل ٹيندو، جو پاڙي جو بچاءُ نہ ڪندو ۽ بيواهن جو گلو ڪاٹيندو؟" سندس ڪنن ۾ ڪنهن ساڳيو لفظ پٹڪيو، "جئ سنڌ!" سندس من جو مونجهارو لهي ويو ۽ سندس دماغ جڙ ڪلين شيو (Clean Shave) ٹي ويو.

هي شاعر

هن سڪل ڊبل روٽيءَ ڏانهن گهوري نهاريو. سنئينءَ سخت ميز تي سڪي ٽوٽ روٽي گويا ڪيس چيڙائي رهي هئي ته "بکيا شاعر! ڏسين ڇا ٿو؟ ختم ڪر هي رهيل ڪُهيل سلائيسون! رکيون سکيون ئي ڳڙڪائي وڃ! نڙيءَ مان نہ لنگهن ته پاڻيءَ ڊڪ سان کاءِ! چانهه جي ڪوپ لاءِ توکي ڇهه پئسا ته آهن ڪونہ." هو روٽيءَ ٽڪري کي چٽائي ڏسي رهيو هو. گويا ڪيس اکين سان ئي کائي ويندو! هيءَ روٽي، هيءَ ڪٽڪ، هي منع ٽيل ميوو جنهن سندس وڏي ڏاڏي کي بهشت مان تڙايو هو، سو ايڏا تائين سندس اولاد کي پنيلائيندو، پٽکائيندو ٿو رهي! هن کي بک هئي. سندس آندا "ميائو، ميائو" ڪري رهيا هئا. سندس اکين مان خالي ڪُکيون نظر اچي رهيون هيون. هو هن وقت نہ شاعر هو، نہ اديب، نہ انسانَ هو فقط بکيو هو.

اڄ ڪيس ڪجهه ب ياد نہ هو. نہ اهي اجليون اجليون باکون جڏهن هو سائيڪل ڊوڙائيندو ڪلفٽن تي ويندو هو، تازيءَ هوا ۾ سندس ڦڙڦوڙي ويندا هئا، دور افق ۾ آسمان جي نيري نيري رنگ تي ڳاڙهيون ريکون ترکنديون ويندیون هيون ۽ پنل هوا ۾ سندس منهن جو رنگ تڙي پوندو هو! ان وقت هو فطرت جي گود ۾ جهولیندو ويندو هو، ڇو ته ڪيس پڪ هوندي هئي ته نيرن تيار رکي هوندي. اڄ ڪيس ڪجهه ب ياد نہ هو. نہ ئي اهي جهڙالا ڏينهن. جڏهن ڪڪريون سڙهه ڦهلائيندیون هيون. جهڙ جي جهاڳ ۾ لڏندو ٻڏندو سج، ڪڏهن ڪڏهن ڪني ڪيندو هو ته سڄي دنيا مرکي اٿندي هئي ۽ هو ملير ۾ رلندو وتندو هو، ۽ ان وقت ڪيس پنهنجو وجود وسري ويندو هو. سندس زندگي شعر ٿي ويندي هئي، ۽ ب ٿي گيت سندس روح مان ٽپکي نڪرندا هئا ڇو ته ڪيس بک جو خيال نہ هوندو هو. سندس ڪيسي

۾ ايترا پئسا هوندا هئا جو بک لڳڻ تي هو باغ ۾ پيپا وڻي کائي سگهي.

اڄ ڪيس ڪجهہ بہ ياد نہ هو. نہ اهي سهاوڻيون شامون، نہ دونهون دونهون دنيائون، نہ نيريون نيريون ميٺايون ميرانجهڙيون فضائون، نہ ڇوهيون ڇوليون، نہ گاڄ، نہ گجي، نہ گهر، نہ گهٽا! اڄ ڪيس ڪجهہ بہ ياد نہ هو. نہ مرڪندڙ چپ، نہ ڍرڪندڙ پنبڙيون، نہ نپائيندڙ ڳالهيون نہ ڀارا ڳل، نہ لک ڇپ جون ملاقاتيون نہ سس پس جون باتيون، نہ ٺهڪڙا نہ ٽونڪون، نہ سڏڙا نہ سڏڪا! هونءَ هن انهن جا گيت ڳايا هئا. لفظ لفظ سويو هو. سٽ سٽ پوئي هئي. اڄ اهي موتي، اهي مالهائون، اهي گيت هن لاءِ ڪڇيون ڪوڏيون هئا. نڪما، نحس آواز جن سندس وهي وهم ڪئي هئي. هن سريلا راڳ لکيا هئا جيئن پل تہ هن لهسيل ڇيل دنيا، هن ڏکن- ڏڪي انسان، هن تتي- تنور جي هانو تي ٽڏو چندبو پوي. پر ان جي بدلي ۾ ڪيس ڇا مليو هو؟ بک! ڇتي بک، آندا چيريندڙ بک! اڄ ڪيس صرف پنهنجي بک ياد هئي.

هن روڻي ميز تي رکي الماريءَ مان پنهنجو تازو شعر جو ڪتاب ڪڍيو. هن ان ڪتاب جو انتساب پنهنجي محبوبہ جي نالي ڪيو هو. اهو نالوسندس روح ۾ رمي چڪو هو، هو ڪٽي بہ اهو نالو ٻڌندو هو تہ چرڪ نڪري ويندو هوس سندس دل جي ساز تي ضرب لڳي ويندي هئي ۽ سوين گيت ڇڙي پوندا هئا.

"آءٌ! منهنجي پري
گهٽائون پنهنجي بي نشان رفتار سان اڇي رهيون آهن!
هي رم جهم جو عالم، ٽڏي ٽڏي، ڀني ڀني دنيا!
هي ڇميل ڇميل ستارا، اپريل اپريل بادل!
آءٌ، منهنجي ننڍڙي پري!
اڄ رات منهنجي دل چاهي ٿي تہ تون بہ مون سان گڏ هجين."

پر اڄ پنهنجي محبوبہ جو نالو پڙهي بہ، هو ماضيءَ ۾ ملياميٽ نہ ٿيو. هن جي منهن تي نفرت هئي. "ڪيئن نہ مون کي دم دلاسا ڏيندي رهي،" هن سوچيو، چوندي هئي تہ "تنهنجي ذات تي دل ڏني اٿم. پر چاندي چاندي آهي شعر شعر آهي! سڪي کي سو سلام، صفحي تي لک لعنت! هوءَ ٻئي

ڪنهن سان شادي ڪري وئي، ڇو تہ هو زيادھ پئسي وارو هو. خير وئي تہ گھوريا! هينئر گھٽيئي اھڙيون ملي پونديون." هن انتساب وارو پنو ڦاڙي ٽڪريون ٽڪريون ڪيون ۽ روٽيءَ جي ٽڪرکي چڪ هنيو.

هن ٻيو صفحو ڦاڙيو. ان صفحي تي جو شعر هو سو هن روح جي رت سان لکيو هو.

هو نيٽي جيٽيءَ تي ترڻ ويو هو. شام جا پاڇاوان پاڻيءَ کي گھاٽو نيرو ٻٽائي رهيا هئا. هوا جا جھلڪا لھرين جي روانيءَ ۾ تيزي آڻي رهيا هئا. وھڪ ۾ ھڪ عجيب بيگانگي هئي. ڇولي ڇولي ڏاري هئي، پر ڏارا ۾ ھڪٻئي سان لڙهندي ٽي وئي. ڇوليون ڇو اڇي مليون هيون، ڪيڏانهن وڃي رهيون هيون، ڇا لاءِ وڃي رهيون هيون، ان جو پتو نہ هو. صرف وھڪ نظر اڇي رهي هئي، ٻيو اونهو، اٿاھ پاڻي. هو تري ٻيٺ تي ويو. ٻگھن جو جوڙو هوا ۾ پر ڦڙکائيندو لنگھيو. هن جي دل ۾ ھڪ سيسراٽ اُپريو، لفظ اکين اڳيان قطارون ڪري آيا، لڙک ڳلن تان ڳڙي، پاڻيءَ جي بي معنيٰ، بي مقصد وھڪ ۾ ملي ويا. اڄ هن انهيءَ شعر تي ٽھڪ ڏنو. ڪڙو، ڪجسو ٽھڪ، ۽ پنو ڦاڙي ڦٽي ڪيو. روٽيءَ ۾ چڪ هٽي، هن پاڻيءَ ڏُڪ پيتو.

ٽيون، چوٿون، پنجون، ڇھون..... غرض تہ سڄو ڪتاب ڦاڙيو ويو. هو ڊبل روٽيءَ کي چڪ هٽي رڙکيندو ڪتاب ڦاڙيندو ويو. سندس محبت نفرت، ڏک سک، پيار پچتاوَ جا شعر. سندس زندگيءَ جوساز سامان، سندس روح جو ساٿ سھارو ناس ٽيندو رهيو. هو ڊبل روٽيءَ کي زور سان چٻاڙي رهيو هو. گويا جڪ ٽي ڪاڏائين! پويون روٽيءَ ٽڪر ختم ٽي ويو ۽ هن جي ڪتاب جو آخرين صفحو ڦاٽي ويو. "بس وري شعر نہ لکندس،" هن قسم کنيو، "آھ! هيءَ بک!..... پرمون جئن ٻيا ٻہ تہ کيترائي بکيا آهن! ڇا، انهن جي بک جو سبب ٻہ شاعري آهي!..... ھڪ بکيو ٻيو پيٺ پريو، ھڪ سکڻو سڙيو، ٻيو سکيو ستابو، ھڪ مزدور ٻيو مالڪ! آخر ڪيسين سھبو؟ هي ظلم ستم، هي بک ڏک!" هن جذبات جي رؤ ۾ اچي قلم کنيو ۽ لکڻ لڳو.

"اي انسان! تون هن ڌرتيءَ تي ڪيسين ستم سھندين! سوين سڄ نڪتا، سوين چند اُپريا، پر انسانيت جو ستارو نہ چمڪيو! اي نادان!

ڪيسين اوندھ ۾ ٽاڪوڙا هڻندين؟ آءُ تہ هن سماج کي بدلايون! آءُ تہ مان توکي اُن نئينءَ دنيا جا گيت ٻڌايان جڏهن انسان بکيو ڏکيو نہ رهندو. آءُ تہ مان توکي ان نئينءَ دنيا جا گيت ٻڌايان جڏهن محبت دولت تي نہ وکامندي. آءُ تہ مان توکي ان دنيا جا گيت ٻڌايان جڏهن انسان جو دشمن انسان نہ پر قدرت هوندي....“

مسافر مڪراني

چوڏاري ڪجهه جون پوٽيون هيون ۽ عورتون انهن کي هٿن سان پڇي رهيون هيون. مزدور مڪراني عورتون- سڀيون ۽ سوٽ! وٽيل سٽيل ويٽيون، ڏٽا مٽا منهن! پکي چمڙي ڪکا وار چڙ ٽامي جون مشينون ٽي لڳيون. ڪجهه جهڙي نرم شيءِ سندنسخت هٿن ۾ نه ٽي سونهين! پريان ڪجهه جون ڳوٽيون پيون هيون ۽ انهن جي پرسان سندن ٻار کيڏي رهيا هئا. "مسافر! ابا مسافر! هيڏي نه آءِ،" هڪڙيءَ عورت پوٽي اڏائيندي چيو. سندس پٽ،مسافر، لاٽون ڦيرائي رهيو هو ۽ جئن ماءُ ڏانهن منهن ورايائين تئن مون تي نظر پيس. منهنجو سوٽ ۽ ٽاءِ ڏسي شايد ڪيس رونشو آيو ۽ هو لاٽون چڏي مون ڏانهن وڌي آيو. ٿوري دير مون ڏانهن ٽڪ ٻڌي ڏنائين ۽ پوءِ نچڻ لڳو. "سالي بابو جي. او سالي بابوجي!" هن سَر سان ڳاتو ۽ ڦيري پاتي- مون کي ڏاڍي کل آئي. هو نچي رهيو هو يا کينهونءَ ٽي ٽپ کاڏا! پريل بت، ڦنڊيل ناسون، کنڊريل چڳون! سندس ناسي وار نه گويا ان جون پوٽيون هئا. "او سالي بابوجي! او سالي بابوجي!" هن لاند لاتي ۽ جهمر هڻڻ لڳو. سيني جو ڏيان مون ڏانهن چڪجي ويو ۽ عورتون رئي جو پلڻ منهن کي ڏئي کلڻ لڳيون. هو "سالي بابوجي" چئي، تاڙي هڻي، چيلهه موڙي، ڦيري پائي رهيو هو. مون کي غصي بجاءِ کل اچي رهي هئي. جڏهن هن جهمر هڻي پوري ڪئي، تڏهن وري مون ڏانهن ٽڪ ٻڌي ڏسڻ لڳو. هن سمجهيو نه مان چڙي ويندس، پر مون کي سانت ۾ ڏسي هو هڪي بيهي رهيو. مون کيسي مان آنو ڪڍي کيس ڏنو. هو ككو وکو ٽي ويو. مون کيس سلام ڪيو. هو وائڙو ٽي ويو. مون ڏانهس هٿ وڌايو. هو سن ۾ اچي ويو. مون کلي ڏنو، هن به کلي ڏنو. "سلام سالي بابوجي" چئي، هو ڪجهه جي ڳوڙ پٽيان پڇي ويو.

انهي کان پوءِ نندڙي مسافر سان منهنجي سنگت ٿي وئي. هر آچر تي مان ڪلفٽن تي ويندو هوس. ڪڇ جو گدام بس اسٽان جي سامهون هو. جيسين بس اچي تيسين مان مسافر جو ناچ ڏسندو هوس ۽ وڃڻ مهل ڪيس آنو ڏئي ويندو هوس. مسافر جي عمر چار پنج سال هئي. منهن ماسيرو، چپ ٿلهيرا، رنگ سانورو، وار ڪچوريا! انهن سان گڏ مون کي هن جي منهن تي هڪ عجيب مرڪ نظر ايندي هئي. گويا سندس انگ انگ مرڪندو هو. سندس اکيون چمڪي، پرون تائجي، ناسون ڦولارجي، چپ وسکي ويندا هئا ۽ هو سراپا مرڪ ٿي ويندو هو. اها مرڪ هن جي ماحول تي فتح هئي. گدام جي هانو، ڪچوڪندڙ ٻوسات، پيٽ ۾ چتي بک، بت ۾ بچان، پگهر جي هلکي بوءِ چکٽي مٽي، ماءُ جو داب ڏڙڪو، چکيون چڙهون! انهن سيني جي شڪست هئي اهو ناچ! انهن سيني تي فتح هئي اها مرڪ! سڀ ٻار سندس چوڌاري مڙي ويندا هئا ۽ هو پنهنجي طوطيلي زبان ۾ ڳائيندو هو:

رئـــو وڏو امـــــان جو
طـــــرو وڏو ابـــــا جو
تـــئـــو وڏو امـــــان جو
چرو وڏو ابـــــــــا جو
پـــيـــٽ وڏو ســـــيـــٽ جو
پـــيـــٽ وڏو ســـــيـــٽ جو

خبر نه آهي ته هن اهو راڳ ڪٿان سکيو. هر ٽڪ ٽڪ کان پوءِ هو تاڙي وڄائيندو هو، ۽ سڀ ٻار سندس پٺيان تاڙي وڄائيندا هئا.

تـــئـــو وڏو امـــان جو- تـڑاپ، تـڑاپ، تـڑاپ!
چرو وڏو ابـــا جو- تـــڑاپ، تـــڑاپ، تـــڑاپ!
پـيـٽ وڏو ســيـٽ جو- تـڑاپ، تـڑاپ، تـڑاپ!

پوئين ٽڪ ڇڪي، هو ٽينگ ڏيندو هو ۽ سندس منهن تي مرڪ ڦهلجي ويندي هئي. مٺي مٺي مرڪ مبهر مبهر. جهونجهڪڙي جي پهرين ريڪ، روحانيت جو ڇڊو رنگ ۾ خوشيءَ ليئو پاتو، وڃڻ معصوميت گهونگهٽ هٽايو. مٺي مٺي مرڪ، بي غم بي غم، آڪاسي، اڻ ڄاڻ!! نه ڏکن بکن جو خيال، نه ڏمر ڏاڍ تي خوف! هن جي زندگي ناچ هئي، راڳ هئي، مرڪ هئي. نندڙو نندڙو قد، نندڙا نندڙا ٽينگ، نندڙا نندڙا گيت! روز نئون ناچ ڪندو

هو، روز نوان گيت چوندو هو. مون کي سندس وار نهايت وٹندا هئا. گهنڊي گهنڊي، گهاٽا گهاٽا! جڏهن هن جي وارن تي جهڪي هٿ ڦيريندو هوس تڏهن مون کي ساريءَ انسان ذات جا ابهم نظر ايندا هئا، پيارا پيارا ٻار، قدرت جا مٺڙا مٺڙا ميوا! سندم دل درد سان پرجي ويندي هئي. هي ٻار جنهنجي ماءُ صبح کان ساجهيءَ تائين ڪپهه پيڻي رهي آهي، تنهن جي انگ تي لٽو نه آهي! دل ۾ ايندو هو ته پوٽي پوٽي اڏايان، ڳوٽي ڳوٽي جلايان. گدام ڦهلندو نظر ايندو هو، سندس حدون ساريءَ دنيا سان ملي ويندیون هيون. هيءَ ساري دنيا هڪ گدام آهي جنهن تي ڪپهه جون پوٽيون پکڙيل آهن. بس هڪڙي چٽنگ، هڪڙي تيليءَ جي ضرورت آهي ۽ پوءِ ڇيبون ڀرڪنديون نظر ايندیون، دنيا جرڪندي نظر ايندي، انسانيت مرڪندي نظر ايندي. هڪڙي چٽنگ، فقط هڪڙي تيلي! اي انگ- اڳهاڙو! اٽو، هيءَ دنيا. هي ڪپهه جو گدام توهان جو آهي! اي پيٽ بکيوءَ اٽو! هي دنيا، هي ڪٽڪ جو گدام توهان جو آهي! ان تي صرف ان جو حق آهي جو پڇي ٿو، جو پوکي ٿو، جو پورهيو ڪري ٿو.

مسافر سان منهنجي سنگت سال کن هلي. اڳئين هفتي مان بس- اسٽان تي اڏ ڪلاڪ کن بيٺو هوس پر مسافر نه آيو. مون گدام ۾ وڃي هن جي پڇا ڪئي. سندس ماءُ اکين مان لڙڪ اڳهندي چيو، "بابو، مسافر کي ته نمونيا ٿي پئي آهي. توهان جي آڻي آني مان هن تي رپيا ميڙيا هئا سي ڊاڪٽر جي فيءَ ۾ ڏناسين ۽ باقي جو رپيو ڏيڍ هو سو دوا تي لڳي ويو. پنجن ڏينهن کان مسافر بنا دوا جي هنڌ تي پيو آهي. اسان وٽ پيسو هجي ته دوا دارون ڪريون! ويٺا الله جا رنگ ڏسون."

مان هن کي وٽي سڏو سندس گهر ويس. مسافر جا ڳل پيهي ويا هئا ڇڙ ربڙ جي ڪينهونءَ مان هوا نڪري وئي هئي. سندس منهن پيلو ٿي ويو هو.

هو مون کي ڏسي مرڪيو- ساڳي غير فاني مرڪ- مرض کي شڪست، موت تي فتح! نه بيوسيءَ جو ڏيان، نه بيماريءَ جو خيال، نه دوا دارونءَ جي پرواهه! مون سندس ڳل کي ٽڪائيندي چيو، "مسافر، مان آيو آهيان، مون کي راڳ نه ٻڌائيندين؟" مسافر مرڪي رهيو هو. هن نبل هٿن سان تاڙي وڄائي ۽ جهيڻي آواز ۾ ڳايو:

تئو وڏو امان جو
ڇرو وڏو ابا جو
پيٽ وڏو سيٺ جو
پيٽ وڏو..... ڪئون، ڪئون، ڪئون، ڪ..... ئون..... دم بيهجي
ويو- مسافر ويندو رهيو.

پنهل کان پوءِ

منهنجي روشني!

تو شراب جو کوزو منهنجي چپن تائين آندو، مون تو ڏانهن ڏٺو، تنهنجي اکڙين ۾ کيپ هو، الوٺ اربيليون اکڙيون! منهنجا هٿ ڏکڻ لڳا. کوزو لڏيو ملير، چلکيو ۽ کري چيهون چيهون ٿي ويو. شراب تنهنجي جهوليءَ ۾ هارجي ويو. مان هينئر تنهنجو پاند نپوڙي بوند بوند کري پي رهيو آهيان. پياس ئي نٿي ٻجهي! تون کيترو نه دور ٿي وئي آهين. تنهنجي دنيا کهڙي نه اجنبي ٿي وئي آهي. کڏهن کڏهن تنهنجي خبر ملندي آهي ته مون کي ماضيءَ جي وجود تي يقين نه ايندو آهي. تنهنجون يادگيريون ايندڙيون آهن. جن مان منهنجو من سرکيون پريندو آهي. پر اهي يادگيريون ته نندڙيون بوندون آهن ۽ اسان پراڻا پياڪ. ڳيت ۾ کيئي کوزا پي ويون. فقط يادگيريون ڇا کنديون!

توکي ياد آهي ته تو هکڙي دفعي چيو هو ته "اسان جا جسم جدا ٿي سگهندا. روح جدا نه ٿيندا." پر مون کي خطرو آهي ته هينئر تنهنجو روح به مون کان جدا ٿي رهيو آهي. تون دور ٿي وئي آهين. جسماني طرح به، روحاني طرح به. اسان جون دليون ٻن کنارن وانگر آهن جن جي وچ ۾ وقت جو درياه چوليون ماري رهيو آهي! اڻاهه، اونهو، بي انت! جنهن ۾ زندگيءَ جون کيئي پياريون گهڙيون لڙهي ويون. الاجي وري ملاڻ يا نه ملاڻ! توکي ياد آهي اها منهوڙي جي شام! شفق جا پاڇاوان چولين کي ڳراڙيون پائي رهيا هئا. تنهنجون چڱون تيز هوا ۾ ائين اڏامي رهيون هيون، گويا دور ٿي ڇنديون ٿي ويون، کنهن دوهين دار ککريءَ جي تلاش ۾. ٻه پورا پکيڙا دورشفق ڏانهن اڏامندا ٿي ويا. کنهن نامعلوم، نارس هستيءَ جي جستجوءَ

پر! هوا جي ڪنهن تيز جهونڪي انهن کي جدا ڪري ڇڏيو. پوءِ هو هڪٻئي جي تلاش ڪرڻ لڳا. پرڙا پتوڑيندا پتوڑيندا گم ٿي ويا. وري نہ مليا. تو چيو، "اي ڪاش! هي ٻئي جدا نہ ٿين ها ۽ ان نامعلوم نارس هستيءَ جي ٻُولا پر محو هجن ها! هاڻي تہ هڪٻئي جي جستجو مان ئي فارغ نہ ٿيندا."

اڄ تون دور نڪري وئي آهين، نهايت دور. منهنجو روح پٽڪي پٽڪي ٿڪجي پيو آهي. خاموش ۽ اداس آهيان. نہ لوچان ٿو نہ لهان ٿو.

منهنجي روشني!

آخر تو مون کي ياد ڪيو. تون رڄ آهين، مان اڄ آهيان. مون عمر پر تنهنجي جستجو ڪئي آهي، پر آخر توکي احساس ٿيو تہ تنهنجو وجود منهنجي هستيءَ سان منسلڪ آهي.

تنهنجو خط پهتو. مون کي يقين هو تہ تون مون کي وساري نہ سگهندينءَ. منهنجي محبت تنهنجي ذهن جي ڪنهن ڪنڊ ڪڙ پر چُپي ڳائي رهي آهي. تون تعجب پر هئينءَ تہ اهو مٺو مٺو نغمو ڪٿان اچي رهيو آهي. تو انهيءَ کي وهم سمجهي لنوائي ڇڏيو. مگر اهو پيارو پيارو آواز تنهنجي تمنائن پر ڪتڪتايون ڪندو رهيو. نيٺ تو ٻُولا ڪئي، پنهنجي روح جي چنڊچاڻ ڪئي ۽ تو ڏٺو تہ اهو نغمو بلڪل جهونو هو. ان جا سُر هزارين دفعا تنهنجي سماعت سان لائون لهي چڪا هئا. فقط زندگيءَ جي شور و غل پر اهو ڪجهہ وقت توکي ٻڌڻ پر نہ آيو هو.

تنهنجي ۽ منهنجي وچ پر چار سال آهن. تون اهو وقت مون سان نہ ملي آهين. اي ڪاش مان وقت جي وجود کي مٽائي سگهان! اي ڪاش مان هڪڙيءَ ساعت کي سؤ سال بٽائي سگهان ۽ سؤ سالن کي هڪڙيءَ ساعت پر سمائي سگهان! چڱو، آءُ تہ ڪائنات جي نظام کي شڪست ڏيون. تون منهنجي گذريل زندگي جيءُ ۽ مان تنهنجي گذريل زندگي جيئان. جا جان وتن تي واردات گذري آهي سا هڪٻئي کي لکون. مون کي يقين آهي تہ تون خطن جو سلسلو بند نہ ڪندينءَ.

منهنجي روشني!

اسان جي زندگي نر جي درخت وانگر هئي، جنهن جي ڇانو تہ نهايت پياري هئي پر ڦل ڪوڙو هو. اسان ان جي ٽڏيءَ ڇايا ۾ ويناسي پر ڦل نہ چکيوسي. ڇئي سگهندينءَ تہ اسان سياڻا هياسي يا اياڻا؟

چار سال اڳ جڏهن مون توکي آخري الوداع ڪئي تہ منهنجا چپ ڦرڪي رهيا هئا. مان اهو بدقسمت بيڪاري هوس جنهن پهٽيون چونڊيندي هيرو لڏو هو ۽ جيتوٽيڪ ان جي چمڪ سندم دل موهي ڇڏي هئي، تہ بہ مون ان کي هار ۾ ان ڪري پوئي نہ پاتو تہ متان اهو سندم گلي ۾ بار ٿئي. هاءِ، مون ائين ڇو ڪيو! مان رلي رلي ڪناري تي پهتو هوس. هيٺان ٽڏو مٿو پاڻي وهي رهيو هو. پر مون ڪجهہ سوچي گهڙو پڇي ڇڏيو. مون چيو تہ بهتر ائين آهي تہ پاڻيءَ جا ٻہ ٻڪ پي في الحال پياس ٻجهايان. گهڙي جو بار ڪلهن تي ڪير ڪٽندو! مان پاڻي پي رمندو رهيس. راهہ ۾ ڪيئي نهرون آيون پر پاڻي ڪارو نڪتو. پياس وڌندي رهي. جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ پياسو، وڌيڪ ماندو ٿيندو ويس! هاءِ مون گهڙو ڇو ڀڳو!

جڏهن مان توکي آخري بار الوداع ڪري ڪراچيءَ وڃي رهيو هوس تہ رستي تي سارو وقت اهو سوال منهنجي ذهن کي وڇونءَ وانگر ڏنگي رهيو هو، "مون ائين ڇو ڪيو؟" گذريءَ زندگيءَ جا واقعات سئنيما جي تصويرن مثال منهنجي ذهن ۾ ڦري رهيا هئا ۽ مان سوچي رهيو هوس تہ اسانجي دوستي ائين ختر ٿي وئي جيئن وچ مان ريل ڪٽجي وڃي!

مون کي ياد آيو تہ توسان پهريون غائبانہ دوستي ڪيئن ٿي هئي. شڪارپور ڪاليج جي لائبريريءَ ۾ مون ٽئگور جو "گيتانجلي" موٽايو ۽ انگريزي اخبار "لٽرري سپليمينٽ" ٿي پڙهي. اوچتو ڇوڪرن ۾ ڪجهہ سس پس ٿي. مون نگاهہ ڦيرائي ڏٺو تہ تون ڪتاب وٺي رهي هئينءَ. تنهنجا ناسي مائل ڪارا وار تنهنجي ڪمر تائين لڙڪي رهيا هئا. ڪاليج ڪلئي ۾ ٿي مهينا ٿيا هئا جڏهن ڪان مان توکي ڏسندو رهندو هوس. نہ ڄاڻان ڇو جڏهن مون توکي پهريون پيرو ڏٺو هو تہ منهنجي دل ۾ عجيب و غريب خيال آيا هئا. مون پانيو هو تہ تون مان صديون اڳي مليا آهيون. ماضيءَ جي ڪنهن مبهم ميرانجهڙيءَ دنيا ۾، جا ذهن جي تري ۾ لٽجي وئي آهي ۽ جنهن کي منهنجو حافظو هزار ٽهيون هٽي بہ هٽ نہ ڪري سگهيو آهي. مان ايجان تائين

محسوس ڪندو آهيان ته گذريءَ زندگيءَ ۾ تون مان هرڻ ۽ هرٽي هياسي ۽ رج ۾ پاڻيءَ لاءِ رلندا رهياسين ۽ نيٺ پٽڪي پٽڪي ڪنهن درخت جي سائي ۾ ويهي هڪٻئي جي چپن مان پياس ٻجهائيسين. عقلي طرح مان تناسخ جو قائل نه آهيان پر جذباتي طور مون کي تنهنجي محبت مجبور ڪيو ته مان اها ڳالهه مڃان ته تون مان زندگيءَ جي دور دراز سفر ۾ ڪيئي منزلون اڳي ملي چڪا آهيون. جا روح جي چڪ مون توکي پهريون پيرو ڏسڻ سان محسوس ڪئي سان محض اتفاقي نه هئي.

لائبرريءَ مان تون ڪتاب وٺي مس وئينءَ ته لئبريرين مون کي سڏ ڪيو ۽ معنيٰ خيز نگاهن سان چيائين ته "هن ڇوڪريءَ مون کان پڇيو پئي ته "الف" جيڪي ڪتاب پڙهندو آهي، مون کي به اهي پڙهڻ لاءِ ڏيندو ڪر."

مون کي تعجب آهي ته تو مون ۾ ايتري دلچسپي ڇو ٿي ورتي. شايد تو مون کي ڪاليج ۾ تقرير ڪندي ٻڌو هو. شايد ڪاليج جي پارليامينٽ ۾ بهرو وٺندي ڏٺو هو. شايد ٽرمينل امتحان ۾ مان اول آيو هوس. يا شايد جميل، جو تنهنجو همسايو هو ۽ منهنجو دوست هو ۽ جو مون سان تنهنجي ذهانت، خلوص ۽ شرافت جون ڳالهيون ڪندو هو، تنهن منهنجو غائبانه تعارف ڪرايو هجي. پوءِ جڏهن اسان گهايل مائل ٿي ويا سي تڏهن تو ٻڌايو هو ته، "تو پهريون دفعو جڏهن مون کي غور سان ڏٺو هو تڏهن ڪلاس ۾ پروفيسر برطانوي شاعر ڪيٽس جي حسن جي نظرئي تي تقرير ڪري رهيو هو. هن مرد ۽ عورت جي جنسي تعلقات جي متعلق ڳالهيون ڪيون، جن ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي دلين ۾ ڪتڪتايون ڪيون ۽ هو ڪلڻ لڳا." تو چيو ٿي ته، "ان وقت مان سندءِ بينچ جي پٽيان ويٺو هوس ۽ بلڪل خاموش هوس. گويا نه مون پروفيسر جا شوخ جملا ٻڌا هئا ۽ نه سڄي ڪلاس جا قهقها! پنهنجي خيالات ۾ محو هوس، پنهنجي دنيا ۾ گم هوس، گويا منهنجو بدن بينچ تي هو باقي منهنجو سيلاني روح ڪائنات جي ٻئي ڪوني ۾ وڃي نڪتو هو."

ايا تائين مون کي اها عادت آهي. يار دوست ويٺا هوندا آهن. ڇهچها ۽ قهقها لڳا پيا هوندا آهن. محفل رنگ ۾ هوندي آهي. رکي رکي شمع جي دونهين وانگر منهنجو روح اڏامندو آهي. منهنجو بدن هتي هوندو آهي ليڪن

كافي دير ٿي وئي هئي، سو مون توکي چيو، هاڻي مان هلان ٿو. تون هٿ بتي ڏاکڻ وٽ جهلي بيٺينءَ تہ جيئن مان آساڻيءَ سان لهي ويان. ايڏا مان هڪ ٻہ ڏاکو لٿو هوس تہ تو چيبو "ٻڌو تہ." ۽ پوءِ مان ٻڌندو رهيس..... تون ڳالهائيندي رهينءَ. وقت اڏامندو ويو. محبت وقت تي فاتح آهي، وقت محبت تي فاتح ناهي، وارا ڏارا آهن. ان وقت، محبت وقت تي فاتح هئي. خبر نہ ٿي پئي تہ پل پهر کيئن اڏامندا ٿي ويا. تون اونداهيءَ رات ۾ هٿ بتيءَ سان ڪنهن ديو مالا جي حسين جادوگرياڻي ٿي لڳينءَ ۽ ڪجهہ وقت کان پوءِ جڏهن مان پنهنجي ڪافي. "گهرا گهرا ڪارا نيٺ، جادو لائي ويا جيءَ ۾." چئي رهيو هوس تہ اهو ميٺهوڳيءَ جو منظر اکين اڳيان ٿي ڦريو.

هينئر شام ٿي وئي آهي. برسات بيهجي وئي آهي. هر چيز پرسڪون آهي، هر شيءِ اداس اداس آهي. مون چيها پاليا آهن. سندن پر مينهن ۾ پڃي ويا آهن ۽ هو جهولڻي تي لٽڪي رهيا آهن. انهن نندڙين مٺڙين جانين ۾ قربت ۽ محبت جو گهرو احساس آهي، نہ کين ڪنهن ڪلي ڪيت ۾ ڪيل ڪوڏ جي پرواهہ آهي نہ پرواز جي حسرت! هو ائين ڏسي رهيا آهن گويا پيچري جون لوهي شيخون انهن ۽ آسمان جي وچ ۾ حائل نہ آهن. اي ڪاش! تون مان ٻہ ٻڪيڙا هجون ها ۽ پنهنجو نندڙو پيرو جوڙي ويهون ها. اي منهنجي حسين روشني! توسان گڏ پابندي هزار آزاديءَ کان بهتر آهي. هاءِ، مون ڇڙواڳي ڇو ٿي چاهي! هاءِ، مون تنهنجي زلفن جا زنجير پنهنجين ويڙين ۾ ڇو نہ ٿي ويڙهي ڇڏيا.

توکي ياد آهي اها جنوريءَ جي رات!

ڪاليج جو مشاعرو ۱۱ بجي ختم ٿيو هو. اندر هال ۾ تہ شعر و شاعريءَ جي ڏن ۾ هڪاسين ۽ سرديءَ جو احساس ئي نہ ٿي ٿيو. ٻاهر نڪتاسين تہ ولهہ ٿي وسي. آسمان تي ستارا ڇمي ويا هئا. لڳ لڳ ۾ ڦرڪٽي هئي. تو ٽانگي جي ڳولا ڪرائي، ٽانگو نہ مليو. سو تو مون کي چيو گهر تائين پيدل ڇڏي آءُ! سيءُ بدن ۾ سيرون ڪندو ٿي ويو. مون ڪرم مفلر پنهنجي ڳلي مان لاهي تنهنجي ڳلي ۾ وجهي ڇڏيو. نهايت پياري رات هئي اها! چاندوڪي ۽ خاموشي گويا ٻہ جاڙيون پينر هيون جي مدت بعد ڳلي ملي سڪ لاهي رهيون هيون. سڀ راهگير گويا سايا هئا. انسان نہ هئا، روح هئا جسم نہ هئا. هونءَ تہ هر ڪنهن جي پنهنجي پنهنجي دنيا هئي، انسان ان

دنيا جو مرڪز هو ۽ ساري ڪائنات ان جي چوڌاري چڪر ۾ هئي، پر ان وقت انسان ۽ ڪائنات ۾ مختلف چيزون نه هئا. انسان ڪائنات هو، ڪائنات انسان هئي. تون ۽ چاندني رات جي نظاري کان ڪافي متاثر ٿي هئينءَ. چؤطرف سانت وسي رهي هئي. قدمن جي چاپ ڪنهن دور ديس جو آواز پئي معلوم ٿي. ان وقت مون چيو ته اي ڪاش! هيءَ راهه ڪڏهن ۽ ختم نه ٿئي. هيءَ راهه ازل کي ابد سان ملائي، ۽ تون مون سان هلندي رهين ۽ چاندني تنهنجي چهري کي چمندي رهي! رستي جي پرسان ڪاهي هئي ۽ ان ۾ ڪنول جا گل ٻيٺا هئا. چاندوکيءَ ۾ ڪنول جا پتا نهايت پيارا ٿي لڳا. مون ڪڏهن ڪنول ٿي ڏٺا. ڪڏهن تنهنجا ڪومل ڳل! مون کي سنسڪرت جي شاعر وديا پتيءَ جو شعر ياد آيو. "اي پرين، تون ته چور آهين! تنهنجي رخسارن اها ملائمت ڪٿان آندي؟ ڪنول جو گل توتي گواهه آهي، تنهنجي چهري اها چمڪ ڪٿان آندي؟ چند توتي دانهين آهي، سياري جي سرد رات پڪاريو ٿي ته تو اهي دراز زلف ڪٿان آندا آهن!" مون توڏانهن وري ڏٺو. مون کي ۾ خوف ٿيو ته تو منهنجو ۾ ته ڪجهه چورايو نه آهي! مون غريب شاعر وٽ هيو ئي ڇا؟ مون سيني تي هٿ لائي ڏٺو. واهه منڙي! تو ته مون کي ۾ نه ڇڏيو. جا شيءِ مون مدت کان سيني ۾ سانڍي رکي هئي سا تون تڳائي وئينءَ. تون فاتحانه انداز سان هلي رهي هئينءَ. مون فقير جو سارو سرمايو تنهنجي مٺ ۾ هو. ٻنهي کي يقين ٿي چڪو هو ته اسين هڪٻئي سان محبت ٿا ڪريون. جا ڳالهه زبان نه ٿي چئي سگهي، جو راز اکيون افشا نه ٿي ڪري سگهيون، سا ڳالهه ۽ سو راز چاندني رات چئي وئي. تو ۾ سمجهيو، مون ۾ سمجهيو. نه تو ڪچيو نه مون ڪچيو. مون تنهنجي هٿ کي پنهنجي هٿ ۾ ڏهائي چپن تائين آندو. تنهنجا گورا گورا هٿڙا مون کي نهايت وٺندا هئا. گويا مرجان مان ٺهيل هئا. ڪير ڄاڻي ته انهن هٿن جي ليکن ۾ ڇا لکيل آهي!

جنهن وقت تنهنجي ڳهر پهتاسين ته ڪافي دير ٿي چڪي هئي. تو آهستي در کڙڪايو. تنهنجي ماءُ کڙو کولي پڇيو ته "امان اڄ ته ڏاڍي دير ڪئي اٿي!" مون تي نظر پيس ته ويتر ڳهرائجي وئي پرڪچيائين ڪجهه ۾ نه پوءِ تو ڪيس مشاعري متعلق ٻڌايو. مون موڪلايو ته تو چيو ته

منهنجي "مان" گر هوندي آهي. ڪنهن پراسرار اڻ ڄاتل عالم ۾، گرد و نواح کان بيخبر. گويا زندگيءَ جي شاهراهه تي گڏ هلندي هلندي اهڙو وراکو ايندو آهي، جتي منهنجي جان منهنجي تن کي لنوائي کسڪي ويندي آهي. ڪيڏانهن؟ ڪنهن جي جستجوءَ ۾؟ ڇا معلوم! تو منهنجي انهيءَ ڪيفيت جو صحيح اندازو لڳايو ۽ منهنجي چهري ۾ معصوميت ڏسي تنهنجي دل ڇڪ ڪئي. ان وقت تنهنجي عمر سورنهن ورهيه هئي ۽ منهنجي عمر سترهن. تون عورت هئينءَ انهيءَ ڪري تنهنجي نشو و نما مون کان وڌيڪ ٿي چڪي هئي.

مان توڏانهن تنهنجي ڪهاڻي لکي رهيو آهيان. شايد تو ان کي وساري ڇڏيو هجي. هر انسان پنهنجي ماضيءَ جو جنازو ڪلهن تي کنيو ٿو گهمي. پر مون کي انديشو آهي ته تو ماضيءَ کي بلڪل دفنائي ڇڏيوآهي. مان گهڙيءَ پل لاءِ ان ماضيءَ کي زنده ٿو ڪريان. منهنجا خط تنهنجي ماضيءَ جي رنگين تصوير آهن، جا مون لڙڪن ۽ لهوءَ سان ناهي آهي. انهن ۾ منهنجي مصوريءَ جون آرائشون به شامل آهن، پر مون ڪوشش ڪئي آهي ته تنهنجا خد و خال برقرار رکان.

هن وقت بادل پرجي آيا آهن. اولهه کان گهٽائون جهومنديون اچن ٿيون. ساري ڪائنات سرمستيءَ ۾ خمار ۾ آهي. منهنجون اکيون به پرجي آيون آهن. هي تنهنجي ديس جا بادل، هي تنهنجي پار جون گهٽائون، ڪراچيءَ کان تنهنجي ينې يني ياد ڪٽي آيون آهن. برسات پئجي رهي آهي، مان پايان ٿو ته ڪوئي ڪکر ۽ ڪکري ورهين کان وڇڙيل هئا، اڄ انهن جي اتفاقي ملاقات ٿي آهي ۽ ٻئي هر آغوش ٿي رنا آهن. اي سائين، تون ڪيترو نه دور آهين! ايترو دور جيترو چند! اي ڪاش، تون منهنجي اداس جهوپڙيءَ جو ڏيئو ٿي سگهين. ها! اي ڪاش، تنهنجي ڏيمي جوت منهنجي مستقبل جي اوندهه ۾ تمنائي ها ۽ منهنجي حال جي رهنمائي ڪري ها! مون کي اهو ڏينهن ياد اچي رهيو آهي جڏهن تون ۽ مان تنهنجي گهر جي ڇت تي وينا هياسين ۽ ڪاليج جي ڇوڪرين، ڇوڪرن ۽ پروفيسرن متعلق ڳالهه ٻولهه ٿي ڪئيسون. ڪجهه وقت کان پوءِ موضوع بدلجي ويو ۽ شعر و ادب جي باري ۾ روح رهاڻ ڪئي سين. توکي خبر هئي ته مان شعر چوندو آهيان.

شايد مون سان تو ايترا تعلقات وڌايا ئي ان ڪري هئا، جو مان شاعر هوس. تو فرمائش ڪئي ته مان ڪوئي شعر ٻڌايان مون کي فطري گهبراهٽ محسوس ٿي. ڇو ته ان کان اڳي تو ڪڏهن به اهڙي فرمائش نه ڪئي هئي. ان وقت به جهڙ هو ۽ سنهڙيون سنهڙيون ڪڪريون ڪپهه جي پوٽين وانگر آسمان تي پکڙيل هيون. شفق جي سنهريءَ نيراڻ ۾ برساتي شام جو نهايت دلڪش منظر هو. گويا ساري ڪائنات ڪنوار ٿي لڳي. مون تو ڏانهن ڏسي گهبرايو ۽ چيو ته ۔ن کي ڪوئي پنهنجو شعر ته ياد ڪونہ آهي باقي شاهہ عبداللطيف جي هڪڙي سٽ دل تي تري آئي آهي:

"اڄ پڻ منهنجي يار، وسڻ جا ويس ڪيا."

اها سٽ چئي، مون توڏانهن ڏٺو، تنهنجا نرم ڳل آسمان جي سفيد ڪڪرين وانگر ٿي لڳا ۽ تنهنجي هلڪي پيلي پوتيءَ مان شفق جا ٿڌيرا شعاع نڪري رهيا هئا. گويا توبہ وسڻ جا ويس ڪيا هئا. ڪائنات جو ازلي حسن تنهنجي هستيءَ ۾ سمائجي ويو هو. مون پهريون دفعو محسوس ڪيو ته تون منهنجي شاعريءَ جو روح آهين. منهنجا لفظ بينوا فقير هئا، جي جهولي جهلي پنندا رهيا هئا. اي حسن جي ملڪ! تو انهن کي تاثير جي بي حساب دولت ڏئي ڇڏي! ان وقت برسات زور سان پوڻ لڳي. ساوڻ جا وسڪارا هئا ۽ سارا ڪپڙا ڀڄي ويا. تو ڳائڻ شروع ڪيو، بادل برسڻ آيا. تنهنجو سريلو آواز گويا ڪائنات جي دل ۾ ڇپي ويو. اوندهہ ساري عالم تي ڦهلائڻ لڳي. فطرت گهريءَ خاموشيءَ ۾ ٽهي هنئي. تون ۽ مان هڪٻئي کي ساڪت ۽ خاموش ٿي ڏسي رهيا هئاسين. تنهنجين اکڙين ۾ اسرار هئا، نيري آسمان کان به گهرا! منهنجي دل ڇوليون ماري رهي هئي. مون محسوس ڪيو ته تنهنجي ۽ منهنجي هستي پاڻ ۾ ملندي ٿي ويئي. گويا تون ۽ مان ۽ برساتي بوندون هياسين ۽ هزارها ميل سفر طئي ڪري رات جو ڪنهن گلاب جي پتي تي ڪريا هئاسين ۽ ان وقت زندگي فقط رنگ و بو جو طلسم هئي. هاءِ! ڪنهن کي معلوم هو ته انهن مان هڪڙي بوند ڇلڪي ڌرتيءَ ۾ جذب ٿي ويندي ۽ هڪڙي آفتاب جي تپش ۾ بادلن سان وڃي ملندي! ۽ اجنبي، جن کي پنهنجي پنهنجي منزل معلوم نہ هئي، پٽڪندا پٽڪندا ڪنهن ڪڙيءَ تي ملي ويا ۽ ناگاهہ محسوس ڪيائون ته اسين هڪٻئي جي منزل آهيون.

"سردیءَ ۾ آیا آهیون. ٿوري دير ويهو ته لڳ سَيڪيون. سگريءَ ۾ ڪوئلا ٻري رهيا هئا. ڪمري ۾ گاسليٽ جي بتيءَ جي ڏيمي روشني هئي. بتيءَ تي ڪيترائي پتنگ ڪنڀڑاٽيون ڪوهي رهيا هئا. تو شرارت سان چيو "هڪڙيءَ روشنيءَ تي ايترا پتنگ!"

منهنجي روشني، ٽوڪي ڪهڙي خبر ته توتي ڪيترا پتنگ مڙندا! اڳرن جي مڇ مان چٽگون اڏاٽيون ۽ اوندهه جي سرد سيني ۾ پيهي ويون. تو باهه تي هٿ سيڪيندي ماءُ کي چانهه ٺاهڻ لاءِ چيو ۽ اوچتو مون کان پڇيو ته "بي. اي. پاس ڪرڻ کان پوءِ ڇا ڪندؤ؟" مون کي سوال نه وٺيو.

ان وقت زندگي هينئر ۽ هتي هئي. تڏهن ۽ تتي جو ته خيال ئي گناهه هو. ڀالهه لنوائڻ لاءِ مون جواب ڏنو. "جيڪا قسمت."

"تڏهن توهان قسمت ۾ به اعتبار ڪندا آهيو!" تو چيو.

مون وراڻيو ته، "نه، قسمت ته انسان پاڻ ٿو ٺاهي. منهنجو مطلب هو ته جڏهن وقت آيو تڏهن ڏنو ويندو." اڄ جڏهن مان هي خط لکي رهيو آهيان ۽ حياتيءَ جون لاهيون چاڑهيون ڏسي، ٽڏيون ڪوسيون سهي چڪو آهيان تڏهن مون چگيءَ طرح محسوس ڪيو آهي ته قسمت آهي، ته انسان ڪٺ پتلي آهي جنهن جي ڊوري ڪنهن ازلي بازيگر جي وس ۾ آهي جو ساري عالم جي نظام کي نچائي رهيو آهي. ساري زندگي شطرنج جي راند آهي جا ڪوئي اداس اجنبي کيڏي رهيو آهي. تون ۽ اسان مهرا آهيون.

خير، تون مطمئن هئينءَ ته منهنجو مستقبل چمڪندو، انڪري منهنجي آئندهه تعليم جي باري ۾ تو زياده سوال نه ڪيا، ۽ وري اسان مشاعري جي ماحول ۽ ڪاليج جي زندگيءَ متعلق ڀالهيون ڪرڻ لڳاسين. ڀالهه تي ڀالهه نڪرندي آئي، وقت گذرندو ويو. نه پنهنجي وجود جو احساس نه آس پاس جي خبر! گويا اسان ۾ ۽ ڀالهيون هياسين، مڙيون مڙيون ڀالهيون، جي وقت جي پرن تي اڏامنديون ٿي ويون. مون توکي سرڪائي پنهنجي آغوش ۾ آندو، تنهنجا نرم ۽ گداز بازو منهنجي هٿن ۾ هئا، باهه جي توَ تي تنهنجا رخسار گرم ٿي ويا هئا ۽ جڏهن اهي منهنجي منهن سان لڳا تڏهن مون جا روحاني ڪيفيت ۽ گرمي محسوس ڪئي، سا ڪڏهن به ساري نه سگهندس. جڏ تنهنجي رخسارن جي گرمي منهنجي نس نس کي محبت جو

پيغام ڏئي وئي. اگرن مان ۾ ڇيڻون نڪري ملي ويون ۽ ٻنهي مان هڪ وڏي ڇيي نڇندي نڪتي. هاڻي جڏهن مان ماضيءَ جي رڪ کوٽي رهيو آهيان تڏهن ان ڇيءَ جو سهسايل سيڪ ياد اچي رهيو آهي ۽ ساهه مان سيسراٽ پيا ايرن! هاءِ، هيءَ محبت ڇا آهي؟

ساهه جا سائين،

هن رات جي تنهائيءَ ۾ تون دور هوندي به ڪيترو نه قريب آهين! گويا منهنجي پهلوءَ ۾ ويٺي، هن خط کي تعجب مان ڏسي رهي آهين. هيءَ تنهنجي تصوير آهي! توکي يقين نٿو اچي ته تون منهنجي مُوقلم کي ڏسي رهي آهين. مان اهو مصور آهيان جنهن زندگيءَ ۾ فقط هڪ ئي تصوير ڪيڊي آهي ۽ مان اها مڪمل ڪندس. مان اها يقيناً مڪمل ڪندس.

• منهنجو تصور ۽ منهنجي تصوير! خدا ۽ ان جي تخليق! جنهن وقت ڪتيون ڪر موڙيندیون آهن ۽ پوئين پهر جو ڪائنات ۾ روحاني راز وسندا آهن، منهنجو بي چين روح تنهنجي تلاش ڪندو آهي، اها تلاش ازل کان شروع ٿي آهي ابد تي ختم ٿيندي. شايد اها تلاش ڪڏهن به ختم نه ٿيندي، چوته ان ۾ منهنجي وجود جو راز مضمر آهي، مان خود تنهنجي تلاش آهيان. تنهنجي تلاش نه رهندي ته مان نه رهندس. بهتر آهي ته تون دور رهين، تون قريب آئينءَ ته تون ئي تون رهندينءَ. مان ڪير، مان ڪٿي! هن وقت ڏڪڻ جي هير لڳي رهي آهي، گويا ڪائنات ٽڏا ساهه ڀري رهي آهي. گذشته زندگيءَ جا دلفريب واقعا اکين اڳيان ترندا ٿا اچن. وقت منهنجي لاءِ بي معنيٰ لفظ آهي، وقت منهنجي لاءِ اهو بيئل تلاءُ آهي جنهن جا ماضي ۽ مستقبل ٻه ڪنارا آهن. انساني دل ڪشتي آهي، ڪڏهن هن پار ڪڏهن هُن پار! ماضي به حقيقت آهي. مستقبل به حقيقت آهي، فقط حال غير يقيني آهي، فريب آهي. جو ماضيءَ يا مستقبل ۾ رهيو سو زندهه جاويد آهي، جو حال ۾ رهيو تنهن گويا خودڪشي ڪئي.

شاهه جو بيت: "ڪنول پاڻون پاتار ۾ پنوڙ ڀري آڪاس،" اسان جي محبت جي بهترين تفسير آهي. تون ڪنول آهين، تو ۾ نرمي ۽ نزاڪت آهي، حسن ۽ ملائمت آهي. ليڪن تنهنجي زندگي حقيقت پرستي آهي. تنهنجون

پاڙون پاتار ۾ آهن. مان پڻ آهيان. منهنجو خمير نغمي ۽ محبت مان ٺهيو آهي. تخيل پرستي منهنجي زندگي آهي. ڪنول سان پڻري جي محبت ازلي آهي جيتوڻيڪ سندن فطرت هڪبئي کان نرالي آهي. پڻرو ڦرندو ۽ پرندو رهي ٿو، ڪنول مرڪندو رهي ٿو. انهن ۾ اها باهمي ڪشش ڇو آهي؟ انهن ۾ اها ازلي آشنائي ڪٿان آئي؟ منهنجا سائين، تون مون سان شڪايت ٿي ڪرين ته مان توکي ڇو ڇڏي هليو ويس، ڪنول سان پڻر جي ياري ڪيترو وقت هلندي آهي؟ اوهان ازدواجي زندگي چاهي، ان جو ساز و سامان چاهيو، اوهان چاهيو ته بهترين مڪان هجي، ڪار هجي، چگي نوڪري يا بزنس هجي، اوهان کي خوشيءَ کان وڌيڪ خوشحاليءَ جو خيال هو. عاشقيءَ کان وڌيڪ آرام پياروهو. پڻر سمجهي ويو ته ڪنول جون پاڙون پاتار ۾ آهن، پڻرو اڏامي ويو. هن جي زندگي ازلي نغمو آهي، آسماني سير آهي. هن جو زمين ۽ ان جي باشندن سان ڇا؟

تون دور رهي به منهنجي تخيل تي ڇانيل آهين! تنهنجو ماضي منهنجي فن سان وابسته آهي. تنهنجي منهنجي ازلي آشنائي آهي. تنهنجي منهنجي جي ڳالهڙي حسن و عشق جو ابدي داستان آهي.

منهنجي چانڊوڪي، منهنجي روشني،

ننڍي هوندي جا ساڻي به ڪهڙا نه پيارا ڏا ڏين! انهن جي صحبت ۾ گويا ماضيءَ کي نئين زندگي ڏي ملي وڃي. زندگيءَ ۾ ايتريون ته بي وفايون ۽ بي اعتنايون آهن، ايترا ته ڏک ڏاکڙا، ڪٽن ڪشالا آهن، جو ماڻهوءَ لاءِ سنگت ڏي فقط آڻت آهي. مان ته پانيان ڏو زندگيءَ دوستيءَ جي سهاري ڏي تڪي!

رات ج- سان براج تي ويٺو هوس. ج- اسان جو جهونو باهمي دوست آهي ۽ تازو ڪراچيءَ کان هتي آيو آهي. آسمان جي نيري وسعت ۾ چند پنهنجون منزلون طءِ ڪندو ڏي ويو. ستارا ڪيس تڪيندا رهيا. بن ستارن پاڻ ۾ سرگوشي ڪئي ته هي تيز تيز ڪيڏانهن وڃي رهيو آهي، هن جي منزل ڪٿي آهي! اي ڪاش، هي اسان سان ترسي ها، هيءَ آسمان جي بي انتها بي انت گهرائي! ۽ هيءَ اڪيلائي! ۽ هي احساس ته اها چانڊوڪي چار گهڙيون آهي! اي ڪاش، انهيءَ چند کي اسان مجائي سگهون ها هو اسان سان ترسي،

هيءَ پياري پياري رات وري نہ ايندي! ج- بہ چنڊ ڏانهن ڏسي شايد ساڳي ڳالهہ سوچي رهيو هو ۽ هن تولاءِ پڇيو، "تازو کوئي خط آيو اٿيئي"، ۽ يڪدم سندس ياد ماضيءَ جي کوهيڑي ۾ هٿوراڙيون هٽڻ لڳي.

مون سنڊوءَ ۾ نهاريو. چنڊ جو عڪس پاڻيءَ ۾ ٽکرا ٽکرا ٿي ويو هو، ٽکرو کنهن لهر جي جهولي ۾ هو، ٽکرو کنهن جي. جيئن منهنجي ۽ منهنجي دوست جي من ۾ تنهنجي گذشتہ زندگيءَ جي ياد! مون کي ياد آيون اهي راتيون جڏهن اسان سمنڊ جي کناري تي گهمڻ هلندا هئاسون، تون آب هوا جي تبديل لاءِ ڪراچيءَ وئي هئينءَ ۽ اتي تو واپس اچڻ جو ارادو باوجود مخالفت، بدلائي ڇڏيو هو. مون کي جڏهن معلوم ٿيو تہ تون اتي ڪالهہ ۾ داخل ٿي آهين تہ مون بہ تنهنجي وطن کي الوداع ڪئي. اڙي بانوري! ساريءَ دنيا ۾ منهنجي فقط تون ئي هم وطن آهين. جتي تون آهين، اتي منهنجو وطن. هينئر جڏهن تون دور آهين، مان پاڻ کي ديس ۾ پرديسي پيو سمجهان! ڪراچيءَ ۾ اسان شام جو تنهنجي گهر کان ڪياماڙيءَ واري رستي تي گهمندا هياسين. پهريون نيٽي جيٽي وٽ ترسندا هياسين. اتي هڪ ٻوڙي مندر هو. شام جو ان جا گهنڊ ڪنهن ماورائي دنيا جي صدا معلوم ٿيندا هئا. گوتم ٻڌ جا حسين مجسما شام جي ڏنڊ ۾ عجيب روحاني اسرار جا ذخيرا لڳندا هئا. خود تنهنجي هستي هڪ حسين مجسمو لڳندي هئي. گويا ڪوئي روحاني راز پنهنجي حل جي جستجوءَ ۾ عالمِ وجود ۾ آيو هو، گويا ڪوئي ازلي پکيڙو ڪائنات جي ڪنهن مبهم ڪنڊ مان اڏري آيو هو ۽ زندگيءَ جي حسين قفس ۾ قاسي ويو هو. تون آشنا هوندي بيگاني لڳندي هئينءَ، نزديڪ هوندي دور هوندي هئينءَ. مون کي ان وقت نهايت تعجب ايندو هو تہ هِن سطح تي تنهنجا خيالات ۽ اعمال بلڪل دنيوي انسانن جهڙا هوندا هئا. تون نهايت سمجهو هئينءَ.

مان اهو تضاد ايجا تائين سمجهي نہ سگهيو آهيان. تنهنجو زندگيءَ جو نظريو بلڪل دنيوي آهي. تون هر شيءَ کي نفع نقصان جي تارازيءَ ۾ توريندي آهين، تنهنجا اعمال ڳڻ ڳوت ۽ سوچ سمجهہ جو ثبوت ڏيندا آهن. ليڪن مون توکي جڏهن بہ فطرت جي نفيس جهولي ۾ ڏٺو آهي، تڏهن تون هڪ غير مرئي شيءَ لڳندي آهين، گويا تون شام جي رنگين لطافت آهين،

لهرين جي حسين راڻي آهين، سرد هوا جي پياري خنڪي آهين. توکي ياد آهي اها شام جڏهن ڪياماڙيءَ جي قريب اسان هڪ ٽڪل ڪشتي تي هلي وينا هئاسين. ڪالهين ڪندي مون محسوس ڪيو ته اها ڪشتي پاڻيءَ ۾ لڙهندي ٿي وئي، اڳتي اٿاهه پاڻي هو، ڇوهه، ڇر، ڇتيون ڇوليون- اڳتي، جتي ڪوئي پنهنجو پرائو نه هو، دنيا ۽ ان جا دک نه هئا، گذشته جو غم ۽ آئندهه جو اونو نه هو، اڳتي جتي تون ۽ مان ۽ انسان نه هياسين، ڪشتيءَ جا ۽ سڙهه هياسين ۽ زندگي روان دوان هئي، ڪنهن نامعلوم ساحل جي تلاش ۾.....
اهو ساحل ڪٿي آهي، اهو ساحل ڇا آهي، اهو ساحل ايان تائين پيو مون کي اشارا ڪري، ايان انهيءَ لاءِ منهنجي زندگيءَ جي ناوَ بي چين آهي. ۾ پياري، هينئر سڙهه فقط هڪڙو آهي ۽ ساحل دور، نهايت دور! اهڙيءَ طرح توسان راتيون گذري ويون. ڪيئي سال گذري ويا. اي ڪاش! مان چند کي روڪي سگهان ها! اي ڪاش، هي چند آسمان تان نه هٿي ها ۽ صبح نه ٿئي ها! اي ڪاش، هر چاندوڪي رات، جا توسان گذري سا عمر دوام ٿي وڃي ها! هي چند جو هينئر سپ ڪجهه ڏسي رهيو آهي، سو چغلي هٿي رهيو آهي ته تون ڪراچيءَ ۾ ڪنهن ڇت تي محو خواب آهين. تو هن جهوني پرديسي دوست کي وساري ڇڏيو آهي، هن حسن پرست سودائيءَ کي جنهن کي تنهنجي محبت ڪنهن حسن مطلق جي تلاشيءَ ۾ ٻڪايو آهي.

اسانجي جهوني دوست تي هينئر غنودگي طاري آهي. دريا جي ٺڏي هير ڪيس پنهنجي آغوش ۾ لولين ڏئي رهي آهي. هي انسان مون کي نهايت پيارو آهي، ڇو ته هن توسان محبت ڪئي آهي. هيءُ منهنجي دل جو درد سمجهي سگهندو، هيءُ ئي سمجهي سگهندو منهنجي بي معنيٰ بي چيني، منهنجي بلاوجه بيقراري. هيءُ رقيب منهنجو قريب آهي ڇو ته هن کي تو لاءِ قرب آهي!

منهنجي منڙي،

تو لکيو آهي ته تون مغرب جي سير و سياحت لاءِ وڃي رهي آهين. تنهنجي خط مان خود اعتمادي ۽ تنهنجو مستقبل جو درخشان تصور پيو بکي. تنهنجي زندگيءَ ۾ خوشي آهي يا نه، ڪر از ڪر خوشحالي ته بلڪل ظاهر آهي. هن دنيا ۾، هن فتح و شڪست جي بازگاهه ۾، تنهنجي جيت آهي. مان سوچيان ٿو ته مون هارايو آهي يا جيتيو آهي؟ شايد منهنجي زندگي

هار ۽ جيت کان بي نياز آهي! مان فقط تماشائي آهيان! آه! جهون جهون کيڏاري ايجان تائين نہ سمجهي سگهيا تہ هن دنيا جي هر فتح شڪست آهي، هر شڪست فتح آهي! مان ٿوريءَ عمر ۾ زندگيءَ جون ٿڌيون ڪوسيون، هيڻاهيون مٺاهيون ڏسي چڪو آهيان. منهنجو روح بلڪل مطمئن آهي. هي ڏک سک، عزت ذلت پاڃا آهن، اڏامندڙ پکين جا وهندڙ پاڻيءَ تي پاڃا، جن جي ڪائي حقيقت نہ آهي. آهہ، انسان ڪيتري نہ عزم ۽ استقلال سان ڪوشش ٿو ڪري تہ مون کي اهميت ملي، اهميت، اهميت، اهميت، آخر ڇا آهي؟ گويا شرير ہار رنگين خوبصورت پوپٽن پٺيان ڊوڙي ڊوڙي، سهڪي سهڪي، کين پکڙي سندن پر ڇني وجهي! او پرين! اوهين پوپٽ پکڙيندا رهو، اوهان جي زندگي صدا بهار هجي، اسين هن چمن جي رنگ و بو کي ئي بي حقيقت ٿا سمجهون. ايتري ڇڄ ڊوڙ، وٽ پکڙ ڇا لاءِ؟

تنهنجون منهنجون راهون الڳ نڪتيون. تو منزل معيّن ڪئي ۽ ان جي تلاش ۾ نهايت دور نڪري وئينءَ. منهنجي لاءِ، تلاش ئي منهنجي منزل ٿي وئي. مان پٽڪندو رهيو آهيان تہ منهنجي منزل ڪٿي آهي؟ شايد ڪائي منزل نہ آهي. دنيا جي هر چيز وانگر منزل جو تصور بہ هڪ فريب آهي. زندگي لا انتها جستجو آهي، جستجو لا انتها زندگي آهي. ليڪن زندگي بہ فريب آهي، جستجو بہ فريب. لا انتها فريب! آهہ! مان هر فريب کان پڇندو رهيو آهيان تہ حقيقت ڇا آهي؟ اي ڪاش! تون مان هڪڙي جي منزل ٿيون ها، اي ڪاش ہ فريب ملي هڪ حقيقت ٿاهن ها! اي ڪاش، هيءُ چانڊوڪي رات ائين اڪيلي نہ گذري ها! تو پڇيو آهي تہ آخر مون کي ڇا کپي؟ چڪور کي چنڊ کان سواءِ ڇا کپي؟ چڪور جو اڏرندو رهندو آهي، ٽڙندو رهندو آهي، پهچي نہ پهچندو آهي پنهنجي محبوب کي! چنڊ، جو نهايت دور هوندو آهي، نهايت ٽڏو هوندو آهي! تون هجين، تنهنجي چانڊوڪي هجي! مون کي توکان ڪجهہ نہ کپي! مان هن گوشئہ زمين جو گمنام شاعر آهيان، شايد گمنام جيئندس، گمنام مرندس! مون کي پنهنجي ٽڙپ، پنهنجي محبت بخشي ڇڏ. اهي ڪسي، توکي ڇا هٿ ايندو. مون کي زندگيءَ ۾ موت جا حسين همسفر ملي پوندا!

منهنجي چانڊوڪي، منهنجي روشني، شب بخير!

منهنجي پرهہ، منهنجي روشني!

تو لاءِ تنهنجي دور افتاده دوست جا سلام. اڄ خلاف معمول توکي هيءُ خط صبح جي وقت لکي رهيو آهيان. رات جو پويون پهر توسان گذريو. عجيب خواب هيو. جڏهن اکي کلي تہ دل نہ چاهيو تہ تو سان تار ٽٽي وڃي. ان ڪري توکي صبح سويري هي خط لکڻ ويٺو آهيان. مون خواب ۾ ڏٺو تہ منهنجي ڪلهن تي جي ٻہ فرشتا ڏينهن رات هوندا آهن، سي سير لاءِ نڪري ويا. رستي تي تنهنجي ڪلهن وارا ٻہ فرشتا انهن کي مليا. تنهنجن فرشتن منهنجن فرشتن کان پڇيو تہ: "اوهان جو انسان ڪيئن آهي؟" منهنجي فرشتن وراڻيو تہ "هو اوهان جي انسان لاءِ روئي رهيو آهي." پوءِ منهنجن فرشتن تنهنجن فرشتن کان پڇيو تہ، "اوهان جو انسان ڪيئن آهي؟" جنهن تي انهن جواب ڏنو تہ، "هو توهان جي انسان تي کلندو آهي." ان تي منهنجا فرشتا عبرت ۾ ڪلڻ لڳا ۽ تنهنجا فرشتا ندامت ۾ روئڻ لڳا. آهي نہ عجيب خواب؟ پر سائين، الائي ڇو، منهنجي دل ڇڻي رهي آهي تہ گذريءَ رات اوهان ٻہ اهو ئي خواب ڏٺو هوندو.

هن وقت پرهہ جي ٽڏڙي هير لڳي رهي آهي ۽ دل ۾ تنهنجي تازي ياد شگفتہ ٿي رهي آهي. نہ معلوم ڇو بار بار عمر خيام جو شعر ياد پيو اچي.

"هينئر مان ۽ مئي ۽ مئفروش جي گهٽي
اي ساقي! هي صلاح جو وقت آهي؟
هن وقت حديثون ڇڏ، ۽ پيءُ ۽ پيئار"

اڄ واقعي وري دل ٿي آهي تہ پرهہ جو پيئان! پيئندو رهان، پيئندو رهان، جيستائين سج جي ڪشتي لالاڻ جي ليٽ ۾ ٻڏي وڃي ۽ شام ٿي وڃي! آهہ! هي بلورين جام! هيءَ اندر جي اُساٽ. اڄ ايتري ڇڪ آهي هن ڇنال ۾! جيتري اُساٽ تڏهن هئي جڏهن مون توکي هميشہ لاءِ ڇڏيو هو. پنهل کان پوءِ.....

پنهل کان پوءِ..... ڏيندس باهہ پنيور کي.....

جڏهن تون وئينءَ تہ مون چاهيو تہ ساريءَ ڪائنات کي قلابازيون کارايان، ساري نظامِ دهر کي الٽ پلٽ ڪريان، ساري جڳ ۾ پنيٽ ٻاريان، عرش و فرش کي ڇيڻن ۾ ڇرڪايان، ڏيان باهہ پنيور کي. آهستہ آهستہ وقت

پنهنجو ڇار ويڇائيندو ويو، اندر جا عقاب انهيءَ ۾ اٽڪندا ويا، پرڙا ڦڙڪائي ڦڙڪائي، ساٿا ٽي، سانت ۾ اڇي ويا. وقت جو تيز رفتار ڪاروان گذرندو ويو. سندس قدم ماضيءَ جا نشان ملیا ميٽ ڪندا ويا، ينيور جلي ويو، شعلا وسامي ويا، پنهونءَ جا پيرا مٽجي ويا، سسئيءَ جا سڏڪا ڪنهن نه سڻيا، سنسان هوائن ۾ سيسراٽ گم ٽي ويا. مٺڑي،ماضيءَ کي ياد ڪري يقين ئي نه ٿو اچي ته هتان به ڪوئي ڪيچ جو قافلو گذريو هو. هزارن اميدن ۽ آرزوئن جو ڪاروان منزل انداز ٿيو هو. اڄ ته ينيور ۾ فقط رڪ ئي رڪ ٽي اڏامي. سسئيءَ جي روح جي رڪ، پنهونءَ جي پيار جي رڪ. پنهل ڪان پوءِ..... ينيور..... باهه..... رڪ.....

اڄ دل چاهي ٽي ته هي آلا آلا، هي شراب، ڳيتون ڪري پيئان، سرڪين مان سڪ نه ٽي لهي، جيئن منهنجو سينو سڙڻ لڳي، لڳن جي لهس ساهه کي سيڪ ڏئي ۽ تنهنجو تصور به ڇري پڇري رڪ ٽي وڃي. سرد سرد رڪ جنهن ۾ نه چٽنگ نه چوچڑي نه سيڪ نه ساڙو. تنهنجي نفي منهنجو اثبات، تنهنجي نيستي منهنجي هستي، تنهنجي وجود جي فنا منهنجي نجات آهي. پرينهنءَ تون ڪنهن اجنبي ديس ڏانهن وڃي رهي آهين. نظرن ڪان به دور، دل ڪان به دور. وڃ، ڀلي وڃ، مان توکي وساري ڇڏيندس، پر الائي ڇو دل نه ٽي مڃي، دل چوي ٽي ته اجل جو بي پناهه سيلاب به توکي مون کي وچوڙي نه سگهندو، لڙهندا لڙهندا هڪڙئي کي چنبڙنداسين ۽ وڃي ڪائنات جي ٻئي ڪپر تي ڪرنداسين.

تنهنجو

ازل جو آشنا، ايياز

مشير نامون

مون هن ڏانهن چتائي ڏٺو. گورو چٽو رنگ، ککي جڏي ڏاڙهي، گهريون چيريون اکيون، لوٽا وار، ويڪري ڇاتي، سنهي سڊول هاڻي. ڇڙ هوبهو ابن مريم ٿي لڳو.

جهيڻي آواز ۾ چيائين: "ڪيس جا ڪاغذ آندا اٿر."

"ڏي ته ڏسان."

هو قتل جي مقدمي ۾ ملزم هو. هن تي الزام هو ته هن پنهنجيءَ زال کي فط سياهڪاري جي شبهي ۾ ماريو هو.

هن چيو ٿي ۽ اهو هنجو ڪيس ۾ ٻڌاءُ هو، ته هن جي زال ڪاري هئي ۽ هن کي سياهه ڪاريءَ وقت ڪاري ڪري ماريو هڻائين. مون ڪاغذ اٿلائي واردات جو مشير نامون ڪڍيو، جنهن ۾ ڪجهه هيٺين ريت لکيل هو:

"ـــ واردات جهنگ ۾ لڳ ڪوٽ.... جي هئي. واردات جي چوڌاري ٻهر، ڪڙ، لوا ۽ ڪنڊيون هيون. ٻاهران بيهي جهنگ ۾ نظر ڪئيسين ته ڪجهه نظر نه آيو. واردات تي رت جو ڏٻو هو جنهن جي ڀرسان سٻاجهيءَ (ملزم جي زال) جو لاش پيو هو. لاش سورهن ورهين جي نينگريءَ جو هو، جنهن جو سر ڏڙ کان ڌار پيو هو. نينگريءَ کي ٻ چوٽيون هيون، جنجي وچ تي سينڊ نڪتل هئي. هٿجي ڪٽن ۾ چاندي جون مرڪيون، ڳچيءَ ۾ سوني ڌهري هئي، جا کهاڙيءَ جي ڌڪ لڳڻ ڪري ڇڇي پئي هئي. ڏڙ جي مٿئين اڌ تي هروچکو گهگهو پيل هو، جنهن تي ڪاوا ڀريل هئا. ڪنهن سبب ڪري گهگهو ڳچيءَ وٽان ڪافي ڦاٽل هو ۽ لاش جي ڇاتيءَ تي مينديءَ سان ٻڌايل گل نظر اچي رهيا هئا. ڏڙ جي هيٺئين اڌ تي گربيءَ جي سٽڻ پيل هئي.... چيو وڃي ٿو ته اها فوٽڻ جي خون ٿيڻ ڪانپوءِ جوابدار ڪيس پارائي هئي. ٻانهن ۾

عاج جي ٻانهين، مُرن وٽ چانديءَ جون گجريون، سڄي هٿ جي ڏسڻي ۽ وچينءَ ۾ چانديءَ جا ويڙهه ۽ چيچ ۾ چانديءَ جي منڊي ۽ پيرن جي آڱرين ۾ نورا پيل هئا. لاش جي پرسان رت لڱل کاڙي پئي هئي، جهن جي ڦر ۽ ڳڻ تي رت لڱل هو. ڏرتيءَ تي ٻن ماڻهن جا دڦ پيرا هئا، جي سڃاڻپ ۾ نٿي آيا...."

مشير نامون ختم ٿي ويو، پر منهنجون اکيون ان تي ڪنهن اڻ لکيل تحرير کي پڙهي رهيون هيون..... اهو رت ڪنهن انسان جو رت هو! اهو رت جو هاڻي مٽيءَ ۾ ملي ويو آهي جنهنجو ثبوت فقط ڳاڙهي ڏرتي، کاڙي ۽ مشير نامي جون ٻه سٽون آهن، سو ڪنهن وقت هڪ گرم ۽ گداز جسم ۾ تمنا بٽجي، لڳ لاڳاپا لاهي، سيڙ ويڙ، چڱيءَ مٽيءَ کان منهن موڙي، آڏيءَ رات اٽيو هو. جنهن وقت ڪتين ٿي ڪر موڙيا، جنهن وقت ٻٽائي سر "راڻو" لکندو هو ۽ لکندي چپندي، سڪندي سيڏائيندي ڏکڻ جي واءُ ۾ ڪنڌين ۽ لون جي سرڙاٽ کي ازلي سڏ سمجهيو هئائين. اها ٽي ته رت جي ڏارا آهي، جا چانڊوڪيءَ ۾ ڊوڙندي، ڳائيندي آهي. "سرتيون جي مون وسهو، نند نه هيريو نيڻ، جوپن ٻه- ٽي ڏينهڙا!" اها ڪيڏانهن ويئي؟ ڇا اها فقط واردات تي ڪجهه ڳاڙها نشان ۽ مشير نامي جون ٻه چار سٽون ٿي هئي!

"مشير نامو پڙهيئي؟" ابن مريم جهڙي انسان پڇيو.

"هون" مون چرڪي چيو، ۽ بيخيالي سان ڪاغذ اٿلائڻ لڳس. منهنجي ذهن ۾ ڪنهن زور سان پڪاريو: هن عورت کي اهو سنگسار ڪري، جنهن نظر يا زبان سان ۽ خيال ۾ ٻه سياهڪاري نه ڪئي آهي! مون رڙ ڪري جواب ڏنو: جنهن نه ڪئي آهي انهيءَ کي ٻه ڪهڙو حق آهي؟ هيءَ رت شب خيز آهي، پاڪيزه آهي. هر گناهه و ثواب کان بالاتر آهي! هيءَ رت عبادت آهي، ان تي هٿ کڻڻ جو ڪنهن کي ٻه حق نه آهي. نه انسان کي نه فرشتي کي!"

"وڪيل صاحب...." ابن مريم جهڙو انسان مون سان ڳالهائي رهيو هو ۽ آءٌ سوچي رهيو هوس ته "وڪالت منهنجي وس جي ڳالهه نه آهي...."

موٽي آءُ.....

مٽي.....

چا تون موٽي نہ ايندينءَ؟ تون منهنجي ساهہ جو سهارو آهين، منهنجي احساسات جو روح، منهنجي جذبات جي زندگي! تون منهنجي زندگيءَ کي بي معنيٰ ڪري بي سهاري ڇڏي ڏيندينءَ؟ تون دولت جي چائنٽ تي سر جهڪائيندينءَ تہ عيش عشرت جي تصور ۾ منهنجي آدرش جي بغاوت مري ويندي! مون کي تو تي رحم اچي رهيو آهي. توکان نفرت همدرديءَ ۾ تبديل ٿي رهي آهي. تو جوانيءَ تائين ڏک سٹا، چنگهي چيخي حياتي گذاري ۽ هينئر اهو سپاويڪ آهي تہ تون سک سائت جي زندگي طلب ڪرين. پر اهو تون تڏهن ڪري سگهين ها جڏهن تنهنجا ڪن ٻڌي نہ سگهن ها، اکيون ڏسي نہ سگهن ها، تنهنجا چپ چئي نہ سگهن ها. تون انسان ذات کي چيچلائيندو ڏسي مٽي نند ڪري سگهندينءَ؟

تون اهي ڏينهن ياد ڪر جڏهن تون پاڙيسريءَ جو پاٽي پريندي هئينءَ، دلو ڪٽي ڪٽي تنهنجي سنهي چيلهہ چپي ٿي ويندي هئي، ۽ تون ڪنجهندي ڪرکندي پمپ هلائيندي هئينءَ. پهريان ڏهہ ورهيہ زندگي جا تو ائين گذاريا. تون چوري چني هئينءَ. منجهند تائين سنڌي اسڪول ۾ پڙهندي هئينءَ. توکي پائي نہ هوندي هئي جو ميٽ ونڊي فرهي ميسارين ۽ ماسترياڻي توکي روز ماريندي هئي تہ ڦرهي چو نہ ميساري اٿئي. تون جڏهن سارو ڏينهن پاٽي پريندي هئينءَ تڏهن رات جو توکي ڪنڌ ۽ پاروٽي ماني ملندي هئي.

چا اهو توکان وسري ويو آهي تہ توکي هيانچو ٿي پيو هو ۽ ماءُ توکي نيراني ڪنوار ہوڻي جا ڳٽرا ڪارائيندي هئي؟ توکان اهو ڪنوار ہوڻي جو سواد ڪيئن وسري ويو هوندو. اسانجي زندگيءَ جئن اگرو، هانءُ ہوساڻيندڙ، ڪرسي ڊيارينڊڙ احساس!

تو مون کي خود ہڏايو هو تہ جڏهن عيد تي ہيا ہار ريشمي لباس پائيندا هئا ۽ رومال ۾ خرچي ہڏي خوشيءَ ۾ نہ سمائيا هئا تڏهن تون هڪ اڏوراڻي خيراتي قميص پائيندي هئينءَ ۽ سڪڻيءَ جيان فلودي جي ڇهي ڏانهن ڏسندي هئينءَ. توکي ماءُ عيد تي هڪ آنو خرچي ڏيندي هئي جا تون ٽکر جي پنڌاري ۾ ميڙيندي هئينءَ.

چا توکان اهو وسري ويو آهي تہ اسڪول جون سڀ ڇوڪريون ۽ ماسترياڻيون توڏانهن نفرت سان ڏسنديون هيون چاکاڻ جو صابڻ نہ لڳائڻ ڪري تنهنجي ڇڳن ۾ چيڙهہ پئجي ويندو هو. تنهنجي اڏوراڻي ڪتاب تي مس جا ڪراهت خيز ڇٽا هوندا هئا ۽ توکي هڪ ڏاڍو ننڍڙو سليٽي قلم هوندو هو؟

پوءِ بہ تو پرائمري تعليم ختم ڪئي ۽ توکي پنج رپيا ماهوار اسڪالر شپ ملي. حيدرآباد ۾ هاسٽل جي حياتي تہ ياد هوندءِ! چا توکان اها زندگي وسري وئي آهي جڏهن چار چار آنا چندو ڏيئي ڇوڪريون ڪليلي تي شيل ڪنديون هيون ۽ تون پاڻلي ڏيڻ کان ڪيہائيندي هئينءَ ۽ پنهنجي ڪوليءَ ۾ ويهي سڏ ڪا پريندي هئينءَ؟

توکي ضرور ياد هوندو تہ توکي وڏيرن جون ڇوڪريون آنو لالچ ڏيئي چٽي ڏيندیون هيون تہ فلاڻي کي پهچائي اڇ. تون اها چٽي رستي تي کولي پڙهندي هئينءَ تہ عشق محبت جا احوال پڙهي تنهنجي معصوميت ۽ حياءَ کي چوٽ لڳندي هئي پر پوءِ بہ آني جي لالچ تي تون خود مون کي روئي، چپ پيڪوڙي بغاوت جي جذبي کي ڏهي ہڏايو هو. چا تون اهو وساري سگهندينءَ؟

منهنجي مظلوم محبوبہ! تو مفلسيءَ سان جدوجهد ڪئي، حالات توکي ٽکرايو ۽ تو حالات کي ٽکرايو. تو تقدير سان چنبو ملايو ۽ پنهنجو نصيب ٺاهيو. تو پيٽ کي پٽيون ہڏي، چٽي ڳاٽي ۾ وقت گذاري تعليم حاصل ڪئي.

تنهنجي شرافت تي سوين افواهه اڻاريا ويا، تنهنجي اڻٽڪ کوشش کي نظر انداز ڪيو ويو، تنهنجي زندگيءَ کي ذليل ثابت ڪرڻ جي کوشش ڪئي ويئي. پر تون ثابت قدم هئينءَ. تون ٽڪ ٽاڪي جو خيال نہ ڪري منزل ڏانهن وڌندي رهينءَ. اڄ تو شخصي زندگي جو آدرش پاتو، تنهنجي تعليم مڪمل ٿي ويئي. هينئر توکي تعليم به آهي سونهن به آهي. هي جاگيردار، هي سرمائيدار، هي حوس پرست اڄ تنهنجي اشاري لاءِ منتظر آهن. ڇا تون انهن مان ڪنهن سان شادي ڪري، صرف پنهنجي اڳين مفلسين جي احساس کي مٽائڻ لاءِ، صرف دولت جي غرور ۽ نشي جي چشڪي چکڻ لاءِ پنهنجا تلخ تجربا وساري سگهندينءَ؟

توکي ضرور ياد هوندو ته اسين ڪاليج جي زندگيءَ ۾ تعميري خيال ڪندا هئاسين ته ڪيئن هن دک درد جي دنيا کي بدلائبو. ڪيئن هن نظام جون جڙون اکيڙي ڇڏبيون ۽ جي باغي شڪتيون ان جدوجهد ۾ لڙي رهيون آهن تن جو ساٿ ڏبو. اسان نہ فقط غريبي محسوس ڪئي پر ڏٺي هئي، اسان نہ فقط هن وهمي سماج، ڪٽر مذهب، پٽي تهذيب جي باري ۾ پڙهيو هو پر ان جا تير سينو سپر ڪري سٺا هئا. اسان جي روح ۾ بغاوت جي چٽنگ هئي جا اڄ باهه ٿيڻ گهربي هئي. اڄ اسانجي تعليم پوري ٿي آهي ۽ وقت آهي ته اسين ان دنيا سان ٽڪر کائون، جنهن ۾ عورت جي عصمت ۽ مرد جي غيرت لٽي ٿي وڃي، جنهن ۾ رت ڪٽورو ٿو ڏجي تہ به پت ڪٽورو نہ ٿو ملي، جنهن ۾ مزدور جو گوشت وڪامي رهيو آهي ۽ هاريءَ جو خون پسيني جي بها وهي رهيو آهي. مون قبوليو ته اسان جي ڪاليج جي زندگيءَ ۾ هڪ فراري ڪيفيت به هوندي هئي. توکي اهو ڏينهن ياد هوندو جڏهن اسين سڄي چانڊوڪي رات ڪلفٽن تي هئاسين. سمنڊ ۽ آسمان ڇڻ چانڊوڪيءَ جي لس ليٽ ۾ ٻڌي ويا هئا. سڄي ڪائنات کي چاندني چميون ڏئي رهي هئي. هو سون رنگ لهرون، هو اٿاهه اٿاهه گجي، هو آسمان تي جهڙ جي جهاڳ! گهميل هوا ۾ ينو پنو منهن، ٽڏ جو اڀ لکو احساس، چولين جي چوهه کان دل ۾ مٺي مٺي محبت! تو ان وقت ڳاتو هو، "آيي اياريام، نڪٽ سپ نئي ويا" ۽ پوءِ شاه جي شعر جو سوز، تنهنجي آواز جي درد ۾ري لهر، ماحول جو جادو، سمنڊ جو سريلو شور ۽ جذبات جو بي پناهه چوهه سپ

ملي ويا هڻا ۽ دنيا هڪ نفيس هستيءَ ۾ ڇڏي ٿينڪي ٿي ويئي ۽ آخر ايترو تہ ان روحاني رنگ ۾ گڏجي وئي جو اسان کي پنهنجي جدا وجود جو انپو نہ رهيو هو. تنهنجا ڏگها ڪارا وار پاڻيءَ تي لهريون ڪائي رهيا هڻا ۽ تون هڪ ساموندي حور ٿي لڳينءَ. مان راڳ جي ميڻاج ۾ پنهنجي هستي وساري ڇڏ تنهنجي پرستش ڪري رهيو هوس. اها رات مون کان ڪڏهن نہ وسرندي! "هڪ ميو ٻيو ميندرو، رات سڄي ساريام."

اڄ ٻہ اها ست منهنجي ڪنن ۾ ڪتڪائيون ڪري رهي آهي ۽ مان توکي ساري رهيو آهيان.

موٽي آءُ منهنجي محبوب! اهو فرار چار گهڙيون هو اڄ تنهنجي آواز ۾ آگ ڀرٽي آهي، توکي بغاوتي ترانہ ڳائي سنڌ جي ستل عوام کي بيدار ڪرڻو آهي. موٽي آءُ! تہ تنهنجو اهو مٺو آواز پيانو ۽ ستار جو نڌرانو نہ ٿي وڃي. تنهنجي دلنواز سنگيت چئن خوش پوش سرمائيدارن جي مهمانن کي وندرائڻ ۾ نہ ختم ٿي وڃي!

توکي ياد هوندو تہ اسين روز رسيس ۾ برنس باغ ۾ هلندا هڻاسين. ناريل جون پڇڙيون هوا ۾ ڦڙ ڦڙ ڪنديون هيون، ڊاک جي منهن ۾ ڇڪا ائين لڙکندا هڻا، جئن اسان جي دل ۾ خوشگوار مستقبل جو تصور!

جمون کائيندي اسين زندگيءَ جي هر مسئلي تي بحث ڪندا هڻاسين. سياست، مذهب، اخلاقي قدر، نظير جا شعر، شيلا جا چٽر، انگريز برگمن جي بهترين نظم، محبت، ڪاليج جي لئبرري، هندو لا، مئڪروب (جيوڙا) مطلب تہ ڪٿان جو ڪٿي وڃي پهچندا هڻاسين. اسانجي رفاقت محبت جي صورت ونڊندي هئي يا تہ محبت رفاقت جي. تون منهنجي محبوب هئينءَ يا رفيق يا ٻئي؛ پر مان توکي رفيق چوڻ پسند ڪندو هوس. ان رفيق لفظ ۾ هزار اميدون ۽ آسرا هڻا، هزار آئيندي جا تعميري خيال هڻا. اسين عوام جي انقلاب ۾ حصو ونڊندا هڻاسين. اسانجي هٿ ۾ لال جهنڊو ڦڙڪندو ۽ اسين بغاوت جا ترانا ڳائيندا اڳتي وڌندا هڻاسين. ڪڏهن پورٽ ٽرسٽ تي اسٽرائيڪ هوندي تہ ڪڏهن سيمنينٽ جي ڪارخاني تي. ڪڏهن عيدگاهہ ميدان تي تقرير هوندي تہ ڪڏهن جيل ۾ ملاقات! منهنجو قدم اڄا ٻہ ثابت آهي، منهنجي همت اڄا ٻہ برقرار آهي. پر توکي ڇا ٿي ويو آهي؟ تون پ...

سان شادي ڪري رهي آهين؟ ڇا لاءِ تہ هو دولت مند آهي، هو موجودهہ سماج جو هڪ بيئل فرد آهي. تنهنجي بغاوت آسانيءَ ۾ تبديل ٿي ويندي؟ تون اهو نہ ٿي سمجهين ڇا تہ اهو شخص جنهن سان تون شادي ڪري رهي آهين هو ان نظام جو زبردست حامي آهي، جنهن نظام تنهنجي روح کي مفلسيءَ ۾ ڌڪيو هو، تنهنجي همت تي پاڻي هاريو هو، توتي لعنت ملامت ڪئي هئي؟ هو ان سماج جو حامي آهي، جنهن ۾ عوام جي زندگي کي ڦلڻ ڦولڻ جو وجهہ نہ ٿو ڏنو وڃي، سندن رت نست جي ڪمائي ڇڻن سرمايدارن جو نذرانو ٿي ٿئي، سندن بغاوت کي وهمي ريتيون روايتون همتائي، رجعتي نعرو هڻي دبايو ٿو وڃي؟

موٽي آءُ، هُتي توکي دولت ملندي، محبت نہ ملندي، نفس پرستي ملندي حسن پرستي نہ ملندي. رنگين حيوانيت ملندي بي رنگ سادي انسانيت نہ ملندي. مون غريب شاعر وٽ ڪجهہ نہ آهي سواءِ هڪ باغي جذبي جي. اهو جذبو توکي انسانيت سيکاريندو، تون پنهنجي خودڪشي نہ ڪر، پنهنجا احساس دولت جي پيٽ نہ چاڙهہ، پنهنجي باغي روح کي جسم جي لذتن ۾ نہ دفناءِ. موٽي آءُ، منهنجي رفاقت تو لاءِ ٻانهون ڊگهيري رهي آهي، اُس ءِ گس ۾ دربدر زندگي توکي ڪوٺي رهي آهي. اتي توکي دل جي تسڪين ملندي. ان جدوجهد واري انقلابي حياتي ۾ توکي چين نصيب ٿيندو. هي اوچا اوچا محل، هي بال روم ناچ، هي نفيس لباس، هي ڏيک ويک جي جيوت تنهنجي انسانيت کي نهوڙي نيندي، تنهنجي اصليت کي نپوڙي ڇڏيندي.

تنهن ڪري منهنجي معصوم محبوبہ موٽي آءُ.... موٽي آءُ....

اسانجي سنڌ

اڄ اسين زندگي ۽ موت جي چوڻاڻي تي بيٺا آهيون. ممڪن آهي تہ موجوده فرقيوار ڪشمڪش ۾ اسانجي علحدي تهذيب، الڳ قوميت، هولي، ادب، آرٽ، اقتصادي (Economic) ترقي، مطلب تہ جدا شخصيت ميڙجي وڃي. انڪار تہ انڪار نہ ڪري سگهبو تہ اسين سنڌي هڪ جدا قوم آهيون. اسانجي زندگيءَ جي طرز، رهڻي ڪهڻي، اٺ ويهہ، خوراڪ پوشاڪ، هول چال، وهم وسوسا، اُمنگ اُڏما، ريتيون روايتون؛ مشغوليون مصروفيتون سڀ هڪ جدا رنگ ڍنگ رکن ٿيون. سنڌوءَ تي خاص دارو مدار اسانجو آهي. ململ جو چولو ۽ گوڏ اسانجو مخصوص لباس آهي. ٻلهاڙو ۽ ونجهہ وڻي اسانجي ئي راند آهي. دلو فقط سنڌ جو سادو ساز آهي، ڪافي رڳو اسانجي ڪلام ۾ ملندي. مومل راڻو، سسئي پنهون، راءِ ڊياچ فقط اسان جي ڏند ڪٿائن (Mythology) جو حصو آهن. نہ رڳو ايترو پر اسانجون ملڪي حدون ۽ هولي بہ جدا آهن. ان مان ثابت آهي تہ اسين سنڌي هڪ جدا قوم آهيون، اسان کي هڪ الڳ شخصيت آهي.

ان ۾ شڪ نہ آهي تہ دنيا ۾ الاقواميت ڏانهن وڌي رهي آهي، پر اها ٻين الاقواميت کهڙي جنهن ۾ قوميت صفا ميڙجي وڃي؟ دنيا جا مزدور هڪ نظام لاءِ لڙي رهيا آهن، پر ان جي معنيٰ اها نہ آهي تہ هو هڪ قوم آهن. انتر راشٽريہ اتفاق ايندو تہ بہ راشٽريہ شخصيت گم نہ ٿيندي.

نہ وري مذهب ئي قوميت ۾ دخل اندازي ڪري سگهي ٿو. مون قبوليو تہ سنڌيءَ ۽ پنجابي مسلمان جو مذهب ساڳيو آهي؛ سنڌي هندو ۽ يو. پي جو

پئيو. ساڳي ڏرم جي پوئلڳي ڪن ٿا. سنڌي مسلمان طهر، نڪاح، زڪوات، صدقي، عبادت ۽ موت ۽ نماز جي رسم ساڳي طرح ادا ٿو ڪري جهڙي طرح پنجابي مسلمان. سنڌي هندوءَ جو جٽيو، وواهه، ڏيتي ليتي مراد وغيره ڏرمي ريتيون روايتون هوبهو ساڳيون آهن، جهڙيون گجراتي هندوءَ جون. پر پوءِ چا؟ انگلينڊ ۽ جرمني ۾ پراٽيسٽنٽ فرقو زور آهي. هنهي جو مذهب، ولادت جي رسم (Baptism)، شاديءَ جو قاعدو (Lex Lori)، ڪفن دفن ساڳيو آهي. پر ڪوئي انگلينڊ ۽ جرمني کي هڪ قوم چئي سگهندو چا؟ پر جيڪي به شيڪسپيئر کي پنهنجو شاعر سمجهن ٿا، جي ٽيمس ندي ۽ انگريزي ڪاري کي پنهنجي رت ۾ چوليون ماريندو ڏسن ٿا، جن ليڊس ۽ برمنگهام جي ڪاٽين ۾ جند جان گنوائي آهي، سي بيشڪ هڪ جدا قوم آهن ۽ مذهب ڪنهن به هي قوم کي سندن قوميت ۾ شريڪ نه ٿو ڪري سگهي. ان ڪري ملڪي حدن، تهذيب، هولي، اقتصادي ۽ سماجي تعلقات کي نظر ۾ رکندي، رد ڪد جي خوف کان سواءِ چئي سگهجي ٿو ته اسين سنڌي هندو ۽ مسلمان هڪ علحدي قوم آهيون. قوميت جي لحاظ کان نه اسين هندستاني يا پاڪستاني آهيون ۽ نه هندو يا مسلمان. اسين صرف سنڌي آهيون.

هينئر اچو ته مٿئين سياسي نظريئي (Political theory) کي خيال ۾ رکي سنڌ جي فضا جاچيون. سنڌ جي گهرج کان زيادهه زمين پنجابين ۽ بهارين کي ڏني ٿي وڃي ۽ ان لاءِ دليل اهو ٿو ڏنو وڃي ته هو اسانجا هم مذهب ٻائر آهن ۽ تنهن ڪري انهن جو اسانجي مال ملڪيت، زر زمين تي حق آهي. جي اها ڳالهه صحيح آهي ته پوءِ جپانين جو چينائن تي ظلم زبردستي چو نٿديو وڃي؟ هو هٽي هٽ ڏرم جا پوئلڳ آهن ۽ ساڳي وقت چين ۾ زرعي زمين به جام آهي.

اسان سياسي طاقتن جي ڏڙتين گهرتين ۽ چالبازين، نعرن جي بلند آوازن ۽ بي معنيٰ واکن جي ور چڙهي اهو وساري وينا آهيون ته "اول خويش پو درويش." سياڻي سنڌ ۾ ترٽڪٽر ڪم آندا وڃن ۽ معدني پاڻ وڌو وڃي ته اسان جو هاري هينئر ڪان ڇٽوٽي پنجوٽي زمين ڪيڙي سگهندو ۽ جي اسين هينئر پنهن جي زمين ائين خيرات ڪري ڇڏينداسين ته پوءِ پنهنجن سنڌي ٻائرن لاءِ ڪٽان آڻيندااسين؟ مسجد ۾ ڏيئو ۽ گهر ۾ اوندهه!

پنجابين تہ اسان جي سنڌ کي هڪ گند جو ڏهو ڪٽي ٻڌايو آهي. پنجابي رنڊيون سنڌ ۾، پنجابي نيم حڪيم بہ سنڌ ۾، پنجابي ڪوڙهيا ڪشتا، ڪمبخت، ڪم فهم سڀ سنڌ ۾! شل نہ ڪنهن سنڌي مسلمان جو پنجابي مسلمان سان ڪم پئي! پتو پئجي ويندس تہ سندس هم مذهب پاءُ کي ڪائنس ڪيتري نفرت آهي ۽ هو ڪيتري نہ ڪرفر، رعب داب سان ٿو هلي! سنڌ جو قديم پهاڪو آهي تہ "پنجابي ايڪ تہ پائين ڏون، جي ڏون تہ هي جُهڳا هي تون!"

اڄ سڄ پچ پنجابين اسانجي جُهڳي ۾ اڪ وڌي آهي. نہ رڳو ايترو پر اسانجي هولي بہ اردو ۽ هندي جي جهڳڙي جو شڪار ٿي رهي آهي. اردوءَ جو سنڌيءَ تي قبضو، پنجابيءَ جو سنڌ ۾ زور.

هوڏانهن وري گجراتي بنيو سڄي ڪراچيءَ جي واپار ۽ ڪانگريس تي قبضو ڪري ويٺو آهي. ملڪ اسانجو، زرخيز زمينون، بندرگاهہ، ڪارخانا اسان جا، مزدور هاري اسان جا، باقي فائدو ولي گجراتي بنيو!

اي سنڌي مسلمان! ذرا اڪ پٽ. مذهب جي تڪي وهہ ۾ لڙهي نہ وڃ. ڇا اهي پنجابي ۽ بهاري مسلمان جن سان تنهنجو ڪو خاص رشتو ناتو نہ آهي، جن جي هولي تو لاءِ ڏُهي ۾ لڪريون آهي، جنجي خوراڪ ڏسي توکي قيءَ اچي وڃي، جنجي پوشاڪ تي تون ڪلي ڪلي ڪيرو ٿين، جن جي نس نس ۾ تنهنجي خلاف نفرت ۽ بي پرواهي جا جذبا دورو ڪري رهيا آهن، جي سنڌي لفظ کي حقير، جاهل، ڪمزور جي معنيٰ سان ڪم ٿا آڻين، تن کي تون پنهنجي عزيز وطنين سنڌي هندن کان وڌيڪ پسند ڪندين؟ غور ڪر! پنهنجي پير تي پاڻ ڪهاڙو نہ هڻ! سنڌي هندو تہ توسان بچپن ۾ گڏ کيڏيا آهن، هو رنگ روپ، شڪل شبيهہ، ڪپڙي لتي کاڌي پيتي ۽ سڀ کان وڌيڪ هوليءَ ۾ تو جهڙا آهن.

ڇا تون پنهنجي محبتي شاعر شاهہ جي ڪلام بدران وارث شاه جو هير رانجهو وڌيڪ پسند ڪندين؟ چو ٿو نانگ کي ڪير پيارين؟ اهي پنجابي ۽ بهاري تنهنجو آڻ، زمينون، نوڪريون، واپار، تهذيب، قوميت، هولي سڀ ڪسي ولندا. هي هندو توسان سڳي ڏائي پائي، آبهوا، واڃ، مينهن ڏينهن رات ۾ پليا آهن. هي تنهنجي تهذيب، قوميت ۽ هولي جو هڪ اٽوٽ عنصر

آهن. پنهنجن سان چني پراون سان نہ گڏج! ڪجھ ساڃھ سڪ.

اي سنڌي هندو! تنهنجون وايون ڇو بطال ٿيون آهن، تون هراسجي ڇو ويو آهين! ٻڌتر ۾ نہ پئ، ڪجھ سمجھ سوچ ڪان ڪم وٺ، ڪجھ همٿ ڏار! تون جئپور، آڊيپور مطلب تہ سنڌ ڪان ٻاهر وڃي پنهنجو آپ گهات ڪري رهيو آهين. جن سان تنهنجي ڏيڍ ويڍ ۽ ساز سلوڪ نہ آهي، جنجي ٻولي ۽ تهذيب تو لاءِ صفا ڏاري آهي، تن ۾ رهڻ آپ- گهات نہ آهي تہ ڇا آهي؟ جتي زندگي کي ڦلڻ ڦولڻ لاءِ فضا نہ هجي، جتي جذبا ۽ احساس ٻيا رهن، جتي دوستيءَ جو دم نہ پرجي، جتي ڏاريائپ ۽ ڏڪا هجن، اُتي حياتي موت کان بہ بدتر آهي. ڇا انهيءَ سياسي ۽ سماجي آپ گهات کان تون پنهنجي هر قوم پائن هٿان مرڻ وڌيڪ پسند نہ ڪندين؟ مرڻو بہ هن ديس ۾ آهي، جيڻو بہ اتيئي آهي. تو شاهہ جو سنيهو ڪيئن وساريو آهي:

مون مارن سين لڏيون، لوئيءَ ۾ لاٽون،
سون برابر سڳڑا، مونکي ٻانهن ٻڌائون،
عمر جو آئون، پٽ ڪئن پهريان سومرا!

پر توکي ڇيو ڪنهن آهي تہ هتي فساد ٿيندا جو تون لڏپلاڻ جا خيال پيو ڪرين؟ هيءَ صوفين جي سنڌڙي، هي شاهہ ۽ سامي، دلپت ۽ روحل جي سنڌڙي، جتي اسين ڪير ڪنڊ ٿي رهيا آهيون، اتي ڇا جا فتنا فساد، جهيڑا جهڳڑا؟ تون صرف پوءِ ۾ وڻءِ نہ وڃ. تنهنجا مسلمان پائر ڪهٽائيءَ ۾ آهن ۽ جيستائين فرقيوار چوندون آهن تيستائين مسلم ليگ جو راڄ آهي. پر پوءِ ڇا؟ پلي مسلمان حاڪم هجن. ڇڙ مير مسلمان نہ ها! توسان بي انصافي ٿئي تہ ائين ڦرئي واٽئي وانگر رڙيون نہ ڪر. پنهنجا حق طلب، پر مٺ محبت حب هجت سان! ائين هاءِ گهوڙا مچائڻ مان تہ توکي ڪجھ بہ هٿ نہ لڳندو. آلتو ترشي وڌندي. "سؤ سهي سوائي نہ سهي" جو مثال نہ ٿيءِ. سنڌ کان ٻاهر وڃي ڪچين ۽ پئين جي وڃ ۾ تنهنجي هستي ۽ وجود ميٽجي ويندو، تنهنجي سپيتا ۽ ستنترتا ناس ٿي ويندي. آءٌ ۽ پنهنجا صلح سانت سان حق طلب. ڪس ڪٿ جو هروپرو ايترو خيال نہ رک.


هيءَ تنگدلي يا تنگ نظري نہ آهي. هيءَ وطن دوستي ۽ قومي پرستي، فئسزم نہ آهي. اڄ ٿي اسين پنهنجي سنڌڙيءَ جي نرالي هستيءَ کي برقرار


۽ تمدن، ٻولي ۽ ادب جي حفاظت لاءِ قسم کائون ٿا تہ اسين سنڌ کي هندستان- پاکستان، هندو- مسلم جي ڇڪتاڻ ۾ نقصان نہ پهچائيندا سين.


هندو- مسلم عوام کي متحد ٿي جاگيرداري ۽ سرمائيداري قوتن جو مقابلو ڪرڻو آهي. هر ۽ هٿوڙو زمين تي راج ڪندو ۽ ان جهنڊي جي سلامي سنڌي هندو- مسلمان گڏجي ڪندا. اوچ درجا تہ ڦڙڦوٽ وجهندا جئن هو پنهنجي من ماني ماڻيندا رهن پر عوام لاءِ اتفاق ضروري آهي.


هي آکاڻيون انهيءَ محبت، اتفاق، حب الوطني ۽ بغاوت جو نتيجو آهن. اڄ اسين ترقي پسند اديب هن سماج جي جهوني تصور ۽ رجعت پسند خيالات سان ٽڪر کائي رهيا آهيون. جو سياست حل ڪرڻ ۾ ناڪامياب ٿي آهي تنهن کي ساهتيہ سمجهائڻ لاءِ نڪتي آهي. اُميد تہ اسانجي هيءَ ڪوشش وٺرٽ نہ ويندي ۽ نئين زندگي ۽ نئون نظريہ پيدا ڪندي.

جون ۱۹۴۷ شيخ ايار


شيخ اياز
ڪلي نم پچبو ٽڪ مسافر
آتر ڪهاڻي ياڳو ٽيون


سانجهي سمنڊ سپون
شيخ اياز
سنڌ ادبي اڪيڈمي - ڪراچي


ڪتين ڪر موڙيا جڏهن
ياڳو -٣
ليکڪ
شيخ اياز


وڏا وڻ وٽڪار جا
شيخ اياز ۽ تاجل بيوس

پڑهندڙ نسُل . پ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ "لُڙهندڙ نسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دور جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ لکيو:

انڌي ماءُ جڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڑا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙ، ياڙي، ڪاڦُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَڳهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان "**پڑهندڙ**" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيe-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڑهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڑهندڙ نَسل (پَـنَ) کا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو کو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن کو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَـنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن کو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وطن جا پَـنَ ساوا، گاڙهاڻ، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڑهندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَـنَ کا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَـنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَـنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَـرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَـنَـن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان کو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن کو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ پلي ڪمائي، رُڳو پَـنَـن سان اُن جو کو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پڑهندڙ نَسُل . پ ڙ ن The Reading Generation

پَنَن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي ته هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکَڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن به رُڪاوٽ کي نه مڃن.

شيخ اَياز علمَ، ڄاڻ، سمجهَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽ، پُڪارَ سان تَشبيهه ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو ته:

گيتَ بہ جِٽ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ چُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهِ پهاڙ چُپن ٿا؛

... ...

ڪالهَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄ ڪلهه نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہ جِٽ گوريلا آهن.....

... ...

هي بيتُ اَتي، هي بَم- گولو،

جيڪي به ڪٽين، جيڪي به ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ به بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ ته "هاڻي ويڙهه ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وجايو" ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڻ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڻ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين تا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ ڪان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن تا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ "منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
- ايار (ڪلهي پاتم ڪينرو)

پڙهندڙ نَسُل - پ ن The Reading Generation